# شيخ اياز

نثر 1

جي ڪاڪ ڪوڪريا ڪاپڙي
ساهيوال جيل ڊائري
ڪراچيءَ جا ڏينهن ۽ راتيون
جڳ مڙوئي سپنو



[3]

# ساهيوال جيل جي ڊائري



ساهيوال جيل جي ڊائريءَ، پهريون ڇاپو نيو فيلڊس پبليڪيشن حيدرآباد، مئي 1986ع ۾ ڇپيو هو (ت.ج).

# مهاڳ

ساهيوال جيل جي ڊائري پڙهندي، ذهن ۾ بي اختيار شيخ اياز جي ڪتاب ”جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي“ جي شروعات ۾ ڏنل ايمرسن جا اُهي لفظ اُڀري آيا، جنهن ۾ هن ڄاڻايو آهي ته ”اُهي ناول درجي بدرجي دلپذير ڊائريون ٿيندا ويندا، بشرطيڪ ڪوئي پنهنجي محسوسات مان اُهي احساس چونڊي سگهي، جي واقعي هن جا هجن ۽ هو سچ سچائيءَ سان لکي سگهي.“

مان سمجهان ٿي اِهي دانشوراڻا ٻول هن ڊائريءَ سان سورنهن آنا ٺهڪي ٿا اچن، ڇو ته ان ۾ اُهي ئي نفيس احساس چونڊيا ويا آهن، جيڪي واقعي اياز جي دل جا ترجمان آهن. ته سچ به پوري سچائيءَ سان لکيو ويو آهي، جنهن ۾ قيد و بند جون عقوبتون، دوستن جون دلنوازيون، انقلابين جا احوال، علم و ادب جي عميق گهراين کان ويندي، پِرِيان سندي پار جون مڙئي منايون، ڏاڍي چيت ۽ چاهه سان موجود آهن.

ادب ۾ هر حقيقت داخلي هوندي آهي، جنهن کي محض خارجي حقيقت نگاري نٿو چئي سگهجي. سڀ کان گهري حقيقت ته اُهي ياد گيريون، تصور، مقصد، خواهشون ۽ احساس آهن، جيڪي انسان جي اندر جي عڪاسي ڪن ٿا. ڪو اديب جيڪڏهن ڪنهن واقعي کي زندگي بخشڻ چاهيندو آهي ته ڪيس اهي داخلي ڪيفيتون اُجاگر ڪرڻيون ئي پونديون آهن، ڇاڪاڻ ته واقعن جو انسان سان واسطو آهي، جن کان سواءِ اُهي بي معنيٰ ٿي وڃن ٿا.

ڪال ڪوٺڙيءَ اندر مختلف موڊز ۾ لکيل هي ڪتاب اياز جي آتم ڪهاڻيءَ جو انمول حصو انساني نفسيات جو مطالعو ۽ پنهنجي دور جي سياسي توڙي سماجي حقيقت جي گذريل طوفانن جي تاريخ به آهي، جنهن ۾ ڏرتيءَ جون دفن ٿيل چيخون، جڻ ساري سنسار کي ڦاڙي نڪرن ٿيون، جن جي گونج روح ۾ ربابن جيان وڄندي رهي آهي.

مستقبل ۽ ماضيءَ ۾ اڳتي پٺتي سفر ڪندي، واقعن جي تسلسل کي ڪجهه اهڙيءَ ريت برقرار رکيو ويو آهي، جو هڪ ڀرپور شخصيت پنهنجي زندگيءَ جي مختلف پهلوئن سميت، اکين آڏو اچيو ٿي بيهي. مرڪزي نقطي کي ڪردارن ۽ واقعن جي ذريعي وڌ کان وڌ اُجاگر ڪري، هن ڊائريءَ کي جڻ ناول جي رنگ ۾ رنگيو ويو آهي، جنهن جي نثر ۾ شاعريءَ جهڙو ترنم سمايل آهي.

جيستائين اياز جي شخصيت جو تعلق آهي. اُها هن ڊائريءَ ۾ واضح طور نظر اچي ٿي ته هو نه رڳو ماهر قانون دان، سياسي مفڪر، دانشور ۽ عظيم شاعر آهي، پر ساڳي ئي وقت هڪ نرم دل ۽ ٻاجهاري طبيعت وارو انسان به آهي؛ جنهن فن، ادب، اسلاميات، تاريخ ۽ مارڪسزم جي نظريات جو نهايت گهرو مطالعو ڪندي، پيٽرا ٿول جي اداڪاريءَ کان ناظم حڪمت جي شاعريءَ تائين، ثقافت جي هر پهلوءَ ۾ گهڻي دلچسپي ورتي آهي. ڪٿي هن جي شخصيت نهايت شفيق پيءُ جي حيثيت ۾ اُڀري ٿي ته ڪٿي هو شريڪ زندگيءَ سان بي پناهه قربن جا اظهار ٿو ڪري. گهريلو زندگيءَ کان علاوه ٻاهرين دوستين کي به خوب نڀائيندي، هن گهٽ نه گهريو آهي، جيڪي ڪيس ايتري قدر عزيز تر آهن، جو انهن جي قربت جي اظهار ڪرڻ کان به قاصر آهي.

اياز پنهنجي ڪمزورين کان باخبر رهندي، ڪڏهن به انهن تي ڪو زرڪاري غلاف چاڙهڻ جي ڪوشش ناهي ڪئي. جيئن اڪثر دانشور ڪندا آيا آهن. ان جي برعڪس هن جنهن جرئت سان پاڻ کي پڌري پٽ پيش ڪيو آهي، تنهن ۾ نه ڪو رک رکاءُ آهي، نه ئي ڪا

ذهني سينسر شپ.

محبتن جي امرتا کي اياز کان وڌيڪ شايد ئي ڪو سمجهندو ۽ ڄاڻندو هجي، تڏهن تہ اهي وقت جي واريءَ ۾ لتجي، دٻجي وري وري اُپري ٿيون اچن، هن جي من ۾ واسو ڪرڻ لاءِ... هن جي گيتن تي سُرمئي گهٽائن جيان ڇانئجي وڃڻ لاءِ، ڪيس پنهنجو پاڻ ۾ سمائڻ لاءِ.

گذريل حياتيءَ جي اذيت ناڪ لمحن مان لنگهندي بہ هن تصنيف ۾ ورلي ڪو ٿڌو ساهہ ملندو ايئن نہ ٿو محسوس ٿئي تہ سڪ، سونهن ۽ جوڀن ڪي جَر تي ڦوٽا آهن. انهن کي پنهنجون حقيقتون آهن، دائمي حقيقتون، جي دل کي راحت ۽ سڪون ڏين ٿيون. زندگيءَ جي ناپائيدارين کي چڱي ريت ڄاڻندي بہ اُن جي مطالعي جو مجموعي تاثر اياز وٽ مايوسي ۽ غمگيني نہ، پر زندگيءَ ۾ ويتر پختو يقين آهي. بسنت رُت جيان نکريل نکريل سونهن ۽ ساڀيان هن لاءِ خوشيءَ جو اهڙو ڀرپور خزانو ثابت ٿيون آهن، جن سان هن جي ياد مالا مال آهي.

وقت جي غلبي کان آزاد اياز جڏهن ۽ جنهن وقت چاهي، وهندڙ درياهہ کي بند ڏيئي سگهي ٿو. وڃايل منظر، پراڻا جذبا، حيرتون، نفاستون ۽ بي چينيون، ڪجهہ ان ريت اُڀاريون اٿس، جڻ اُهي ويجهڙائيءَ ۾ هن جي زندگيءَ ۾ آيون هجن. هر ياد ۾ لمحي کي ابديت بخشيندي، هن پنهنجي جذبن جو مختصر، پر نهايت ئي نفاست سان اظهار ڪيو آهي، جو پڙهندڙ هڪ پوري ڪائنات کي هن جي دل جي آئيني ۾ ڏسي وٺي ٿو. آئينو جو صاف شفاف آهي، جنهن کي وقت جي دز نہ لتي سگهي آهي، نہ ئي ڌنڌلائي سگهي آهي.

ڪنهن پيري هن جي ياد وقت کي وراڪو ڏيئي نڪري وڃي ٿي تہ ڪنهن پيري اُها وقت جي وجود جو ڀرپور تاثر ڏئي ٿي.

هن جي شعور ۽ لاشعور ۾ چوٽيءَ تائين ڀريل، ماضيءَ جي تهہ

خاني ڪي ويري ويسر، موهن جي ڏڏي جيان واري نہ سگهي آهي.... ايئن ٿو لڳي تہ يادگيريون هن جي رت ۾ محفوظ آهن. هو جڏهن بہ چاهي اُهي هن جي اکين ۾ خوابن جي خوشبو جيان اُڀري، لبن تي امرت ڦڙا بڻجڻ لاءِ بي قرار لڳن ٿيون ۽ ننڊ ٽوڙي جاڳ ۾ هن سان گڏ آهن، پنهنجي رنگن، خوشبوئن، آوازن ۽ هم آغوشين سميت..... اياز انهن قربتن جا ادب آداب ڪڏهن بہ هٿان نہ ڇڏيا آهن. هو ڪنهن بہ مغرب جي اديب کان گهٽ آزادي پسند ناهي، پر پوءِ بہ مشرق جا اخلاقي قدر هن جي اظهار جون حد بنديون ڪندا رهيا آهن.

نهايت فهميدو ۽ سنجيدو انسان هئڻ جي ناتي هن سموري تحرير ۾ ٿهڪن کان پرهيز ڪندي، زير لب مسڪراهٽن تي ئي قناعت ڪئي آهي، پر گفتگو جي انداز ۾ جيڪا حاضر جوابي نمايان اٿس، ان کان ڪم وٺندي، هر ذهين ۽ مظلوم ماڻهوءَ جيان هن تکي مٺي طنز کي بطور ڍال ڪم آندو آهي.

اِها شاهدي اياز جا دشمن بہ ڏيندا تہ هن جي شخصيت ۾ ڪي بہ ڦند ڦير يا انتقامي جذبا ناهن. ورهيہ اڳ ♦ هيءَ ڊائري لکي وئي، جنهن ۾ ڪي ڏيکاريل دل گهريا اڄ هن لاءِ ڌاريا ٿي چڪا آهن، پوءِ بہ جس هجيس، جو هر رشتي کي ايمانداريءَ سان نڀايو اٿس. تنگ دل تہ قربن ۾ گهاري پوڻ شرط جيڪر اهڙا نالا ئي نظر انداز ڪري ڇڏين ها. اياز تہ پٺيءَ ۾ خنجر کائڻ کان پوءِ اهو بہ چوڻ وارو ناهي تہ ”بروٽس (Brutus) تون بہ....!“

هن جنهن لاءِ بہ سچائيءَ سان جيڪو ڪجهہ لکيو ان جو هڪ حرف بہ نہ ڪاٽيو اٿس. اها ڳالهہ نہ رڳو اياز جي ادبي عظمتن جي، پر هن جي اندر جي گريس (Grace) ۽ نيت جي صداقت جو دليل آهي.

جڏهن بہ ملڪ ۾ غير آئيني حڪومتون قائم ٿيون آهن، تڏهن

♦ سال 1985ع.

سموري قوم جبر ۽ تشدد جي لپيٽ ۾ اچي ويندي آهي، ڏاڍ، ڏمر ۽ ڏهڪاءَ سان گڏ مڙني محرومين جا احساس شدت سان اُڀري ايندا آهن. تڏهن ئي انقلاب آڻڻ لاءِ ڪي جيالا سِر ترڻيءَ تي کڻي نروار ٿيندا آهن. اياز بہ ڌرتيءَ تان سر گهورڻ وارن مان آهي، پر سِر جي سلامتين کي هن ڪڏهن بہ اجايو نہ سمجهيو آهي، هو اِهي سجايون ڪري ڄاڻي، ڇو تہ ڪيس سِر سان ئي سوين ڳالهين کي منهن ڏيڻو آهي، ڄِند سان ئي آزاديءَ جون جنگيون جيتڻيون آهن. سر ايڏو سهانگو ناهي، جو ان کي بنا ڪنهن مقصد حاصل ڪرڻ جي وڃائي ڇڏجي. قوم جي تقدير بدلائڻ لاءِ اياز ظلم سان جنگ جاري رکندو اچي، ان جرم جي سزا ۾ ئي هن ساهيوال جيل جي ڪال ڪوٺڙيءَ جو منهن ڏٺو.

اياز جي سموري ادبي پورهئي ڏي نهار ڪبي تہ ”ڌرتي منهنجو ديس، مگر مان سنڌڙي جندڙيءَ لايان وو“ ڳائيندڙ شاعر کي قدرت هڪ نهايت دور رس نگاهہ سان نوازيو آهي، پنجويهہ سال اڳ هن هيٺيان شعر لکيا هئا.

ناگاساڪي ناهہ، آهي تنهنجي آرسي،
ساڻيھ جا تو ساهہ ۾ پنيٺ ٿي سا باهہ،
سياڻو ٿي ساڄاهہ، اجا ويل وئي نہ آ.

ناگاساڪي ڪافي ناهہ
سڀ ڪجهہ ناس ڪندو نادان

جڏهن اهي چتاءُ ڏيندڙ شعر شايع ٿيا هئا، تڏهن ڪنهن بہ انهن کي ڪا خاص اهميت نہ ڏني، تازو روس جي Chernobyl Atomic Power Station واري حادثي کان پوءِ اها شاعري لاشڪ تہ پيغامبراڻي اهميت جي حامل ٿي پئي آهي.

جيئن پکي پکڻ جي ذات کي مينهن وسڻ جا پروڙ پهريائين پئجيو وڃن، تيئن کيس به ڪيترن ئي اهم ڳالهين ۾ انقلابي طوفانن جا اُهڃاڻ پنهنجو پاڻ نظر ايندا آهن. جنهن جو تازو مثال ويجهڙائيءَ ۾ شايع ٿيل سندس شاعريءَ جا به مجموعا "چنڊ چنبيليءَ ول" ۽ "رڻ تي رم جهم" آهن. "ساهيوال جيل جي ڊائري" پڻ ان سلسلي جي ڪڙي آهي، جا گذريل، دفن ٿيل دور ۾ اجوڪي دور جو چٽو عڪس تي پسائي.

دورِ غلامي وارو "هاٿيءَ جي لت" جو سُور ئي نه ناپريو هو جو مٿان مارشل لا جي مُڪ به آزادي ماڻيندڙن کي "گڏهه جي لت" جيان لڳندي اچي. قيد، ڏنڊ، ڦٽڪا اُن وقت به غريب عوام جو مقدر هئا، ته اڄ به اهي لفظ ڪنهن ڪميٽي جي قول جيان قوم تي مسلط آهن. جيڪا ولوڙ اڳ هئي، اُها ساڳي واويلا هاڻ به برپا آهي. جيلن ۾ جمار ڳاريندڙ ۽ جيءَ کي نت نوان روڳ لڳائيندڙ سياسي قيدين جي آزاديءَ جا مطالبا تڏهن به زورن تي هئا، ته اڄ به اهڙائي هُل متل آهن. بک بيروزگاريءَ جي راڪاس جو راڄ اُن وقت به قائم هو ته اڄ به بخت بالا ۽ بادشاهي برقرار اٿس. هن وقت جيڪي سياسي حالتون آهن، تن جو ساهيوال جيل جي ڊائريءَ ۾ پورو فلسفو ڏنل آهي، جنهنڪري بلاشبه چئي سگهجي ٿو ته هي نه رڳو هن دور جو ڪتاب آهي، پر ان ڳالهه جو به مثال آهي ته اياز جهڙا شاعر ئي صحيح طور تشدد ۽ تبديلين جي تاريخ لکي ڄاڻندڙ آهن.

اياز جي بين تصنيفن جيان زير نظر تصنيف پڻ، بين ڊائري نويسن کان مختلف انداز ۾ لکيل آهي. ڳالهه هلندي هلندي، واقعي جي مناسبت سان فلئش بئڪ (Flash Back) ۾ هليو وڃڻ، جتي ذاتي چاهي سياسي صورتحال جي حوالي سان، ساٿس لاڳاپيل ماڻهن ۽ انهن سان تعلق رکندڙ واقعن جو سلسلي وار ذڪر ڪندي، وري واپس اصل

موضوع تي اچي ويڃڻ. تحرير جي ان انداز مان ڪيترن ئي اهم ڳالهين ۽ شخصيتن جي جاڻ پوي ٿي، جيڪي مجموعي طرح هڪ دور جي چٽي صورت اُجاگر ڪن ٿيون. جن جو الڳ طور ذڪر اچڻ شايد تہ ممڪن نہ هجي ها. تنهن ڪري هي ڪتاب جنهن ۾ ان دور جو ڪيل تجزيو موجوده حالتن جي مناسبت سان وڏي اهميت جو حامل آهي، نهايت ڌيان سان پڙهڻ گهرجي.

ڪتاب پڙهندي جتي اياز جي وسيع لڳ لاڳاپن جي ڪٿ ڪري سگهجي ٿي، اُتي سندس هر دلعزيزي ۽ مقبوليت جو پهلو ذاتي توڙي شاعريءَ جي حوالي سان سامهون اُڀري اچي ٿو. ڪوئي هن جي شاعريءَ جي جادوءَ ۾ جڪڙجڻ جي دعوي ڪري، موٽي اچي وطن جا وڻ ٿو وسائي، تہ ڪوئي وري سندس شخصيت جي سحر ۾ وڃائجي، ڪيس ڌرتيءَ کان دور وڃي وڃڻ جا جتن ٿو ڪري. پر هن جي دل ۾ ولايتون وسائڻ جا ڪڏهن بہ ارمان نہ رهيا آهن. ڇاڪاڻ تہ هن جي من ۾ پوري ڪائنات آباد آهي. هو پهريائين هن ڌرتيءَ جو شاعر آهي، پوءِ ڪجهہ ٻيو. اِها شاعري ئي هن جي امرتا آهي، تڏهن تہ دل جي گهراين مان چيو اٿس، ”منهنجي امرتا تہ منهنجي شاعري آهي، اها شاعري سنڌ جي مٽيءَ کان الڳ تي نٽي سگهي ۽ ڪراچيءَ جي رستن تي ٻوٽن مان ديس ديس جي مٽي ڦهلجي چڪي آهي.“

ڌرتيءَ سان ان وابستگيءَ کان علاوه. هن ڪي خواب بہ ڏٺا آهن، جيڪي هن جي اکين ۾ ڪنهن اڻ کٽ آس ۽ نہ اجهامندڙ اُڃ جيان اٽڪيل آهن.... پنهنجي وطن ۽ وطن واسين جي مستقبل جا خواب، جن جي تعبير اڃا تاريخ جي پراسراريت ۾ پوشيده آهي، جيڪي هن ڌرتيءَ تي سڀ کان وڌا ڏوهاري آهن، جن ڪي آزاد ڏسڻ جا هزارين ارمان دلين جيان ڌڙڪندڙ دانهون بڻجي، پولارن ۾ پري پري تائين پهچن ٿا.

پاڪستان ۾ زبانن جو صحيح درجو ڪهڙو آهي ۽ اهو انهن کي ڪيئن ملڻ گهرجي، ان تي پنهنجا خيال ظاهر ڪندي اياز جيڪا روشني وڌي آهي، تنهن مان سندس منفرد سوچ جهلڪڻ سان گڏ اهو بہ ظاهر آهي تہ ٻولين جي، يا ڪنهن بہ مسئلي تي هو پنهنجا رايا مڙهڻ جو قائل نہ رهيو آهي، نہ ئي ٻين جي راءِ تي اکيون ٻوٽي ڪنڌ ڌوڻڻ وارن مان آهي.

جن بہ شروعاتي دور ۾ هن جي سوچ کي متاثر ڪيو اڄ هو انهن کان گهڻو اڳتي نڪري چڪو آهي، پر پوءِ بہ انهن لاءِ احسانمنديءَ جو اظهار نهايت فراخليءَ سان ڪيو آٿئين. هن جي ادبي حاصلات، هن پوري دور جي ادبي حاصلات تي ڀاري آهي.

اياز کان اڳ سنڌي شاعريءَ تي بي انتها جمود طاري هو، هن شاعريءَ کي نوان موضوع، نوان موڙ ۽ نئين بيهڪ ڏئي، سڄي معاشري ۾ اهڙي ولوڙ وجهي ڇڏي، جو اڄ چاليهہ سال گذري وڃڻ کان پوءِ بہ نئين کان نئون ٻٽجي سنڌي شاعريءَتي ڇانيل آهي، جنهن کان شاعرن جون لڳاتار ٽي پيڙهيون متاثر رهنديون اچن. هن جي اها انفراديت ڏسندي ئي ڀُٽي صاحب بہ ٽي ڀيرا پنهنجي راءِ جو اظهار ڪندي چيو هو تہ، ”شيخ اياز ادب کي سماجي انقلاب لاءِ ايئن استعمال ڪري رهيو آهي، جيئن هن کان اڳ ڪنهن بہ شاعر نہ ڪيو آهي.“

ڊائريءَ ۾ جا ڳالهہ مون کي حيرت انگيز لڳي، اُها هئي اياز جي مطالعي جي وسعت، جنهن جو انت لهڻ مشڪل آهي. هن هر موضوع تي ڪتاب پڙهيا آهن، جن هن جي زندگيءَ جي نظرئي ۾ وڏيڪ پختگي آندي آهي. ڪائنات جي وحدانيت محسوس ڪرڻ جي فلسفي کان وٺي دور حاضر جي هر فلسفي جا سمورا لنگهہ لتاڙيا اٿس. ننڍي عمر کان مطالعو ڪرڻ“ ديس ديس جي مصنفن جا نالا، ڪتابن جا نالا، موضوع، مقصد، نظريا، فڪر ۽ تحريڪون حوالن

سميت ياد رکڻ، وري انهن جي باري ۾ توريل تڪيل انداز سان چندچاڻ ۽ صحت مند مباحثا ڪري، ڪنهن نتيجي تي پهچڻ، انتهائي غير معمولي ذهن جي مالڪ هئڻ جو ثبوت آهي. ڪٿي ڪٿي مطالعي جو اظهار ڪجهه ڳرو محسوس ٿئي ٿو پر مان سمجهان ٿي ته اهو ذڪر ڪيل واقعي جي صحيح اندازي لڳائڻ لاءِ ضروري آهي.

وسيع مطالعي اياز ۾ جيڪا آزاد خيالي آندي آهي، تنهن ڪيس ڪنهن به ازم ۽ مڙهيل فتوائن جي پابندي قبول ڪرڻ نه ڏني، پوءِ به هڪ شاعر ۽ اديب جي حيثيت ۾ هن انسان جي تاريخ ۽ تقدير کان باخبر رهڻ پنهنجو فرض سمجهيو. هن جو سياست سان به رڳو اهو ئي سڳ سياپو رهيو آهي.

ڪتابن جي فدائين جا به قسم ٿين. هڪڙا چڙو رعب رکڻ لاءِ لائبريرين ۾ ڳورا ڪتاب سجائي ڇاڏين، ٻيا اُهي، جن جو هر انداز اُڌارو، سٽ سٽ ۾ ريفرنس ۽ ڳالهه ڳالهه ۾ قول شامل هوندا آهن. جن کي نه پنهنجي ذهانت آهي، نه ئي ان جي اظهار لاءِ مناسب بولي، ٽيان وري اُهي، جيڪي ترجمن جا چار ڪتاب پڙهي، پرڏيهي ليکڪن جي نالن جي ڊگهي لسٽ جا حافظ سڳورا بڻجي، پاڻ کي ڏاڍو جينئس ۽ پارکو ٻيا سمجهندا آهن. مطالعو ڪرڻ ڪا مذاق ناهي، اها اندر جي گهُر آهي. ڪنهن بي دلئي ۽ لاپرواهه ماڻهوءَ جي چئو چوا ۾ اچي دل تي جبر ڪري، رڳو مطالعي وڌائڻ جي خيال کان پڙهڻ ايئن آهي، جيئن ڪو اشتهاري نسخو آزمائيندو هجي، ته من ڪا واٽ ڪلي پئي، پر نتيجو اهو ئي ڏبي ۾ نڪريون.

مطالعي جو ذوق رکڻ وارا به ڪافي آهن، پر اياز جيان ”ويا جي عميق ۾، منهن ڪاٺو ڏيئي“ ٿورا آهن. هن جي من ۾ هڪ اهڙي جستجو، طلب، علم جي اُڃ ۽ اُساٽ آهي، جيڪا کيس وڏ کان وڏ ڪتاب پڙهڻ لاءِ اُڪسائيندي رهي ٿي. ڏسجي ايئن ٿو ته مطالعو هن

لاءِ جڳن جو جادو آهي، جنهن سان گهري هم آهنگي ۽ وابستگي هن ۾ زمان ۽ مڪان جا فاصلا مٽائي ڇڏيا آهن، هو نيٽن جي مشعلن سان ڪائنات جي انڌيرن کي دور ڪندو رهي ٿو.

وقت، ويچا ۽ حالتون، آبشارن جهڙي تيزي ۽ رواني رکندڙ شدتن جا رخ مائي وهڪرن ڏي موڙيو ڇڏين، پر اياز جي لکڻين ۾ اج بہ اهائي شدت سمايل آهي، جيڪا "پنهل کان پوءِ" لکڻ مهل بہ پنهنجي عروج تي هئي. ان مان ثابت ٿيو تہ هن هر دور ۾ جذبي جي شدت سان سوچيو ۽ لکيو آهي. اها شدت، ان ديوانگي ۽ جذبات جو نالو ناهي جن جا شعلا بلندين تائين پڙڪي، ٻري ٻري رک ٿجو وڃن، سندس من جي جوالا، شديد نفرتن ۽ محبتن جي رد عمل جي مليل جُليل ٻارڻ سان ٻرندي رهي آهي، ڪڏهن بہ نہ اجهامڻ لاءِ. هن جا جذبا وقتاً بوقتاً جيڪي شدتون اختيار ڪندا رهيا آهن، اُن ۾ نهايت گهٽي سمجهہ ٻوجهہ آهي، جيڪا هن تي مينهن جيان وسندڙ ذات کي، هر ڏولائي کان محفوظ رکندي اچي. شايد ان ڪري ئي ايڏا ڏک ۽ تڪليفون سهندي بہ هو اڏول رهيو آهي. نہ ماياڪو وسڪيءَ جيان حوصلو هاري وينو نہ ئي Von Goch (وانگ گوگ) جهڙو ديوانو ٿيو، نہ نذر الاسلام جيان پنهنجي ئي ذات جي ٻوجهہ هيٺ دٻجي سگهيو.

ڊائريءَ ۾ اياز جي دوستن، گهڻ گهرن ۽ واقف ڪارن جا ڪيترائي اهڙا ڪردار نظر ايندا، جن جا چڻ هن ننڍا ننڍا چتر ويهي چٽيا آهن. جيڪي ٿوري ۾ سندس ذاتي، ادبي ۽ سياسي زندگي جي باري ۾ دلچسپ ۽ چڱي خاصي ڄاڻ ڏين ٿا تہ گڏ اياز جي پنهنجي سياسي شعور ۽ سندس هم عصرن جي نفسيات جي گهري مطالعي جي نشاندهي ڪن ٿا.

جيئن ڪي اديب حضرات اياز کي ناهڻ جي دعويٰ ڪندا آهن، ڪجهہ اهڙيءَ ريت پيپلز پارٽيءَ جي اهم رڪن ملڪ اسلم حيات جو

مثال طور هن ڊائري ۾ سامهون اچي ٿو جيڪو پُٽي صاحب سان گڏ ساڳئي آرڊر هيٺ گرفتار ٿيو ۽ ان نظربنديءَ کان گهڻو هيسيل هراسيل هوندي به پُٽي صاحب جي رهنمائي ڪرڻ جي وهم ۾ مبتلا رهيو. هن جي اها سوچ انهن ڪارڪنن کان مختلف نه هئي، جيڪي پُٽي صاحب جي سايي ۾ اُپريا اُسريا. پر سمجهندا ايئن هئا ته ڪيس ناهيو ئي جڻ انهن آهي. هي اها خوشفهمي هئي. جنهن ۾ پنهنجي قدوقامت جي ڪٿ ڪرڻ بنا اڳتي هلي پُٽي صاحب تي آمريت جا الزام هڻي، ساڻس ڇَب پيا ۽ پنهنجي نااهليءَ تي پردو وجهڻ لاءِ پاڻ کي جمهوريت ۽ اظهار جي آزاديءَ جا حامي ظاهر ڪرڻ لڳا.

پاڪستان جي چوٽيءَ جي ماڻهن سان ڪلها هڻندي به، اياز جي توجه جا مرڪز بچي ڊرائيور ۽ جيل جي سنتريءَ جهڙا عوامي ڪردار رهيا آهن. اهڙيءَ ريت جيڪي به اهم يا غير اهم شخصيتون هن ڊائريءَ ۾ ڏيکاريل آهن، انهن جي نه رڳو ڪردار نگاري ڪئي وئي آهي. پر اُن مان ادب، سياست، ۽ انساني فطرت بابت اهم نتيجا ڪڍيا ويا آهن، انهن ڪردارن ۾ جج، وڪيل، وزير، اسيمبليءَ جا ميمبر، آفيسر، دانشور، شاعر، اديب، سياستدان، شاگرد، انقلابي وغيره ۽ ديوان پرمانند جهڙا شخص به اچي وڃن ٿا، جنهن لاءِ دوستي هڪ مستقل قدر آهي. پر سياست يا انقلاب ۾ ڪيس ڪا به دلچسپي ناهي.

ڊائريءَ ۾ جتي هن محمد ابراهيم جويي جون ادبي عظمتون ۽ ذهانتون ڏيکاريون آهن، اتي سندس شخصيت جو حوصلو ڏياريندڙ ضد به ظاهر ڪيو آهي، جنهن ۾ اياز کي چئي ٿو "اسان به ڪافي آهيون، جي اسان به چاهيون ته سنڌ جي تقدير بدلائي سگهون ٿا." حشو ڪيول راماڻيءَ کي زبردست خراج پيش ڪرڻ سان گڏ، هن جي ڪردار تي چٽي روشني وڌل آهي، جنهن جو سياسي مقصد مايوسي آهي، پر پوءِ به هن انسانيت جو پلئه هٿان نه ڇڏيو آهي، هن جي اها

الوداعي وصيت دل تي گهرو اثر ڇڏي ٿي، جنهن ۾ هو اياز کي نماڻائيءَ سان چئي ٿو "جي تو پاڪستان ۾ ڪنهن ريفيو جيءَ (مهاجر) تي هٿ کنيو تہ جڻ تو مون تي هٿ کنيو ڇو تہ مان بہ هندستان ۾ ريفيو جي آهيان..."

رسول بخش پليجي جهڙي عظيم انقلابي دانشور جنهن مائوءَ جي ڳاڙهي ڪتاب تي "مائو جو رسالو" نالو رکيو تنهن جو سنڌ جي سياسي تقدير جو تصور نهايت منفرد آهي.

حفيظ قريشي جهڙي دور انديش محب وطن جا، راجستاني نواب کان وائڙو ڪندڙ سوال ڏاڍا دلچسپ آهن. حوالن ۾ قولن کان وٺون ويندڙ قريشيءَ جي بيزاري اُن وقت پنهنجي نقطئہ عروج تي نظر اچي ٿي، جڏهن رسول بخش پليجي کي هڪ حوالي ڏيڻ تي ٽوڪيندي پڇي ٿو "پليجا صاحب! جي مائو ايئن نہ چئي ها تہ اوهان ڪنهن قومي آزاديءَ جي تحريڪ ۾ اعتبار نہ ڪيو ها ڇا؟"

اهو پڙهندي تہ اکيون پرجيو اچن جنهن ۾ مونس جهڙو دانشور دوست، حشوءَ کي هوائي جهاز تي ڇڏي، بي وسيءَ مان پنهنجو سر ايئرپورٽ جي پٿين سان ٿو ٽڪرائي.

هن ڊائريءَ جي حوالي سان ڪن سرڪاري عهديدارن جون ڪجهہ مضحڪ خيز ڳالهيون پڻ نظرن مان گذرن ٿيون، جيئن هڪ سي-ايس- پي ۽ ڊپٽي ڪمشنر، جنهن کي ڊيگال ۽ سارتر جي نالي جي بہ خبر ناهي، پر سنڌ جي شاعر تي وطن دشمنيءَ جا الزام هڻي ڪيس جيل اماڻي سگهڻ جا اختيار رکي ٿو.

ساڳيءَ ريت هڪ سنڌي سپرنٽنڊنٽ انجنيئر، جنهن کي پيئڻ پيئارڻ کان سواءِ دنيا جي ٻي ڪا بہ خبر ناهي ۽ جيڪو اهو بہ نٿو ڄاڻي تہ پاڪستان ٽائيمز ڪٿان نڪرندي آهي، سو فيض جهڙي لينن انعام يافتہ اشتراڪي دانشور کي آمريڪا گهمڻ جون صلاحون ٿو ڏي،

جڏهن تہ هڪ سنڌي ايم پي اي وري ”نارائڻ شيام“ کي خدا جو هند ڪو نالو سمجهي مچرجي ٿو پئي.

ان ڪانسواءِ ڪيترن ئي سڄڻن جون سارون ان ڊائريءَ ۾ موجود آهن. شهيد يُتي جو سڪ پريو ساٿ سنياريندي هن رشيد ڀٽيءَ جهڙي توڙ نڀائيندڙ دوست، تنوير عباسيءَ جهڙي ڏک سک جي ساٿيءَ کان علاوه نثار ۽ فوزيہ جهڙن مخلص انسانن، جام ساقي جهڙي انقلابي، علي احمد راشدي ۽ اي. ڪي بروهيءَ جهڙن دانشورن گوبند مالهيءَ جهڙي ترقي پسند، زندگيءَ کي ڪنهن آدرش جي آڙهہ ۾ اڇلڻ کان انڪاري، ڊاڪٽر نعيم صديقيءَ جهڙي جهان ديد انسان، سياسي تجربا ڪندڙ واجد علي شيخ جهڙي ليڊر، ڪراچيءَ جي برک سنڌي وڪيلن سميت جمال ابڙي، حيدر بخش جتوئي، عاليہ امام، ربانيءَ وغيره کان ويندي هند جي ڪيترن ئي اديب دوستن ۽ پروفيسر رام پنجواڻيءَ جو بہ ان ۾ ذڪر ڪيو آهي، جيڪو اياز جا گيت ڏاڍي چاهہ سان پنهنجي پر سوز آواز ۾ ڳائيندو رهيو آهي.

ڊائريءَ ۾ جتي ع .ق. شيخ بابت سنسني خيز انڪشاف ڪيل آهن، اُتي ڪامريڊ پوهوءَ تان بہ پردا کنيا ويا آهن، جنهن پرٽي جي پهرينءَ رات اصولن تي ”مت پيد“ ڪري نئين نويلي ڪنوار بنا منهن ڏسڻ جي وڃائي ڇڏي، جنهن لاءِ عين ممڪن هو تہ اصول ٻڌي ٻڌي چمار ڳري وڃينس ها.

ڪجهہ صفحن تي ڪي چوند اخباري خبرون اهو ڄاڻائڻ لاءِ ڏنيون ويون آهن، تہ ڪيئن هڪ مطلق العنان حڪومت پريس جي آزادي سلب ڪري پنهنجا، خاص مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ڪوڙيون خبرون شايع ڪرائي ٿي، پر ان ساڳيءَ حڪومت جي ڪمزور پوندي ئي اڪثر صحافي ايندڙ سياسي تبديلين کان ڊڄي، پاڻ کي نئين دور ۾ کپائڻ لاءِ ڪڏهن ڪجهہ صحيح خبرون بہ هلايو ڇڏين.

قيد تنهائيءَ ۾ هڪ حساس شاعر کي پل پل ڪهڙا پور پون ٿا. هن جي اندر جي لوڇ ۽ تڙپ ڪيس ڪيڏو بيقرار ڪري ٿي. هيءَ ڊائري اهڙين ڳالهين جو پڙهڻ نظر افروز داستان آهي.

لاليءَ جو وڻ تي ڇهچاڻ، منڊا خاني مان ڳاٽل ماهيا. برسات جي ڏار جو ڌرتيءَ جي سيني تي رقص ڪرڻ، ڪوڙا مارينديڙن جا اذيت ناڪ سٽڪا، رات جي خاموشيءَ ۾ جيل جي پهريدارن جون هڪلون. جيل جي ٻاهران لنگهندڙ اُنن جي چنگن چڙن جا موسيقيت ڀريا آواز... هي سڀ اهي ڳالهيون آهن. جي خود اياز جي ڪردار تي چٽي روشني وجهن ٿيون.

جيل ۾ رچيل هڪ نثري نظم.

"اسان پاڻ کي ٻين کان بهتر نٿا سمجهون.
رڳو اسان مختلف آهيون..."

نظم نـہ جڻ تاريخ آهي، سنڌين جي سڪ ۽ پيار جي تاريخ، سنڌن رنگا رنگ ورثي جي تاريخ، سنڌن جيءَ ۾ جوالا جي تاريخ.... سگهہ ۽ جا ڪوڙ جي تاريخ، اهڙي تاريخ، جيڪا پاڻ دهرائيندي رهي آهي ۽ هڪ پيرو پاڻ کي ٻيهر دهرائي اياز جي شاعريءَ تي ابد تائين امرتا جي ڇاپ هڻي ڇڏيندي

**ماهتاب محبوب**

18 جون 1986ع

## ساهيوال جيل

12-4-1968ع

ڪالهہ غلام مصطفيٰ کر ۽ رضا احمد خان کي هاءِ ڪورٽ رها ڪيو. اڄ شام جو جمعدار انور آيو ۽ اچي چيائين، "اوهان کي ڏاڪٽر مبشر واري وارڊ ۾ وڃڻو آهي." مون هن کان پڇيو " ۽ ڏاڪٽر مبشر؟" چيائين تہ ڏاڪٽر مبشر ۽ ممتاز ڀٽو ٻئي آزاد ٿي ويا." مون تڙ تڪڙ ۾ سامان ويڙهي سيڙهي ورتو. ٿوريءَ دير ۾ ڪيئي حوالاتي آندائون، ۽ منهنجي مشقتيءَ سان گڏجي منهنجو سامان کڻائي نئين وارڊ ۾ آيا. وارڊ ۾ اڱڻ تمام ننڍو آهي ۽ ڪُل چار ڪوليون آهن، جن مان هڪ ۾ مون پنهنجو سامان رکايو ۽ ٻيءَ ۾ مشقتيءَ جو ۽ باقي بہ ڪوليون رنڌڻي وغيره لاءِ رکيون سين. جيستائين مشقتيءَ سامان سڙو ناهي رکيو تيستائين سج لهي ويو. پريان سُڄهنديءَ ۾ تيرس جو چنڊ پيلي گلاب وانگر ڦڪو ٿي لڳو. اڱڻ ۾ نہ ڪوئي گل ٻوٽو آهي ۽ نہ پاڻيءَ جو نلڪو آهي. مشقتيءَ اتي جا بہ ٽي چاٽا ناهي مانيون پچائي ورتيون، ۽ رڌل پالڪ، تريل واڱڻ ۽ بہ مانيون کڻي آيو. ميز تي جيل جو نهيل دسترخوان وڇائي، هن ماني رکي. ماني کائيندي مون سوچيو تہ نظربنديءَ جو پيرائتو احوال لکان جيئن ايندڙ نسل کي پتو پئي تہ هن دور ۾ شاعر جي ڪهڙي گت بڻائي وئي هئي. انگريز سرڪار جي خلاف چڪبست اُردوءَ ۾ نظم لکي آزاديءَ جي باهہ پڙڪائي هئي ۽ علامہ اقبال "ميرا وطن وهي هي"، "هندوستان همارا" ، "نيا شوالا" جهڙا

نظم لکي آزاديءَ جي تحريڪ کي زور وٺايو هو پر انگريز بهادر اُنهن مان ڪنهن کي گرفتار نہ ڪيو هو ۽ نہ وري ٽئگور تي ڪا ٻري آئي هئي. ها باقي ”ودروهي“ جي مصنف قاضي نذر الاسلام جا ڪتاب بندش هيٺ آندا ويا ها ۽ ڪجھہ راجا جي ڏاڍ، ڪجھہ پرجا جي ڏمر ۽ ڪجھہ پنهنجيءَ ذات جي بوجھہ هيٺ هو نيٺ ذهني ڏير تي پيو هو ۽ اجا تائين هن جي ماس جو لوٿڙو ڪلڪتي ۾ دوا درمل لاءِ پارٽ سرڪار جو ڪاٽيارو آهي ۽ هن جو جنم دن ڏوم ڏام سان ڍاڪا ۾ ملهائبو آهي. هيل تہ ڍاڪا ۾ بنگلا ڀاشا وارن ٽئگور ۽ مڏو سوڏن جا بہ ڳڻ ڳايا ها ۽ ٽئگور جي باري ۾ پاڪستان جي مرڪزي وزير جي بيان کي کنگهيو بہ ڪو نہ هيائون. مون سوچيو تہ هن قوم ۽ حڪومت مون کي بہ نذرالاسلام بڻائڻ ۾ ڪائي ڪسر نہ ڇڏي آهي، پر شايد منهنجي ذات هر ڏولائي کان ڏاڍي آهي، جو مان پاگل نہ ٿو ٿي پوان، شايد منهنجو اهو احساس تہ منهنجي چوڌاري سڀ پاڳل آهن، مون کي پاڳل پڻي کان بچائي رهيو آهي. مان بودليئر ۽ رامبوءَ وانگر حشيش بہ نہ ٿو ڇڪيان ۽ نہ وري ميرا جيءَ وانگر سگريٽ، جي پنيءَ ۾ ويڙهيل لوهي جا گولا ٿو جهپيان، عجب آهي تہ پوءِ بہ ايترا ڏک سهي منهنجي ڳل نہ ٿي ٽڙي! مون کي ياد اچي رهيو آهي تہ بين هُر (Ben Hur) فلم ۾ مون هيءَ سين ڏٺي هئي. هيرو سان گڏ ٻيا ڪيئي غلام ڪنهن وڏي ٻيڙي جي تري ۾ ونجھہ هلائي رهيا ها. اُهي غلام خريد ڪيا ويا ها ۽ سوداگر انهن کي ٻئي ڪنهن ڏيساور ڏانهن وڪري لاءِ وٺي وڃي رهيو هو. غلامن جي مٿان مقرر ڪيل پهري دار هٿ ۾ وڏو ڪوڙو جهلي بيٺو هو. هڪڙي غلام کي ونجھہ هٽندي، پانواٽي اچي وئي ۽ هن جا هٿ ونجھہ تي ڍرا ٿي ويا تہ پهري دار اُچانگ ڏئي. هن کي زور سان بہ ٽي ڪوڙا هنيا. ڏڪ ڪائي. هن جو ڳاتو لڙي پيو ۽ جيئن پهريدار هن کي وارن جي ڳت کان جهلي. هن جو مُنهن مٿي ڪيو تيئن هن جون پٽرايون اکيون

ڏسي، هن جي ٻانهي کي زور سان ڏکيائين ۽ هو ڦهڪو ڏئي، پنيرو ڪري پيو. اُنهيءَ مرٽينگ غلام جي جوڙيوال ڪا گهڙي پهريدار ڏانهن ڪوڙين اکين سان ڏٺو ۽ پوءِ وري ونجهه هلائڻ ۾ جُنبي ويو. پهريدار هن جون ڪوڙيون اکيون ڏسي ڪاوڙ ۾ پرجي ويو ۽ هن تي خوب ڪوڙن جا وسڪارا ڪيائين. جيئن پهريدار هن جي اُگهاڙيءَ پٺيءَ تي چهبڪ ستيندو ٿي ويو، تيئن هن، هر ستڪي سان اچانگ ڏئي، پهريدار کي وڏيڪ زهريلين نگاهن سان ٿي ڏٺو. نيٺ هن جي بدن تي لڳل ڪوڙن جا ڏنا رتو رت ٿي ويا ۽ پهريدار جا ڏورا ڪوڙا هٽي هٽي ٿڪجي پيا. اوچتو پهريدار ٿهڪ ڏئي هن کي چيو ”اڄ مون تنهنجو راز سمجهيو آهي. توکي هن ٻيڙي ۾ ونجهه هٽندي تي سال ٿيا آهن، پر تون اڃا پوٽو نه پيو آهين. تنهنجا ساٿي سال پر ۾ مري کپي ويا، پر توکي اڃا لوڏو نه آيو آهي. اڄ مون ان راز کي تنهنجين اکين ۾ پروڙيو آهي. توکي انهيءَ نفرت زنده رکيو آهي، جا تنهنجين اکين ۾ ٻري رهي آهي. جيستائين تو ۾ اها نفرت آهي، تون ناس نه ٿيندين.“ ”بين هُر“ ناول منهنجن بين هزارن ڪتابن وانگر منهنجيءَ لئبرريءَ ۾ بند پيو هوندو. هن بند مان آزاد ٿيان ته اُن ۾ اها گفتگو ڳولي لهان. مان پانيان ٿو ته اها سين ”بين هر“ ۾ آهي. مان به پانيان ٿو ته نه فقط محبت زندگي آهي. پرنفرت به زندگي آهي. نفرت هڪ عظيم قوت آهي، جا جسم و جان کي توانائي بخشي ٿي. مارئي رڳو ڪيت سين جي پيار تي نه پئي تڳي، عمر جي ڪوٽ لاءِ ڌڪار به هن کي تڳائيندي رهي هئي. سنگهرون هن کي نئين سگهه ڏيندين رهيون هيون ۽ ڪوٽ ڪڙا هن کي جهڪائي جهيٽو ڪري نه سگهيا ها. ترڪيءَ جو عظيم شاعر، ناظم حڪمت، قيد جا نوَ سال ڪاٽي ٻاهر نڪتو هو ۽ ان عرصي ۾ هن جي انقلابي نظم لکيا، اُهي دنيا جي پوري انقلابي شاعريءَ تي ڀاري آهن. ناظم حڪمت جو انگريزيءَ ۾ تازو ڇپيل ترجمو سکر ۾

منهنجي ڪاٺي جي ميز تي پيو هوندو، ڇو تہ مون چاهيو ٿي تہ اُن مان ڪجھہ نظم سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪريان ۽ اِن ڪري مون اُن ڪي ميز تان هٽايو نہ هو (منهنجي ڪاٺي جي اڌ ميز انهن ڪتابن ۽ رسالن سان ستيل هوندي آهي، جي منهنجي مطالعي هيٺ هوندا آهن ۽ جي مان ماني کائڻ کان اڳ، ماني کائڻ وقت ۽ ماني کائڻ کان پوءِ پڙهندو آهيان، ۽ جن کي منهنجي زال زرينہ منهنجيءَ اجازت کان سواءِ ميز تان نہ هٽائيندي آهي، ۽ جن کي اُن وقت عارضي طور هٽايو ويندو آهي. جڏهن ڪوئي مهمان گهر ايندو آهي ۽ مون سان گڏ ميز تي ماني کائيندو آهي). مون اڃا ناظم حڪمت جو ترجمو شروع بہ نہ ڪيو هو تہ مون کي گرفتار ڪيو ويو هو.ڇا ڪريان، هن حڪومت کي جنهن وقت وڻي ٿو مون کي ڪٽي ڪاٺ ۾ ٿي وجهي ۽ منهنجا ادبي خواب بي تعبير رهجي وڃن ٿا. مون ناظم حڪمت جي پوري زندگي تہ نہ پڙهي آهي. شايد ان تي ڪوئي ڪتاب لکيو بہ ڪو نہ ويو آهي. مون کي بيو ڪوئي مسلمان شاعر نہ سُجهي، جنهن مذهب جي باري ۾ ايتريءَ شدت سان لکيو هجي ۽ سو بہ هڪ اسلامي مُلڪ ۾! تصور ريت (Idealism) جي فلسفيءَ برڪلي (Berkley) تي هن جو لکيل نظم تہ فن شاعريءَ جو ڪمال آهي. مان جي اهڙو نظم ابن العربيءَ تي لکان تہ هيءُ ملڪ، جو هونءَ تہ مجدد الف ثانيءَ، شاهہ ولي الله ۽ علامہ اقبال جي فلسفي جو پيروڪار آهي ۽ وحدت الشهود جو قائل آهي، جيڪر مون کي وحدت الوجود جي نظريي جي توهين ڪرڻ سبب ڦاهيءَ تي چاڙهي. مان چاهيان ٿو تہ پنهنجو ڪوئي ڪتاب ناظم حڪمت جي نالي سان منسوب ڪريان ڇو تہ هن کي بہ پنهنجي وطن جا مسلمان هم وطن ۽ حڪومت، پنهنجيءَ هر مذموم ڪوشش جي باوجود، ديوانگيءَ تائين پهچائي نہ سگهيا ها ۽ سرمائيدارانہ نظام ۽ زندگيءَ جي رجعت پرست نظريي لاءِ نفرت هن کي زنده رکندي آئي هئي.

هاڻي چنڊُ ڪوليءَ جي سامهون بيٺل نم جي تاريءَ مٿان وڃي رهيو آهي ۽ ايئن ٿو لڳي جڻ ڪنهن پينوءَ جي ٻانهن اڇلايل اشرفيءَ جي ڪيڏ وڏي رهي آهي. ٻاهران واچ ٽاور تي بيٺل پهري دار جا هوڪرا. ڪُتن جي ڀونڪار سان ملي، رات جي خاموشيءَ کي وڌائي رهيا آهن. لالٽين پوپان پڙڪا ڏئي رهي آهي ۽ سگريءَ ۾ اڱرن تي رک ڄمي وئي آهي. اڄ ٿڪو بہ ڏاڍو آهيان ۽ سيئاندو بہ ٿي رهيو آهي. ڪوليءَ کان ٻاهر ولهہ ٿي وسي. بهتر آهي تہ سوڙ ويڙهي سمهي رهان ۽ سياڻي سِڄَ سنئين اُٿي، ساري حقيقت لکان تہ پهرينءَ نومبر کان وٺي هن وقت تائين مون تي ڇا گذريو آهي. ساڄهر اُٿڻ تہ مون کان ٿيندو ڪو نہ. مون وٽ نہ مولانا آزاد واري چاءِ آهي، جنهن جون ويهي سُرڪيون ڀريان ۽ ”غبارِ خاطر“ لکان ۽ نہ ڀرسان ڪوليءَ ۾ ڪوئي نهرو آهي، جنهن جي ڪونگهرن تي اک کلي وڃي. اڳ پٽي صاحب جي وارڊ ۽ منهنجي وارڊ جي وچ ۾ فقط ديوار هئي، پر مون ڪڏهن بہ هن جا ڪونگهرا نہ ٻڌا هئا. آهي تہ نهروءَ وانگر سوشلسٽ ۽ اڃي بہ ساڳي طبقي مان ٿو!

5 ڊسمبر 1968ع

سِپ سمنڊين سپجي، نديءَ پيئي نہ نير
(پٽائي- سُر مارئي)

جهونجهڪڙي جو جاڳ ٿي. سوَڙ مان ٻاهر نڪتس تہ لڱن ۾ ڪنبڻي پئجي وئي. سيخائين جهنگلي مان سيءُ سيرون ڪندو ٿي آيو. اوني ڊريسنگ گائون پائي، مفلر ويڙهيم. تڏهن بہ سيءُ نہ ويو. سگريٽ دکايم تہ چپ ڏڪ ڏڪ ڪرڻ لڳا. ”پٽائي ڪا ماڙڪر“ چٽي سگريءَ ۾ ڪوئلا وڌم ۽ انهن تي سگريٽن جا خالي پُڙا رکي، مٿان گاسليٽ وجهي، باهہ دکايم. ٿوريءَ دير ۾ ڪوئلا چندر شيکر آزاد جي اکين وانگر جرڪڻ لڳا. سگريءَ تي هٿ سيڪيم، تہ مون کي اهو خواب ياد آيو جنهن مان چرڪ پري اهڙو ساجهر جاڳي پيو هوس. مون ننڊ ۾ ڏٺو هو تہ هندوڪش پهاڙ جي برفاني چوٽيءَ تي چڙهي رهيو هوس. پهاڙ جي تري وٽ ڪيئي ماڻهو انگريزيءَ ۾ رڙيون ڪري رهيا ها تہ هي abominable Snow man (نفرت خيز برفاني ماڻهو) آهي، هن کي پڪڙيو ۽ ڪي وري انهن کي رد ڪد ڏئي رهيا ها ۽ چئي رهيا ها تہ ”هن کي چِڏي ڏيو هي تہ پهاڙ جي چوٽيءَ تي چڙهي، سج کي پڪڙڻ ٿو چاهي!“ مان انهن کي ٻڌو اڻ ٻڌو ڪري، چِپن تان چِلانگ ڏيندو چوٽيءَ ڏانهن وڌي رهيو هوس. مون کي فقط اهو پوءُ تي ٿيو تہ چوٽيءَ تي منهنجي پجڻ کان اڳ ۾ سج نہ اُڀري اچي. هڪ اتاهين چپ تان

بيهي مون هيٺ ڏنو تہ مون کي پنهنجا ويري ۽ واهرو ڪيڙن ماڪوڙن وانگر چرندا نظر آيا. مون وري منهن ورائي هيٺ نہ ڏنو ۽ اڳتي ڇلانگ ڏيندو ويس. جڏهن چوٽيءَ لڳ پهتس تڏهن سڄ نڪري آيو ۽ مون کي پنهنجين ڪروڙين آڱرين ۾ جهلي، هوا ۾ اُڀو ڪيائين ۽ پوءِ زور سان هيٺ ڦٽي ڪيائين: مان بولاٽيون کائيندو اچي ڌرتيءَ تي ڪريس ۽ منهنجو هڏ گڏ پچي پيو. پوءِ هزارين ڳجهون اچي مون تي مِڙيون ۽ فقط منهنجا هڏا وڃي بچيا. مون کي ان وقت ڏاڍو روئڻ پئي آيو پر مون اوچتو ڏٺو تہ ڪوئي پيڙو منهنجا هڏا ميڙي رهيو هو. مون ڪاوڙ جي هن کان پڇيو " تون ڪير آهين؟" هن مُرڪي جواب ڏنو "مان پيٽائي آهيان، مان پانيان توکي مون کان بہ وڏيڪ سزا ملي آهي."

ڏند صاف ڪري مان ٻاهر اڱڻ ۾ آيس. ٻاک ڦٽي چڪي هئي ۽ ٻہ تي طوطا ٽِيون ٽِيون ڪري رهيا هئا. مون اڱڻ ۾ اڌ ڪلاڪ چڪر ڏنا ۽ بدن گرم ٿي ويو تہ کوليءَ ۾ موٽي آيس. سارو وقت مون کي پنهنجو نظم "چڙيا گهر ۾ واڳهہ اُنهيءَ جي گهورُ ڏٺي آ تو؟" پئي ياد آيو. اهو نظم مون هن نظر بنديءَ کان مهينو کن اڳ لکيو هو. ساڳيءَ طرح آڪٽوبر جي آخري هفتي ۾ مون روح رهاڻ کي ڪجهہ وايون ۽ ٻيو ڪلام اشاعت لاءِ موڪليو هو جن ۾ هيٺين وائي بہ هئي.

"سنڌڙيءَ سات سچوم، ڪوري ڪنڌ ڏنوم،
گهوريس، گهوريس سنڌ تي"

"روح رهاڻ" ڏانهن موڪليل ٻي ڪلام ۾ امير خسروءَ جي طرز تي دوسخنا بہ هئا، جن ۾ هي سٽون هيون.

ان سان پريت نہ لائي ڪوئي،
پريت ڪري مون پيڙا ورتي،
"اي سکي ساجن؟" "اون هون اون هون!
"اي سکي، ڌرتي"!

نہ معلوم اهو اتفاقي آهي يا مون کي اڳواٽ پروڙ پوندا آهن! اڳينءَ نظربنديءَ پيري بہ جنگ کان مهينو کن اڳ مون هينيان بہ نظم لکيا ها:

"اکيون ساهميون،
"اسان جون اکيون ساهميون"

—

"آءُ اڪيلو ساههون سُٿَ،
"خنجر خنجر ڪيئي هَٿَ"

اهي نظم منهنجي پهرينءَ نظربنديءَ جي کهڙي نہ پوري اڳڪٿي هئا! نہ ڄاڻان تہ "بيگ تنهنجي بيگڙي، ڪونڙيءَ ۾ ڪا نہ" جهڙي سٽ ڪڏهن ٿي منهنجن چپن تي اچي!

روز وارڊ جو جمعدار مون کي هڪ بليڊ ڏاڙهي ڪوڙڻ لاءِ صبح جو ڏئي ويندو آهي ۽ پوءِ بار بار پڇڻ ايندو آهي تہ مون ڏاڙهي ڪوڙي آهي يا نہ. نيٺ هن کان تنگ اچي مان ڏاڙهي ڪوڙيندو آهيان ۽ بليڊ هن کي موٽائي ڏيندو آهيان. شايد هن کي پوءُ ٿيندو آهي تہ متان مان بليڊ سان پنهنجو گلو نہ ڪپي ڇڏيان. هن کي ڪهڙي خبر تہ ان گلي ۾ اڃا هزارين گيت آهن، جي ڪنهن بہ زندان جون ديوارون ڏوڏي ڍير ڪري سگهن ٿا ۽ مان اڃا اُن کي ڪپڻ لاءِ تيار نہ آهيان. اڄ وارڊ جي ڦير گهير سبب هو مون کي بليڊ ڪو نہ ڏئي ويو آهي ۽ سارو ڏينهن ڏاڙهيءَ تي هٿ ڦيريندي مون کي ڪاوڙ ٿي آئي ۽ مان راتوڪي ارادي موجب اڄ ڏينهن جو ڪجهہ بہ لکي نہ سگهيو آهيان.

ڪجهہ ڏينهن اڳ مون "پاڪستان ٽائيمز" ۾ هڪ خبر پڙهي ڏاڍا ٿهڪ ڏنا ها. ان خبر ۾ هو تہ ڀٽي صاحب ڏاڙهي رکي آهي ۽ روزا بہ رکي رهيو آهي. ڀٽو ڊڄڻو تہ نہ آهي، مان ڀانيان ٿو تہ هو موت کي اکيون اکين ۾ وجهي تيستائين گهوري سگهندو آهي، جيستائين موت جون اکيون جهُڪي وڃن. ممڪن آهي تہ ڀٽي کي بليڊ جو مسئلو درپيش آيو

هجي. پر روزا ڇو؟ ايئن تہ نہ آهي تہ جيل جو ڪاڏو خراب آهي ۽ هن بُک هڙتال ڪئي هئي؟ اڳ ناشتي ۾ رڳو مانيءَ سان تريل واڱڻ ڏيندا ها، پر اڄ ہ اوباريل انڊا بہ ڏنا اٿائون.

ڏهين بجي ناشتو ڪري مون چانهہ پيئي ۽ پوءِ مادام سارا برنارڊ (sarah Bernard) جي زندگيءَ تي لکيل ڪتاب پڙهڻ لڳس، جو ڪجهہ وقت اڳ مون ڪراچيءَ مان خريد ڪيو هو ۽ ساهيوال ڏانهن پوليس وئن ۾ ايندي ڪجهہ پڙهيو هيم.

سارا برنارڊ نہ فقط فرانس پر پوريءَ دنيا جي بهترين ائڪٽريس تسليم ڪئي وئي هئي. آمريڪي بئلي ڊانسر (Ballet Dancer) آئزوڊورا ڊنڪن جي ڪهاڻيءَ وانگر هن جي زندگيءَ جي ڪهاڻي بہ نهايت دلچسپ آهي. ڪتاب جي ليکڪا ڪارنيليا، سارا برنارڊ جي دؤر جي فرانسي زندگيءَ جي تصوير ڪشيءَ ۾ پنهنجي مطالعي ۽ فن جو ڪمال ڏيکاريو آهي. ڪتاب پڙهندي مون کان پنهنجي 4 فوٽ x 8 فوٽ ڪولي وسري وئي ۽ مان لوئِي فلپ (Louis Philipe) ۽ هن کان پوءِ واري دور ۾ وڃي پهتس. مون اڳ بہ آندري مالرو جي ڪتاب ”فرانس جي تاريخ“ ۽ ٻين ڪيترن ئي ڪتابن ۾ اُنهيءَ دور جي باري ۾ پڙهيو آهي، جڏهن وڪٽر هيوگو ڪنهن ائڪٽريس جي ڪِڍ هوندو هو ۽ هيوگو جي جوءِ مشهور نقاد سينٽ بيو (Sainte beuve) سان معاشقو لڙائيندي هئي ۽ جڏهن مشهور ناول نگار اليگزينڊر ڊيوملس ڪي داشتائن جي پوري حرم سرا هوندي هئي ۽ نِسائي آزاديءَ جي تحريڪ (Feminist Movement) جي اڳواڻ جارج سئنڊ (George Sand) ڪي ڪيئي آشنا هوندا هئا. ڪتاب پڙهندي منهنجو ڌيان بالزاڪ (Balzac) جي ناولن ڏانهن ويو ۽ پوءِ جارج سئنڊ جي خطن جو مجموعو ياد آيو جو مون ڪيئي سال اڳ سکر جي ميونسپل لئبرريءَ مان وٺي پڙهيو هو. (پاڪستان کان پوءِ سنڌ جون لئبريون ڪيئن ناس ڪيون

ويون، اهو هڪ ڏکوئيندڙ داستان آهي) مون کي اهو ڏسي حيرت آئي تہ ليکڪا سارا برنارڊ جي دور تي اتڪل ساڍا ٽي سؤ صفحا لکيا ويا آهن، پر ان ۾ پئرس ڪميون (Paris Commune) جو ذڪر فقط ڏهن سٽن ۾ ڪيو اٿائين ۽ اُن جي تاريخي اهميت کي نظر انداز ڪري ڇڏيو اٿائين. شايد بورجوا اديب هر انقلابي واقعي کي ايئن اڇاترائيءَ سان ڏسندا آهن! شايد اهو سبب آهي، جو ترقي پسند اديبن کي بورجوا تخليقن کان چڙ آهي! مون کي اهو سوچي کل آئي تہ مون فرانس جي تاريخ ۽ ادب جي باري ۾ ڪيڏو پڙهيو آهي ۽ سارتر کي سنڌ جي نالي جي بہ خبر نہ آهي!

مان اڄا فرانس جا اٹويهين صديءَ جا ڪئفي ۽ ريسٽوران گهمي رهيو هوس ۽ فرانسي براندِيءَ (Absinthe) جو نالو حسرت سان پڙهي ۽ اُن جي وڏي پاڪ فرانسي مصورّ تُلُوس لوترڪ جي زندگيءَ تي سوچي رهيو هوس تہ ٽي چار سڏ ٿيا. ”اياز صاحب! اياز صاحب! اياز صاحب! مون واڻڙو ٿي سوچيو تہ مون کي ڪير ٿو سڏي! ايتري ۾ ٽيٽمڪڙو ڊوڙندو آيو (ٽيٽمڪڙو ڪهڙي بلا آهي، ان تي پوءِ ٿو لکان) ۽ چيائين ”ديوار جي ٻي پاسي کان ڪوئي اوهان کي سڏي رهيو آهي.“ مون پندرهن فوٽ اوچي ديوار اڳيان ڪَنُ ڏئي چيو ”هلو....“ جواب آيو ”اياز صاحب! مان اسلم حيات ٿو ڳالهايان.. اسلم حيات ملڪ! مان اوهان کي سڃاڻان ٿو.“

مون چيو ”ملڪ صاحب! مان بہ اوهان جي نالي کان چڱيءَ طرح واقف آهيان، اوهان نيڪ ناڪ آهيو؟“

”نيڪ ناڪ ڪٿي آهيان! بيمار ٿي پيو آهيان،“ ملڪ اسلم حيات چيو.

مون اخبار ۾ پڙهيو هو تہ ملڪ اسلم حيات لاهور ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن جو پريزيڊنٽ آهي. هن کي ذيابطيس جي بيماري آهي ۽

هن جي بيگم لاهور هاءِ ڪورٽ ۾ درخواست ڏني آهي تہ هن کي سيئو اسپتال لاهور ۾ داخل ڪيو وڃي، ڇو تہ هن جو ساهيوال جيل ۾ چڱيءَ طرح علاج ڪو نہ ٿو ٿئي. مون چاهيو تہ هن کي چوان تہ مان سارا برنارڊ جي سنگت مان اُٿي آيو آهيان. پر پوءِ سوچيم تہ هو اها ڳالهہ ڪيئن سمجهي سگهندو ۽ ان ڪري مون هن کان پڇيو، "ٻيو ڇا حال چال آهي؟" "مون کي آزاد ڪندا." هن اوچتو سوال ڦوڙ وانگر پٽ مٿان ڦٽي ڪيو. مون نهايت اطمينان سان جواب ڏنو "نہ." هو ڪجهہ دير لاءِ چُپ ٿي ويو تہ مون کي پنهنجي اٽونداڻيءَ تي منيان آئي ۽ هن کي چيم، "اوهان جو ڪيس ممتاز ڀٽي جي ڪيس کان ڇا ۾ خراب آهي؟ جي انهيءَ جي خلاف حڪم واپس ورتو اٿائون تہ اوهان جي خلاف بہ واپس وٺندا."

"پر هو تہ مون کي ڀٽي صاحب جو اُستاد ٿا سمجهن ۽ چون ٿا تہ ڀٽي صاحب کي سڄي سکيا ئي منهنجي آهي،" هن ڪجهہ ڳرائيءَ سان چيو. هڪ ٿهڪ ٽپو ڏئي منهنجيءَ نڙيءَ ۾ ڦهہ ڪري ڪريو. مون پاڻ سنڀالي هن کي چيو "نہ، نہ، اوهان ضرور ڇُٽي ويندا. ٻاهر وڃي منهنجو بہ ڪو بلو ڪجو."

"چڱو خدا حافظ"

"خدا حافظ"

مان ڪوليءَ ۾ موٽي آيس تہ مون کي آرٿر ڪوئسلر جو ڪتاب Darkness At Noon ياد آيو جنهن ۾ ڏيکاريو ويو آهي تہ ڪيئن قيدِ تنهائيءَ ۾ بہ قيدي پنهنجيءَ پنهنجيءَ ڪوليءَ مان نلڪي تي ٺڪ ٺڪ (tap) ڪري هڪٻئي سان گفتگو ڪن ٿا. مون سوچيو تہ سنڌي صورت خطيءَ کي مدنظر رکي ڀٽي صاحب سان گفتگوءَ جو ڪوئي اهڙو طريقو ڳوليو وڃي. تنهائيءَ جو قيد هر قيد کان برو ٿيندو آهي. هو ڪير هو جنهن بئسٽائيل قلعي جي قيد ۾ مانيءَ پور تي ڪوئا پاليا ها

۽ انهن سان دل وندرائيندو هو؟ اوچتو مون کي گواليار جي قلعي جي اُها ڪوٺي ياد آئي، جنهن ۾ اورنگزيب پنهنجي ڀاءُ مراد کي بند رکيو هو. مان ۽ گيتا جڏهن ان ڪوٺيءَ ۾ گهڙيا هئاسين ته اسان جو هانءُ منجهڻ لڳو هو. هيءَ منهنجي ڪولي به ڪا مراد واريءَ ڪوٺيءَ کان خاص چڱي نه آهي ۽ مون وٽ خود فراموشيءَ لاءِ مراد وانگر آفيم به ڪو نه آهي. ڪجهه ڏينهن اڳ جيل خانن جو آءِ. جي جيل جي سپرنٽينڊنٽ سان گڏجي منهنجي ڪوليءَ ۾ آيو هو ۽ مون کان پڇيو هئائين، "اوهان کي تنهائيءَ کان گهبرات ته ڪا نه ٿي ٿئي؟ ٻين نظربندن وٽ آءُ ويو آهيان ته اُنهن شڪايت ڪندي پڇيو آهي ته ڪين قيد تنهائيءَ ۾ ڇو رکيو ويو آهي." ان تي مون هن کي جواب ڏنو ته "اوهان فڪر نه ڪريو. مان جيل کان ٻاهر به پوري پاڪستان ۾ تنها آهيان." ان تي سپرنٽينڊنٽ مُرڪي چيو "آءِ. جي صاحب، هي شاعر ماڻهو آهي، تنهائي ته شاعريءَ لاءِ سازگار ٿيندي آهي." مون چيو. "سازگار ٿيندي بشرطيڪ ڪوئي انهيءَ تنهائيءَ ۾ دخل نه ڏئي."

هو منهنجي طنز سمجهي نه سگهيا ۽ شايد مون تي ڪلندا هليا ويا.

هنن جي وڃڻ کان پوءِ مان ڪوليءَ ۾ ٿوري دير وينس ته جمعدار اجوڪي "پاڪستان ٽائيمز" کڻي آيو. اخبار ۾ اهو پڙهي مون کي حيرت آئي ته سرڪاري ڏر هاءِ ڪورٽ ۾ چيو آهي ته اسلم حيات جو پٽي صاحب سان رشتو اڳواڻ ۽ پوئلڳ وارو آهي. ڇا، هي سرڪاري پنو اهڙيون ڳالهيون لکي پٽي جي اهميت گهٽائي سگهندا!.

اڄ چوڏس جي رات آهي. اُپ ۾ ڪجهه تنتر ڪرڙي آهي، جا ڪوليءَ جي دروازي مان نظر اچي رهي آهي. مون کي گيتا ڏاڍو ياد اچي رهي آهي. دليءَ کان بمبئي ويندي، اسان اڌ رات جو بيجاپور جي هڪ ڊاڪ بنگلي ۾ ترسيا هياسين. ريسٽ هائوس جو باورچي ماني پچائي رهيو هو ۽ راڄ ۽ پٽي ٽڪجي ليٽي پيا ها ته هنن کي ننڊ اچي وئي هئي.

ٻاهر ڏاڍو سيءُ ٿي پيو. گيتا چيو هو "ڪوي، ٻاهر پونم جو چنڊ آهي، پر مون کي ڏاڍي ٿڌ ٿي ٿئي." مون پنهنجو گرم ڪوٽ لاهي هن کي پارايو هو ۽ پاڻ صدريءَ ۽ پئنٽ ۾ هن سان گڏ ٻاهر هليو ويو هيس. ريسٽ هائوس جي پڌر ۾ نم جا وڻ هئا، جن جا پاڇاوان ڌرتيءَ تي پئجي رهيا ها. پڌر ڏاڍو وڏو هو ۽ اسين ڪلاڪ کن اُن ۾ ڦريا هئاسين ۽ ان عرصي ۾ اسان ڪجهه نه ڳالهايو هو. ساري سرشتي ڪنهن مڌر گيت وانگر ٿي لڳي، جنهن ۾ ٻي ڪنهن جي ٻول جي وٿي ڪٿي هئي! باورچي ماني تيار ڪري آيو هو ته اسان پٺيءَ ۾ راج کي ننڊ مان اُٿاريو هو. مان ٻانيان ٿو ته مون کي آخري خط گيتا آفريڪا جي ڪنهن شهر مان موڪليو هو ۽ ان کان پوءِ هن سان خط و ڪتابت ڪٽجي وئي آهي. مون ٿڌو ساهه پنهنجن چپن تي روڪي مرڪيو ۽ سوچيو ته اسان وري ضرور ملنداسين.*

---

* مان مئي 1977ع ۾ گيتا ۽ راج سان هڪ مهينو لنڊن ۾ گڏ هوس، جتي هو برٽش شهري هئا. ان وقت پُٽي حڪومت جي خلاف نعپ (N.A.P) جي زبردست تحريڪ هلي رهي هئي. بي بي سي ريڊيو ۽ ٽيليويزن تي جي خبرون ٿي آيون، اُن مان ايئن ٿي لڳو ته آمريڪا ڀُٽي کي هٽائڻ ٿي چاهيو. راج جو خيال هو ته ڀٽو ماريو ويندو ۽ مون کي چيو هئائين، "نه جاڻان پاڪستان ۾ الاجي ڇا ٿئي! توکي به ڀُٽي وائيس چانسلر ڪري آندو آهي. تون نه وڃ ۽ اسان وٽ رهي پئه!" مون ايئن ڪرڻ کان انڪار ڪيو هو.

6 ڊسمبر1968ع

اڄ مون صبح جو اُس ۾ وهنجي، ناشتو ڪري، 1 نومبر کان 16 نومبر1968ع تائين ساري واردات قلم بند ڪرڻ ٿي چاهي تہ جيل جو چيف وارڊر جيل لئبرريءَ جي ڪتابن جي فهرست کڻي آيو. ڪجهہ ڏينهن کان مان هن کان انهيءَ فهرست جي گهر ڪندو رهيو هيس. پر هن پيري هن کان اڳ اها ڳالهہ وسري ويندي هئي. مون فهرست پڙهي ڏٺي. ان ۾ انگريزيءَ ۾ "جديد پلاسٽڪس جي الف بي" ( A.B.C of Modern Plastics) " گهر، ڪارخاني ۽ بنيءَ تي بجلي"، ۽ ايڊولف هٽلر جي Mein Kampf سان گڏ "گرو گوبند سنگهہ جو جيون چرتر"، "سکن جون رسمون" ، "هندستان جو ورثو" ، "گانڌيءَ سان هڪ هفتو"، "مرزا غلام محمد قادياني- انسان جي حيثيت ۾" ۽ ٻيا ڪتاب شامل هئا. اردوءَ ۾ 266 ڪتاب موجود هئا، جن ۾ "سنگيت رامائڻ (پنجابيءَ) جا چار حصا" ، ڀڳوت گيتا، بزبانِ فارسي، رام ۽ سيتا، جغرافيہ هندو دنيا، پورن ڀڳت، شيوا جي، راجا رام موهن راءِ، ڀڳتي، احمديت جو پيغام، احمديءَ ۽ غير احمديءَ ۾ ڪهڙو فرق آهي، تماڪوءَ جا خطرناڪ اثرات، ڪامياب مرغي خانو بالِ جبريل ۽ ٻيا ڪتاب هئا. لسٽ ڏسي، مون چيف وارڊر کي چيو تہ ساهيوال جيل تي اجا نظرياتي يلغار نہ ٿي آهي، پر هن منهنجي ڳالهہ نہ سمجهي، مون کي مهيني ۾ ڏهن ڪتابن وٺڻ جي اجازت آهي. ان ڪري مون هن کي هٽلر جو Mein Kampf ، بالِ جبريل ۽ ڪجهہ ٻيا ڪتاب آڻڻ لاءِ چيو جنهن تي

هن چيو تہ Mein Kampf پڙهي صاحب وٽ آهي، جي پورو ڪيو اٿائين تہ ڪٽي ٿو اچان. مان جڏهن ڪراچيءَ ۾ ايل. ايل. بي پڙهندو هيس، تڏهن ايم اين راءِ جو ڪتاب ”فاشزم“ پڙهيو هيم. جو نهايت دلچسپ هو ۽ جنهن مون کي فاشزم جي فلسفي سان واقفيت ڏني هئي. ان کان پوءِ مون هٽلر، مسولنيءَ ۽ فاشزم تي ڪيئي ڪتاب پڙهيا ۽ Rise and Fall of the Third Reich جي ٽيرهن چوڏهن سؤ صفحن تہ منهنجي ننڊ ڦٽائي ڇڏي هئي.

ٿوريءَ دير کان پوءِ هو Mein Kampf کڻي آيو ۽ چيائين تہ ”پڙهي صاحب اوهان لاءِ سلام ڏنا آهن.“

Mein Kampf جو اهو ترجمو 1939ع ۾ لنڊن ۾ ڇپيو هو ۽ اُن ۾ مترجم جيمس مرفيءَ (James Murphy) جو پيش لفظ بہ شامل آهي. مترجم پنهنجي پيش لفظ ۾ جرمن لفظ Weltan Schauung جي معنيٰ ڪندي لکيو آهي:

Weltan schauung literally means "Outlook on The World", but as generally used in German this outlook on the world means a whole system of ideas associated together in an organic unity_ideal of human life, human values, cultural and religious, politics, economics etc., in fact a totalitarian view of human existence. Thus Christianity could be called a Weltan schauung, and Mohammadanism could be called a Weltan schauung and socialism could be called a Weltan schauung as preached in Russia. National Socialism claims definitely to be a Weltan schauung.

بورجوا اديب ۽ سياسي مفڪر گهڻو ڪري ڪميونزم کي فاشزم سان ڳنڍيندا آهن. ايم. اين راءِ بہ ساڳي ڳالهہ ڪندو هو. نيشنل

سوشلزم (فاشزم) ڪيئن ڪوڙ تي ٽڪيل ٿي ۽ اُن جا کهڙا حربا آهن، ان کي سمجهڻ لاءِ هٽلر جي ڪتاب جو مطالعو ضروري آهي. دل ۾ آيو تہ پاڪستان جي سياست ۽ نظرياتي تحريڪن تي ڪوئي ڪتاب لکان، پر پوءِ سوچيم تہ مون کي ادبي تحريرن تي جيل ۾ ٿا وجهن تہ سياسي تحريرن تي تہ ڦاهي چاڙهيندا.

مان اڃا هٽلر جو ڪتاب ڏسي رهيو هوس تہ سنتري پاڪستان ٽائيمز اخبار کڻي آيو. ان ۾ هڪ خبر هئي تہ ڊسمبر تي هڪ ٽئڪسي سکر کان شڪارپور ويندي ڪنهن ٽرڪ سان ٽڪري ۽ پنج ماڻهو اُتي مري ويا ۽ ست ڏاڍو ڦٽجي پيا. خبر پڙهي مون کي ڪنبٽي پئجي وئي. ڪڏهن منهنجا ٻار بہ سکر مان شڪارپور ناناڻي گهر ويندا آهن. هتان کان چار سئو ميل پري انهن جي خير و عافيت جو پتو ڪيئن رکان؟ خط ۽ تار بہ سي آءِ ڊي وارا پاڻ وٽ رکي ٿا ڇڏن! مون هر هفتي بہ خط لکيا آهن (انهن کان وڌيڪ خط جيل جي قانون مطابق لکي نہ ٿو سگهان) ۽ پنهنجي خرچ تي تارون بہ موڪليون آهن، پر هن وقت تائين ڪوئي جواب نہ آيو آهي. مون سوچيو تہ منهنجا ٻار پنهنجيءَ ڪار ۾ شڪارپور ويندا آهن، پر پوءِ خيال آيو تہ متان ڪار خراب ٿي پئي هجي يا ڊرائيور بيمار هجي ۽ ان ڪري ٽئڪسيءَ ۾ ويا هجن. وري پاڻ کي آٿت ڏنم تہ منهنجا ٻار وڃن ها تہ پوري ٽئڪسي ڪري وڃن ها، هن ٽئڪسيءَ ۾ تہ ٻارنهن ڄڻا هئا ۽ منهنجا گهر جا ياتي ٿورا آهن. ايتري ۾ اُن جو بہ رد سُجهي آيو تہ متان بس اسٽئنڊ تي فقط هڪ ئي ٽئڪسي موجود هجي ۽ اها اڳ ۾ ڪجهہ پريل هجي ۽ هو ضرورت کي مدنظر رکي ان ۾ سوار ٿيا هجن. مطلب تہ تيستائين چين نہ آيو جيستائين شام جو ٽيٽمڪڙو منهنجي لاءِ "جنگ" اخبار کڻي آيو جنهن ۾ حادثي وارن فوتين ۽ زخمين جا نالا ڏنل هئا ۽ انهن مان ڪو بہ منهنجو واقف نہ هو. اڄ مون کي پهريون ڀيرو محسوس ٿيو

تہ مون کي پؤ بہ ٿيندو آهي.

شام جو وري اسلم حيات سڏ ڪيا. مون هن جو سڏ وراڻيو تہ هن پڇيو "اڄوڪيءَ اخبار ۾ منهنجي ڪيس جي ڪارروائي پڙهيئہ؟"
مون جواب ڏنو "هائو پڙهيم."

"ڇا ٿو سمجهين، قصوري صاحب تقرير ڇڱي ڪئي آهي نہ؟"

" تقرير لاجواب آهي."

"ڀلا مان ڇُٽي ويندس؟"

"مان تہ ڀانيان ٿو اوهان ضرور ڇُٽي ويندا."

"ڇڱو خدا خير ڪندو السلام عليڪم."

"وعليڪم السلام."

7 ڊسمبر

مِڙنيئون موڪلِّ، ڪالَ ڪندا ويا ڪاپڙي،
ڪـڏهن اُتر سامُهان، ڪڏهن دونهن جهلّ
ڪال ڪندا ويا ڪاپڙي!
هُن سيڪيندي هتڙا، مون ٻاڙيندي ٻَلَ
ڪال ڪندا ويا ڪاپڙي!
چيري چندن ڪاٺ جئن، سوُر ڏنائون سَلّ،
ڪال ڪندا ويا ڪاپڙِي!
اَلا عبداللطيف چئي، ايندم شال اَمُل!
ڪال ڪندا ويا ڪاپڙي،

صبح سان پنجين بجي اُٿي، سگريءَ ۾ ڪوئلا ٻاري، چانھ ٺاهيم. چانھ پي گرفتاريءَ کان اڳ جو پيرائتو احوال لکي رهيو آهيان. اڳ ان ڪري نہ لکيو هيم، جو جيلر نوٽ بڪ، صفحا هٽي ۾ دستخط ڪري، ڏنا ٿي 4 ڊسمبر تي هئا.

ڪجھ وقت اڳ سن ۾ بزمِ صوفياءِ سنڌ جي مرڪزي ڪميٽيءَ جي ميٽنگ ۾ طي ڪيو ويو هو تہ مان عظيم صوفي شاھ عنايت جهوڪ واري جي زندگيءَ تي ناول لکان. شاھ عنايت هڪ محب وطن صوفي هو جنهن پنهنجي وطن ۾ اُن جي عظيم روايات جو بچاءُ ڪندي، شهادت جو جام پيتو هو. مون کي هن جي زندگيءَ ۾ ڪجھ پنهنجو عڪس بہ نظر آيو هو ۽ ان ڪري مون هن جي زندگيءَ،

نظرياتي پس منظر، ان دور جي سنڌ ۽ هند جي تاريخ تي ڪتاب ڪٺا ڪري، انهن جو مطالعو شروع ڪيو هو ۽ سوچيو هو تہ ڪيئن ماضيءَ کي حال جو آئينو ڪري پيش ڪريان. شهادت جو موضوع منهنجو مرغوب مطالعو رهيو آهي. شهادت کان اڳ شهيد جي ذهني ڪشمڪش تي مان اڪثر سوچيندو رهيو آهيان، ڇو تہ اها ڪشمڪش هر سچي فنڪار جي زندگيءَ ۾ موجود هوندي آهي. سڀ سچا شاعر، مصورّ، موسيقار، صنم تراش ۽ ٻيا آدرشي انسان ساري زندگي پنهنجيءَ صليب کي گهليندا رهندا آهن ۽ انهن مان ڪن کي انهيءَ صليب تي اُيو ڪري ڪوڪا هنيا ويندا آهن. اها ڪا نئين ڳالهہ نہ آهي. مون ويجهيءَ ڇڪ ۾ ان تي هيٺين وائي بہ لکي هئي.

مون جا ڳالهہ ڪئي سا ڪا ناهہ نئي،
رڻ سجوئي رَتُ ڦڙا!
جنهن کي ڪاڪ نہ آئڙي، ڪرهي ڪڏ وئي،
رڻ سجوئي رَتُ ڦڙا!
سرتيون سڀ موتي ويون، ڏوران ڏنجهہ ڏئي،
رڻ سجوئي رَتُ ڦڙا!
اُن کي اوراٽا گهٽا، هيڪل ناهہ هئي،
رڻ سجوئي رَتُ ڦڙا!

مان پانيان ٿو تہ مٿينءَ وائيءَ لکڻ وقت مون يوناني اديب ڪازان زاڪس (Kazant Zakis) جا بہ عظيم ناول The Last Temptation of Christ ۽ God's Pauper Saint Francis of Assisi پڙهيا ها، جن مان پهرئين ناول جو موضوع يسوع جي زندگي هئي ۽ ٻي ناول جو اسيسيءَ جي سينٽ فرانسز جي. مصنفَ چرچ جي مخالفت سبب جلاوطني قبول ڪئي هئي ۽ هو ٻين مغربي ملڪن ۾ ڪيترائي سال گويا يونان جو ثقافتي سفير ٿي رهيو هو. فن هن جي تلوار بہ آهي، صليب بہ آهي.

هن جا مرڪزي ڪردار اُنهيءَ اوڙاهہ ۾ گهوريندا نظر اچن ٿا، جنهن کي فنا چيو ويندو آهي، هو نہ روئن ٿا، نہ رڙن ٿا، نہ اڏير لڳن ٿا ۽ نہ اباڻڪا نظر اچن ٿا، اوچي ڳاٽِ، پوريءَ انساني عظمت سان، فنا جو مشاهدو ڪندي، هو انهيءَ اوڙاهہ کي زندگي سپرد ڪن ٿا. سچ انهن جي زندگيءَ تي ڪنوڻ وانگر ڪجي ٿو ۽ انهن جي رڳ رڳ ۾ وڄ وانگر وراڪا ڏئي ٿو.

مون سوچيو تہ جيل ۾ صوفي شاهہ عنايت جي زندگيءَ تي انهيءَ پايي جو ڪوئي ناول لکان. مان انيس کي چئي بہ آيو آهيان تہ منهنجا پويان تي چار نوٽ بُڪ ڪٽي اچي، جي مون کي ان ڏس ۾ مدد ڏيندا. اوچتو مون کي خيال آيو تہ پُٺتي صاحب بہ تي پيرا ان راءِ جو اظهار ڪيو آهي تہ شيخ اياز هڪ Master Tactitian آهي ۽ ادب کي سماجي انقلاب لاءِ ايئن استعمال ڪري رهيو آهي، جيئن هن کان اڳ ڪنهن بہ شاعر نہ ڪيو آهي. هو منهنجي ڊائري پڙهي مون کي خبطي تہ نہ سمجهندو!

گذريل آگسٽ جي مهيني ۾ ڪينجهر ڍنڍ جي ڪناري تي ۽ چليا ۾ لوڪاريسٽ هائوسن ۾، مون پنهنجي پياري دوست محمد ابراهيم جويي سان گڏجي، ’ڪُلهي پاتم ڪينرو‘ کان پوءِ لکيل ساري ڪلام کي ”وڄون وسڻ آئيون“ جي نالي سان ترتيب ڏني هئي. ”پونر پري آڪاس“، ”ڪلهي پاتم ڪينرو“ ۽ ”جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي“ تي بندش پئجي چڪي هئي. مون سوچيو هو تہ مان پٿر واري دور (Neanderthal Age) ۾ تو رهان، بندش جي خلاف قانوني چاره جوئي عبث آهي ۽ بهتر ٿيندو تہ ”وڄون وسڻ آئيون“ جي ترتيب ۽ اشاعت تي ڌيان ڏيان. ان وچ ۾ مون هڪ لنبو مضمون لکڻ شروع ڪيو هو جنهن ۾ مون ان ذهنيت جو تجزيو ڪيو هو جا نہ فقط مون کي سنگسار ڪرڻ جو مطالبو ڪري رهي، آهي پر ان سان گڏ پوريءَ

سنڌي ثقافت کي نڙ گهٽ تي ننهن ڏئي رهي آهي. مون سنڌي ثقافت جي تحفظ ۽ بقا لاءِ ٻي هر سنڌيءَ کان وڌيڪ سَنو آهي ۽ اڄڪلهه پنڊيءَ، لاهور، ڪراچيءَ ۽ ڍاڪا ۾ سنڌي ادب ۽ منهنجي نالي کي ساڳي ڳالهه سمجهيو ٿو وڃي. ان ڪري اهو تجزيو ضروري آهي ته پوري پاڪستان جا رجعت پرست حلقا منهنجي خلاف ڇو مچڙجي پيا آهن. جيستائين ساري هاءِ گهوڙا سنڌ جي سرحد تائين موجود هئي، تيستائين مون ان موضوع تي قلم ڪو نه کنيو هو ڇو ته منهنجي پاران جواب ڏيڻ وارا سنڌ جا پورا ترقي پسند حلقا هئا ۽ منهنجا سنڌي مخالف اُنهن جي پيٺ ۾ اڌ پڙهيل ۽ اناڙي لڳندا آهن، جن کي آزاد نظم ۾ به اسلام جي بيخ ڪني نظر ايندي آهي، جڻ ته پابند شاعريءَ جو اسلام سان ڪوئي تعلق آهي! پر هاڻي مقابلو انهن سان هو جن اردوءَ ۾ ٽيهارو سال ترقي پسنديءَ جي مخالفت ڪري، اردوءَ جي هر ترقي پسند شاعر ۽ اديب کي ماري مُڇ ڪري وڌو آهي. اُنهن وٽ سر سيّد کان وٺي علامه اقبال تائين، جُلهه لاءِ مُڏا تکا ڪات ڪهاڙا آهن. انهن وٽ نه فقط نظرياتي هڪ هٿي آهي، پر انهن روسي ڪميونسٽ پارٽيءَ جي ويهين ڪانگريس ۾ اسٽالن جي ستياناسيءَ جي باري ۾ به پڙهيو آهي ۽ اهو به ڄاڻن ٿا ته ڪجهه روسي اديب وطن دشمنيءَ جي ڪوڙي الزام هيٺ سزائون ڪاٽي رهيا آهن ۽ چين جو ثقافتي انقلاب انڌ جي گهوڙي تي سوار آهي ۽ نادان انقلابين ڪنفيوشس جو مندر ڊاهي ڇڏيو آهي. اها بي ڳالهه آهي ته انهن نه جارج آرويل پڙهيو آهي، نه آرٿر ڪوئسلر، نه هاورڊ فاسٽ، نه انهيءَ قبيلي جا ٻيا اديب، جي ڪنهن وقت ڪميونزم جا فدائي ها، پر اسٽالن واري دور جي تلخ تجربي انهن جو منهن زهر سان ڀري ڇڏيو آهي. پاڪستان ۾ منهنجي مخالف رجعت پرست اديبن کي اندر ۾ ته اهو احساس آهي ته سندن ٽوٽيون ٽنيا پولا ٿي چڪا آهن، پر ڪين اها پڪ آهي ته اهي ڦهڪو ڏئي نه

ڪرندا ۽ هو وقت بوقت انهن کي پشتيون ڏئي، پنهنجي اڌوهيءَ ڪاڌل اڏاوت کي بچائي سگهندا. هنن کي اها ڄاڻ نہ آهي تہ اردو ترقي پسنديءَ ۽ سنڌي ترقي پسنديءَ ۾ ڪهڙو فرق آهي، ۽ ڇو سنڌ جو ترقي پسند ادب هن وقت برصغير جي پوري ادب کان وڌيڪ جاندار آهي. مون پاڪستان پر ۾ پنهنجي مخالفت ڏسي سوچيو تہ 'ڇڱو ٿيو. هاڻي اوناڙ مان جان ڇٽي، گجگوڙ سان منهن ڏيڻو پيو'. مون ڊاڪٽر باقر رضويءَ، جميل جالبيءَ وغيره جا ڪتاب ۽ سيّد عبدالله، ڊاڪٽر حميدالله خان ۽ جسٽس انوار الحق* وغيره جا مضمون ۽ تقريرون ڪٺيون ڪيون. مضمون لکندي، مون کي اسلامي فلسفي، مصوري، فن تعمير ۽ موسيقيءَ وغيره جي مطالعي جي ضرورت پئي ۽ ان لاءِ مون ڪيئي ڪتاب هتان هُتان ڪنا ڪيا ۽ انهن کي پڙهي، نظريي کي حقيقت جي روشنيءَ ۾ ۽ حقيقت کي نظريي جي روشنيءَ ۾ پرکي رهيو هوس تہ تنوير عباسي پنهنجي هڪ دوست سان ڪار ۾ اچي نڪتو ۽ رستي تي منهنجي ڪار روڪي چيائين تہ "الصحرا هوٽل ۾ هل، اُتي توسان ڪائي ضروري ڳالهہ ڪرڻي آهي." هوٽل ۾ هن مون کي ٻڌايو تہ مغربي پاڪستان جي هوم ڊپارٽمينٽ مون تي پاڪستان دشمنيءَ سبب قلم 123 الف ۽ 295 الف تعزيرات پاڪستان هيٺ ڪيس ڪرڻ جي منظوري ڏني آهي (انهن ڏوهن مان پهرئين ڏوهہ لاءِ وڌ ۾ وڌ سزا سخت پورهئي سان ڏهہ سال ۽ ٻي ڏوهہ لاءِ ٻہ سال) هن اهو بہ ٻڌايو تہ منظوري ايس پي سکر وٽ پهچي چڪي آهي ۽ اهو ٻڌو ويو آهي تہ "توکي ڇنڇر شام جو گرفتار ڪري، هٿڪڙيون هڻي، پيرين پيادو وچ شهر مان لاڪ اپ تي نيو ويندو ۽ ٻي ڏينهن تي آرتوار هجڻ سبب تنهنجي ضمانت بہ نہ ٿي سگهندي، مون سرمد جي اها سٽ ورجائي، جا

* جسٽس انوارالحق سپريم ڪورٽ جو چيف جسٽس هو جڏهن سپريم ڪورٽ مرحوم وزيراعظم ذوالفقار علي ڀٽي جي سزا بحال ڪئي هئي.

هن جلاد کي تلوار سان ايندو ڏسي چئي هئي: "بيا، بيا ڪہ تو بهر صورت مي آئي، من ترا خوب مي شناسم" (اچ، اچ، تون جنهن صورت ۾ بہ اچين ٿو مان توکي چڱيءَ طرح سڃاڻان ٿو) ۽ پوءِ تنوير کان پڇيم، "توکي اهو معلوم ٿيو آهي تہ ڪيس ڪهڙي بنياد تي بڌو ويو آهي؟" هن جواب ڏنو "مون بڌو آهي تہ ڪيس "پونر پري آڪاس"، "جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي" ۽ "ڪلهي پاتم ڪينرو" تنهي بندش هيٺ آيل ڪتابن جي باري ۾ آهي." مون مُرڪي هن کي چيو "اها خبر اڳي پوي ها تہ مان پنهنجي مضمون تي ايتري مٿي ماري نہ ڪريان ها. هاڻي تہ معاملو مباحثي  کان چڙهي چڪو آهي، مقدمي بازيءَ سان ئي منهن ڏيڻو پوندو." ان وقت مون کي ياد آيو هو تہ ٻيءَ جنگ عظيم جي خاتمي کان پوءِ شاعر ازرا پائونڊ کي آمريڪا ۾ بغاوت جي ڏوهہ ۾ جنم ٽيپ آئي هئي، ڇو تہ جنگ هلندي، آمريڪا جي شهري هجڻ جي باوجود، ازرا پائونڊ مسولنيءَ جو ساٿ ڏنو هو. هن کي جيل  مان ڇڏائڻ لاءِ هن جي دوستن ڪنهن ماهر نفسيات سان انتظام ڪري سرٽيفڪيٽ ورتو هو تہ هو ديوانو آهي. مون کي ازرا پائونڊ جي زندگيءَ تي لکيل هڪ ڪتاب ۾ اهو سرٽيفڪيٽ پڙهي ڏاڍي کل آئي هئي، ڇو تہ اُن ۾ هن ديوانگيءَ جا اُهڃاڻ لکيل ها، خاص ڪري هن جي ٽٽل شخصيت (Schizo phre rice personaly)* جي باري ۾. ۽ اُهي اُهڃاڻ اُن وقت مون سان بہ لڳي ٿي سگهيا. ان سرٽيفڪيٽ تي هن کي جيل مان ڪڍي چرين جي اسپتال ۾ رکيو ويو هو. ڪجهہ سال اڳ مون "ٽائيم" رسالي ۾ پڙهيو هو تہ هن کي اسپتال مان بہ آزاد ڪيو ويو هو ۽ بنا ڪنهن دير جي، اٽليءَ هليو ويو هو.

جڏهن هوائي اڏي تي ڪنهن خاطوءَ هن کان پڇيو هو تہ "آمريڪا

---

* Schizophrenia_ Mental disease marked by disconnexion between thoughts, feelings and actions.

چو ٿو ڇڏين؟" تہ هن جواب ڏنو هو تہ "آمريڪا ۾ فقط هڪ ديوانو ئي رهي سگهندو آهي." مان اهو لطيفو ياد ڪري مُرڪي رهيو هوس، جنهن تي تنوير پڇيو تہ "ڇا تي ٿو مُرڪين؟" مون جواب ڏنو "ڊاڪٽر، اهڙي ڪنهن سرٽيفڪيٽ جو بندوبست ڪجانءِ" ان تي تنوير وائڙو ٿي ويو ۽ پڇيائين تہ "ڇا جو سرٽيفڪيٽ"؟ مون هن کي مٿيون لطيفو ٻڌايو تہ هو بہ کلڻ لڳو ۽ هن تان ڳنڀيرتا جو پاڇو هٽي ويو.

ان وقت مون تنوير کي ٻيو لطيفو ياد ڏياريو جو منهنجو دوست قادر صديقي ڏاڍي چشڪي سان ٻڌائيندو آهي. 1965ع واريءَ جنگ وقت مون کي جيل ۾ 3 مهينا نظر بند ڪيو هيائون تہ تنوير عباسي، رشيد ڀٽي، قادر صديقي، شمشير الحيدري، تاج بلوچ ۽ فتاح ملڪ سکر ۾ گڏيا ها ۽ منهنجيءَ رهائيءَ لاءِ سوچيو هئائون ۽ پوءِ سيئي گڏجي ان ڏس ۾ سکر جي ڊپٽي ڪمشنر سان مليا ها. مڙني جو مهندار تنوير هو. تنوير ڊپٽي ڪمشنر سان ڳالهائيندي هن کي چيو هو تہ "جڏهن سارتري الجيريا ۾ بغاوت جي حمايت ڪئي هئي، تڏهن فرانس جا ڪجهہ دانشور ڊي گال سان مليا ها ۽ هن کي سارتري تي ڪارروائي ڪرڻ لاءِ چيو هيائون. جنهن تي ڊي گال هنن کي جواب ڏنو هو تہ "سارتري بہ تہ فرانس آهي، اُنهيءَ تي ڪارروائي ڪيئن ڪريان؟ اها ڳالهہ ٻڌي ڊپٽي ڪمشنر وائڙو ٿي ويو هو ۽ تنوير کان انگريزيءَ ۾ پڇيو هيائين، "سارتري ڪير آهي؟ ۽ ڊي گال ڪير آهي؟"

تنوير ۽ ٻيا دوست ڊپٽي ڪمشنر وٽان مايوس ٿي موٽيا ها ۽ پوءِ انهن کي ڏاڍي اُڃ لڳي هئي ۽ بيئر جون بوتلون پي اُڃ اُجهائي هيائون ۽ مون کي ياد ڪيو هيائون. قادر اهو لطيفو ٻڌائي ٽهڪ ڏيندو آهي ۽ چوندو آهي تہ ڊپٽي ڪمشنر کان هڪڙو سوال رهجي ويو هو تہ "فرانس ڪٿي آهي؟"

اهو لطيفو ياد ڪري تنوير مرڪي چيو تہ ”هيءُ مذاق جو وقت نہ آهي. هاڻي ٻڌاءِ تہ ڇا ٿو ڪرين؟ سياڻي ڇنڇر آهي.“

مون هن کي جواب ڏنو ”مون تي هونءَ بہ ڇنڇر جو گرهہ آهي. تون ٻڌاءِ تہ ڇا ڪريان؟“ نيٺ چار پنج يار ڪٺا ٿيا. سيني خاطري ڪئي تہ تنوير واري خبر صحيح آهي ۽ پوءِ اها صلاح بيٺي تہ صبح جو مان ڪار ۾ رفوچڪر ٿي وڃان ۽ وڃي ڪراچي هاءِ ڪورٽ ۾ گرفتاريءَ کان اڳ ضامن منظور ڪرايان. رات جو مون سامان ٻڌو ۽ زرينہ کي چيم. ”پرهينءَ هاءِ ڪورٽ ۾ ڪائي اپيل هلائڻي اٿم. ان ڪري صبح جو ڪار ۾ ڪراچيءَ وينداسين.“ مون اوچتو سامان ٻڌو تہ هوءَ وسامي ويئي ڇو تہ اڳ بہ مون ايئن اوچتو سامان ٻڌي وڃي سکر جيل وسايو هو. مون هن کي کلي چيو. ”تون ڪومائجي ڇو وئي آهين؟ مان جيل ۾ ٿورو ئي ٿو وڃان!“ ان تي هن کي ڪجهہ آٿت آيو جيتوڻيڪ هوءَ اجان ڪجهہ بي چين ٿي لڳي.

صبح جو مون پنهنجي ڇڄ نامي واري سنگتيءَ کي ڪنيو ۽ خيرپور ۾ تنوير جي جاءِ تي آياسين. ”اڙي هاٿي! تون بہ ٿو وڃين ڇا؟“ تنوير رشيد ڀٽيءَ کي چيو.

”مهربان. سنيالي ڳالهاءِ!“ رشيد تنوير کي چيو. ”مان رائيٽرس گلڊ جي صوبائي ڪاميٽيءَ تي واحد سنڌي نمائندو آهيان. عبدالواحد سنڌي نہ. واحد سنڌي نمائندو ۽ سرڪار نامدار جو خير خواهہ آهيان. تو وانگر ڪنهن تخريبي ادبي سنگت جو سيڪريٽري نہ آهيان.“

”ادبي سنگت تخريبي آهي، ۽ تنهنجي گلڊ؟“ تنوير مون ڏانهن اشارو ڪندي رشيد ڀٽيءَ کي چيو ”هي قلم 123 الف ۽ 295 الف پ پ ڪ يعني پاڪستان پينل ڪوڊ جو روپوش ڏوهاري بہ تہ تنهنجي آل پاڪستان رائيٽرس گلڊ جي مرڪزي ڪاميٽيءَ تي واحد سنڌي نمائندو آهي.“

”تڏهن بہ مهربان مون لاءِ تشبيهہ اهڙي ڏي، جنهن ۾ ايمان سلامت رهي. مان تمر فقير آهيان،“ رشيد پٺيءَ چيو.

”تمر نہ، وڳنڌ،“ تنوير ٽهڪ ڏنو.

ايتري ۾ ڊاڪٽر قمر اچي نڪتي ۾ چيائين تہ ”ادا، تنهنجي ڳالهہ ٻڌي مون کي راتاڪون ننڊ نہ آئي آهي. بيهہ تہ امام ضامن ڏيان.“ مون چيو ”اهو تہ ڏاڍو چڱو. پر مون کي هاءِ ڪورٽ ۾ ضامن جو فڪر آهي.“

تنوير وٽ نيرن ڪري اسان حيدرآباد لاءِ ڪار ۾ نڪتاسين ۽ نئين ٽويوٽا ڪار ۾ اٽڪل 3 بجي حيدرآباد پهتاسين. اتي صلاح ڪئي سين تہ هتي ئي ضامن جي درخواست تيار ڪري ونجي ۽ صبح جو ڪراچيءَ ۾ ڪنهن وڪيل دوست کان ڪورٽ ۾ داخل ڪرائجي. مون ڦاران هوٽل ۾ ڪمرو ورتو ۽ اُتي سامان رکيو ۽ ماني کائي آياسين. رسول بخش پليجي جي جاءِ تي. پليجو ياڪر پائي مليو تہ مون هن کي چيو تہ ”ڳاڙهو ڪتاب تہ کول، ڏس تہ ڪامريڊ مائو ڇا ٿو چئي؟“

”ڇا جي باري ۾؟“ پليجي پڇيو.

”مون تي 123 الف ۽ 295 الف پ پ ڪ هيٺ ڪيس ٿيو آهي. مون ڪالهہ پنهنجي آفيس ۾ 123 الف تي ڪيس لا (Case Law) ڳوليو تہ معلوم ٿيو تہ پوري پاڪستان جي تاريخ ۾ ان قلم هيٺ رڳو خان عبدالغفار خان تي ڪيس ٿيو آهي.“ پليجي جواب ڏنو ”مون تہ شاهہ جي رسالي کي بہ ڳاڙهو جلد ڏياريو آهي. اچ تہ اُنهيءَ ۾ فال وجهون.“ هن شاهہ جو رسالو اکيون ٻوٽي وچ مان پٽيو ۽ هيٺين بيت تي آڱر رکيائين:

ڏُنگرَ ڏَنا نوُڙِ، مون پارکو پڇئا.
هيڪليون هلن جي، سي تاڪُن سندِي توُڙ.
اِيءَ اَهُکي پوڙِ، سونهِن ريءَ نہ سُٽرِ

پليجي اڪيون پٽي آڱر هيٺان آيل بيت پڙهيو ۽ پنهنجي مخصوص انداز ۾ چيو "وهہ وا! وهہ وا! تڏهن تہ مون مائوءَ جي ڳاڙهي ڪتاب تي "مائوءَ جو رسالو نالو" رکيو آهي. ڇا ٿو ڀانئين؟ "هيڪليون هلن جي، سي تاڪُن سندي توڙِ!" تڏهن تہ مان چوندو آهيان تہ پارٽيءَ کان سوا پنهنجي مسئلي جو حل ناممڪن آهي. ڀٽائي چئي ٿو تہ "هيءَ اهکي ڀونءِ سونهن ڪانسواءِ سُٽري ٽيڙ واري نہ آهي. باقي جڏهن اُهي ڀارکو ڀڄن ٿا تہ ڏونگر جا ڏنا جهُڪيو پون ٿا."

مون جواب ڏنو "اڃا تہ هيڪلو هلڻو آهي، جيسين تون سونهان پيدا ڪري سگهين."

پوءِ مان ۽ پليجو ضامن جي درخواست لکڻ ويٺاسين. جا اڌ ڪلاڪ ڪن ۾ تيار ٿي وئي. جي پليجو سياست ۽ ادب تي ايترو وقت صرف نہ ڪري ها ۽ فقط وڪالت تي توجهہ ڏي ها تہ پاڪستان جي بهترين وڪيلن مان هجي ها. تقدير هن کي ڪڏ ۾ ڪيري تہ ٻي ڳالهہ آهي، نہ تہ مون کي هن جو مستقبل نهايت درخشان نظر ايندو آهي. ڳالهيون ڪندي مون پليجي کي چيو "انڊا ونڊا ويچ سنڌ کان ٻاهر بہ گهٽيئي ٿي ويا آهن." جنهن تي پٽيءَ چيو "هاڻي تہ ڪل بہ ڪاري رهيا آهن." اُن کان پوءِ ڪيترو ئي وقت پليجو موجوده مسئلن جو تجزيو ڪندو رهيو جنهن تي ڪڏهن ڪڏهن اسان هن سان نااتفاقي ٿي ڏيکاري. پليجي کي مارڪس، اينجلز لينن ۽ مائو برزبان ياد آهن ۽ هو ڪنهن وقت بہ پنهنجن دليلن کي اُنهن جي حوالن سان هٿي ڏئي سگهندو آهي. هو هڪ ڪتاب پڙهي مصنف جي ساري زندگيءَ جي تجربي جو نچوڙ ڪڍي وٺندو آهي. هن جي ٻي انتها ذهانت کان ڪنهن کي بہ انڪار نہ آهي. جيتوڻيڪ ڪيترائي ساٿي هن جي حڪمت عمليءَ سان متفق نہ هوندا آهن. هو اردو، انگريزيءَ ۽ سنڌيءَ جو نهايت چڱو مقرر آهي ۽ هن ۾ هڪ عظيم انقلابي Theoretician

ٽيڻ جا سڀ امڪان آهن، جي حالتن هن جو ساٿ ڏنو تہ هو ڪنهن وقت سنڌ جو هوچي منهہ تي ويندو. مون کي ان ڳالهہ تي فخر آهي تہ هن منهنجي شاعريءَ جي بچاءَ ۾ هڪ پورو ڪتاب "انڌا اونڌا ويج" لکيو آهي.

پليجي مرغيءَ جا ٽِڪا ۽ نان گهرايا ۽ اسان رات جي ماني پليجي وٽ کائي، هن کان موڪلايو. موڪلائڻيءَ وقت پليجي ٻڌايو تہ هن سان غضب ٿي ويو هو. هن ڪيئي ڳانٽا گهر گهرائي، انهن کان منهنجا گيت ٽيپ ڪرايا ها، پر هن جي ياءُ اها ٽيپ غلطيءَ کان ضايع ڪري ڇڏي هئي. پوءِ هو مرڪيو (۽ هن جي اها مرڪ وڏي ڪوڙڪي هوندي آهي) ۽ مون کي ڪلهي تي هٿ رکي چيائين، "ريڊيو حيدرآباد تي توکي ڳايو وڃي يا نہ، اهو وقت دور نہ آهي، جو سڄيءَ سنڌ جي ڪُنڊ ڪُڙڇ ۾ تنهنجا گيت ڳايا ويندا. هن وقت تائين ڪوئي طوفان کي زنجير وجهي نہ سگهيو آهي." مون کي هن جي اها ساراهہ ڏاڍي ڏکي لڳندي آهي.

اسان پليجي کان موڪلائي فاران هوٽل جو رستو ورتو. هوٽل وٽ پهتاسين تہ رشيد چيو "پر تون موٽي چو نہ ٿو هلين ۽ پاڻ کي گرفتاريءَ لاءِ چو نہ ٿو آڇين؟ شينهن جو پُڇ پٽي، گدڙ وانگر لڪندو ٿو وتين!؟ ڳالهہ تہ دل سان لڳي، پر پنتي موٽڻ هن جي طنز سهڻ کان وڌيڪ مشڪل هو.

سنڌ جو هي عبوري دور ڪافي دلچسپ ڪردار پيدا ڪري رهيو آهي. منهنجي شاگرديءَ واري زماني ۾ ڪاريءَ وارا ڪک هوندا ها. سنڌ جي اڪثر مسلم شاگردن کي رشوتي ڪاموري يا اسيمبليءَ جي ميمبر ٿيڻ جي تمنا هوندي هئي ۽ سنڌ وزارت جي ڏاهہ ڏوهہ ۽ ٽِڪي پنجي تي ڪڳيون هٽندا ها. انهن مان ڪوئي ڪوئي سنڌ آبزرور هو پڙهندو نہ تہ اڪثر مسلم شاگرد رڳو الوحيد اخبار پڙهندا ها ۽ انهن

ڪي ڪا چاڻ نہ هوندي هئي تہ دنيا ۾ ڇا وهي واپري رهيو آهي. هو صبح جو مسلم هاسٽل مان لنڍي جي وڏي پاڇي سان ڇٽيل شلوار ۾ لپڪ لپڪ ڪندا، ڪنهن مارواڙيءَ جي پڙيءَ تي ايندا ها ۽ هڪ موني ڪائي، پوٽو چانهہ جو پي، هاسٽل موٽي ايندا ها ۽ سارو ڏينهن واهيات ڪچهري ڪري ضايع ڪندا ها. شام ٿيندي هئي تہ هو ٻڪ جي پئنٽ پائي، وچي ڪائي ڪِني ڇِني فلم ڏسندا ها ۽ غوريءَ ۽ ٻڪست جي اڊنگيءَ اداڪاريءَ تي ٺهڪ ڏيندا ها. انهن مان ڪي ڏينهن جو وقت ڪڏي پنهنجا درسي ڪتاب طوطي وانگر ياد ڪندا ها. اڄڪلهہ جا سنڌي ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون نہ فقط ٺيڊي لباس پائي جهونن اخلاقي قدرن تي ڇٽر ڪري رهيا آهن، پر انهن مان ڪيترا ڪاڏيءَ جي لباس ۽ اجرڪ، سوسيءَ جي شلوار ۽ ڪنهبي جي دوپٽي ۾، ڪڏهن تہ روزا لڪسمبرگ ۽ ڪارل ليبنڪ ڪان وٺي ڪيوبا جي انقلابين ڪاسترو ۽ چي گويرا ۽ نڪسل باڙي تحريڪ تائين، انقلابي تحريڪن ۽ نظرين تي بحث ڪري رهيا آهن. ”همرو باڙي، ٺمرو باڙي، نڪسل باڙي“ وارو بنگالي نعرو سنڌي شاگردن تائين بہ پهچي چڪو آهي. هو اهو ڄاڻن ٿا تہ هندستان ۾ ايمرجنسيءَ جو نفاذ حڪومت جو جابرانہ ڪردار وائڪو ڪري چڪو آهي ۽ اُن ڪي عوام تي حڪومت جو تشدد سمجهيو ويو ۽ ان ڪري 1967ع ۾ نڪسلائيٽ تحريڪ ان تي زور ڏنو تہ حڪمران طبقي جي جواب ۾ انقلابي تشدد ضروري آهي. پر اڃا تائين هتي ڪنهن تلنگانہ تحريڪ جي محرڪات ۽ اثرات جو چڱيءَ طرح تجزيو نہ ڪيو آهي. سياست جا پوڙها پاپي اڃا تائين انهيءَ خوش فهميءَ ۾ آهن تہ سياست پيرن، وڏيرن ۽ پيسي جي زور تي بي- ڊيءَ ۽ اسيمبليءَ ۾ ووٽن هٿ ڪرڻ جو نالو آهي. مون ڪيتري وقت کان سنڌ جي نوجوانن ۾ تبديلي محسوس ڪئي آهي ۽ ڏٺو آهي تہ ڪيئن سنڌ جي رَت پوٽي بدن ۾ ست ايندو

ٿو وڃي. شاعر سياست دان تہ نہ هوندو آهي، پر جي هو واقعي انقلابي شاعر هوندو آهي تہ هن جي اندرين اک سياست دان کان اڳ ۾ سماجي جوالا جي اندروني چرپر ڏسي وٺندي آهي. روسي شاعر ماياڪووسڪي 1917ع جي انقلاب کان اڳ هڪ نظم لکيو هو جنهن ۾ هڪ ست اها بہ هئي تہ 1916ع ۾ انقلاب اچي رهيو آهي. بہ سال اڳ مان حيدرآباد جي اورئينٽ هوٽل ۾ چانهہ پي رهيو هوس تہ اوچتو هڪ سنڌي نوجوان ڪرسي ڇڪي منهنجي پرسان اچي ويٺو. هن ويهڻ سان لينن جو ڪتاب On Religion ميز تي رکيو ۽ مون کي چيائين، "مون کي اوهان سان ڪجهہ ڳالهائڻو آهي." هن کي کاڌيءَ جا کهرا ڪپڙا پيا ها ۽ پيرن ۾ چمڙي جو ٿلهو گهيٽلو پيو هو ۽ هو پنهنجي ڊيل ڊول، قد ڪاٺ ۽ ٻول چال مان گورڪيءَ جي ناول "ماءُ" واري ڪردار پاويل وانگر ٿي لڳو. اڄ هن تي پاولوف نالو پئجي چُڪو آهي ۽ هو شاگرد تحريڪ جو نهايت بيباڪ رهنما آهي. هن جو اصل نالو جام ساقي آهي. هن جو مطالعو پليجي جيترو نہ آهي ۽ نہ هن کي پليجي واري تيز ذهانت آهي، پر هن کي انقلاب جي تصور سان بيحد وابستگي آهي ۽ اها وابستگي نهايت بي لوث آهي. هو انقلاب لاءِ نہ رڳو پنهنجو جان مال (مال تہ هن کي آهي ڪو نہ) پر گهر گهاٽ سڀ ڪجهہ قربان ڪري سگهندو آهي. هو هاري طبقي جو ماڻهو آهي، پيدائشي انقلابي آهي، هن جي رڳ رڳ ۾ ظلم ۽ تشدد جي نظام لاءِ بغاوت آهي ۽ هو پنهنجي نظريي لاءِ ڪا بہ ڪوهہ ڪٽي ڪري سگهندو آهي. مون سان ٻيا شاگرد ليڊر يوسف تالپر، مجيب پيرزادو اقبال ترين، مير ٿيٻو مسعود نوراني، لالا قادر وغيره بہ مليا آهن. ٿي سگهي ٿو تہ انهن مان بہ ڪو اڳتي هلي سنڌ جي تقدير ۾ اهم ڪردار ادا ڪري.

هڪ ڀيري مان رٽز هوٽل ۾ ترسيل هوس. مون کي اُتان ٽاٽي ٻولا

خان وچڻو هو جتي ڪجهہ ڏينهن گذارڻا هئا ۽ اُن جي سانت ۾ پنهنجو پاڻ سميٽڻو هو ۽ پنهنجي هنگامہ خيز زندگيءَ جو اڳ پوءِ جاچي، مستقبل لاءِ ڪجهہ فيصلا ڪرڻا ها. ٿاڻو بولا خان حيدرآباد کان اٽڪل چاليهارو ميل ٿيندو ۽ مون سوچيو تہ ٽئڪسي ڪري هليو ويندس. پر مون ٽئڪسيءَ لاءِ ماڻهو موڪليو تہ ٽئڪسيءَ وارن هلڻ کان انڪار ڪيو ڇو تہ انهن ڏينهن ۾ ڏاڍا مينهن وٺا ها ۽ برسات کان پوءِ ٿاڻي بولا خان ڏانهن ويندڙ پهاڙي رستي تي نوڪدار پٿر وڏيڪ ترڇا ٿي ويندا آهن ۽ ٽائرن جا ٽُڪر ڪيڏي وجهندا آهن. مان سوچي رهيو هوس تہ موٽي وڃان تہ ايتري ۾ نياز همايوني اچي نڪتو. نياز همايوني هونءَ تہ پنهنجي شاعريءَ جي عوامي لب و لهجي ۾ نظير اڪبر آباديءَ جي پايي جو شاعر آهي پر پنهنجيءَ حرفت ۽ رسائي بازيءَ ۾ ملا دوپيازي جو بہ استاد لڳي. مون جڏهن هن کي پنهنجو مسئلو ٻڌايو تہ هن يڪدم چيو تہ ”موٽي ڇو ٿو وڃين؟ منهنجو فلاڻو سي ايس پي آفيسر دوست آهي. ان کان جيپ وٺي توکي صبح جو پهچائيندس.“ ٻي ڏينهن مان اجا ناشتو ڪري رهيو هوس تہ همايوني انهيءَ سنڌيءَ سي ايس پيءَ سوڌو منهنجي ڪمري ۾ اچي نڪتو. مون ٻنهي کي ڪيڪاريو ۽ هو ڪرسين تي ويهي رهيا. رسمي طرح مون ٻنهي کي چيو ”چانهہ پيئندا؟“ نياز تہ انڪار ڪيو باقي هن جي سي ايس پي دوست ڪجهہ سوچي چيو ”جِن گهرايو تہ بهتر.“ مون کان ڇرڪ نڪري ويو ۽ ذري گهٽ چانهہ جو ڪوپ هٿ مان ڪري پيو هو پر مون پاڻ کي سنڀالي هن کي چيو ”مون کي خبر نہ آهي تہ هن هوٽل ۾ بار بہ آهي!“

”بار آهي،“ هن چيو ”مون ڪيئي ڀيرا هتي ناشتي کان اڳ جن پيتو آهي“ مون بيري کي سڏي آرڊر ڏنو تہ هو جِن جو هڪ پيگ کڻي اچي. ڳالهيون ڪندي، هن ٻڌايو تہ هن جو والد بزرگوار هڪ عالم دين

هو. پر هن جي دلچسپي علم الانسان (Anthropology)، مذهبن جي تقابلي مطالعي (Comparative Study of Religions) ۽ علم النسل Science of Genetics وغيره ۾ آهي. هن ڊارون جي ارتقا جي نظريي تي چڱيءَ طرح بحث تي ڪيو ۽ مٿين موضوعن تي هن جو مطالعو چڱو تي نظر آيو. مون هن کان پڇيو تہ "ڇا ڊارون جي ارتقا جي نظريي ۽ مارڪس جي طبقاتي ڪشمڪش جي نظريي ۾ ڪوئي تعلق آهي؟" هن جواب ڏنو "مون کي تہ ڪوئي تعلق نظر نہ ٿو اچي" . مون هن کي ٻڌايو تہ "مون انگريزي رسالي "اينڪائونٽر" (Encounter) ۾ ڪٿي پڙهيو هو تہ مارڪس جي ڪتاب داس ڪئپيٽل تي جرمنيءَ جي ڪنهن اخبار چڱو تبصرو شايع نہ تي ڪيو. ان ڪري مارڪس اينجلز کي لکيو هو تہ "فلاڻيءَ جرمن اخبار جو ايڊيٽر ڊارون جو وڏو مداح آهي، تون ان احمق کي مطمئن ڪر تہ داس ڪئپيٽل ۾ ڊارون جي حياتياتي نظريي جو اقتصادي پهلو ڏنو ويو آهي." اينجلز انهيءَ جرمن ايڊيٽر کي اهڙي ٽيڪر ڏني ۽ هو ان باري ۾ ايترو مطمئن ٿي ويو جو هن داس ڪئپيٽل تي ڪيئي مضمون شايع ڪيا ۽ مارڪس جي نظريي کي پوريءَ جرمنيءَ ۾ مشهور ڪري ڇڏيو ۽ ان کان پوءِ پڙهندڙ مارڪس جي طبقاتي ڪشمڪش جي نظريي کي ڊارون جي ارتقا جي نظريي جو لازمي نتيجو سمجهڻ لڳا. "اينڪائونٽر" ۾ ان موضوع تي مارڪس جا اينجلز ڏانهن لکيل خط بہ شايع ڪيا ويا ها، جي پڙهي مان ڏاڍو ڪليو هوس. پر پوءِ مون کي معلوم ٿيو ٿو تہ "اينڪائونٽر" جي اشاعت ۾ سي. آءِ. اي جو هٿ آهي ۽ ان ڪري انگريز شاعر Stephan Spender (اسٽيفن اسپينڊر) ۽ ٻين ڪيترن ئي ليکڪن ان سان قطع تعلق ڪيو هو ۽ ان ڪري مون ڊارون ۽ مارڪس متعلق ان مضمون کي اهميت نہ ڏني هئي."

هن چيو تہ "مان پانيان ٿو تہ "اينڪائونٽر" ۾ اهو مضمون حقيقت

تي پڌل هو.“ ان کان پوءِ اسان جي گفتگو نسل پرستيءَ جي موضوع ڏانهن ڦري وئي. مون هن کي هڪ حادثو ٻڌايو ته ”مان ڪجهه سال اڳ سڌو آمريڪا مان ڪتاب ۽ رسالا پوسٽ جي ذريعي گهرائيندو هوس، چو ته اهي ڪتاب سستا به پوندا هئا ۽ ادب ۾ جديد ترين رجحانن جو پتو به پوندو هو. هڪ ڀيري ”ائٽلانٽڪ“ ماهوار يا ”هارپرس مئگزن“ ۾ مون ڪنهن ڪتاب گهر جو اشتهار پڙهيو هو جنهن جو نالو هو Truth Seekers and Co. نالو مون کي اهڙو عجيب لڳو هو، جو مون انهن پبلشرن کي يڪدم خط لکيو هو ته پنهنجن ڪتابن جي فهرست موڪلين. ڪجهه ڏينهن کان پوءِ مون کي هنن جي ڪتابن جي فهرست ۽ ڪئلي فورنيا جي نسل پرستن جا ڪجهه اشتهار پهتا. فهرست ۾ مشهور مرتد انگر سال Ingorsol جي ڪتابن ۽ نسل پرستيءَ تي ڪتابن جا ڪجهه نالا هئا. هنن جي نظر ۾ سڀ کان وڏو سچ اهو هو ته نيگرو باندر جي ويجهو آهي ۽ هن جي کوپڙيءَ جي جوڙجڪ ڏيکاري ٿي ته هو اجا پورو انسان نه ٿيو آهي ۽ هن مان ڪنهن به جرم ۽ تخريبي ڪارروائيءَ جو پڪو رکي سگهجي ٿو. اُن وقت مون کي نيگرو گائڪ پال رابسن ۽ ناولسٽ رچرڊ رائيٽ ياد آيا ها ۽ مون سوچيو هو ته انسان پنهنجيءَ برتريءَ کي برقرار رکڻ لاءِ ڪهڙا نه گهات گهڙن ٿا ۽ پنهنجي ناپاڪ مقصد جي پورائيءَ لاءِ ڪهڙا نه پاڪ نالا استعمال ڪن ٿا“ ان تي سي. ايس. پيءَ جو رد عمل رڳو اهو هو ته ”هتي به حڪمران طبقو ۽ بيورو ڪريسي پنهنجن مخالفن کي هيسائڻ لاءِ ان کان وڌيڪ ”اوڇا هٿڪنڊا“ استعمال ڪن ٿا.“ اهو چئي هن مون کان موڪلايو ۽ ٿوريءَ دير ۾ پنهنجي جيپ ڏياري موڪلي هيائين، جنهن تي مان ۽ ابراهيم جويو ٿاٽي بولا خان ويا هياسين.

ڪجهه وقت ٿيو جو مون کي ڪنهن ادبي حلقي ۾ دانهن ملي

هئي تہ هڪ پڙهيل ڳڙهيل سنڌي ڇوڪري ڪنهن سنڌي انٽيليڪچوئل سان اڪيلي وڃي رهي آهي ۽ هن جي اها زيادتي اسان جي ادبي فضا لاءِ سازگار نہ آهي. مان هونءَ تہ ڪنهن جي ذاتي معاملي ۾ نہ پوندو آهيان، پر ڇاڪاڻ تہ مون تي زور رکيو ويو تہ مان انهيءَ ڇوڪريءَ کي سمجهايان تہ جنهن دور مان اسان گذري رهيا آهيون، ان ۾ جنسي انارڪزم (Sex anarchism) انهيءَ هر ڳالهہ لاءِ مهلڪ آهي، جا اسان جوڙي راس ڪئي آهي، ۽ ڇاڪاڻ جو انهيءَ ڇوڪريءَ ۽ انٽليڪچوئل سان منهنجي ڪافي واقفيت هئي، مون انهيءَ ڇوڪريءَ سان ملاقات ڪئي ۽ هن کي اهو سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي تہ هن جي اها روش پنهنجي تحريڪ لاءِ نقصانڪار آهي. ڇوڪريءَ مون کي نهايت اطمينان سان چيو "مان هن کان جدا ڇو ٿيان؟ مان هن جي زال آهيان. شاديءَ لاءِ نڪاح ضروري تہ نہ آهي. جڏهن هن پهرينءَ زال کي طلاق ڏني، ۽ وارڊ ڪميٽيءَ جي چيئرمين کان اها طلاق بحال ڪرائي، تڏهن اسان نڪاح وڄهنداسين." مان چپ ٿي ويس.

اهڙا ڪيئي واقعا گذريل ٻن ٽن سالن ۾ منهنجيءَ زندگيءَ ۾ آيا آهن ۽ مون پنهنجي گرفتاريءَ کان اڳ واقعات جو تسلسل ٽوڙي، مٿيان ٽي واقعا اهو ڏيکارڻ لاءِ لکيا آهن تہ سنڌ جو نئون نسل سنڌي معاشري جا قدر تيزيءَ سان بدلائي رهيو آهي.

3 نومبر1968ع تي صبح جو مان، رشيد ۽ رباني حيدرآباد مان ڪراچيءَ لاءِ نڪتاسين. منهنجو ڊرائيور بچو بہ پنهنجي نالي سان آهي. هو اڳ آغا غلام نبي خان جو ڊرائيور هو جو ڪنهن وقت سنڌ ۽ مغربي پاڪستان جو وزير هو ۽ ان ڪري بچو پاڻ کي سياست تي سند سمجهندو آهي. رستي تي هو پنهنجا معرڪا ٻڌائيندو رهيو تہ ڪيئن راتو واهيءَ آغا غلام نبي خان کي سکر مان ڪراچيءَ نيو هيائين ۽ هن

ڪي عين موقعي تي ون يونٽ جي نهراءَ پيش ٿيڻ کان اڳ سنڌ اسيمبليءَ هال وٽ پهچايو هيائين. ”صاحب! مون وارو وزير مڙس ماڻهو هو باقي گهڻو ڪري اسيمبليءَ جا ميمبر پاڙي لڏو هئا. فلاڻي وزير جي جڏهن وزارت وئي هئي تہ رن وانگر رنو هو ۽ پنهنجا ڳوڙها اُگهندي مون کي چيو هيائين، ”بچا! دعا ڪر، وري وزير ٿيان تہ توکي سؤ رپيو خرچي ڏيندس.“ مون هن کي دلداري ڏئي چيو هو تہ ”فڪر نہ ڪر، مان تو لاءِ وڃي ٿو جيئي شاهہ تي لک ڪيان.“ ان تي هن مون کي ڏهہ رپيا ائڊوانس خرچي ڏني هئي. اهڙا لغور هئا اهي وزير. باقي مان وارو وزير سائين جي. ايم. سيد جو مريد آڻئي. سيد سيد آهي. ماڻ اهڙو ٻچو نہ ڄڻيندي“ ٻچي هڪ ساهيءَ ۾ چيو. ربانيءَ ٿڌو ساهہ ڀري چيو ”سيد تہ هن مصيبت ۾ وڌو آهي.“

هاڻي ٻچو ڳالهيون بہ ڪري رهيو هو ۽ ستر اسي ميلن جي رفتار تي بہ وڃي رهيو هو جنهن تي پٽيءَ چيس، ”بچا! انهيءَ رفتار تي هلئين تہ تون بہ نہ بچئين.“ ٻچي يڪدم جواب ڏنو ”پٽي صاحب! دلجاءِ ڪر، مان شاعر ٿورو ئي آهيان.“

اسان هڪ بجي ڪراچيءَ پهتاسين ۽ فاروق هوٽل ۾ ماني کاڌي سين تہ ربانيءَ چيو ”پلا هاڻي ڪهڙي هوٽل ۾ رهڻ جو ارادو آهي؟ هونءَ تہ پنهنجي يار نثار جو المدينہ هوٽل آهي. چئين تہ اُتي هلي رهون. هوٽل ڪجهہ پاسيرو آهي ۽ اُتي ڪُتي ٻلي کان بچيا رهنداسين. باقي هوٽل آهي پراڻو ۽ ان ۾ جديد قسم جون سهوليتون ڪو نہ آهن.“

مون جواب ڏنو تہ ”مکيہ ڳالهہ تہ ڪُتي ٻلي واري آهي. ايئن نہ ٿئي تہ ضمانت کان اڳ گرفتار ڪيو وڃان. ۽ هيءَ ساري تڪليف اجائي وڃي. منهنجا ٻيا ٺاڪ پوليس کي معلوم آهن، ان ڪري المدينہ هوٽل ۾ قيام بهتر ٿيندو.“

اسان فاروق هوٽل مان نڪري سڌو نثار جي گهر آياسين، جتي هو

نهايت قرب سان مليو. هاڻي هو ڪنهن ڪاليج ۾ پروفيسر آهي. پنهنجي شاگرديءَ واري زماني ۾ بہ چار پيرا ربانيءَ سان گڏجي مون وٽ آيو هو ۽ بين الاقوامي معاملن، قومي مسئلن، سنڌي ادب ۽ ترقي پسند تحريڪ تي مون سان خيالات جي ڏي وٽ ڪئي هيائين. اُن وقت هن جو ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ ڪافي اثر رسوخ هو ۽ هن جي چوڻ تي شاگردن مون کان يونيورسٽي ڪئمپس ۾ مشاعري جي صدارت ڪرائي هئي ۽ پنهنجي ڪتاب "سنڌي شام" ۾ منهنجي وائي "سنڌڙيءَ تي سر ڪير نہ ڏيندو" ڇاپي هئي. جا هاڻي سنڌي نوجوانن جو ترانو ٿي چُڪي آهي. ريڊيو تي جڏهن اُها وائي فقير عبدالغفور ڳائي هئي تہ سنڌي ۽ مهاجر جهومي اُٿيا ها. ان وائيءَ کي طرحين طرحين سازن تي ڳاتو ويو آهي، پر جڏهن اها يڪتاري ۽ چپڙين تي ڳائي ويندي آهي تڏهن مون کي وڏيڪ پسند ايندي آهي. هارمونيم کان مون کي نفرت آهي. سن ۾ اها وائي هڪ لوڪ گائڪ ڪنهن بہ ساز کان سوا ڳاتي هُئي تہ مون کي ڏاڍي، وڻي هئي.

نثار نهايت دلڪش صورت وارو آهي ۽ هن جي سيرت بہ هن جي صورت جهڙي آهي. هن جي ربانيءَ سان بيحد محبت آهي. اسان هن سان گڏجي هوٽل تي آياسين، جتي هن اسان کي پنهنجن مهمانن لاءِ مخصوص ڪيل ڪمرو ڏنو ۽ مئنيجر وغيره کي اسان جي ٺهل ٺڪور لاءِ تاڪيد ڪيائين. اسان ڪمري ۾ سامان سڙو رکي، هٿ منهن ڌوئي پوءِ مون هوٽل مان بروهي صاحب جي گهر فون ڪيو تہ پتو پيو تہ هو لاهور ويل هو ۽ ڇهن ڏينهن کان پوءِ ڇنڇر تي موٽڻو هو. هوٽل تان اسان ايم. ايم پيرزادي جي آفيس تي آياسين. پيرزادو منهنجو ۽ ڊاڪٽر نعيم صديقيءَ جو جهونو سنگتي آهي. سال 1948ع ۾ هو ترقي پسند هوندو هو ۽ ساحر لڌيانويءَ جي "ميري محبوب کهين اور ملاکر مجهہ سي " ڏاڍيءَ رقت سان پڙهندو هو ۽ پنهنجي جذبات جي روَ ۾ تاج محل

جي جمالياتي اهميت کان انڪار ڪندو هو. هاڻي هن وڪالت ۾ لڪ ڏنا آهن ۽ هن جو جوش ڪجهه ڍرو ٿي ويو آهي، جيتوڻيڪ هن جي سمجهه ڪافي سلجهليل آهي ۽ اجا تائين هو زندگيءَ جي هر ترقي پسند قدر جو حمايتي آهي. هڪ ڀيري هن مون کي ٻڌايو هو ته هن روسي سفارت خاني جي دعوت ۾ ووڊڪا گهٽي پيتي هئي ۽ هڪ خوبصورت روسي ڇوڪريءَ کي Malthus جي Theory of diminishing returns تي ليڪچر ڏنو، هن جي مارڪسي اقتصاديات جا ڏاٽا ڪڍي وڌا هئا. هو منهنجو گهڻگهرو آهي ۽ انڪري مون هن کي پنهنجا سڀ ڪتاب تحفي طور ڏنا ها. جن مان هن کي منهنجو نظم ”جواني نه رهندي“ ڏاڍو پسند آيو هو. مان جڏهن به ڪراچيءَ ويندو آهيان، هو مون کي جمخاني وٺي ويندو آهي، اُتان جي رنگا رنگ ماحول ۾ ادب ۽ سياست تي بحث ڪندو آهي ۽ اُتان موٽي مون سان ”ٿامس ائنڊ ٿامس“ واري بُڪ اسٽال تي هلندو آهي، جتي هو ساگان وغيره جا ناول ۽ ٻيا ڪتاب خريد ڪندو آهي. اڳئين ڀيري هو مون کي منهوڙي تي پاڪستان نيويءَ جي ڪنهن جلسي ۾ ڇڪي هليو هو، جتي پنجاب جو حسن ڏسي هن جو ادبي ذوق ڪجهه وڌيڪ شگفته ٿي پيو هو پر بئي ڏينهن تي هن ڪتاب گهر مان شولو خوف جا ماسڪو ۾ تازو ڇپيل ”۽ ڊان وهندي رهي“ جا چار جلد خريد ڪيا ها ۽ مون کي حيرت ۾ وجهي ڇڏيو هئائين. مون کي هن جي زنده دلي، بارعب شخصيت ۽ آبنوسي رنگ وڻندو آهي.

پيرزادي رسمي آڌرڀاءُ کان پوءِ چانهه گهرائي ۽ پوءِ مون ضامن جي درخواست درست ڪري پيرزادي جي ٽائپسٽ کي ٽائيپ ڪرڻ لاءِ ڏني. اتي اچي شام جا پنج لڳا. ، بانيءَ مون کي چيو ته ”راشدي صاحب ”عبرت“ جي اڳئين پرچي ۾ لکيو آهي ته سنڌ پنهنجا نوان شاهه لطيف، سچل، بيدل وغيره پيدا ڪري چڪي آهي. تون سمجهي

سگهين ٿو تہ هن جو اشارو ڪيڏانهن آهي. بهتر ٿيندو تہ راشدي صاحب وٽ هلون ۽ هن کان ڪا مدد وٺون.“ مون جواب ڏنو تہ ”هن معاملي ۾ راشدي صاحب دعا کان سوا ٻي ڪهڙي مدد ڪري سگهندو باقي هن کان وڌيڪ دلچسپ ٻي ڪهڙي صحبت ملندي؟ اُنهيءَ ڏانهن ئي ٿا هلون.“

مون پيرزادي کي چيو تہ ٽائيپ ٽيل درخواست ٻئي ڏينهن تي هاءِ ڪورٽ ۾ ڪٽي اچي، ۽ پوءِ اسان هن کان موڪلايو.

رستي تي مون رباني‌ءَ کي علي محمد شاهہ راشديءَ سان هڪ ملاقات جي باري ۾ ٻڌايو. ڪجهہ سال ٿيا تہ راشدي صاحب ۽ هن جو فرزند حسين شاهہ راشدي لاهور مان ڪار ۾ نڪتا ها ۽ ڪراچيءَ وڃي رهيا ها. سکر وٽ هنن جي ڪار خراب ٿي پئي هئي ۽ راشدي صاحب ڪار ڪارخاني ۾ ڇڏي سکر جي فوجدار وٽ اچي لٿو هو، جتان مون کي فون ڪري گهرايو هيائين. ڳالهيون ڪندي راشدي صاحب چيو هو ”مان تہ هر ڪهن کي چوندو وتندو آهيان تہ مون کي هانگ ڪانگ مان سنڌ ۾ موٽائي تنهنجي شاعريءَ آندو هو. جي مان تنهنجو ڪتاب نہ پڙهان ها تہ سنڌ ۾ موٽي نہ اچان ها. سمجهين ٿو تون وڏي شيءِ آهين.“

مون چپن تي آڱر رکي راشدي صاحب کي چيو هو ”راشدي صاحب! آهستي ڳالهايو فوجدار صاحب نہ ٻڌي وٺي. مون کي خبر نہ هئي تہ اوهان کي بہ اهو راز معلوم ٿي ويو آهي. مون تہ سمجهيو هو تہ انهيءَ راز جو پتو فقط مون کي ۽ ابراهيم جويي کي آهي.“

ان تي راشدي صاحب ٺهڪ ڏئي چيو هو ”تون سمجهين ٿو تہ مان توکي نہ ٿو سمجهان. تو جا چٽنگ لڳائي آهي، اها پاڻ ئي پنيٽ ٿيندي. هاڻي تون شاعري ڇڏي بہ ڏيندين تڏهن بہ ڪوئي فرق نہ پوندو.“

- ۽ پوءِ مون سوچيو هو ”ڇا، واقعي ايئن آهي؟ ايئن ته نه ٿيندو ته جيستائين اها ڇٽنگ دکي، مان جيئرو جلايو ويندس.

جيتوڻيڪ مان علي محمد شاهه راشديءَ جي سياسي نقطئه نظر سان متفق نه آهيان، مان هن جي ذهانت ۽ علمي لياقت جو قائل آهيان. هو اردو صحافت ۾ اوچتو آيو ۽ اُن تي ڇانئجي ويو ♦ هن سنڌي قوم سان ڪهڙا پال پلايا آهن، اهو پاڻ ڄاڻي، باقي جي هو چاهي ته اجا سنڌي ٻوليءَ جا گهڙا پري سگهندو آهي. هن جو ڪتاب ”اهي ڏينهن اُهي شينهن“سنڌي ادب جو هڪ شهپارو آهي. مون کي گمان آهي ته ان ڪتاب جو نالو ”پونر پري آڪاس“ جي هڪ سٽ، ”ڏينهن ٿيا ڪنهن شينهن، اسان وٽ ناهه ڪئي گجگوڙ“ تان ورتو ويو آهي. پر ممڪن آهي ته ايئن نه هجي.

راشدي صاحب اسان کي پنهنجي بنگلي تي مليو ۽ اسان هن سان حال احوال ٿي ڏنو ته مسز راشدي اچي وئي. راشدي صاحب اسان سان هن جو تعارف ڪرايو ته معلوم ٿيو ته هوءَ مون کي اڳ ئي سڃاڻندي هئي ۽ منهنجي غير حاضريءَ ۾ پهر اڌ منهنجي آفيس ۾ ترسي هئي. مسز راشدي بينگالڻ آهي ۽ هن کي انگريزي زبان تي ڪافي عبور آهي ۽ اسان سان انگريزيءَ ۾ گفتگو ٿي ڪيائين. مان ڄاڻيان ٿو ته جنهن وقت هن جي علي محمد شاهه راشديءَ سان شادي ٿي هئي ته هوءَ پئرس ۾ پاڪستاني سفارت خاني ۾ ملازمه هئي ۽ علي محمد شاهه مرڪزي حڪومت ۾ وزير هو. راشدي صاحب هن کي ٻڌايو ته مون تي بغاوت جو ڪيس ٿيو آهي ۽ مان ضمانت جي لاءِ ڪراچيءَ آيو آهيان. جنهن تي هن افسوس جو اظهار ڪيو پر راشدي صاحب ٻيءَ راءِ جو هو ۽ هن مون ڏانهن ڏسي فرمايو. ”مان چاهيان ٿو ته هن کي ٻوٽي ٻوٽي ڪيو وڃي، جيئن هن کي وڏيڪ پريشان ڪيو

---

♦ اردوءَ ۾ پير صاحب روزانه جنگ (اردو) ۾ ”مشرق و مغرب“ عنوان سان ڪالم لکندو هو.

ويندو تيئن هن جي شاعريءَ ۾ وڏيڪ بغاوت ايندي، جا ڪنهن ڏينهن هن کي زنده جاويد ڪري ڇڏيندي.“ ان تي مون راشدي صاحب کي چيو ”مان پنهنجي صليب گهلي گهلي ٿڪجي پيو آهيان. هاڻي اها ڏاڍي ڳوري ٿي لڳي ۽ منهنجو ڪنڌ ڏُکي رهيو آهي. چاهيان ٿو ته اها امانت ٻئي ڪنهن کي سپرد ڪريان.“

راشدي صاحب مُرڪيو ۽ چيائين، ”سچ، ايتري ۾ ٿڪجي پيو آهين!“ پوءِ راشديءَ سان پاڪستان، سنڌ ۽ ويٽنام تي گفتگو ٿيندي رهي ۽ آخر ۾ هن واعدو ڪيو ته هو سنڌيءَ ۾ وڌيڪ لکندو. مسز راشديءَ مئڊ پاگال، مائوزي تنگ، ليوشائوچي، چو اين لاءِ متعلق پنهنجا ذاتي تاثرات ٻڌايا. جن سان هوءَ راشدي صاحب جي سفارتي عهدي وقت ملندي رهي هئي. هن کي مسز مائوزي تنگ لاءِ چڱو رايو نه هو ۽ هوءَ مسز ليو شائوچيءَ جي مداح هئي. آرٽ جي باري ۾ ڪجهه گفتگو ٿي ۽ مون هن کي ٻڌايو ته جيتوڻيڪ مان تراتسڪيءَ کي سياسي پيغمبر نه سمجهندو آهيان، پر مون کي هن جو ادبي مئني فيسٽو ڏاڍو وڻيو هو جو مون هن جي زندگيءَ تي لکيل ڊيوٽشر جي ڪتاب ۾ پڙهيو هو. تراتسڪيءَ، ميڪسيڪو ۾ اُتان جي بهترين مصور ڊيگور ويرا ۽ ڪجهه آمريڪي اديبن ميري مئڪار ٿيءَ وغيره کي گڏي، هڪ اديبن ۽ ڪلاڪارن جي انجمن ٺاهي هئي، جنهن جو مئني فيسٽو پاڻ لکيو هيائين. جنهن ۾ هن چيو هو ته فن انقلاب جو وڏي ۾ وڏو ساٿي آهي، بشرطيڪ اُن کي آزاد ڇڏيو وڃي. مون هن کي چيو ته ”اديب، جي انقلاب جو حامي آهي ته هن جي فني اسلوب ۽ مواد تي ڪائي پابندي نه وڌي وڃي، چو ته آزاديءَ کان سواءِ فن اُنهي ٻوٽي جي مثال آهي، جنهن کي هوا کان محروم رکيو ويو هجي. مون هن کي ٻڌايو ته آمريڪي ناولسٽ هاورڊ فاسٽ (Howard Fast) جو ڪتاب I Chose Freedom (مون آزادي چونڊي) پڙهي مون کي اهو محسوس ٿيو

تہ هن جي بهترين ناول اسپارٽيڪس (Spartacus) تي جا آمريڪا جي ڪميونسٽ پارٽيءَ اجائي گرفت ڪئي هئي. ان جو ڏک هن جي تحت الشعور ۾ رهندو آيو هو جنهن ڪري هن نيٺ، پرجي پرجي، ڪميونسٽ پارٽيءَ کي الوداع ڪئي هئي. ۽ ان ۾ نقصان هاورڊ فاسٽ جو نہ هو پر آمريڪا جي ڪميونسٽ پارٽيءَ جو هو.“

مسز راشديءَ جي معلومات جو دائرو ڪافي وسيع آهي ۽ هن سان فن ۽ ادب جي بين مسئلن تي منهنجي گفتگو ٿي. جڏهن اسان هنن کان موڪلايو تہ راشدي صاحب اسان سڀني کي ٻئي ڏينهن رات جي مانيءَ تي مدعو ڪيو ۽ مسز راشديءَ مون کي مشرقي پاڪستان جي انگريزي اخبار ”پاڪستان آبزرور“ جو هڪ پرچو ڏنو ۽ چيو ”هن ۾ مون تنهنجي متعلق لکيو آهي.“

اسان ڪنهن چينائي هوٽل تي ماني کاڌي ۽ پوءِ ڪئپري سئنيما ۾ ڪائي Horror Film ڏٺي ۽ آمريڪي پروڊيوسر کي گهٽ وڌ ڳالهائيندا ”المدينہ“ هوٽل ۾ موٽي آياسين هوٽل ۾ مون ”پاڪستان آبزرور“ ۾ مسز راشديءَ جو مضمون پڙهيو جو هن سکر شهر ۽ ان جي تاريخ وغيره تي لکيو هو ۽ ان جي آخري فقري ۾ منهنجو ذڪر ڪيو هيائين. هن منهنجيءَ شاعريءَ ۽ ان جي اهميت تي لکي، مضمون هيٺينءَ ريت ختم ڪيو هو: ”مون هن جي آفيس جي دريءَ تي آڱر لائي ڏٺي تہ مون کي ان تي اڌ انچ مٽي نظر آئي، جا ڳالهہ مون کي نہ آئڙي، پر پوءِ چيم تہ شايد جينيس (Genius) ايئن ئي رهندا آهن.“ مان اهو پڙهي لڄي ٿي ويم ۽ سوچيم تہ شايد منهنجي عدم موجودگيءَ ۾ منهنجو ملازم آفيس جي صفائي نہ ڪندو آهي. پر پوءِ خيال آيو تہ شاعريءَ کان سوا منهنجي ٻي هر ڳالهہ اڻنگي آهي، فقط آفيس جي صفائيءَ جي ڳالهہ تہ نہ آهي.

4 نومبر تي زباني صبح جو پنجين بجي حيدرآباد موٽي ويو ۽

هوٽل جو ڪمرو هن ڪان سواءِ اباڻڪو ٿي لڳو.

اٽڪل ڏهين بجي مان ۽ رشيد ڀٽي هاءِ ڪورٽ بار روم ۾ پهتاسين. اتي پيرزادي ڪيس جا ٽائيپ ٿيل ڪاغذ ڏنا ۽ ڪئنٽين ۾ ڪافي پيئندي، مون انهن ۾ درستيون ٿي ڪيون تہ نور الدين سرڪي اچي نڪتو جو بہ هاءِ ڪورٽ ۾ وڪالت ڪندو آهي. سرڪيءَ جو ادب ۽ سياست جو چڱيرو مطالعو آهي ۽ ذهانت سان حالات جو تجزيو ڪندو آهي. هن ٽالسٽاءِ جي ڪتاب ”نيٺ ڇا ڪجي“ جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو آهي، جو ادبي بورڊ ڇپايو آهي. مان ڀانيان ٿو تہ هن دوستو وسڪيءَ جا ترجما بہ ڪيا ٿي، پر پوءِ گهڻيءَ مصروفيت سبب هن اهو ڪم اڌ ۾ ڇڏي ڏنو. هو نہ فقط سنڌي ادبي سنگت ڪراچيءَ جو سرگرم ڪارڪن آهي، پر اردوءَ جي ادبي ۽ سياسي حلقن ۾ بہ جاتل سڃاتل آهي. هن جي زال شمس صديقي، جا منهنجي مرحوم دوست جمال صديقيءَ جي ڀيڻ آهي، خود بہ سنڌيءَ ۽ اردوءَ ۾ چڱو لکندي آهي. هڪ ڀيري مون کي اردوءَ جي نقاد باقر رضويءَ چيو هو تہ شمس جيتريءَ فصاحت سان لکنوي ۽ دهلوي عورتون بہ اردو ڳالهائي نہ سگهنديون آهن. سرڪيءَ سان منهنجي جهوني واقفيت هئي ۽ سال 1947ع ۾ هن سان گڏ مينا رام هاسٽل ۾ ساڳئي ڪمري ۾ رهندو هوس. سرڪيءَ جي ڪمري ۾ مان ڪيئن اچي رهيس، ان کان اڳ نعيم صديقيءَ جو ذڪر ضروري آهي. مان 1947ع ۾ جڏهن ايل. ايل بي جي امتحان ۾ پاس ٿيس، نعيم صديقيءَ جي ڪمري روپ ولاس ۾ رهندو هيس. نعيم ان وقت ايم. بي. بي. ايس جي پوئين سال ۾ هو. هو منهنجو ننڍي هوندي جو دوست هو ۽ اسان ٻئي جڏهن شڪارپور ڪاليج ۾ پڙهندا هياسين، تڏهن روز شام جو ملندا هياسين ۽ هڪٻئي کي پنهنجا لکيل نوان شعر ٻڌائيندا هياسين. ان وقت اسان جو مرغوب مطالعو اردو ۽ فارسي شاعري هوندي هئي. مون کي نہ فقط غالب جو پورو ديوان، عمر

خيام جون سڀ رباعيون، حافظ جا ڪيئي غزل، علامہ اقبال جا بانگِ درا، بال جبريل ۽ پيامِ مشرق ياد هوندا ها. پر پيا بہ هزارين شعر ياد هوندا ها. اسان اردو نثر جو بہ ڪافي مطالعو ڪيو هو ۽ انگريزيءَ ۾ شيلي، ڪيٽس، بائرن ۽ ٽئگور جي شاعري ۽ ٿامس هارڊيءَ ۽ ميري ڪاريليءَ جا ناول بہ پڙهندا هياسين. نعيم پنهنجو تخلص "وجدي" رکيو هو. جڏهن منهنجي دوست لال محمد 'احمر' هن جو مون سان تعارف ڪرائي چيو هو تہ "هن جو تخلص وجدي آهي"، تڏهن مون يڪدم چيو هو تہ "پٽ تہ سعديءَ واري اٿس، شعر پڙهي تہ پتو پوي" ان تي نعيم ڏاڍا ٽهڪ ڏنا ها ۽ اسان پهرينءَ ملاقات ۾ دوست ٿي ويا هياسين. نعيم ۽ مون تي اردو شاعريءَ جو ڏاڍو اثر هوندو هو ۽ اسان روز ڪوئي نئون غزل، قطعو يا نظم لکندا هياسين. شام جو اسان لکيدر کان سنڌ واهہ تائين بہ ٽي ميل پنڌ ڪري ويندا هياسين، جتي واهہ جي پر تي ويهي هڪٻئي کي پنهنجي تازي تخليق ٻڌائيندا هياسين. ڪڏهن ڪڏهن اسان سان لال محمد احمر ۽ مرحوم احسان بدوي بہ ساڻ هوندا هئا. لال محمد هاڻي شڪارپور ۾ وڪالت ڪندو آهي ۽ احسان بدوي، جو ڊي. جي سنڌ ڪاليج ۾ پروفيسر ٿيو هو ڪجهہ سال اڳ ڪار جي حادثي ۾ گذاري ويو. لال محمد اردوءَ جي ڪلاسيڪي رنگ ۾ غزل لکندو هو ۽ اردوءَ جا پراڻا استاد انشا، مومن، ناسخ وغيره هن جا دلپسند شاعر هوندا ها. هو ڏاڍي "پڪي" شاعري ڪندو هو ۽ شعر ۾ بندش کي سڀ کان زياده اهميت ڏيندو هو. اسان کي هن جي نالي لال ۽ تخلص احمر ۾ بہ ڪائي بندش نظر ايندي هئي. شڪارپور مان هن "آفتاب" نالي سان رسالو شايع ڪيو هو، جنهن ۾ منهنجو هڪ غزل بہ شايع ڪيو هيائين. هڪ ڀيري هن اسان کي پنهنجو هڪ غزل پڙهي ٻڌايو جو پوءِ "آفتاب" ۾ شايع ڪيائين. غزل جو مطلع هو:

فلڪ تي برق ٿي ڏسجي ڪِر پيچ و تاب ۾ نانگ

لڙن ٿا پاڻ ۾ شايد تہ ڪي سحاب ۾ نانگ

غزل ۾ آفتاب ۾ نانگ“ ”عتاب ۾ نانگ“ ۽ ”ڪتاب ۾ نانگ“ وغيره قافيا ۽ رديف هئا. ٻئي ڏينهن تي نعيم، لال محمد کي چيو تہ ”مون تنهنجو تتبع ڪري هڪ غزل لکيو آهي. لال محمد کي ڏاڍي آتر ويلا ٿي تہ هو اهو غزل ٻڌي. نعيم گهڻو لنوايو پر پوءِ سنگت جي زور ڪرڻ تي هن اهو غزل ٻڌايو. هن جو غزل تہ مون کي ياد نہ آهي، پر ان جا قافيا ۽ رديف ”آفتاب ۾ ٻُوهہ، ”پيچ و تاب ۾ ٻُوهہ “ ، ”شراب ۾ ٻُوهہ“ ”ڪتاب ۾ ٻُوهہ وغيره هئا. جڏهن هن پنهنجو مقطع ”جلاب ۾ ٻُوهہ“ وارو پڙهيو تہ لال محمد چڙي ويو ۽ ڪيترائي ڏينهن هن سان نہ ڳالهايائين. دراصل لال محمد تغزل ۾ ڪلاسيڪي معاملي بنديءَ جو وڏو استاد هو ۽ لاڙڪاڻي جا غزل گو شاعر هن جي پيٺ ۾ ٺُڪ بند لڳندا ها. پر ڇاڪاڻ جو اسان ان وقت ان معاملي بنديءَ واري شاعريءَ کان ٿڪي چڪا هياسين ۽ نہ فقط علامہ اقبال جا سڀ فارسيءَ ۽ اردوءَ ۾ ڪتاب پر ن . م راشد جو ”ماورا“، فيض احمد فيض جو ”نقشِ فريادي“، تصدق حسين خالد جي معرا شاعري ۽ ”ادبي دنيا“ رسالي ۾ ميرا جيءَ جا ديس ديس جي شاعريءَ جا بي مثال ترجما پڙهي چڪا هياسين، اسان جو ادبي معيار گهڻو بدلجي چڪو هو ۽ شاعريءَ ۾ بندش وغيره جي اهميت اسان وٽ ڪا نہ رهي هئي. هندستان جو مشهور سنڌي نقاد ۽ شاعر سڳن آهوجا، لال محمد احمر جو دوست هوندو هو ۽ هن جي شاعريءَ کان ڪافي متاثر هو. لال محمد جو هڪ شعر مون کي اڃا تائين ياد آهي.

غم زياده خوشي قليل ملي
زندگي جڙ تہ بي دليل ملي

هن جو هڪ نظم ”اُتي منهنجي دل جي ڪجو جستجو“ بہ مون کي پسند آيو هو.

شڪارپور ڪاليج واري دور ۾ مان ۽ نعيم اردو شاعريءَ جي اثر هيٺ هوندا هياسين ۽ نہ فقط اردو ۽ فارسيءَ ۾ شعر لکندا هياسين، پر اسان جي سنڌي شاعريءَ ۾ بہ پارسي لفظن جي ڀرمار هوندي هئي. نعيم حنيف صديقيءَ جو ڀاءُ آهي، جو قاضي فضل الله جو وڪالت ۾ ڀائيوار هوندو هو ۽ قاضيءَ وانگر ڪٽر مسلم ليگي هو. اها ٻي ڳالھ آهي تہ حنيف صديقي ان وقت بہ سنڌ جي تاريخ ۽ ٻوليءَ ۾ دلچسپي وٺندو هو جا ٻيا مسلم ليگي نہ وٺندا ها. نعيم جو خيال هو تہ جي پاڪستان نهيو تہ پاڪستان جي سنڌي بہ اردوءَ وانگر فارسي آميز ۽ عربي آميز ٿيندي. مان ائين تہ نہ سمجهندو هوس، پر اردو شاعريءَ جي اثر هيٺ منهنجي سنڌي شاعريءَ ۾ فارسي لفظ، زير اضافت ۽ واو عطفيءَ جو استعمال ضرورت کان زياده هوندو هو. ان دور ۾ شمس العلماءُ عمر بن محمد دائود پوٽي سنڌيءَ ۾ استعمال ٿيندڙ فارسي ۽ عربي لفظن کي انهن جي فارسي ۽ عربي زبان ۾ اُچارڻ جي مهم شروع ڪئي هئي، جنهن تي پروفيسر ناگراڻيءَ ۽ ڄيٺمل پرسرام هن جي خلاف وڏو محاذ کڙو ڪيو هو ۽ ڇاڪاڻ جو اسان خود فارسي آميز ٻولي لکندا هياسين، ان واد وواد ۾ اسان جي همدردي دائود پوٽي سان هئي. مون ارڙهن ورهئين جي عمر ۾، جا شڪارپور ڪاليج جي مسيلني ايڊٽ ڪئي هئي، ان ۾ جو منهنجو شعر ڇپيو هو تنهن تي علامہ اقبال جي شاعريءَ جو اثر واضح آهي. جي مان ساڳيءَ ٻوليءَ ۾ شاعري ڪندو اچان ها تہ هن وقت جيل ۾ نہ هجان ها. ڪنهن وقت مان ڪنهن جوتش جي ڪتاب ۾ ڏسندس تہ منهنجي جنم ڏينهن 23 مارچ 1923ع تي منهنجي تقدير ڪهڙي ٿيڻ گهربي هئي.◆ منهنجي ڀيءُ، جنهن جو جوتش تي پورو ڀروسو هوندو هو منهنجي ڄم وقت منهنجي جنم پتري نهرائي پر اها مون کان ضايع ٿي چُڪي آهي. مان

---

◆ شيخ اياز جو جنم ڏينهن 2 مارچ 1923ع آهي، جيڪا درستي هن بعد ۾ ڪئي هئي. (ت.ج)

”تائيمز آف انڊيا“ جو 23 مارچ 1923ع وارو پرچو ٻہ ڏسندس تہ ان ۾ ڪهڙيون خبرون آيون هيون ۽ منهنجي جنم ڏينهن تي ادبي ۽ سياسي فضا ڪهڙي هئي ۽ پوءِ، پنهنجي جم ڪان وٺي پنهنجي آتم ڪهاڻيءَ جي آرنڀ تائين، پنهنجي جيون کي هن ننڍي ڪنڊ جي ساهتڪ ۽ سياسي وايو منڊل ۾ پرکندس. في الحال تہ مان ڪجهہ تاثر لکان ٿو. جي هن ڪال ڪونڙيءَ ۾ سُجهي اچن ٿا ۽ ڪوشش اها ٿو ڪريان تہ هن دور جي عڪاسي ڪريان جنهن ۾ منهنجي شاعري، پوريءَ بلوغت تي پهچي، زنجير اوڙهي هن زندان تائين پهتي آهي. پر ڇا ڪريان، ماڻهوءَ جو من ڪڏهن اوپارو، ڪڏهن لهوارو. ڪڏهن تہ مورڳو ٽُٻي هڻي وڃي ترٽو وٺي!

سو مان نعيم صديقيءَ جو وڏيڪ ذڪر مختصر طور تي ڪريان ٿو جڏهن اسان ڪراچيءَ پڙهڻ وياسين، اسان مان هر هڪ شعر جا پورا ٻہ ڪتاب لکي چُڪو هو. نعيم ايم. بي. بي. ايس پاس ڪري، انگلنڊ ويو جتي هن پنج ڇهہ سال رهي ايف. آر. سي. ايس ڪئي ۽ ڪنهن اطالوي ڇوڪريءَ سان شادي ڪري پاڪستان موٽي آيو ۽ سرڪاري ملازمت ڪيائين. جڏهن هو قلات ۾ سول سرجن هو، تڏهن هو پنهنجي زال سان گڏجي مون وٽ سکر آيو هو. هن کي شاعري ڇڏي ٿي ڪيئي سال ٿيا ها. مون فقط سہ ماهي ”مهراڻ“ ۾ هن جو هڪ غزل پڙهيو جو هن انگلنڊ ۾ لکيو هو ۽ جنهن جو هيئين، مطلع مون کي اڃا تائين ياد آهي، جنهن ۾ ساڳي نعيم جي خوشبو هئي جنهن سان گڏ مون ڪيئي سال شاعريءَ جي سوداءَ ۾ گذاريا ها.

زندگي پنهنجي خرابات ۾ گذري ويندي،
اجنبي ناله و نغمات ۾ گذري ويندي

سکر ۾ هن سان ملي، منهنجي من ۾ هن لاءِ ساڳي اُڪير موٽي آئي هئي. مون هن جي چوڻ تي بيئر جون ڪيئي بوتلون گهرايون

هيون ۽ اسان ڪافي وقت پيئندا رهيا هياسين ۽ هو مون کي پنهنجي جهان گرديءَ جا عجيب و غريب آزمودا ٻڌائيندو رهيو هو. ايئن ٿي لڳو تہ هو مغربي يورپ جون پوربون نائيٽ ڪلبون، اوپيرائون، آرٽ گئلريون وغيره ڏسي چڪو هو. هن مون کي وڏيڪ ٻڌايو هو تہ هن تي اجا جهان گرديءَ جو شوق سوار هو ۽ هو بحرين وڃي رهيو هو، جتي هن کي چڱيءَ نوڪريءَ جي آڇ ٿي هئي. مون هن کان پڇيو هو " اجا تائين شاعري ڪندو آهين؟" هن جواب ڏنو هو. "منهنجي زندگي مجسم شاعري آهي، فقط قافيہ پيمانيءَ ۾ چا رکيو آهي!" مون هن کان وري پڇيو هو "اجا مسلم ليگي آهين؟" هن ٺهڪ ڏئي چيو هو "تون سمجهين ٿو تہ ايتري آزمودي کان پوءِ بہ مون ۾ ڦيرو نہ ايندو!" "توکي سنڌ جي ڇڪ نہ ٿي ٿئي؟" مون هن کان پڇيو هو. هن جواب ڏنو هو "مان هڪ جهان گرد انسان آهيان. خدا جي ڪائنات نهايت رنگين آهي. جي ويانا ۽ پئرس ۾ زندگي گذاري سگهجي تہ سکر ۽ شڪارپور ۾ ڇُڙي ڇيڪي مرڻ بيسود آهي." مون ٺڏو ساهہ ڀري هن کي چيو هو "تون ڄاڻين ٿو تہ ڀٽائيءَ جي سنڌ ۾ ڇا وهي واپري رهيو آهي؟" هن بيئر جو گلاس رکي، مون کي ڀاڪر پائي چيو هو "سنڌي ادب کي ڪوئي مستقبل بہ آهي ڇا، جو تون هيتري ساري ذهانت اجائي وڃائي رهيو آهين؟ تون ڪراچي نہ ڇڏين ها تہ شايد ئي ڪو ئي وڪيل تو کان بهتر هجي ها ۽ تون ايترو ڪمائين ها، جو سال ۾ نوَ مهينا دنيا گهمندو وتين ها."

مان ڪا دير هن کي خاموشيءَ سان ڏسندو رهيس ۽ مون سوچيو تہ ايم. اين. راءِ انگريزيءَ، جرمن ۽ هسپانوي زبان ۾ ڪيئي ڪتاب لکيا ها، هن کي يورپ ۾ پئسو بہ ڪافي هو پر پوءِ بہ هن کي مٽيءَ جي ڇڪ هندستان وٺي آئي هئي: جتي هن کي ڪجهہ وقت کان پوءِ انگريز سرڪار ڇهہ سال ٽيپ ڏني هئي. مان تہ شاعر آهيان، منهنجي مادري

زبان سنڌي آهي ۽ مان پنهنجي ذات کي ان جي منطقي نتيجي تي فقط پنهنجيءَ مادري زبان ۾ پهچائي سگهندو آهيان. ڇا، هي اهو نه ٿو سمجهي سگهي تہ مان ڪراچيءَ ۾ رهي پاڪستان جو وڏي ۾ وڏو وڪيل ٿيان يا سپريم ڪورٽ جو جج ٿيان تہ اهو مون لاءِ تڇ آهي، منهنجي امرتا تہ منهنجي شاعريءَ ۾ آهي ۽ اها شاعري سنڌ جي مٽيءَ کان الڳ ٿي نہ ٿي سگهي ۽ ڪراچيءَ جي رستن تي بوٽن مان ديس ديس جي مٽي ڦهلجي چڪي آهي!

گذريل آڪٽوبر جي آخر ۾ هو پنهنجي ماءُ جي وفات تي بحرين مان آيو هو ۽ مون کي نيا پو موڪليو هيائين تہ مان هن وٽ پنهنجون سڀ تصنيفون ڪٺي شڪارپور هليو اچان، پر مان هن ڪيس جي سلسلي ۾ ڪراچيءَ اچي نڪتس.

مون مٿي لکيو آهي تہ مان نعيم سان روپ ولاس هاسٽل ۾ ساڳي ڪمري ۾ رهندو هوس ۽ چاڪاڻ جو مون کي اُتي رهڻ جو حق نہ هو، مان هن جي ڪمري مان صبح جو ساجهر هليو ويندو هوس ۽ اڌ رات ڌاري موٽي ايندو هوس. نيٺ هاسٽل جي سپرنٽينڊنٽ کي منهنجي روپوش وجود جي خبر پئجي وئي ۽ مون کي روپ ولاس ڇڏڻي، 1947ع جي شروعات ۾ نور الدين سرڪيءَ سان مينا رام هاسٽل ۾ رهڻو پيو.

سرڪيءَ جي ڪمري ۾ شمس سومرو، فخر الدين عرف فخرو، منهنجا مائٽ انور، عباس ۽ ٻيا بہ بحث مباحثي ۾ شريڪ ٿيندا ها. شمس، انور ۽ عباس هاڻي ڊاڪٽر آهن، ۽ فخرو غالباً سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ استاد آهي. مسٽر افغان بہ اُتي پرسان ڪمري ۾ رهندو هو ۽ ڪنهن ڪنهن وقت ادبي سير سواد لاءِ اسان جي ڪمري ۾ هليو ايندو هو. هو هن وقت حيدرآباد انجنيئرنگ ڪاليج جو پرنسپال آهي. ڪجهہ وقت کان پوءِ مون وڃي وڪالت ڪئي هئي ۽ سرڪي ڪافي وقت لاءِ انڊر گرائونڊ سياسي ڪارڪن رهيو هو. ان دؤر ۾ مون پنهنجي شعر جا

هيءَ ڪتاب ۾ ڊائريون جلائي ڇڏيون هيون. مون ايئن ڇو ڪيو هو ان جو سبب منهنجي ذاتي زندگيءَ ۾ ڪوئي حادثو آهي، جنهن ۾ مان هن وقت وڃڻ نہ ٿو چاهيان. ان جلايل شعر جو ڪجهہ حصو جو رسالن ۾ ڇپيل آهي، مون "پونر پري آڪاس" ۾ ڏنو آهي، پر اهو پوري جلايل شعر جو چاليهون حصو بہ نہ آهي.◆

سرڪيءَ جو ڪمرو ڇڏي، مان رام سواميءَ ۾ پاڪستان فيڊريشن آف ليبر جي سيڪريٽريءَ مسٽر ڏوي سان وڃي رهيو هوس. فيڊريشن جو صدر مسٽر خطيب ۽ ڏوي ٻئي ايم. اين. راءِ جي ريڊيڪل ڊيمو ڪريٽڪ پارٽيءَ (Radical Democratic Party) سان وابستہ هئا ۽ محمد ابراهيم جويي مون سان واقف ڪرايا ها (ابراهيم جويو منهنجي شخصيت جو حصو ٿي ويو آهي ۽ ان ڪري هن تي لکڻ واري واري سان ٻيلي ٿو وڃان. ٻن ٽن ڏينهن ۾ هن جي باري ۾ گهڻو ڪجهہ لکندس.)

خطيب پاڻ ڇاڇي پناڻ هو ۽ موسيٰ لين ۾ پورٽ ورڪرس سان رهندو هو. پاڪستان کان اڳ پورٽ ورڪرس يونين جو سيڪريٽري نارائڻ داس بيچر هو. پاڪستان کان پوءِ پورٽ ورڪرس يونين، خطيب واريءَ پاڪستان فيڊريشن آف ليبر ۾ شامل ٿي وئي. ان جي مقابلي ۾ ڪميونسٽ پارٽيءَ جي آل پاڪستان ٽريڊ يونين ڪانگريس هئي، جنهن جو پريزيڊنٽ مرزا محمد ابراهيم هو.

ڪراچيءَ ۾ ايم. اين. راءِ جي پارٽيءَ جو سيڪريٽري نگيندر وياس ۽ هن جي سانورڙي زال سشيلا 1945ع ۾ منهنجا گهرا دوست هئا. سشيلا اڇوت هئي ۽ نگيندر وياس برهمڻ هو ۽ هن جو پيءُ سرمائيدار هو. وياس سشيلا سان شادي ڪرڻ لاءِ پنهنجي پيءُ ماءُ ۽ گهر گهاٽ

---

◆ شايد اها ڪيفيت ڪنهن وقت هر وڏي شاعر تي وارد ٿيندي آهي، پٽائيءَ لاءِ بہ روايت آهي تہ هن پنهنجي ڪلام ۾ وڏو حصو ڪراڙ ڍنڍ ۾ اڇلائي ڇڏيو هو (ت. ج)

سپ کي خيرباد ڪيو هو. مان پانيان ٿو تہ انهيءَ شاديءَ جو سبب ٻنهي ۾ پريم بہ هو ۽ هڪ انقلابيءَ جي اها بہ خواهش هئي تہ هو پنهنجي انقلاب پسنديءَ جو پنهنجي زندگيءَ ۾ ثبوت ڏئي (پاڪستان جي وجود ۾ اچڻ کان پوءِ هو ٻئي سهاري رهجي ويا ها ۽ مولانا احتشام الحق ٿانويءَ جي هٿ تي مشرف بہ اسلام ٿيا ها. ان لاءِ نگيندر وياس مون کي اهو دليل ڏنو هو تہ ايم. اين. راءِ جي ڪتاب "اسلام جو تاريخي رول" (Historical Role of Islam) موجب اسلام دنيا جي ٻئي هر مذهب کان وڌيڪ ترقي پسند هو پر مون کي وياس جي ڪنيل قدم لاءِ اهو سبب دل کي نہ آئڙيو هو ڇو تہ وياس دهريو هو. سال ڏيڍ کان پوءِ وياس ۽ سشيلا ٻئي هندستان هليا ويا ها.)

عمر ڪوٽ وارو پير عبدالغفور سرهندي بہ انهيءَ پارٽيءَ جو سرگرم ڪارڪن هو. جڏهن هو 1946ع واري سنڌ اسيمبليءَ جي اليڪشن ۾ غلام محمد وساڻ جي خلاف بيٺو هو تہ مان، نگيندر وياس، سُشيلا ۽ ابراهيم جويو هن جي اليڪشن ۾ ورڪ لاءِ عمرڪوٽ ويا هياسين. مون هن جي حمايت ۾ عمرڪوٽ جي هارين ۾ ڏاڍا انقلابي نظم پڙهيا ها. انهن مان انقلاب ڳاءِ" "پونر پري آڪاس" واري بندش هيٺ آيل مجموعي ۾ ڇپيو آهي. ان وقت سشيلا جو ڪوئي معاشقو ٿي ويو هو جنهن جي باري ۾ مان ڪنهن ٻئي وقت لکندس. رائسٽ (Royist) حلقي سان مون جو وقت گذاريو اُهو منهنجي زندگيءَ جو هڪ عجيب تجربو آهي ۽ اُن دور جا مون کي ڪيئي واقعا ياد آهن. ان تجربي مون کي انهيءَ نتيجي تي پهچايو تہ انقلابي بہ ٻين انسانن جهڙا انسان آهن ۽ انهن ۾ بہ ٻين انسانن جهڙيون ڪمزوريون آهن، جن کان مٿي اُيرڻ لاءِ نفس سان وڏي جهاد جي ضرورت آهي، انسان کي پنهنجي گوشت پوست کي شعلي ۾ بدلائڻو آهي ۽ چوڌاري روشني ڦهلائڻ لاءِ ڪم آڻڻو آهي.

رائزم (Royism) سان آشنائيءَ مون کي نقصان بہ رسايو ۽ فائدو بہ. نقصان ان ڪري، جو مون ڪميونسٽ مئني فيسٽو پڙهي، يڪدم ايم. اين. راءِ جا ڪتاب پڙهيا ۽ مارڪسزم- لينن ازم سان ايم. اين. راءِ جي معرفت آشنائي پيدا ڪئي. فلسفو منهنجو مرغوب مطالعو هو ۽ مون سقراط کان وٺي هيگل تائين فلسفي جي تاريخ جو ڪافي مطالعو ڪيو هو ۽ ان ڪري مون اندازو لڳائي وڌو هو تہ ماديت جي فلسفي (Plilosophy of Materialism) تي ايم. اين. راءِ برصغير ۾ وڏي ۾ وڏي سند هو. انهيءَ تاثر هيٺ مون راءِ جي تحريرن کي ڪافي اهميت ڏني هئي ۽ مارڪسزم- لیننزم جو براهہ راست ايئن مطالعو نہ ڪيو هو جيئن مون کي ڪرڻ گهربو هو. مان اجا بہ اشتراڪي ۽ ڪانگريسي نيتائن. جي انهيءَ الزام سان متفق نہ آهيان تہ ايم. اين. راءِ پنهنجي پوئين دور ۾ انگريز سرڪار جو ايجنٽ هو. مان ايم. اين. راءِ سان ان وقت پوريءَ طرح متفق نہ هوس تہ مسلم ليگ ۽ ڪانگريس فسطائي جماعتون آهن ۽ اُن ڪري ملڪ جي آزاديءَ کي تيستائين روڪيو وجي جيستائين عوام ۾ ايترو سياسي شعور پيدا ٿئي. جو پنهنجن جمهوري حقن جي حفاظت ڪري سگهن. دراصل مون انگريز سامراج خلاف ”او باغي، او راج دروهي“ جهڙا بغاوتي نظم ويهن ٻاويهن ورهين جي عمر ۾ لکيا ها، جي پروفيسر رام پنجواڻيءَ سڄيءَ سنڌ ۾ گهڙي تي ڳائيندو وتندو هو ۽ هو چوندو هو تہ هن سنڌ اسيمبليءَ لاءِ اليڪشن ۾ بہ جايون اهي نظم ڳائي کٽيون هيون. ان ڪري مون لاءِ ايم. اين. راءِ جي مٿي ذڪر ڪيل هدايت تي عمل ذرا مشڪل هو. ايم. اين. راءِ هڪ دور انديش مارڪسوادي هو پر هن وقت بہ مان انهيءَ خيال جو آهيان تہ جڏهن انسان تاريخ جي ڏارا کان اوچتو ڪٽجي وڃي ٿو تڏهن هو هڪ تلاوَ جي بيٺل پاڻيءَ وانگر سينوارجي وڃي ٿو. مون کي ايم. اين راءِ جي مطالعي مان خاص طور اهو فائدو پهتو تہ

1946ع ۾ ٿي مون کي اسٽالن جي آمريت ۽ اُن جي مهلڪ نتيجن جو علم ٿي ويو ۽ اسٽالن جي موت کان پوءِ، روسي ڪميونسٽ پارٽيءَ جي ويهينءَ ڪانگريس ۾ خروشيف جيڪي انڪشاف ڪيا، اُهي دنيا جي بين ترقي پسند اديبن وانگر، منهنجي ايمان کي لوڏي نہ سگهيا. ٻہ سال اڳ مون رجني پامر دت جو هڪ ڪتاب ”دي انٽر نيشنل“ ( The International) پڙهيو هو جنهن ۾ هن چيو آهي تہ اسٽالن تي اجا تاريخ کي فتويٰ ڏيڻي آهي، ۽ روس جي موجوده حڪومت جي فتويٰ جي باوجود، مان پامر دت سان ڪنهن حد تائين متفق آهيان ۽ پانيان ٿو تہ اها فتويٰ اڌوري آهي. مان آمريت کان نفرت ڪندو آهيان، ۽ نہ اسٽالنسٽ آهيان ۽ نہ ٿي سگهان ٿو نہ وري مان ڪنهن بہ سياسي/ انقلابي پارٽيءَ جو ميمبر آهيان، پر هڪ شاعر ۽ اديب جي حيثيت ۾ منهنجو قومي ۽ بين الاقوامي سياست سان ايترو واسطو آهي تہ مان انسان ذات جي تاريخ ۽ تقدير کان باخبر رهان ۽ پنهنجي هر تخليق ۾ اهي قدر اپنايان، جن ۾ پنهنجي ديس سان گڏ پوريءَ انسان ذات جي ڀلائي هجي ۽ جي ديس جي ڀلائيءَ ۽ انسان ذات جي ڀلائيءَ ۾ ڪوئي تضاد پيدا ٿئي تہ انسان ذات جي ڀلائيءَ کي پنهنجي ديس جي ڀلائيءَ تي ترجيح ڏيان.

قصو ڪوتاهہ، مون کي سرڪيءَ چيو ”جنهن سماج سان اتڪي رهيو آهين، انهيءَ کان ٿي پناهہ گهري رهيو آهين“ مون جواب ڏنو، ”ڪامريڊ! اوهان ڪڏهن بورجوا جمهوريت جي ڪمزورين جو فائدو نہ ورتو آهي ڇا؟“

ايتري ۾ منهنجو دوست خالد اسحاق هاءِ ڪورٽ بار جي ڪئنٽين وٽان لنگهيو ۽ مون کي ڏسي اندر هليو آيو ۽ مون کان حال احوال وٺائين ۽ چيائين تہ ”منهنجي ڪا بہ ضرورت پوي تہ مان حاضر آهيان.“ هن ڪجهہ ڪيسن جا حوالا ڏنا، جن ۾ هاءِ ڪورٽ

اديبن جي باري ۾ فتوائون ڏنيون هيون ۽ جن ۾ هڪ ڪيس پنجابي شاعر مرحوم احمد رياض جو بہ هيو جنهن ۾ هن جي اُنهيءَ ڪتاب تان هاءِ ڪورٽ بندش هٽائي هئي جنهن ۾ هن جو نظم "چهٽا دريا" (ڇهون درياءُ) شايع ٿيو هو. ان نظم ۾ احمد رياض پڇيو هو تہ "منهنجن پنجن دريائن جي ديس مان هي رت جو ڇهون درياهہ ڪنهن وهايو آهي." مان اهو ڪتاب اڳي پڙهي چڪو هوس. خالد کي هاءِ ڪورٽ ۾ ڪجهہ ڪيس رکيل ها ۽ هن جلد ئي موڪلايو هو. سال 1948ع ۾ مان، خالد اسحاق ۽ شيخ عبدالقادر* گڏ وڪالت ڪندا هياسين. خالد ۽ اسحاق منهنجا ڪلاس فيلو رهيا ها. خالد اسحاق ڪجهہ وقت ايڊووڪيٽ جنرل هو ۽ جي، هو ان عهدي تان استعيفيٰ نہ ڏي ها تہ هن وقت هاءِ ڪورٽ جو جج هجي ها. هن وقت هو ڪراچيءَ جي چوٽيءَ جي وڪيلن مان آهي ۽ مان بقول حافظ

*در کوئے نیکنامی مارا گذر نہ دادند*
*گر تو نمی پسندی تغیر کن قضا را**

خالد اسحاق، شيخ عبدالقادر ۽ مان ايل. ايل. بي ۾ ڪلاس فيلو هياسين ۽ وڪالت ۾ بہ ڀائيوار هياسين. اسان جيتوڻيڪ وڪالت ۾ ڇهہ ٻارنهن مهينا رهيا هياسين ،تڏهن بہ اسان کي ڪاروبار ڪافي هوندو هو ۽ پنهنجي هانوَ جي سوجهري تي اسان هاءِ ڪورٽ ۾ ڪاميابيءَ سان ڪيس هلائي ويندا هياسين. خالد هڪ مذهبي انسان آهي ۽ اجا تائين هن کي اسلاميات ۾ بيحد دلچسپي آهي. هن جو فلسفي جو مطالعو بہ ڪافي وسيع آهي. آمريڪي فلسفيءَ وليم

---

* شيخ عبدالقادر صاحب هن وقت پاڪستان جي سپريم ڪورٽ جو جج آهي، هو سنڌ جو گورنر بہ رهي چڪو آهي.

* چڱمڙسيءَ جي گهٽيءَ مان منهنجو لنگهہ نہ آهي، جي توکي اها ڳالهہ نہ ٿي وڻي تہ منهنجي لکئي کي ڦيراءِ (ترجمو)

جيمس (Willim James) جي فلسفي سان هن منهنجي واقفيت ڪرائي هئي ۽ مارڪسزم ۽ ماديت جي فلسفي جي گهري مطالعي جي باوجود، مون تان وليم جيمس جي مطالعي جو اثر ميساريو نه آهي. جڏهن اسان گڏ وڪالت ڪندا هياسين، تڏهن خالد جي "طلوع اسلام" جي مدير چوڌري پرويز سان ڪافي محبت هوندي هئي، جو مان پانيان نه اُن وقت مرڪزي حڪومت ۾ اطلاعات جي محڪمي جو سيڪريٽري هو. سول اسپتال کان ڪجهه مفاصلي تي ڊاڪٽر حميد هوميوپٿيءَ جو دواخانو هوندو هو جتي فرصت جي وقت چوڌري صاحب اچي ويهندو هو ۽ ڪڏهن ڪڏهن خالد مون کي هن وٽ وٺي ويندو هو. چوڌري صاحب نه فقط علامه اقبال جو وڏو معتقد هو پر هوميوپيٿيءَ جو مداح به هو ڇو ته هوميوپيٿيءَ موجب انسان جو هر مرض هن جي خوديءَ (Elan Vital) جي ڪنهن ڪمزوريءَ ڪري ٿئي ٿو ۽ هوميوپٿيءَ جون دوائون هن جي پوريءَ خوديءَ کي صحت ياب ڪن ٿيون. ڇاڪاڻ جو علامه اقبال خود برگسان جي تصور خودي (Elan Vital) جي نظريي کان متاثر هو، چوڌري صاحب چوندو هو ته هوميوپيٿيءَ جو طبي فلسفو صحيح آهي ۽ عين اسلامي آهي. مان پنهنجي اندازي مان سمجهان ٿو ته هو اهل قرآن آهي ۽ علامه اقبال جي هيٺ ڏنل نظريي کان متاثر آهي:

واعظ دستان زن و افسانه بند
معنیٰ او پست و حرفِ او بلند
از تلاوت برتو حق دارد کتاب
تو از وکاے کہ می شواہی بہ باب

ان دؤر ۾ مون به ڪجهه اسلامي فلسفي جو مطالعو ڪيو هو ۽ نه فقط ابن سينا، ابن العربي، ابن رُشد وغيره تي ڪتاب پڙهيا ها، پر اسلام جي تاريخ ۾ مسلمانن جي نظرياتي تحريڪن جو به مطالعو

ڪيو هو. مجدد الف ثانيءَ، شاهہ ولي الله، سيد احمد بريلوي، شاهہ اسماعيل شهيد، جمال الدين افغاني، ڪمال اتاترڪ، مولانا عبيدالله سنڌي، مولانا شبلي، مولانا حالي، مولانا ابو الڪلام آزاد، مولانا حسين احمد مدني ۽ راءِ بريليءَ کان بانس بريليءَ جي جهڳڙي تائين، مون هر موضوع تي ڪتاب پڙهيا ها ۽ ان مان نہ فقط منهنجي معلومات ۾ اضافو ٿيو هو پر ان مان جي مون نتيجا ڪڍيا ها، انهن منهنجي زندگيءَ جي نظريي ۾ اڳي کان وڌيڪ پختگي آندي هئي.

مون هڪ پيري اوچتو ارادو ڪيو تہ مان ڪراچي ڇڏي اندرينءَ سنڌ ۾ رهندس ۽ ڪراچي ڇڏڻ کان چوويهہ ڪلاڪ اڳ مون اهڙو اطلاع خالد کي ڏنو هو. دراصل اها ڪشمڪش منهنجي دل ۾ ڪيتري ئي وقت کان هلندڙ هئي تہ جي مون کي سنڌيءَ ۾ شاعري ڪرڻي آهي تہ مون کي ڪراچي ڇڏڻي پوندي. مان ٻڌتر ۾ هوندو هيس، ڇو تہ ڪراچيءَ ۾ پيسو مينهن وانگر ايندو هو ۽ اندرينءَ سنڌ ۾ مون کي روزگار جي گنجائش گهٽ نظر ايندي هئي. خالد کي منهنجي اهڙي اٽل ارادي تي حيرت آئي هئي ۽ چيو هيائين تہ ”تون هفتي ۾ موٽي ايندين.“ اڄ مون کي سکر ۾ رهندي ذري گهٽ ويهہ سال ٿي ويا آهن.

ڪراچي بار جي ڪئنٽين ۾ مون ارادو ڪيو تہ شام جو طفيل علي عبدالرحمان* جي آفيس تي وڃي هن کي چوندس تہ ضامن جي درخواست داخل ڪري.

دراصل سيني دوستن جو اهو رايو هو تہ بروهي صاحب جي عدم موجودگيءَ ۾“ طفيل علي عبدالرحمان کي ئي وڪيل ڪجي، پر توڙي طفيل صاحب منهنجي پياري دوست مرحوم جمال صديقيءَ جو گهرو دوست رهيو هو ۽ منهنجا بہ هن سان ذاتي تعلقات هئا، مون ايئن ڪرڻ

---

* طفيل صاحب پٽي صاحب جي دور ۾ سنڌ هاءِ ڪورٽ جو چيف جسٽس هو ۽ پوءِ سنڌ جو گورنر هو. جنهن وقت گذاري ويو.

ڪان لنوايو ٿي، ڇو تہ مون هن کي اڳ بہ تڪليف ڏني هئي ۽ هن حيدرآباد مان منهنجي شهر نيڪاليءَ خلاف هاءِ ڪورٽ کان اِسٽي آرڊر (Stay order) ورتو هو ۽ مون کان في نہ ورتي هئي.

ڪئنٽين کان ٻاهر نڪتاسين تہ حفيظ قريشي مون کي ڀاڪر پائي مليو ۽ چيائين، "ضامن جي درخواست داخل ڪيئي؟" مون کي اهو ٻڌي حيرت لڳي ۽ مون هن کان پڇيو "اوهان کي ڪيئن خبر پئي تہ مون تي ڪيس ٿيو آهي؟"

هن جواب ڏنو "بادشاهہ! اها خبر سڄيءَ سنڌ ۾ باهہ وانگر پکڙجي وئي آهي. 3 نومبر تي ڪُل سنڌ شاگرد فيڊريشن جي ڪنوينشن ۾ مون پورو اڌ ڪلاڪ تنهنجي شاعريءَ تي ڳالهايو ۽ اُتي سيني کي انهيءَ ڪيس جي باري ۾ ٻڌايو."

مون هن کان پڇيو تہ "ڪنوينشن ڪيئن هئي؟" چيائين، "عالي شان".

پوءِ مون سمجهيو تہ حفيظ صاحب کي اها خبر رسول بخش پليجي ڏني هوندي.

حفيظ قريشي هڪ نهايت صاف گو ۽ مخلص انسان آهي: هو ڪيترو ئي وقت خاڪسار تحريڪ ۾ هو پر هاڻي هو سنڌ نيشنل عوامي پارٽيءَ جو پريزيڊنٽ آهي. سر سيد احمد خان چوندو هو تہ "وہاں تین قسم کے ہوتے ہیں- وہاں، وہاں کریلا اور وہاں کریلا اور نیم چڑھا۔" جي سنڌي قوم پرست بہ ايئن ٽن درجن ۾ ورهايا وڃن تہ حفيظ صاحب پوئين درجي ۾ ايندو.

حفيظ قريشي جو حالات جو تجزيو بلڪل منفرد هوندو آهي ۽ هو ٻئي ڪنهن جي قول کي پنهنجي گفتگوءَ ۾ ورلي ڪم آڻيندو آهي ۽ اهو بہ فقط رنگ روغن لاءِ. هڪ دفعي مان، حفيظ قريشي ۽ رسول بخش پليجو ڪار ۾ غالباً بدين وڃي رهيا هياسين. پليجي ڪارل مارڪس

جو حوالو ڏئي چيو تہ ”آئرلينڊ جي آزاديءَ لاءِ جدوجهد ڪندڙ جيتوڻيڪ اشتراڪي نہ هئا، پوءِ بہ اهي ڪنهن بہ انگريز اشتراڪيءَ کان بهتر هئا، ڇو تہ هو جيڪو سياسي ڪردار ادا ڪري، رهيا هئا، اُهو مارڪسوادي هو ۽ قومي آزاديءَ جي تحريڪ اُهي قوتون پيدا ڪندي آهي، جي اڳتي هلي طبقاتي جدوجهد جي رهبري ڪنديون آهن.“
حفيظ صاحب ڪافي وقت هن کي صبر سان ٻڌي چيو ”پليجا صاحب! هڪڙي ڳالهہ تہ ٻڌايو. جي مارڪس ايئن نہ چئي ها تہ اوهان ڪنهن بہ قومي آزاديءَ جي تحريڪ ۾ اعتبار نہ ڪيو ها ڇا؟“
حفيظ صاحب جڏهن تيار ٿي پلئٽ فارم تي ايندو آهي، تڏهن ٻڌندڙ هن جي ذهانت ڏسي حيران ٿي ويندا آهن. ڪڏهن ڪڏهن هو منهنجيءَ شاعريءَ کان اهو سياسي ڪم وٺندو آهي. جو مان خود حيران ٿي ويندو آهيان. هن کي سنڌي ٻول چال، لٽي ڪپڙي، کاڌي پيتي ۽ رهڻيءَ ڪهڻيءَ سان بيحد محبت آهي ۽ هن کي جنهن شيءِ مان بہ سنڌ جي سڳنڌ ايندي آهي، هو ان تي گهوريو ويندو آهي. سنڌي بير هو اهڙي مزي سان کائيندو آهي، جو ڄڻ اُهي بہ قومي تحريڪ جو حصو آهن. هو حيدرآباد جو هڪ ڪامياب وڪيل آهي، پر مون هن ۾ مٿئين وچولي طبقي جي چِنڊ ڦوڪ، نٽ نانگر ڪڏهن بہ نہ ڏٺو آهي. سادي لٺي جي شلوار ۽ ململ جي چولي ۾ هو هزارها ماڻهن جي ميڙ کي پنهنجي آواز جي اُتار چڙهاءَ ٻوليءَ جي ساءَ سواد ۽ ذهانت جي چمڪ دمڪ سان موهي ڇڏيندو آهي ۽ ڪيترائي هن کي ڏسي مولانا محمد علي، ابوالڪلام آزاد ۽ عطا الله شاهہ بخاريءَ جهڙا مقرر ياد ڪندا آهن.
حفيظ صاحب ٿوري دير ويٺو. هو تڪڙ ۾ هو سو پڇيائين، ”قيام ڪٿي آهي؟“ مون هن کي هوٽل جو پتو ٻڌايو تہ چيائين تہ ”شام جو گڏباسين.“
اسان هاءِ ڪورٽ بلڊنگ مان نڪتاسين تہ ديوان پرمانند مليو.

ديوان منهنجو شڪارپور هاءِ اسڪول ۽ ڪاليج ۾ ڪلاس فيلو هو ۽ اڄڪلهه ڪوئٽا ۾ وڪالت ڪندو آهي. هو ڪنهن اصيل جي موت بعد، هن جي ملڪيت تي پيل ٽئڪس گهٽ ڪرائڻ لاءِ ڪراچيءَ آيو هو. مون هن کي هوٽل جو پتو ۽ فون نمبر ڏئي ڇيو تہ هو مون سان اُتي ملي.

اسان اُتان ”ٿامس اينڊ ٿامس“ بڪ اسٽال تي وياسين، جتان مون ويهارو ڪتاب خريد ڪيا، جن مان مون Andre Gides Journals، هڪ انگريزي ناول Snakes and Ladders، جنهن جا اڪثر ڪردار پاڪستان بيورو ڪريسيءَ مان هئا، ۽ مٿي ذڪر ڪيل سارا برنارڊ جي زندگيءَ تي لکيل ڪتاب پاڻ وٽ پڙهڻ لاءِ رکيا، ۽ باقي ڪتابن لاءِ ڪتاب گهر جي مالڪ کي چيم تہ منهنجي ائڊريس تي سکر موڪلي ڏئي. پوءِ اسان هوٽل ۾ ماني کائي، ايم. اي پيرزادي جي آفيس تي آياسين. هن جي آفيس هيٺان ڪنهن ڪباڙيءَ اڌورا ڪتاب تي وڪيا. رشيد پٽني، جو نہ فقط اڌوراٽا ڪوٽ وٺندو آهي، پر اڌوراٽا ڪتاب بہ پريون پڌي خريد ڪندو آهي، ڪباڙيءَ وٽان ڪتاب خريد ڪرڻ لاءِ بيهي رهيو. مان هونءَ تہ اڌوراٽي ڪتاب ۽ وڏوا جي ويجهو نہ ويندو آهيان، پر پٽنيءَ جي ڪُسنگ ۾ بہ اڌوراٽا ڪتاب خريد ڪيم. هڪڙو سٽٽرز لينڊ جي باري ۾ هو جنهن ۾ هڪ باب ۾ ڏيکاريو ويو هو تہ اُتي ٻوليءَ جا ڪهڙا مسئلا آهن ۽ اُتان جون مکيہ* لساني قوميتون ڪروٽ (Croat) ۽ سرب (Serb)** اهي مسئلا حل ڪرڻ ۾ ڪيئن ڪامياب ٿيون آهن. ٻوليءَ جو مسئلو گذريل اڌ صديءَ کان وڌيڪ عرصي لاءِ برصغير جو هڪ اهم مسئلو رهيو آهي. جڏهن بنارس

---

* ڪروٽ (Croat) اصل يوگوسلاويا جي ضلعي ڪروٽيا جا رهندڙ آهن.

** سرب (Serb) اڳئين بالڪن (Balkan) حڪومت سربيا (Serbia) جا رهندڙ ها، جا 1919ع کان پوءِ يوگوسلاويا جو حصو آهي.

يونيورسٽيءَ ۾ هندي رائج ڪئي وئي هئي تہ سر سيد، رد عمل طور عليگڙهہ ڪاليج جو بنياد رکيو هو. عليگڙهہ ۾ پڙهيل هڪ خطبي ۾ سيد سليمان ندويءَ (غالباً 1917ع ۾) چيو هو تہ اسان مسلمان هندن سان ٻوليءَ جي مسئلي تي ايترو دور وڃي پونداسين، جو وري نہ ملنداسين، ۽ ٿيو بہ ايئن، ڇاڪاڻ جو سنڌين لاءِ بہ اڄڪلهہ ٻوليءَ جو مسئلو هڪ نهايت اهميت وارو مسئلو آهي، مون اهو سٽيزرلئنڊ تي ڪتاب خريد ڪيو. ٻيو ڪتاب هو "سازشي" (Conspirators)، جو ٻهرينءَ نظر ۾ مون کي نهايت دلچسپ لڳو هو. ان ۾ پرولتاري حڪومت خلاف روس جي اندر ۽ روس کان ٻاهران زارپرست روسين جي ڪيل سازشن جو تفصيلي احوال ڏنل هو.

پيرزادي جي آفيس مان پيرزادي سان گڏجي، اسان طفيل صاحب وٽ آياسين، جنهن ايئرڪنڊيشنڊ ڪمري ۾ هو ويٺل هو اُن ۾ يو ڊي ڪلون جي ايتري تہ خوشبو هئي، جو دم پئي منجهيو. هن اسان واري ٽائيپ ڪرايل درخواست ۾ هڪ اڌ ٽائيپ جي غلطي درست ڪئي ۽ پيرزادي کي چيائين، "سڀاڻي درخواست داخل ڪري تاريخ وٺجانءِ ۽ درخواست جو نقل مون کي ڏياري موڪلجانءِ." طفيل صاحب گهٽ ڳالهائو ۽ ڏاڍو سمجهو وڪيل آهي. هن وٽان اُٿي اسان مئٽني ڏسڻ لاءِ بئمبينو سئنيما آياسين، جتي Peter O‘ Toole جي فلم Night of Generals هلي رهي هئي. پيٽر او ٽول جي اداڪاري مون کي ڏاڍي وڻندي آهي. هن جي فلم لارينس آف عريبيا (Lawrence of Arabia) ۾ اها سين، جنهن ۾ لارينس، زندگيءَ جي علامت طور، ماچيس جي تيلي ٻاري ان کي ڦوڪ سان وسايو هو مون کان اڃا تائين نہ وسري آهي. اُن ۾ هڪ ٻي بہ ناقابل فراموش سين هئي، جنهن وقت لارينس جو عرب نوڪر واريءَ جي گرڻ ڳڙڪائي رهيو هو. ان وقت هن جي چهري تي پنهنجيءَ اندرينءَ ڪيفيت جو اهڙو تہ اظهار هو جو اها ڪيفيت مون

ڪي اجا تائين ياد آهي. سئنيما مان نڪتاسين تہ مولانا عبدالواحد سنڌي مليو جو مولانا گهٽ ۽ سنڌي وڌيڪ آهي. هو ڪيئي سال سرڪاري رسالي ”نئين زندگي“ جو ايڊيٽر رهيو آهي ۽ سنڌي ادب سان ڏاڍا پيال پلايا اٿائين. ڪنهن وقت هن جي سنڌي ادب ۾ ايتري دلچسپي ڏسي، تعجب ايندو آهي، ڇو تہ هو ڪيئي سال ڊاڪٽر ذاڪرحسين سان جامع مليہ دهليءَ ۾ رهيو آهي جتي درس و تدريس جي زبان اردو هئي. هن منهنجي شاعريءَ تي رشيد ڀٽيءَ جو مضمون ”جوڳيءَ تي جڙاءُ، نسورو ئي نينهن جو“ شايع ڪري، مون تي سنڌي ادب جا دقيانوسي حلقا مچرائي ڇڏيا ها ۽ مون کي وضاحت شايع ڪرڻي پئي هئي تہ مان پاڻ کي نئون پٽائي نہ ٿو سمجهان. ان کان پوءِ رجعت پسند اخبارن ۽ رسالن ۾ منهنجي خلاف سنڌيءَ ۽ اردوءَ ۾ هزارين ڪالم لکيا ويا آهن، جن کي مان سچ کي ٻجو ڏيندڙ سمجهي، نظر انداز ڪري ڇڏيندو آهيان.

مولانا عبدالواحد سنڌيءَ جي شڪل صورت ڪشميري ليڊر شيخ عبدالله سان ملندي آهي. هو سدائين عمر عيار جي زنبيل جيڏو وڏو وزني ٿيلهو کڻندو آهي، جنهن ۾ لانڊريءَ جي رسيد کان وٺي لوڙائو بيتن تائين، هر قسم جو ڪاغذ پٽ موجود هوندو آهي. غلام ربانيءَ ۽ حسين شاهہ راشديءَ جي هن سان بيحد محبت آهي ۽ جڏهن هو مولانا سان غير ادبي ڇيڙ ڇاڙ ڪندا آهن، تڏهن مولانا پنهنجي مخصوص انداز ۾ چوندو آهي، ”ڇڏ زوراور“: ان ڪري مولانا جا دوست هن کي ”زوراور سنڌي“ بہ چوندا آهن. افسوس آهي تہ رٽائرمينٽ کان پوءِ ههڙي تجربيڪار بزرگ کي سنڌ جي ڪنهن ادبي اداري ۾ خاطر خواهہ ملازمت نہ ملي سگهي آهي ۽ هو اجڪلهہ اردوءَ ۾ ڪوئي ٻارن جو رسالو ڪڍي رهيو آهي. منهنجي هن سان ڪيتري وقت کان نياز مندي رهي آهي ۽ مان جڏهن بہ ڪراچيءَ ويندو آهيان، هن سان ملندو

آهيان. مولانا مون کي سراج لاءِ چيو تہ هو مون کي ياد ڪري رهيو آهي. مون هن کي چيو. "اڄڪلهہ منهنجي شاعري وش ڪنيا جي پاڪر وانگر ٿي پئي آهي. ابراهيم جويو جيڪب آباد ۾ نوڪريءَ ۾ هو ۽ اُتان مون وٽ بہ پيرا سکر آيو هو تہ هن کي ڪوهاٽ موڪليو ويو آهي. *ان ڪري اڄڪلهہ مان پنهنجي ڪنهن ڪاموري دوست سان گهٽ ٿو ملان تہ متان مون تي، جو عتاب آهي، ان جي لهس هن کي بہ نہ اچي وڃي!" رستي تي مان سوچيندو آيس تہ منهنجن ڪيڏن گهڻگهرن منهنجي ڪري تڪليفون سٺيون آهن!

هوٽل تان مون پيرزادي کي فون ڪيو تہ "اسان جي رات جي ماني راشدي صاحب وٽ آهي ۽ ان ڪري صبح جو هاءِ ڪورٽ ۾ ملنداسين." ان تي پيرزادي چيو "حفيظ قريشي صاحب تنهنجو انتظار ڪري رهيو آهي. انهيءَ سان ڳالهاءِ." مون کي حفيظ صاحب فون تي چيو تہ "رات جي ماني گڏ کائجي، جنهن تي مون هن کي ٻڌايو تہ منهنجي ماني تہ راشدي صاحب وٽ آهي." ان تي هو چپ ٿي ويو ۽ پوءِ چيائين، "چڱو مان اُتي ٿو اچان."

شام جو مان ۽ پٽي راشدي صاحب جي گهر وياسين. راشدي صاحب ڪيڏانهن ٻاهر ويو هو مسز راشديءَ اسان جي آجيان ڪئي. اُتي هڪ مهاجر بہ وينو هو جنهن جو نالو مون کي ياد نہ آهي. ڳالهين ڪندي مسز راشديءَ مون کان پڇيو "اوهان جو شعر ڪنهن مغربي زبان ۾ بہ ترجمو ٿيو آهي؟ مون هن کي ٻڌايو تہ منهنجي پنجابي دوست مونس منهنجا ڪجهہ ترجما انگريزيءَ ۾ ڪيا ها، جي راولپنڊيءَ مان نڪرندڙ Orient رسالي ۾ شايع ٿيا ها ۽ ڪافي پسند ڪيا ويا ها. ان کان پوءِ جي. الانا صاحب پاڪستاني شاعريءَ جا انگريزيءَ ۾ ترجما ڪيا ها، جي Persenting Pakistani Poetry جي نالي سان رائيٽرس

---

* سراج ان وقت ڪراچيءَ ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر انڪم ٽئڪس هو.

گلڊ شايع ڪيا ها، جنهن ۾ منهنجن ٻن نظمن جو ترجمو شامل هو. منهنجا ڪجھ نظم جرمن زبان ۾ اولھ جرمنيءَ جي ڪجھ رسالن ۾ ڇپيا ها ۽ مون کي فرئنڪ-فرٽ مان هڪ جرمن شاعره خط لکيو هو تہ اهي نظم اولھ جرمنيءَ جي ادبي حلقن ۾ ڪافي پسند ڪيا ويا ها. اطالوي زبان ۾ بہ منهنجا ڪجھ ترجما ڇپيا آهن. حيدرآباد جي سنڌي اديب پريتوان شري تيرٿ داس ڪجھ يوناني شاعرن سان ان سلسلي ۾ خط و ڪتابت ڪئي هئي، پر معلوم نہ آهي تہ يوناني ٻوليءَ ۾ منهنجي ڪنهن نظم جو ترجمو ٿيو يا نہ. هڪ دفعي پاڪ-سوويٽ ڪلچرل ايسوسيئيشن ڪراچيءَ ۾ روسي انقلاب جا پنجاھ سال ملهائي رهي هئي، مون اتي هڪ انقلابي نظم پڙهيو هو. اُتي روسي اخبار پراودا جو نمائندو ويٺو هو جنهن کي نظم جي ترنم ۽ ٻڌندڙن جي رد عمل ايترو تہ متاثر ڪيو هو جو هن مون کان اهو نظم سنڌيءَ ۾ اُن جي انگريزيءَ ۾ ترجمي سان گڏ لکائي ورتو هو. مون کي پوءِ ڪنهن ٻڌايو هو تہ ان نظم جو روسي ترجمو ”پراودا“ ۾ شايع ٿيو هو.“

مسز راشديءَ ان تي مون کان پڇيو. ”پاڪستاني زبانن ۾ اوهان جو ڪجھ ترجمو ٿيو آهي؟“

مون هن کي ٻڌايو تہ ڪيترو وقت اڳ مون خود اردوءَ ۾ پنهنجن ڪيترن ئي نظمن جو منظوم ترجمو ڪيو هو جو ” بوءِ گل نالہءِ دل “ جي نالي سان ڇپيو هو. ان کان پوءِ بہ مون پنهنجيءَ شاعريءَ ۽ سنڌ جي ڪلاسيڪي شاعريءَ جا اردوءَ ۾ منظوم ترجما ڪيا ها جي پاڪستان جي اردو رسالن ۾ ڇپيا ها، ۽ انهن تي ڪراچي رائيٽرس گلڊ مون کي ”هم قلم“ ايوارڊ ڏنو هو. ساڳي وقت گلڊ ٻيو ايوارڊ اردوءَ جي مشهور شاعر ۽ اردوءَ ۾ غير مقفيٰ شاعريءَ جي بانيءَ ن. م راشد کي ڏنو هو. اهو ايوارڊ ڪراچي رائيٽرس گلڊ، سال جي ٻن بهترين شاعرن کي ڏيندي آهي. مون سٽن اٺن سالن کان اردوءَ ۾ لکڻ ڇڏي ڏنو آهي، ڇو تہ مون

محسوس ڪيو آهي تہ منهنجي مادري زبان کي منهنجي وڏيڪ ضرورت آهي ۽ فقط ان ۾ ئي مان پنهنجي ذات کي منطقي نتيجي تي پهچائي ٿو سگهان. پر هاڻي مون سوچيو آهي تہ پنهنجي وڏيڪ ڪلام جو پاڻ اردوءَ ۾ منظوم ترجمو ڪريان. اردوءَ جي ڪجھ اديبن منهنجا ڪجھ ترجما ڪري ڇپايا آهن، پر مان انهن کان مطمئن نہ آهيان. معلوم نہ آهي تہ منهنجي ڪنهن نظم جو بنگاليءَ ۾ ترجمو ٿيو آهي يا نہ! هڪ ڀيري ڪوي جسيم الدين ۽ ڪوي غلام مصطفيٰ منهنجي پرسان ڪراچيءَ جي سينٽرل هوٽل ۾ ترسيل ها. مون انهن کي پنهنجا ڪجھ نظم انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪري ٻڌايا ها جن کان هو ڏاڍو متاثر ٿيا ها، پوءِ هنن مون کان ڪجھ نظمن جو ترجمو انگريزيءَ ۾ لکائي ورتو هو ۽ چيو هيائون تہ هو اهي نظم بنگلا ڀاشا ۾ ترجمو ڪري ڇپائيندا.“

ان تي مسز راشديءَ پڇيو ”تو کي اهي ٻئي بنگالي شاعر ڪيئن لڳا ها؟“

مون جواب ڏنو تہ ”ڪوي جسيم الدين جو نالو تہ وڏو آهي، پر مون کي هو هڪ معمولي سنڌي سگهڙ وانگر لڳندو آهي. باقي ڪوي غلام مصطفيٰ جهڙا ٽُڪ بند تہ سنڌيءَ ۾ هزارين آهن. هڪ ڀيري هو سکر آيو هو ۽ پنهنجو بنگالي نظم پڙهي ٻڌائڻ کان اڳ ۾ ٻڌايو هئائين تہ اهو فعولن فعولن فعولن فعو جي وزن تي لکيل آهي ۽ مثال طور هن

کريما بہ بخشائے بر حالِ ما
کہ ہستیم اسیر کمندِ ہوا

واري دعا وڏي استغراق سان پڙهي چيو هو ”کريمـا / فعولن، بـہ بخشا / فعولن، ئے بر حـا / فعولن، لِ ما (فعو) اهڙي تقطيع مون کي انگريزيءَ جي پهرين درجي ۾ مون کي منهنجي اُستاد ڪيئل داس فانيءَ سيکاري هئي، جڏهن منهنجي عمر ڏهہ سال هئي.“

ان تي مسز راشديءَ چيو ”تون مون کي پنهنجو شعر انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪري ڏي تہ مان ان تان بنگاليءَ ۾ ترجمو ڪيان.“

ايتري ۾ هڪ نواب صاحب اچي نڪتو جنهن کي سنڌ ۾ ڪافي زمين ڪليم ۾ مليل آهي. هو تراش خراش، ڪڙائي تڙائيءَ وارو ڪروڙ هو ۽ هن جي لچيدار ٻوليءَ ۾ هند مسلم نوابيءَ جا ڪجهہ آثار ملي رهيا ها. هن پنهنجو تعارف پئي ڪرايو تہ ”مان خود ڪاشتڪار آهيان ۽ سنڌ ۾ مون کي ڪجهہ زمين آهي“. تہ ايتري ۾ حفيظ قريشي اچي نڪتو. مسز راشديءَ هن جو نواب صاحب سان تعارف ڪرائيندي چيو تہ ”نواب صاحب راجپوت آهي ۽ هن وقت سنڌ ۾ هن کي ڪافي زمين آهي.“ جنهن تي نواب صاحب چيو ”ها، خدا جو شڪر آهي، جو مون کي سنڌ ۾ ٽڪرو مليل ويو آهي. مان خود ڪاشت ڪندو آهيان، گذران ٺي ويندو آهي.“ ڳالهين ڪندي پتو پيو تہ نواب صاحب ڪسرنفسيءَ کان ڪم وٺي رهيو هو ۽ هن کي ڪيئي هزار ايڪڙ زمين ڪليم ۾ مليل هئي، پر مارشل لا ريگيوليشن لاڳو ٿيڻ کان پوءِ هن جي ڪجهہ زمين سرڪار واپس ورتي هئي.“ حفيظ صاحب ڪجهہ سوچ ۾ ٻڏي ويو. ٿوريءَ دير کان پوءِ اُن ٻوڏ مان ٻاهر اُڀري نواب صاحب کان پڇيائين. ”اوهان اصل راجپوتانا جا نواب آهيو يا اصل دهليءَ جي آسپاس جا آهيو؟“ نواب صاحب هن جي ايتري دور رس نگاهہ ڏسي، ڪجهہ گهٻرائجي ويو ۽ چيائين، ”در اصل منهنجو ڏاڏو ايران مان آيو هو ۽ اچي دهليءَ ۾ قيام ڪيو هيائين. پوءِ دهليءَ جي ڪنهن شهر آشوب سبب منهنجا وڏا راجپوتانا لڏي آيا ها، جتي هنن کي ڪافي جاگيرون مليون هيون.“

”مون پڻ ايئن سمجهيو هو“. حفيظ صاحب مرڪندي چيو. هن جي مُرڪ ۾ زهر پريل هو.

ايتري ۾ راشدي صاحب بہ اچي نڪتو. هو بين مهمانن سان حالي

حوالي تي رهيو هو ۽ مسز راشدي مون کي چين جي انقلابي شاعريءَ جي باري ۾ پنهنجا تاثرات ٻڌائي رهي هئي. مون هن کي چيو تہ "مون پيڪنگ ۾ شايع ٿيل انقلابي شاعريءَ جو هڪ مجموعو پڙهيو آهي. دراصل ترجمي مان ڪنهن شاعر جي عظمت جو اندازو لڳائڻ مشڪل آهي، پر مون کي ان ڪتاب ۾ فٽ نوٽ پڙهي تعجب آيو هو تہ ڪتاب ۾ شامل ڪيل شاعرن مان ڪيترائي شاعر چانگ ڪائي شيڪ جي حڪومت گولين سان اُڏايا ها. مون هن کي وڌيڪ ٻڌايو تہ مون تائيوان جي منتخب چيني شاعريءَ تي بہ هڪ ڪتاب پڙهيو هو جو مون کي آمريڪي سفارتخاني جي ڪلچرل اتاشيءَ موڪليو هو پر ان ڪتاب مان مون کي ڪفن ۽ ڪافور جي بوءِ آئي هئي." ان تي مسز راشديءَ چيو تہ چين جي انقلابي شاعري نهايت جاندار آهي ۽ مثال طور هن ڪنهن چيني شاعر جو نالو ورتو جو مون کي هينئر ياد نہ آهي. هن وقت جا چيني شاعري Chinese Literature رسالي ۾ اچي رهي آهي، ان مون کي متاثر نہ ڪيو آهي، پر چين بہ شايد انهيءَ ادبي بحران مان گذري رهيو آهي، جنهن مان روسي ادب اسٽالن جي دور ۾ گذريو هو. مون مسز راشديءَ کي روس ۾ جديد ادب، خاص ڪري اليا اهرن برگ جي ناول Thaw، ڊوڊنتسوف جي ناول Not by Bread Alone سولزي نتشن جي ناول One Day in Siberia ۽ پيسترنڪ، يووتوشينڪو آندري ووزنيسينسڪي جي باري ۾ پنهنجا تاثر ٻڌايا. يووتوشينڪو (Yevgeny Yevtushenko) ۽ آندري ووزنيسينسڪي (Andrei Voznesensky) هن وقت روس ۾ چوٽيءَ جا شاعر آهن. مون مسز راشديءَ کي يووتو شينڪو جي آتم ڪهاڻيءَ مان هينئن گفتگو ٻڌائي، جا هن کي ڏاڍي وڻي:

"ڪامريڊ! انقلاب مري چڪو آهي"

"نہ، انقلاب مئو نہ آهي، بيمار آهي ۽ مان پنهنجي شاعري

ائمبيولنس ڪري ڪم آڻي رهيو آهيان."

مون هن ڪي ووزنيسينسڪيءَ جي هڪ نظم My Achilles Heart مان هيٺيون بند به ٻڌايو جو مشهور شاعر آڊن (Auden) انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪيو آهي:

Our destruction is unthinkable,
More unthinkable what we endure,
More unthinkable still that a sniper
Should ever sever the quivering thread.♦

نواب صاحب، جو انگريزي ڄاڻندو هو، اسان کي ڪجهه حيرت ڪجهه تحمل سان ٻڌي رهيو هو. ايتري ۾ مرحوم الله بخش سومري جو وڏو فرزند مسٽر رحيم بخش سومرو به اچي نڪتو. هو راشدي صاحب سان ڳالهائي رهيو هو ته مون کي هن سان هڪ ملاقات ياد آئي. هڪ ڀيري مان شڪارپور مان سکر اچي رهيو هوس ته رستي تي مون سان هن جو ڀاءُ صمد سومرو مليو هو ۽ چيو هيائين، "ادا رحيم، هتان کان ڪجهه پنڌ تي ايئر مارشل اصغر خان ۽ سيڪريٽري دفاع مسٽر نظير احمد جي شڪار جي دعوت ڪئي آهي، مان اوڏانهن ٿو وڃان، تون به هلين ته بهتر." مون کي سکر ۾ ڀيو ڪم نه هو ۽ صمد سان رشتيداري ۽ رحيم بخش سان ايتري بي تڪلفي هئي، جو مان هن جي رسمي دعوت کان سواءِ صمد سان گڏ هليو ويس. دعوت تي ٻيا به ڪيترائي مهمان آيا ها، جن مان اڪثر منهنجا واقف ها. اُتي هڪ ينگيءَ ڪنهن آفيسر کي زور تي ڏنا، جو شڪار تان ٿڪجي موٽيو هو. اوچتو رحيم

♦ اسان جي تباهي سوچ ۾ به نه ٿي اچي سگهي،
ان کان وڌيڪ سوچ ۾ نه ايندڙ اُهو آهي، جو اسان سهي رهيا آهيون، ان کان اڃا به وڌيڪ سوچ ۾ نه ايندڙ اهو آهي ته ڪوئي بندوقچي ڪنهن لرزندڙ ڌاڳي کي ڪٽي سگهي.

بخش تنگون ڊگهيري انهيءَ ينگيءَ کي چيو "اڙي گانڌيءَ جي اولاد! اُٿي، هاڻي مون کي بہ زور ڏي" ان تي ٺهڪڙو پئجي ويو هو. رحيم بخش جي اها ظرافت مون کان نہ وسري آهي.

ٿوريءَ دير کان پوءِ حفيظ صاحب اسان کان موڪلائڻ چاهيو پر مسز راشدي، جا هڪ شفيق ميزبان آهي، هن کي زور ڪيو تہ ماني کائي وڃي. ان کان پوءِ مسز راشديءَ ماني رکائي ۽ اسان سڀئي وڃي مانيءَ جي ميز تي ويناسين. ڳالهيون ڪندي راشدي صاحب نهايت ذهانت سان ون يونٽ کان اڳ ۽ ون يونٽ کان پوءِ حالات جو تجزيو ڪيو ۽ ان ۾ پنهنجي سياسي ڪردار جي وضاحت ڪندي چيو "پر مان تہ چوان ٿو تہ اوهان سنڌي دانشور ڪائي اخلاقي ٽربيونل ناهي، مون تي مقدمو هلايو. گهٽ ۾ گهٽ مون کي بچاءَ جو پورو موقعو تہ ڏيو. پوءِ پلي فيصلو ڪيو تہ مون جو ڪردار ادا ڪيو آهي، اهو تاريخي طور لازمي هيو يا نہ."

"فتوي اڳيئي ملي چڪي آهي، رڳو سزا ڏيڻي آهي"، حفيظ صاحب چيو ۽ پوءِ پورو ڪلاڪ سنڌ جي موجوده ۽ گذشتہ دور تي تقرير ڪيائين.

پهرين تہ راشدي صاحب گهبرائجي ويو ۽ شايد سختيءَ سان جواب ڏيڻ ٿي چاهيائين. پوءِ ڪجهہ مهمان نوازيءَ جي لوازمات کي مدنظر رکي ۽ ڪجهہ حفيظ صاحب جي سياسي تجزيي جي منفرد انداز ۽ هن جي طنز ۽ مزاح کان متاثر ٿي، هن ڪوئي جواب نہ ڏنو. حفيظ صاحب نئين اسرائيل جو ذڪر ڪيو تہ راشدي صاحب ڏاڍا ٺهڪ ڏنا ۽ ماحول جي سنگيني، رنگينيءَ ۾ بدلجي وئي. پنهنجي تقرير پوري ڪري حفيظ صاحب منهنجا ڪجهہ شعر پڙهيا، جنهن تي راشدي صاحب مون کي پنهنجي آواز ۾ ڪوئي شعر پڙهڻ جي فرمائش ڪئي. مون هن کي پنهنجو اڻ ڇپيل نظم "تون هونءَ بہ مرندين

ڪاچي ۾ - اڄ ناهر وانگر چال ڏئي – تون آءُ پهاڙيءَ پاڇي ۾" پڙهي ٻڌايو. جنهن مان هن ڪي اهي سٽون "هر گوليءَ ڪي ڪا ٻولي آ جا هرڪو جاڻو جاڻي تو" ڏاڍيون وڻيون. اٽڪل رات جي ٻارهين بجي اسان راشدي صاحب ڪان موڪلايو ۽ حفيظ صاحب کي ريلوي اسٽيشن تي ڇڏي، هوٽل تي موٽي آياسين. هوٽل ۾ پهتيءَ مون کي چيو "حفيظ صاحب تہ ڪو ڏاڍو زوراور آهي." مون هن کي چيو "پتي، مان راشدي صاحب جو احسان مند آهيان. مون کي هن جي نيت جو علم نہ آهي، پر منهنجي شاعري ڪنهن حد تائين هن جي سياسي اعمال جو منطقي نتيجو آهي، جي پير علي محمد شاهہ راشدي سنڌ ۾ نہ هجي ها، تہ منهنجي شاعري اتي نہ پهچي ها، جتي هاڻي آهي".

5 نومبر تي پيرزادي هاءِ ڪورٽ ۾ ضامن جي درخواست داخل ڪئي، جا 6 تاريخ تي شنوائيءَ لاءِ رکي وئي. اسان ضامن جي درخواست جو نقل طفيل صاحب کي پهچايو ۽ هن کي Twenty Years of Pakistan (پاڪستان جا ويهہ سال) ڪتاب بہ ڏنو جو مرڪزي حڪومت ڇپايو آهي ۽ جنهن تي اطلاعات جي مرڪزي سيڪريٽري الطاف گوهر جو پيش لفظ آهي. ان ڪتاب ۾ پاڪستان جي سنڌي ادب تي ڪجهہ صفحا لکيا ويا آهن، جنهن ۾ منهنجي ادبي حيثيت جو خاص طور ذڪر آهي ۽ منهنجي ضبط ٿيل ڪتاب "پونر پري آڪاس" جي ساراهہ ڪئي وئي آهي. اهو ضروري هو تہ طفيل صاحب منهنجي خلاف آنڌل الزامن جي ترديد لاءِ اهو ڪتاب ڪورٽ ۾ پيش ڪري، باقي مونکي ادب ۾ پنهنجي حيثيت تسليم ڪرائڻ لاءِ ڪنهن مرڪزي سيڪريٽريءَ جي سرٽيفڪيٽ جي ضرورت نہ هئي. مون ڄاتو ٿي تہ ڪالي داس هجي يا ٽئگور يا ڪوئي ٻيو ڪنهن بہ شاعر برصغير جي تاريخ ۾ اهو ڪردار ادا نہ ڪيو آهي، جو مون ڪيو آهي. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ في الحال منهنجي اهميت ايتري ٿيندي، جيتري

منهنجي صوبي ۾ منهنجي ٻوليءَ جي آهي.

اسان پوءِ هوٽل تي موٽي آياسين. رات تائين مون Conspirators جا ڏيڍ سؤ صفحا پڙهيا.

6 نومبر تي ايڊووڪيٽ جنرل هاءِ ڪورٽ کان وقت گهريو ۽ ضامن جي درخواست 8 نومبر تي رکي وئي. مون ايڊووڪيٽ جنرل ڏانهن ڏسي سوچيو تہ هي انسان، جو فاني آهي، ان کي شاعر جي وقت جو ڪهڙو قدر، جنهن جو وجود صدين جي بقا جي ضمانت آهي.

هاءِ ڪورٽ ۾ شيخ مير محمد مليو جو منهنجو مائٽ آهي ۽ ڪراچيءَ ۾ وڪالت ڪندو آهي، ڪجهہ وقت ان سان شيزان هوٽل ۾ گذاريوسين. هو سمجهي نہ ٿي سگهيو تہ آخر مون تي گورنمينٽ اهڙو سنگين ڪيس ڇو ڪيو آهي! مون هن کي ساريون حالتون ٻڌايون، جنهن تي هن کي افسوس ٿيو ۽ چيائين، ”مان ڪراچيءَ ۾ مصروف رهان ٿو ۽ ان ڪري مون کي معلوم نہ آهي تہ سنڌ ۾ ڇا وهي واپري رهيو آهي.“ ان تي مون سوچيو تہ ترڪيءَ ۾ گهڻا وڪيل ها، جن کي اها ڄاڻ هئي تہ ناظم حڪمت کي نو سال جيل ۾ ڇو رکيو ويو آهي؟

اسان شيخ مير محمد کان موڪلائي ديوان پرمانند کي مونا ليزا هوٽل تي فون ڪيو پر هو موجود ڪو نہ هو. مون پوءِ فيض صاحب کي ڪڏي ڪاليج تي فون ڪيو معلوم ٿيو تہ هو ڪنهن مشاعري جي سلسلي ۾ پارٽ ويل هو. ان وقت مون چاهيو تہ پاڪستان رائيٽرس گلڊ جي سيڪريٽري جنرل جميل الدين عالي ۽ نيشنل بُڪ ٽرسٽ جي سيڪريٽري ابن انشا سان ملان، جي ٻئي منهنجا دوست هئا. پر پوءِ مون ارادو ڦيرائي ڇڏيو ۽ منجهند جي ماني کائي هوٽل تي آياسين. شام جو نثار آيو جنهن سان گڏجي ڊاڪٽر حسان جي جاءِ تي وياسين. ڊاڪٽر حسان ڪڏي ڪاليج ۾ وائيس پرنسپال آهي، جتي فيض احمد فيض پرنسپال آهي. ڊاڪٽر صاحب اردوءَ جو ترقي پسند اديب آهي ۽

هن اسان سان گڏجي پوري پاڪستان لاءِ عوامي ادبي انجمن ناهي آهي. هو اٺ ڏهه مهينا اڳ سکر آيو جتي، مون محمد ابراهيم جويي، ڊاڪٽر حسان، اردوءَ جي ترقي پسند شاعر ۽ هن وقت پاڪستان نيشنل عوامي پارٽي جي جوائنٽ سيڪريٽري حسن حميديءَ ۽ گل خان نصير* "عوامي ادبي انجمن" جو منشور تيار ڪيو هو. پشتو شاعر اجمل خٽڪ* به ان ڏس ۾ اچڻو هو پر هن تار ڪئي هئي ته هو ڪنهن سبب ڪري اچي نه ٿو سگهي، ۽ اسان جيڪو به منشور ناهينداسين، اهو هن کي منظور هوندو. اهو منشور پوءِ اردوءَ، بنگاليءَ، سنڌيءَ، بلوچيءَ، پنجابيءَ ۽ پشتو ۾ ڇپايو ويو هو. منشور ڏسي اردوءَ جا رجعت پرست حلقا وهلور وجڻ لڳا ها. "جنگ"، "حريت" ۽ "نوائي وقت" "عوامي ادبي انجمن" جي خلاف ايڊيٽوريل لکيا ها ته انهيءَ منشور ۾ سنڌين، بلوچين، پنجابين، پختونن ۽ بنگالين کي مختلف قومون ڪوٺيو ويو آهي ۽ انهن جي زبانن کي قومي زبانون چيو ويو آهي ۽ اردوءَ کي فقط رابطي جي زبان لکيو ويو آهي. "نوائي وقت" ته ايترو به لکيو هو ته سنڌي دانشورن کي ڏسي اردو دانشورن جو من به وڏي ويو آهي. اردوءَ جي مشهور رجعت پرست نقاد سليم احمد لکيو هو ته هي سياسي منشور آهي ۽ چڱو ايئن ٿيندو ته "ادب جا مردا ادب ۾ پوريا وڃن ۽ سياست جا سياست ۾، جڏهن ته ادب سان سياست جي لاتعلقي

---

*گل خان نصير–بلوچي زبان جو وڏو ترقي پسند شاعر، ڪيترن ئي ڪتابن جو مصنف ۽ مير غوث بخش بزنجي جو دوست هو ۽ يحيٰ خان جي زوال کان پوءِ بلوچستان جي صوبائي حڪومت ۾ وزير هو. ڀٽي حڪومت هن کي ڪنهن ڪيس ۾ گرفتار ڪري ڪافي وقت جيل ۾ رکيو هو ۽ هن کي مارشل لا واري دور ۾ آزاد ڪيو ويو هو. ڪجهه سال اڳ هو گذاري ويو.

* اجمل خٽڪ– پشتو جو قومپرست شاعر ۽ خان ولي خان جو دوست، جو اسلام آباد ۾ نيشنل عوامي پارٽيءَ جي ڪارڪنن تي فيڊرل حڪومت جي ڪرايل فائرنگ کان پوءِ، غصي ۾ افغانستان هليو ويو ۽ اجا اُتي آهي. ۽ تازو گذاري ويو آهي (ت. ج)

پنهنجي ليکي هڪ سياسي نظريو نہ آهي! اهي رجعت پرست اديب انهيءَ قومي قبرستان جا مجاور آهن، جتي اهي ثقافتون دفنايون ويون آهن، جن کي هو ”علائقائي“ چون ٿا. ڊاڪٽر حسان مون کي ٻڌايو تہ باباءِ اردو ڊاڪٽر عبدالحق سان هن جو ان ڳالهہ تي اختلاف ٿي پيو هو تہ جيستائين ”قومي زبانن“ کي انهن جي جائز اهميت نہ ڏني ويندي، تيستائين اردو پاڪستان ۾ مقبوليت حاصل ڪري نہ سگهندي. دراصل مان انهيءَ موضوع تي هڪ جدا مضمون لکي رهيو آهيان. ۽ ان ڪري هتي وڌيڪ نہ ٿو لکان. اسان اڳيئي ٿي سمجهيو تہ پنجاب ۽ ڪراچيءَ جا رجعت پسند حلقا اسان جي مخالفت ڪندا، جنهن لاءِ اسان بلڪل تيار هياسين. ڊاڪٽر صاحب مون کي پنهنجو اردوءَ ۾ جواب ڏيکاريو جو هن عوامي ادبي انجمن جي خلاف ورتل اعتراضن جي باري ۾ روزاني ”جنگ“ ۾ شايع ڪرايو هو. ڪجهہ وقت اسان ڊاڪٽر صاحب سان انجمن جي تنظيمي مسئلن تي ڳالهايو ۽ پوءِ هن کان موڪلايوسين. ان کان پوءِ هل پارڪ تي وياسين ۽ ٽڪريءَ تي ڪار بيهاري بيئر جون بوتلون کوليوسين. سامهون ڪراچي ڪونٽروءَ وانگر سيج تي سُتي پئي هئي. اونداهي رات جي جهرمر ۾ بيئر جي سُرڪين وڌيڪ مزو ٿي ڏنو پرسان بيءَ ڪار ۾ هڪ جوڙو اسان جي موجودگيءَ کان بي نياز ويٺو هو ۽ هڪٻئي تي ڳاٽ رکي رهيو هو. هوا جي خنڪيءَ منهنجي ڌيان کي ڪتان جو ڪتي وچي پهچايو....

جمنا تي سج جا پوبان پاڇاوان پئجي رهيا ها. اسان تاج محل جي پرسان بيٺا هياسين — مان، پتي، منهنجو جهونو دوست سترام، گيتا ۽ راج. گيتا تاج سان ٽيڪ ڏئي بيٺي هئي۽ ايئن لڳي رهيو هو جڻ تہ معمارن هن کي بہ سنگ مرمر مان ڪتي تاهيو هو.... جڏهن تاج اوندهہ ۾ ٻڏي ويو هو اسان آگري هوٽل تي آيا هياسين..... راج وسڪيءَ جي بوتل کولي هئي ۽ سترام مون کي پنهنجو شعر پڙهڻ لاءِ

چيو هو.

مان ۽ سترام شڪارپور ۾ نيو ايرا (New Era) اسڪول ۾ پڙهندا هياسين ۽ ڪيئل داس فانيءَ جا شاگرد هياسين. اسان ٻي درجي انگريزيءَ ۾ بيوس جو ڪتاب ”شيرين شعر“ چڱيءَ طرح پڙهيو هو ۽ ان کان متاثر ٿي، بيوس جي طرز تي شعر لکندا هياسين. سترام مون کان به چڱو لکندو هو پر هن مئٽرڪ کان پوءِ وڌيڪ تعليم نه ورتي هئي ۽ وچي نوڪري ڪئي هيائين ۽ ان سان گڏ هن شاعري به ترڪ ڪري ڇڏي هئي. دهليءَ ۾ هو بئنڪ ۾ ملازم هو ۽ ڪنهن ٽريڊ يونين جو صدر هو. مون ڪافي وقت شعر پڙهيو هو ۽ جڏهن ”پوڻ نه آئي پانءِ، الا مان اُڏري ويندوسانءِ“ ۽ ”پٽ تي موڙ مهار الو ميان، پٽ تي موڙ مهار“ واريون وايون پڙهيون هيون ته هو اوچنگارون ڏئي روئي ويٺو هو....

اوچتو نثار مون کي پٺيءَ تي هٿ هڻي چيو ”ڪهڙي ڏيان ۾ آهين، منهنجو خيال آهي ته هاڻي هلون.“ هو اسان کي هل پارڪ کان فرنٽيئر هوٽل تي وٺي آيو جتي اسان تڪا ۽ چپلي ڪباب تنور جي روٽيءَ سان کاڌا ۽ پوءِ ”المدينه“ هوٽل تي موٽي آياسين. اڄ شام جو نثار جي ڪار تي ويا هياسين، ڇو ته بچو بيمار ٿي پيو هو. واپس آياسين ته بچي ٻڌايو ته هوٽل جي پرسان ڪجھ سمگلر رهندا آهن، جن سان هن ڪچهريون ڪيون هيون. مون بچي کي چيو ”بچا! مان به سمگلر آهيان. مان اهي خيال سمگل ڪندو آهيان، جن تي بندش هوندي آهي، تڏهن ته روپوش آهيان.“ بچي سهڙ وانگر ڪن ڪڙا ڪيا ۽ ڪجھ سوچڻ لڳو. ايتري ۾ پٺيءَ چيو ”اڃا نو لڳا آهن، هي ليٽي پوڻ جو وقت نه آهي. ڪامريڊ پوهو هتان تي چار سو قدم پري رهندو آهي. هل ته اُن سان ملون.“ مون هن سان اتفاق ڪيو ۽ هوٽل کان ٻاهر نڪتاسين. ڪامريڊ پوهوءَ سان منهنجي پهرين ملاقات 1948ع ۾ ٿي

هئي. ان وقت ڪامريڊ پوهو مون کي بلڪل بي معنيٰ لڳو هو. پوڙن ۾ ٻڏندي هاتڪ جا هٿ ڏسي، منهنجو من گائون مائون ٿيندو آهي. ڪامريڊ پوهوءَ ڏانهن ويندي اسان کي ڪاري در وٽان وڃڻو پيو جتي مون هڪ گهر سڃاتو جتي مرحوم روشن (ريشم) رهندي هئي. هوءَ مون سان شڪارپور ڪاليج ۾ پڙهندي هئي ۽ منهنجو هن سان ايترو پيار هو جو هوءَ جڏهن ڪراچيءَ تعليم لاءِ هلي آئي هئي ته مون کي تيستائين چين نه آيو هو جيستائين مون ورثي ۾ آيل ڪجهه زمين وڪٽي، ڪراچيءَ ۾ تعليم لاءِ پئسا هٿ نه ڪيا ها. ڪراچيءَ ۾ اسان روز ڪاري در کان ڪياماڙيءَ تائين ويندا هياسين. ڪڏهن نيٽي جيٽيءَ جي پرسان مندر وٽ ترسندا هياسين ۽ هوءَ مندر وٽان آڪا وٺي سمنڊ جي پاڻيءَ ۾ مڇين کي اُڇليندي هئي ۽ مان ڏاڪڻ تان لهي بيٺ تائين تري ويندو هوس. مون پنهنجي زندگيءَ جو نهايت لا اُبالي دور ريشم سان گذاريو هو. هن کي ادب سان به دلچسپي هئي ۽ هن ڪجهه گيت "هن دنيا جي ويراني ۾ منزل ملندي يا نه؟" ۽ "مڪڙي ڇا ڪان مرجهائي" وغيره لکيا ها، جي مون هن کي درست ڪري ڏنا ها ۽ جي عورتن جي رسالي "ساٿي" ۾ 1946ع ۾ ڇپيا ها. "ساٿي" رسالو منهنجي دوست موهن پنجابيءَ ڪڍيو هو ۽ منهنجي صلاح تي هن روشن کي ان جي ايڊيٽوريل بورڊ تي کنيو هو. (مان پانيان ٿو ته سندري اُتمچنداڻي به "ساٿيءَ" جي ايڊيٽوريل بورڊ تي هئي.) 1947ع ۾ جڏهن مون پنهنجي دوست لڇمڻ راجپال جي مدد سان شڪارپور مان "اڳتي قدم" رسالو ڪڍيو هو ته اُن ۾ مون روشن جو هڪ نظم "او ساز زندگيءَ جا!" شايع ڪيو هو. مان شڪارپور ۾ روز هن جي گهر ويندو هوس ۽ ڪيئي ڪلاڪ هن سان گڏ گذاريندو هوس. اوچتو اسان جي دوستي ٽُٽي وئي هئي ۽ 1947ع جي آخر ۾ هن جي مرحوم محمد اسحاق ڪوجي سان شادي ٿي هئي، جو به مٿي ذڪر ڪيل ڪاري در واري جاءِ ۾ رهندو هو.

هن جي شاديءَ کان پوءِ اسان جي ٻہ ٽي ڀيرا نهايت مختصر ملاقات ٿي هئي. شاديءَ کان پوءِ هن سرڪاري ملازمت ڪئي هئي ۽ ڪراچيءَ ۾ اسڪولن جي انسپيڪٽريس هئي. نوڪريءَ ۾ هئي تہ هن کي ٻارنهن مهينا ڪنهن خاص ڪورس لاءِ آمريڪا موڪليو ويو هو جتي سان سانفرانسڪو ۽ نيويارڪ ۾ مون هن کي اهي خط لکيا ها، جي پوءِ ”پنهل کان پوءِ“ جي نالي سان شايع ٿيا ها. آمريڪا مان موٽي هوءَ ڪراچيءَ جي سنڌي ادبي سنگت ۾ دلچسپي وٺندي هئي ۽ مون کي شايد ربانيءَ ٻڌايو هو تہ هڪ ڀيري جنهن ڪمري ۾ ادبي سنگت جي ميٽنگ ٿيندي هئي. ڪنهن شرارت ڪري علامہ اقبال ۽ نذر الاسلام جي فوٽو ڀرسان منهنجو فوٽو ٽنگي ڇڏيو هو. هوءَ جيئن ڪمري ۾ گهڙي هئي. هن جي انهن فوٽن تي نظر پئي هئي ۽ هوءَ ڪجهہ سوچي ديوار ڏانهن وئي هئي، ۽ منهنجو فوٽو ڦيرائي اُبتو ڪري ڇڏيو هيائين. آمريڪا کان واپسيءَ کان پوءِ هوءَ ڪجهہ وقت ڪراچيءَ ۾ رهي هئي ۽ پوءِ سري لنڪا وئي هئي ۽ اتان موٽي پنهنجي آتم ڪهاڻي تي لکيائين تہ بيمار ٿي پئي هئي ۽ گذاري وئي هئي. مون کي هن جي موت جا اڳواٽ پروڙ پيا ها، جن جو تفصيل ڪنهن ٻئي وقت لکندس. مون هن جي موت تي هڪ دردناڪ نظم لکيو هو جو اڃا تائين ڇپيو نہ آهي. هڪ ڀيري اڌ رات جو مان ڪاري در ۾ ڪوجن جي قبرستان ۾ هن جي قبر تي ويو هوس، جنهن جو تفصيلي احوال مون ”جي ڪاڪ ڊ ڪوريا ڪاپڙيءَ“ ۾ شايع ٿيل هڪ خط ۾ ڏنو آهي.

جڏهن مرحومہ روشن جي جاءِ وٽان لنگهياسين تہ هينيون فارسي شعر بي اختيار منهنجي زبان تي آيو:

حيف در چشم زدن صحبت يار آخر شد
روئے گل سير نہ ديديم و بهار آخر شد

روشن جي گهر کان چاليهارو قدمن تي ڪامريڊ پوهوءَ جي جاءِ

هڪ سوڙهيءَ، سڙاند واريءَ گهٽيءَ جي هڪ جهونيءَ ماڙيءَ ۾ هئي. هو رشيد جي سڏ تي هيٺ لهي آيو ۽ هن سان نهايت گرم جوشيءَ سان هٿ ملايائين ۽ پوءِ سامهون سگريٽ جي پڙيءَ ڏانهن وڌيو ۽ پڙيءَ واري کان سگريٽن جو پئڪيٽ خريد ڪيائين. مون سوچيو تہ پوهوءَ مون کي سڃاتو نہ آهي، پر هو اچا مون کي پٺي ڏئي، پڙيءَ واري کي پيسا ڏئي رهيو هو تہ مون ڏانهن منهن ورائڻ کانسواءِ چيائين، "ڪر خبر ضامن جي درخواست جو ڇا ٿيو؟" مان واڻڙو ٿي ويس ۽ هن کان پڇيم، "توکي ڪيئن خبر پئي تہ مون ضامن جي درخواست ڪئي آهي؟" هن هاڻي مون ڏانهن منهن ورايو ۽ چيائين، "مون کي سڀ خبر آهي." ڪامريڊ پوهو اچا تائين ڪڙو تڙو سٽيو ۽ سوٽ ۾ نظر آيو. جيتوڻيڪ هن کي اکين وٽ ڪانوَ پيرا پئجي چڪا ها. جي منهن مان ڪنهن بہ انسان جو عزم ۽ ايمانداري بکي سگهندي آهي تہ مون ڪامريڊ پوهوءَ جهڙو منهن ڪٿي نہ ڏٺو آهي. هو اسان سان گڏجي المدينہ هوٽل تي آيو ۽ اهڙو گهائل مائل ٿي لڳو جڻ مون سان ڪالهہ مليو هو. هن مون کي ٺهہ پهہ چيو "تنهنجي ڪراچي ڇڏڻ کان پوءِ جڏهن مون پهريون ڀيرو تنهنجا شعر پڙهيا ها، تڏهن مون چيو ★ هو تہ "باغي" ۽ "ڪوليءَ" جي نظمن وارو شاعر مري چڪو آهي ۽ هي ڪو پيٽي بورجوا ( Petit Bourgeious) جذباتي جک ماري رهيو آهي، پر هاڻي." ڪامريڊ پوهوءَ منهنجي پٺي ٺپيندي چيو "هاڻي، ڳالهہ نہ پڇ! باهہ ٻاري ڏني ٿئي، باهہ!" ڪامريڊ پوهو هن وقت ڪنهن خانگي فرم جي نوڪري ڪندو آهي ۽ هن کي ڇهہ سٺ سئو رپيا پگهار ملندي آهي. ها، پاڪستان کان اڳ هو ڪيئي ڀيرا سياسي قيدي ٿي رهيو هو پر پاڪستان کان پوءِ هن

---

★ منهنجو "باغي" نظم سنڌي سرڪل جي ڪتاب "لهرون" ۾ ڇپيو هو ۽ "ڪولي" نظم "سوشلسٽ" هفتيوار ۾ ڇپيو هو جا ڪراچيءَ ۾، آءُ، لڇمڻ راجپال، علي مڪراني ۽ رُڪن الدين قاسمي گڏجي ايڊٽ ڪندا هياسين.

ڪي ڪنهن خانگي فرم جي پيسن ڦٻائڻ جي ڏوهہ ۾ ٽي سال ٽيپ اچي وئي هئي. هن مون کي ٻڌايو تہ هن تي اهو ڪيس بنهہ ڪوڙو هو ۽ مون هن تي اعتبار ڪيو هو. جيتوڻيڪ بورجوازيءَ سان خيانت ڪامريڊ پوهوءَ جي مذهب ۾ جائز هئي. هن مون کي وڌيڪ ٻڌايو تہ هن پنهنجن پنجيتاليهن سالن جي عمر ۾ ڪنهن بہ عورت جي اؤگهڙ نہ ڏٺي هئي ۽ ڇهن سالن ۾ ڪو بہ ڪتاب ڪو نہ کوليو هيائين. (هن ڪتاب کولڻ جي ڳالهہ ايئن ڪئي، جڻ ڪتاب بہ ڪائي عورت هو.) هن اهو بہ ٻڌايو تہ ڪيترائي سال اڳ هن جي شادي ٿي هئي، پر پهرينءَ رات ئي هن جو پنهنجيءَ ڪنوار سان اصولن تي متڀيد ٿي پيو هو ۽ وري هن جو منهن نہ ڏنو هيائين ۽ هاڻي ٻيءَ شاديءَ لاءِ هن "متيءَ واريون" ڇڏيون هيون، پر ڪنهن بہ هن کي سڱ ڪو نہ ٿي ڏنو ڇو تہ هو عمر ۾ وڏو ٿي چڪو هو. ان تي پٽيءَ هن کي چيو "پر ڪامريڊ، ڪونهون وڏو ٿيندو آهي تہ سانُ ٿيندو آهي ۽ ان کي پورو ڏڻ آڇبو آهي. حيرت آهي تہ توکي هڪ بہ نہ ٿي ملي!"

" چڏ شودپائي"، ڪامريڊ پوهوءَ مرڪ دٻائيندي چيو. ڪامريڊ سان ڳالهيون ڪندي مون ڏٺو تہ هن ڪيترن لفظن ۾ "پائي" Suffix ڳنڍي اسم خاص (abstract noun) پئي ٺاهيو . ايتري قدر جو هن انگريزي لفظ mean ۾ "پائي" ڳنڍي چيو تہ "فلاڻيءَ ۾ مين پائي آهي." اها فلاڻي، جنهن جي ڪامريڊ پوهوءَ شڪايت پئي ڪئي، منهنجي چاڻو سڃاڻو آهي ۽ مون هن جي باري ۾ ڪامريڊ کي چيو "ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ هوءَ تنهنجي ويران زندگيءَ ۾ اڪيلو زهريلو گل آهي." پهرين تہ هن کي اها ڳالهہ وڻي، پر پوءِ سوچي چيائين، "تون بہ شودپائي ٿو ڪرين."

مون ڳالهہ لنوائي پڇيو "ڪامريڊ! اهو تہ ٻڌاءِ تہ تون ڇهن سالن ۾ ڪوئي ڪتاب ڇو نہ کوليو آهي؟" هن جواب ڏنو "نوڪريءَ مان

فرصت بہ نہ ٿي ملي ۽ پڙهڻ جهڙو ڪوئي نئون ڪتاب ڇپيو بہ نہ آهي. ها، اخبارون ۽ رسالا پڙهندو رهندو آهيان." روح رهاڻ" بہ ملندي رهندي آهي. مون ٽڏو ساهہ پيري ڪامريڊ پوهوءَ ڏانهن ڏٺو. تاريخ جي ڦهڪي سان ڪيترائي انسان مٽيءَ جي ڍير ۾ دٻجي ويا ها، پر ڪامريڊ پوهو ڪنهن ٽنل شهتير جي آڏ ۾ لڪو ويٺو هو ۽ چوڌاري گهٽ ٻوسات جي باوجود، زندهہ هو. ڪامريڊ پوهوءَ اسان کان هڪ بجي رات جو موڪلايو ۽ چيائين، "سياڻي ساجهري ڊيوٽيءَ تي ويٺو آهي، نہ تہ جيڪر اجا ڪچهري ڪريون ها."

7 ڊسمبر تي بہ ٻچي جي طبيعت خراب هئي، پر مون هن کي ٽيهہ رپيا خرچي ڏنا، جن مان هو هڪ پئنٽ ۽ قميص وٺي آيو جا پائي هو چاق و چوبند ٿي لڳو ۽ اٺ آنا هڪ ڏسٽي وائسٽيءَ فقيرياڻيءَ کي ڏئي هن کي اک پڳائين. پوءِ هو سامهون ڪنهن چرس فروش سان ڳالهائڻ لڳو جنهن جي شڪل ڪنهن مافيا جي ڳلي-ڪپ ڪاروباريءَ وانگر ٿي لڳي.

يارهين بجي نثار ڪئميرا کڻي آيو ۽ منهنجو پٺيءَ جو هوٽل جي پس منظر ۾ فوٽو ڪڍي چيائين، "هي فوٽو تنهنجي آتم ڪهاڻيءَ ۾ ڇپائيندا سين، جيئن معلوم ٿي سگهي تہ سنڌ جو شاعر ڪٿي روپوش رهيو هو." هوٽل جي سامهون ناليءَ مان ڏپ اچي رهي هئي ۽ چرس فروش چرس جون گوليون وڪڻي پيسا ڳڻي رهيو هو. ايتري ۾ ٻچو اسان وٽ اچي ويٺو ۽ چيائين، "صاحب! هي چرس وڏا ماڻهو ٿا سمگل ڪرائن. ڪراچيءَ ۾ بہ مڻن جا مڻ ٿو اچي ۽ ظاهر ظهور ٿو وڪامي." پوءِ نثار ٻڌايو تہ ڪراچيءَ جي شاگردن جلوس ڪڍيو هو ۽ ڪافي ٽوڙ ڦوڙ ڪئي هيائون. جنهنڪري هن جو ڪاليج بہ ٻين ڪاليجن وانگر بند ٿي رهيو هو. اسان اڳ اخبار ۾ پڙهيو هو تہ حيدرآباد ۾ ڪجهہ شاگرد، جن ڪنوينشن ۾ ڀرو ورتو هو گرفتار

ڪيا ويا ها. ايتري ۾ ديوان پرمانند بہ اچي نڪتو. هن ٻڌايو تہ هو پنهنجي ڪنهن مسئلي ۾ وچڙي ويو هو ۽ ان ڪري واعدي موجب اچي نہ سگهيو هو. ديوان هونءَ تہ نشي نشي وارو مڙس آهي، پر دوستيءَ ۾ ويل نہ وڃائيندو آهي. هو مون سان شڪارپور گورنمينٽ هاءِ اسڪول ۾ پڙهندو هو ۽ اسان گڏجي اسڪول جي ڇوڪرين ۾ دلچسپي وٺندا هياسين، پر پوءِ هو مئٽرڪ ۾ هو تہ هن جي شادي ٿي وئي هئي ۽ هو جنسيات تي پنهنجي بهتر معلومات جي برتري ڏيکاريندو هو. هاسٽل ۾ هو پرچي وديارٿيءَ سان گڏ رهندو هو، جو پوءِ هڪ دهشت پسند انقلابيءَ جي حيثيت ۾ مشهور ٿيو. ديوان اجا تائين پرچي جون ڳالهيون ڪندو آهي. پرچو هيمون ڪالاڻيءَ سان تخريبي ڪارروائين ۾ شريڪ هوندو هو ۽ جڏهن هيمون جهلجي پيو هو تہ پرچو ۽ عئنشي ودرياڻي بچي ويا ها. هيمونءَ کي 2 جنوري 1942ع تي ڦاسي ڏني وئي هئي. پرچو 1942ع ۾ انگريز دشمن تحريڪن ۾ حصو وٺڻ لاءِ ڪراچيءَ هليو ويو هو. مان ڀانيان ٿو تہ هن جا تعلقات Hindustan Socialist Republican Army سان هئا، جن جا باني چندر شيکر آزاد ۽ ڀڳت سنگهہ وارا هئا ۽ جو 1933ع ۾ ڀڳت سنگهہ جي ڦاسيءَ کان پوءِ ٽڙي پکڙي ويو هو ۽ جنهن جا اڪثر انقلابي هندستان جي ڪميونسٽ پارٽيءَ ۾ شامل ٿي ويا ها. مان ڀانيان ٿو تہ پرچو انهيءَ آرميءَ کي نئين سر منظم ڪري رهيو هو. هن جي ٽولي ۾ وشنو عئنشي وديارٿي (جو غالباً اجا تائين بمبئي جي ڪميونسٽ پارٽيءَ جو ميمبر آهي ۽ جو ڪنهن وقت الور ڪميونسٽ پارٽيءَ جو سيڪريٽري هو. هيمون ڪالاڻي ۽ ڦيرو هئا. پنجراپور بم ڪيس ۾ هن جي سنگت کي سزا آئي هئي. هو بم ناهي رهيا ها تہ بم ڦاٽي پيو هو ۽ سندس ساٿي پڪڙجي پيا ها.

پرچو ميرئٽ روڊ بئنڪ، ڪراچيءَ ۾ ڌاڙو هڻندي جهلجي پيو هو.

هو ڏاڙا استالن وانگر هٽندو هو تہ جيئن پيسا هٿ ڪري انقلاب جي ڪم آڻي. هن ڪراچيءَ جي جنرل پوسٽ آفيس، حيدرآباد جي پوسٽ آفيس، بئنڪ آف انڊيا تي ڏاڙا بہ هنيا ها ۽ واردات جي دوران قتل بہ ڪيا ها ۽ هن کي ڦاسيءَ جي سزا آئي هئي، پر پنهنجي ڪوليءَ جي نقلي چابي ٺهرائي، ڪولي کولي، ڪراچي جيل جي ڀت ٽپي ڀڄي ويو هو. هن جي جُٽ ڦيروءَ جو ڀاءُ پرسو مل جيڪب آباد ۾ وڪالت ڪندو هو ۽ انهيءَ مون کي ٻڌايو هو تہ ورهاڱي کان پوءِ ڦيرو هندستان ۾ ڏاڙا هٽندو هو ۽ هن کي قتل جي ڏوهہ ۾ ڦاسيءَ جي سزا آئي هئي. انهيءَ 1942ع واري دور جا ڪيترائي ڪردار ڪافي دلچسپ ها ۽ انهن جي زندگين تي ناول، ڪهاڻيون ۽ ڊراما لکي سگهجن ٿا. ديوان اجا تائين پرچي جون ڳالهيون ڪندو آهي. هڪ ڀيري مون هن کان پڇيو هو "ديوان توتي پرچي جي سنگت جو اثر نہ ٿيو؟ توکي ڪڏهن انقلابي ٿيڻ جو شوق نہ ٿيو؟" ديوان گنڀير ٿي چيو تہ "جي پورين سان تسمئي ايئن ئي ملي تہ انقلاب لاءِ ڦاهي چڙهڻ بيوقوفي آهي. انقلاب کان پوءِ تہ ٻين وانگر رڳو لسيءَ سان ڍوڍو ملندو." ديوان پورين سان تسمئي (کير جي رٻڙي) ڏاڍي کائيندو هو ۽ ان ڪري هن کي ذيابطيس تي پئي هئي.

هڪ ڀيري ديوان کي شاعريءَ جو شوق ٿيو هو ۽ مون کي پنهنجو هڪ غزل ڏيکاريو هيائين. مون غزل ڏسي ديوان کي چيو هو تہ اهو واهيات آهي. ديوان مون سان انهيءَ تبصري تي متفق نہ ٿيو هو ۽ چيو هئائين تہ "جي تون سنڌ جو شاهہ آهين تہ مان سنڌ جو سامي آهيان." مون ديوان جي ڏيان تي آندو تہ سامي سلوڪ لکندو هو ۽ نہ غزل، ان تي ديوان لاجواب ٿي ويو هو ۽ منهنجو هڪ غزل پنهنجي نالي سان ڪاليج جي مسيلنيءَ ۾ ڇپايو هيائين، پر اجا تائين هن تان اهو رنگ لٿو نہ آهي ۽ هو مون کي چوندو آهي تہ جي مان هن جي شاعريءَ جو

سلو ڪڇيءَ ۾ نہ ڪپيان ها تہ جيڪر هو بہ وڏو شاعر ٿئي ها. پر پوءِ ڪجھہ سوچي چوندو آهي، ”اهڙيءَ شاعريءَ کي ٽي باھہ ڏجي، جي مان شاعر ٿيان ها تہ تو وانگر چوويھہ ڪلاڪ سي. آءِ. ڊي ڪيڏ هجي ها.“ ديوان ٺُڙ سنڌي ڳالهائيندو آهي ۽ هن کي روزمره جا سوين اصطلاح ۽ محاورا ياد آهن، جي پنهنجي مرضيءَ سان موقعو ۽ مهل ڏسي ڪم آڻيندو آهي. هن جو داد وٺڻ ۽ داد ڏيڻ جو طريقو بہ عجيب آهي. داد وٺڻ مهل هو چوندو آهي، ”متان نہ مڃين!“ ۽ داد ڏيڻ مهل هو چوندو آهي، ”شل، تنهنجا ٻچا جيئن!“ هن کي هڪ اڌ پارسيءَ جو شعر بہ ياد هوندو آهي، جو هو ادبي محفل ۾ اوچتو پڙهي گفتگوءَ ۾ پنهنجي گهريءَ دلچسپيءَ جو ثبوت ڏيندو آهي. مثال طور ڪوئي پنهنجي ثنا ڪندو آهي تہ ديوان چوندو آهي ” زنے پستانِ خود مالد حظوظ نفس کے یابد“. باقي هو اردو شاعريءَ سان ”ڪشت“ نہ ڪندو آهي. ”ڪشت“ ديوان جي ٻوليءَ جي ذخيري جو هڪ املھہ لفظ آهي.

ديوان پرمانند کي ڪافي زمين آهي ۽ شايد ان ڪري هو لڏي نہ ويو آهي، جيتوڻيڪ هن کي ڪلياڻ ڪئمپ لاءِ ڏاڍي ڏڪار آهي، جتي ڪنهن پرشتاچار جي واقعي هن کي لوڏي وڌو هو. زمينداريءَ ۽ وڪالت مان هن جو سٺو گذر ٿيندو آهي ۽ مون هن کي سدائين ”الوڪڪ آنند“ ۾ ڏٺو آهي. اهو محاورو بہ ديوان جي ٻوليءَ مان آهي، جنهن کي هو ”شرنارٿي سنڌي“ ڪوٺيندو آهي، پر جيڪا ڪڏهن ڪڏهن هو پنهنجي طنز ۽ مزاح لاءِ ڪم آڻيندو آهي. ڪنهن موقعي تي مون هن کي هڪ ٿري/ راجستاني ڪارڙ دوهي جي هڪ سٽ ”پرناريءَ جي پريتڙي، پنج پرڪارن کاءِ“ ٻڌائي هئي، جا هن کي ڏاڍي وڻي هئي ۽ هاڻي هو اها سٽ منهنجي خلاف ڪم آڻيندو آهي. هو هڪ صلح پسند انسان آهي ۽ هندو مومن، ڇهڙي چمار سڀ جو خير گهرندو آهي. مون هن ۾ نہ فقط تعصب، پر جذبات جي شدت بہ ڪڏهن

نہ ڏني آهي. سياست ۾ نہ هو گنگو تيليءَ جو ساٿي آهي، نہ راجا ڀوج جو. دراصل هن کي سياست ۾ ڪا دلچسپي نہ آهي. ها، هڪ ڀيري هو بي ڊي اليڪشن جي چڪر ۾ آيو هو ۽ ڳڙهي ياسين ٽائون ڪاميٽيءَ جو چيئرمين بہ چونڊجي ويو هو پر چيئرمينيءَ هن جا دشمن وڌايا ها ۽ ان کان پوءِ سياست کان "بان" ڪري ڇڏي هئي. "بان ڪرڻ" ديوان جو پيو محبوب محاورو آهي.

ديوان اڄڻ سان پنهنجو حال احوال ٻڌايو. هو ايترا ڏينهن ڪنهن ڪنس جي ڪن ۾ مرلي وڄائيندو رهيو هو پر هن جي ساري محنت اڪارٿ وئي هئي.هن جي چرچي گهٻي جو نشار تي چڱو اثر پيو ۽ مون کي اهو ڏسي خوشي ٿي تہ هن کي ديوان جي صحبت پسند آئي هئي. مون ديوان کي چيو "يلا هاڻي ڪهڙي صلاح آهي؟" "جيڪا صلاح يارن جي"، ديوان ٺهہ پهہ جواب ڏنو. " مان چوان ٿو تہ موناليزا هوٽل مان ٽيڙ ڪٽي هليو آءُ" مون چيو. "ڪلاڪ ڏيڍ لڳي ويندو" ائين چئي ديوان موڪلايو ۽ پوري ڪلاڪ ۾ ٽيڙ ٽئڪسيءَ ۾ ڪٽي موٽي آيو.

جيتوڻيڪ مان هن وقت دارورسن جي آزمائش مان گذري رهيو آهيان، هي انسان، جنهن جو آدرش رڳو گهر گرهستيءَ جو سک چين آهي. مون کي پيارو آهي، ڇو تہ هن سان ويهي مان پنهنجي ننڍپڻ جا ڪيترائي سال ٻيهر جي سگهان ٿو.

اسان اُتي ئي منجهند جي ماني گڏجي کاڌي. پوءِ نشار موڪلائي گهر هليو ويو ۽ پٺتي آهلي پيو تہ هن کي ننڊ وٺي وئي. مان ۽ ديوان ڳالهيون ڪندا رهياسين. هڪ ڀيري شڪارپور ڪاليج ۾ ڪنهن برهمو سماجيءَ، ڪيشب چندرسين جي زندگيءَ تي انگريزيءَ ۾ سمپوزيم ڪرايو هو ۽ سڀ کان چڱو ڳالهائيندڙن کي بہ انعام آڇيا ويا ها. چٽا ڀيٽيءَ ۾ نہ فقط شڪارپور ڪاليج جا ڇوڪرا هئا، پر ڪراچيءَ ۽ حيدرآباد جي ڪاليجن جا ڇوڪرا بہ حصو وٺي رهيا ها.

اسان جي اسڪول کي بہ چتا پيتيءَ ۾ شامل ٿيڻ جي نينڊ ڏني وئي هئي ۽ ان لاءِ اسان جي اسڪول جي هيڊماسٽر مون کي ۽ سترام کي چونڊيو هو. مون کي انگريزيءَ ۾ هڪ ڪتاب راجا رام موهن راءِ ۽ هڪ ڪتاب ڪيشب چندرسين جي حياتيءَ تي ڏنو ويو هو، جن تان نوٽ وٺي، مون تقرير تيار ڪئي هئي ۽ مون کي ويهن ٽيهن ڳالهائيندڙن مان ٻيو انعام مليو هو. پهريون انعام شايد ڊي جي. سنڌ ڪاليج جي ڪنهن شاگرد کي ڏنو ويو هو. اها ڳالهہ نڪتي تہ ديوان چيو "تو جڏهن تقرير شروع ڪئي، تڏهن ڪجهہ هٻڪيو هئين، پر پوءِ تو ايتري جوش ۽ جذبي سان تقرير شروع ڪئي هئي، جو تنهنجي فصاحت ۽ رواني ڏسي سڀ وائڙا ٿي ويا ها."

مون جواب ڏنو تہ "مان بہ ايئن ٿو سمجهان تہ منهنجي تقرير ۾ جذبو ڪجهہ دير سان آيو هو."

"ڇو؟"

"ڇا مطلب؟"

" تنهنجي نظر مَنوءَ تي پئي هئي. هوءَ تنهنجي سامهون ويٺي هئي، پر تنهنجي نظر هن تي دير سان پئي هئي."

"ڪهڙي منو؟ اوهہ... ديوان، واهہ جو پڪڙيو اٿئي!"

"ڇا ٿو سمجهين؟ متان نہ مڃين!"

مون کي هاڻي ياد آيو تہ مَنو منهنجي ڪلاس فيلو هئي، جا مون کي ڏاڍو وڻندي هئي. هوءَ شڪارپور ۾ هاٿي در جي اندران ڪاري نهائينءَ جي پرسان رهندي هئي. منهنجو گهر هن جي گهر کان ميل ڏيڊ پري هو پر پوءِ بہ مان روز رات جو هن جي گهر جي ٻاهران ہ تي چڪر ڏيندو هوس. هڪ ڀيري رات جا ڏهہ وڳا ها ۽ ڏاڍي ٿڌ ٿي پئي. مان هن جي گهر وٽان لنگهيو هوس تہ هوءَ چانئٺ وٽ ويٺي هئي ۽ لالٽين جهلي ڪنهن گيڙو رتي بکاريءَ کي بکيا ڏئي رهي هئي. بکاريءَ جي

وچڻ ڪان پوءِ هوءَ ڪافي وقت چانئٺ تي ويٺي رهي هئي ۽ مان گهٽيءَ ۾ بيهجي ويو هوس. ان وقت مون کي پڪ ٿي وئي هئي تہ مون گهٽو اڳ هن کي ڪٿي ڏٺو آهي ۽ اسان جنم جنم جي چڪر ۾ ڪٿي مليا آهيون. ڇاڻان هوءَ هاڻي ڪٿي آهي؟ اڳي تہ هوءَ ليمي جي ٽاريءَ وانگر هئي، پر هاڻي هن جو سرير وڻ پڪن انبن جي پاڇاتي ڏِک ڏيندو هوندو. ايئن تہ نہ آهي تہ هوءَ مري وئي آهي!

پوءِ ديوان رمتي پاڻيءَ ۾ بيا رڇ ڦٽي ڪيا. هو شاهي باغ جي پرسان ماندا، هو آغا صوفيءَ جا ڊراما، هو شنڪر جا ميلا، هو سنڌ واهہ تي شيل، لال لوبون، ڏياريون، منائيءَ جا دونا، موتيءَ جون ڪلفيون، رابيل جون ڪنديون، الاجي اونهي مان ڇا ڇا چڪي ڪيندو ويو ۽ مرحوم الله بخش سومري واري شڪارپور جيئري جاڳندي اکين اڳيان هلي آئي. نيٺ هو ڳالهيون ڪري ٿڪجي پيو ۽ مرڪي چيائين ”آسو اڪاٽي، جڳ مڙبوئي سپنو.“

شام جو اسان نثار سان گڏجي ڪلفٽن تي وياسين. مون کي ڪلفٽن ڏٺي لڳ ڀڳ چار سال ٿيا ها. جڏهن پوئين ڀيري مان اُتي ويو هوس، تڏهن مون سان اُتم، سندري، رباني ۽ پٽي ساڻ هئا. اڄ رات جو وقت هو ۽ آسمان ۾ چانڊوڪيءَ جي لس ليٺ هئي. اسان ڪناري تي ڪرسيون وجهي وينا هياسين ۽ ڳالهيون ڪندي رات لڙي هئي. ڇا اسان وري ملنداسين يا وڇوڙو ابدي آهي؟ تاريخ اسان لاءِ ڪيڏو نہ عذاب ٿي پئي آهي! اردوءَ جا پاڪستاني ۽ هندستاني اديب هڪٻئي سان ملن تہ ڪنهن کي اعتراض نہ آهي، سنڌيءَ جا پاڪستاني، هندستاني اديب ملن تہ سنڌي اديبن کي ڪال ڪوٺڙيون ڏسڻيون پون! آخر مون کي 1965ع جي جنگ دوران جيل ۾ رکڻ جو هڪ سبب اهو بہ هو تہ اُتم ۽ سُندري منهنجا مهمان هئا؟ ڇو؟ ائين ڇو؟

ديوان بہ ٽي ڀيرا منهنجي ڪلهي تي هٿ رکيو پر مان اونداهي

سمنڊ ۾ گهوري رهيو هوس. نيٺ پڇيائين، "ڇا ٿو سوچين؟" مون پُڙ پُڙ ڪري چيو "ديوان، تو ٿوري دير اڳ چيو "آسو آڪاٽي، جڳ مڙيوئي سپنو " پر سپنو ڪهڙو نہ پيانڪ آهي.!"

8 نومبر تي بہ ضامن جي درخواست نہ هلي ۽ وري 12 نومبر تي هلڻ لاءِ رکي وئي. ايڊووڪيٽ جنرل ڪيس خود رڪايو ۽ چيائين تہ "مون کي سکر جي ايس. پي کان ڪجهہ معلوم ڪرڻو آهي". مون کي هاءِ ڪورٽ ۾ طفيل صاحب ٻڌايو تہ ڪراچيءَ جي روزاني انگريزي اخبار "ليڊر" پهرئين صفحي تي وڏيءَ سرخيءَ سان خبر ڏني هئي تہ شاعر اياز ضمانت لاءِ ڪوشش ڪري رهيو آهي. هن کي اُن خبر جي اشاعت تي ناراضگي هئي، ڇو تہ هن کي اخباري شهرت نہ وڻندي هئي. مون هن کي چيو تہ اڳ جڏهن "پونر پيري آڪاس" تي بندش هئي، تڏهن بہ "ليڊر" اُن تي "شاعر مصيبت ۾" جي عنوان سان ايڊيٽوريل لکيو هو. مان تہ "ليڊر" جي ايڊيٽر کي ڪو نہ سڃاڻان ۽ نہ اسان مان ڪنهن هن کي اها خبر پهچائي آهي. جيتوڻيڪ جمهوري جدوجهد لاءِ مان اهڙيءَ پروپئگنڊا جو قائل آهيان، پر هن پيري تہ مان بہ چاهيان ها تہ اهڙي خبر شايع نہ ڪئي وڃي، ڇو تہ "ليڊر" سکر ۾ وڪامندي آهي ۽ اها خبر پڙهي منهنجا پار هيسجي ويا هوندا. اوچتو مون کي خيال آيو تہ ڪامريڊ پوهوءَ منهنجي ضامن جي درخواست جي باري ۾ خبر "ليڊر" ۾ پڙهي هوندي. مون کي اهو بہ خيال آيو تہ پاڪستان ۾ گهٽا وڪيل آهن، جن جي دلچسپي پي ايل ڊي ( Pakistan Legal Decisions) کان سواءِ ڪنهن بيءَ ڳالهہ ۾ آهي، جا اسان جي سماجي شعور تي اثر انداز ٿئي ٿي. هاءِ ڪورٽ مان موٽياسين تہ ديوان پڇيو تہ "تنهنجي ضمانت جي درخواست ڪهڙو جج ٻڌندو؟"

"مسٽر جسٽس خميساڻي"، مون جواب ڏنو.

"جي. ايم. سيد واري درخواست بہ انهيءَ ٻڌي هئي؟" هن پڇيو.

”هائو“. مون جواب ڏنو.

”هاڻي ڪيڏانهن هلون؟“ ديوان پڇيو.

”هلي ٿا هوٽل تي جڪ ماريون.“ مون جواب ڏنو.

موٽڻ وقت پيرزادي ٻڌايو تہ شيخ مير محمد اسان جي رات جي ماني ڪئي هئي.

رات جو 12 بجي تائين مير محمد وٽ هياسين. هن وٽ بہ نوجوان سنڌي وڪيل آيا. ها جي پڪا محب وطن ٿي ڏٺا ۽ جي منهنجي شاعريءَ کان بيحد متاثر هئا. وڪيلن جو هي نسل بروهيءَ ۽ طفيل علي عبدالرحمان کان ڪيترو نہ مختلف هوا ڪجهہ وقت کان پوءِ شيخ مير محمد جي محلي جو هڪ راجستاني پاڙيسري بہ اچي نڪتو جو ڪوئي بي ڊيءَ جو ميمبر هو. ان ڪري اسان جي گفتگو بدلجي وئي ۽ ڪاڏي پيتي ۾ بارنهن لڳي ويا.

9 نومبر تي مون Conspirators پڙهي پورو ڪيو ۽ آندري گيد (Andre Gide) جي جرنل جا سئو صفحا بہ پڙهيا. جي بلڪل بي چسا هئا. دراصل مون کي گيد جو آسڪر وائيلڊ تي لکيل ڪتاب De Profundus ڏاڍو وڻيو هو ۽ ان ڪري مون اهي جرنل بہ خريد ڪيا ها. شام جو مون ربانيءَ کي فون ڪيو تہ پتي بہ تي ڏينهن سکر وڃي رهيو آهي ۽ ان ڪري هو شام جو هليو اچي ۽ آرتوار اسان سان گذاري. شام جو ڪامريڊ پوهو آيو تہ محفل متي. هن ”نئين دنيا“ جا ڪيترائي پرچا جلد ٻڌائي مون لاءِ تحفي طور آندا. ها. مان ڀانيان ٿو تہ ”نئين دنيا“ ۽ ”روح رهاڻ“ سنڌي ذهن ۾ انقلاب آڻي ڇڏيو آهي ۽ حميد سنڌيءَ سنڌ ۾ هڪ ناقابلِ فراموش ڪردار ادا ڪيو آهي.

مون کي سوچ ۾ ڏسي پوهوءَ پڇيو ”اڄ ڪلهہ سوچيو ڇا ٿو ڪري؟“

”ايل. ايل. بي جي پهرئين سال جو امتحان ڏنو اٿائين“ مون جواب ڏنو.

”اها تہ مون کي خبر آهي، ٻيو ڇا ٿو ڪري؟“ پوهوءَ پڇيو.

”ٻيو ڇا ڪري؟ هو هڪ تہ منهين بلا آهي. هندو سنڌي، اشتراڪي! هن لاءِ سياست ۾ ڪهڙي گنجائش ٿي سگهي ٿي! هو هندستان ۾ هجي ها تہ ڪميونسٽ پارٽيءَ جي مرڪزي ڪميٽيءَ جو ميمبر هجي ها يا نهرو ڪئبنيٽ ۾ وزير هجي ها.“

مان پوهوءَ وارن رسالن جا پنا اٿلائڻ لڳس تہ ايتري ۾ رباني اچي نڪتو. هن سان گڏ نثار ۽ هن جا ٻہ دوست بہ آيا. جن مان هڪ ڊاڪٽر هو ۽ ٻيو اردو ادبيات جو پروفيسر. نثار ڪٽان اسڪاچ جي بوتل هٿ ڪئي هئي، جا هن وچ تي کولي رکي. پروفيسر اردو غزل تي تحقيق ڪئي هئي ۽ اُن تان گهور ٿي ويو. هن چيو تہ ”غزل ۾ محبوب جو تصور بہ ڦري رهيو آهي. اڳي تہ غزل ۾ محبوب *کي ”سبزهء خط“ بہ هو ۽ ”ڪاڪل مشڪين“ بہ هئي، هو ”ترڇي ڪُلاهہ“ بہ پائيندو هو تہ ”شڪار“ بہ ڪندو هو هن وٽ ”دشنه“ ۽ ”خنجر“ بہ هوندو هو تہ ”تير نگاهہ ۽ ڪمان ابرو“ بہ هوندا ها. هو ”سمند ناز“ تي سواري بہ ڪندو هو تہ هن جي ”فتراڪ ۾ نخچير“ بہ هوندو هو هو قاتل بہ هو ۽ هن جي دامن تي خون جا داغ بہ هئا. هن جي ڪوچي ۾ ڪيئي عاشق ڪُسي ويا ها. مطلب تہ نواب يا شهزادو. جنهن جو هر غزل گو شاعر وظيفي خوار هو. ان جون سڀ خوبيون/ خاميون غزل جي محبوب ۾ هيون ۽ وظيفي جي ڪمي بيشيءَ تي جنهن حسد جو اظهار شاعر هڪٻئي سان دربار ۾ ڪندا ها. شاعريءَ ۾ اُن جو اظهار رقيب رو سياهہ جي

---

* سبزه خط : ڳلن تي وارن جي ڇت.

ڪاڪُل مشڪين: مشڪ جهڙا گهنڊي ڊار لوڙا.

دشنہ: هٿيار جو نالو ”سمند ناز“ نخريلو گهوڙو.

فتراڪ:گهوڙي تي لڙڪندڙ ڳوٿري.

نخچير: ماريل شڪار

رقيب رو سياهہ : ڪار مُنهون رقيب.

منهن ۾ چائي وجهي ڪندا ها. غزل ۾ عاشق جو گريبان چاڪ، وار پريشان، چشم نم ۽ دل بيمار هوندي هئي. هو دربان جون جتيون به چنڊيندو هو. رقيب جا موچڙا به کائيندو هو ۽ سارو وقت حسد جي آگ ۾ جلندو پچرندو به هو. ڪنهن وقت هو مجنونءَ وانگر سُڪي ڪاٺ ٿي ويندو هو ته ڪنهن وقت فرهاد وانگر مٿي ۾ ڪهاڙو هڻي خودڪشي ڪندو هو. جڏهن هو هجر ۾ ڳري ڪک ٿي ويندو هو تڏهن هن جو محبوب هن جي رقيب جي پهلوءَ مان نڪري، هن جي عيادت لاءِ ايندو هو ۽ هن کي ڏسي، ويچاري عاشق کي آخري هڏڪي ايندي هئي ۽ جڏهن هو مري ويندو هو ته هن جي لاش کي ڪفن به ڪو نه ملندو هو. ها، ڪڏهن ڪڏهن هن خسته جان جي جنازي تي ڪوئي روئيندو هو ۽ ڪڏهن هن جو سنگ دل محبوب هن جي مزار تي فاتحه خوانيءَ لاءِ ايندو هو ۽ محشر جي ڏينهن ويچارو عاشق اهڙي ته آهه وفغان ڪندو هو جو هر ڪوئي پڇندو هو ته هي داد خواهه ڪير آهي.“

مون پروفيسر صاحب کي چيو ته ”اسان وٽ به سانگيءَ ۽ گدا کان وٺي جميعت الشعرا جي لڏي تائين ساڳيءَ لڪير جا فقير هئا. هڪ پيري حيدرآباد جو هڪ نامي گرامي شاعر منهنجي آفيس تي آيو هو ۽ هن منهنجي فرمائش تي غزل پڙهيا ها ته اُهي مون کي انشا ۽ ناسخ جي اُلٽيءَ وانگر لڳا ها.“ ان تي پروفيسر صاحب چيو ته ”حسرت موهانيءَ جي غزل ۾ محبوب جو تصور بلڪل مختلف آهي.“ مون اُن تي چيو، ”حسرت موهاني به ڪنهن رويا سان عشق ۾ آهي. فيض ۾ عورت جي گرم و گداز جسم سان عشق ملي ٿو پر جيستائين عشق و محبت جو تعلق آهي. مون کي هندي شاعري اردو شاعريءَ کان هزار ڀيرا وڌيڪ وڻندي آهي. ها، اردو غزل جو فلسفيانه پهلو بي ڳالهه آهي. مون کي اصغر گونڊويءَ جي شاعري وڻندي آهي. غالب ۾ به ڪي شعر ته اهڙا آهن، جو اُهي پڙهي مون کي خاطري ٿي وئي هئي ته شاعر پيغمبر ٿيندا

آهن ۽ انهن جي دور رس نگاهہ پنهنجي دور کان سئو سال اڳتي ڏسي سگهندي آهي.“ مثال طور مون هن کي غالب جا ڪجهہ شعر ٻڌايا:

مری تعمیر میں مضمر ہے اک صورت خرابی کی
ہیولا برقِ خرمن کا ہے خونِ گرم دہقاں کا

دیوارِ بارِ منتِ مزدور سے ہے خم
اے خانماں خراب نہ احساں اُٹھایئے

کوہ کن گرسنہ مزدورِ طرب گاہ رقیب
بے ستوں آئینہء خوابِ گراں شیریں

اهي شعر ٻڌي پروفيسر ڏاڍو خوش ٿيو ۽ چيائين تہ ”اوهان تہ اردو شاعريءَ جو گهرو مطالعو ڪيو آهي. مون تہ ٻڌو هو تہ اوهان کي اردو شاعريءَ سان چڙ آهي.“

ان تي مون چيو تہ ”منهنجو هڪ دوست، جو جج هو، مذهب ۾ اعتبار نہ ڪندو هو. هڪ پيري هن جو پيءُ، هن جي چيمبر ۾ آيو تہ ڏٺائين تہ بين قانوني ڪتابن سان گڏ هن جي شيلف تي هئملٽن (Hamiltion) جو ”هدايا“ (Hedaya)، ”فتاواي عالمگيري“ جا ڪيئي جلد، امير عليءَ جو ”محمدن لا“ ۽ بيا ڪيئي اهڙا اسلامي قانون تي ڪتاب رکيا ها. ان تي هن جي پيءُ چيو تہ ”بابا، ماڻهو تہ ڏاڍا ڪوڙا آهن، مون کي چوندا آهن تہ تنهنجو پُٽ ڪافر آهي. تو وٽ ڪهڙا نہ چڱا ڪتاب رکيا آهن!“ ان تي جج صاحب ٺهڪ ڏئي چيو هو ”بابا، توهان ڇا اهو سمجهيو هو تہ مان بنا پڙهڻ جي ڪافر ٿيو آهيان؟“

پروفيسر ان تي ڏاڍو کليو ۽ چيائين، ”ڇا، اوهان لاءِ اردوءَ جي ڪائي اهميت آهي؟“

مون جواب ڏنو ”تمام گهڻي. اردو برصغير جي رابطي جي زبان تي

قلعءِ معليٰ ۾ پيدا ٿي هئي. اردوءَ جي ڪري برصغير جو ورهاڱو ٿيو ۽ اردو ئي ماڻهن جي ورهايل دلين کي ڳنڍي سگهندي آهي، پر ان لاءِ اردوءَ کي اهو روپ وٺڻو پوندو جو اُن کي مولانا حاليءَ جي نظم ”بيوه کي دعا“ ۾ آهي. مون کي غالب ۽ جوش مليح آباديءَ واري اردو زبان نه وڻندي آهي. ها، آرزو لکنوي ۽ ميراجيءَ جي گيتن جي زبان مون کي ڏاڍي پياري لڳندي آهي. اردوءَ کي برصغير ۾ صحيح معنيٰ ۾ رابطي جي زبان بڻائڻ لاءِ اهو ضروري هو ته کڙي بوليءَ، برج ڀاشا، پوربيءَ، راجستانيءَ، ميواتيءَ وغيره ٻولين مان هزارين لفظ ان ۾ شامل ٿي وڃن. مون کي سيد مطلبي فريد آباديءَ جو لنبو نظم ”پنر ماري“، ان ڏس ۾ هڪ ڪامياب ڪوشش لڳو هو. ڪنهن به زبان کي قومي زبان ٿيڻ ۾ صديون لڳي وڃن ٿيون. پاڪستان ۾ اردو سرڪاري طرح ته قومي زبان آهي، پر ان کي صحيح معنيٰ ۾ قومي زبان ٿيڻ لاءِ اُتر اولهه برصغير سان صدين جي رابطي جي ضرورت آهي ۽ رڳو به لفظ ”سائين“ ۽ ”مهراڻ“ اُن ۾ شامل ڪرڻ سان اُها عوامي سطح تي قومي زبان نه ٿيندي، پر ان ڪري توکي اردوءَ جي مستقبل جي باري ۾ ڪوئي خدشو ٿيڻ نه گهرجي. اردو اڄ به پوري برصغير جي رابطي جي زبان آهي ۽ آئينده به رهندي، ها، اردوءَ جي نالي ۾ استحصال ۽ صوبائي ٻولين ۽ انهن جي ادب کي نهوڙڻ جي هر ڪوشش جي مخالفت خود اردوءَ وارن کي ڪرڻ گهرجي، ڇو ته اُن ۾ اردوءَ جي بقا جو راز مضمر آهي.“

پروفيسر جي گفتگوءَ جو ٻيو موضوع اردوءَ جي جديد شاعري هو. مون هن کي ٻڌايو ته مون تصدق حسين خالد کان مجيد امجد تائين ۽ نئين نسل جا اڪثر شاعر پڙهيا آهن. مون کي ميراجي ۽ فيض پسند آهن، پر زبان جي لحاظ کان ميرا جي عظيم آهي. هن ۾ بر صغير جي ثقافت جي لافاني خوشبو آهي، جا فيض، پنهنجيءَ سيڪيولرزم جي

باوجود. پنهنجي شاعريءَ ۾ پيدا نہ ڪري سگهيو آهي. مون کي اهو ڏسي خوشي ٿي هئي تہ فيض ميراجيءَ جي ڪتاب ”ديس ديس کي نظمين“ جو پيش لفظ لکيو هو. توڙي اردوءَ جا ترقي پسند شاعر ميراجيءَ تي جنس پرستيءَ وغيره جا الزام هڻي هن کان نفرت ڪندا آهن. منهنجي نظر ۾ ميرا جي دور جديد ۾ اردوءَ جو وڏي ۾ وڏو شاعر ٿيو آهي.

هن وري پڇيو ”ڇا اوهان شاعريءَ جي انقلابي مقصديت جا قائل آهيو.“؟

مون جواب ڏنو تہ ”اهو سمجهڻ تہ شاعري فقط انقلاب جو ذريعو آهي، شاعريءَ جي توهين آهي. شاعر جي ڪائنات هڪ انقلابيءَ جي ڪائنات کان وڌيڪ وسيع هوندي آهي. انقلابي آرٽ جي Self_ sufficiency جي خلاف آهن. هو چاهن ٿا تہ آرٽ انقلاب جي ڪم اچي ۽ آرٽ پنهنجي ليکي مقصد نہ آهي، آرٽ ذريعو آهي انقلاب جو۔ يعني آرٽ پنهنجي دور جا، بورجوازيءَ جا، زنجير توڙي، انقلابيءَ جا زنجير پاڻ تي وجهي، آرٽ پنهنجيءَ آزاديءَ لاءِ وڙهي، پاڻ کي آزاد ڪرائي، پنهنجي غلامي پاڻ تي مسلط ڪري۔ مان ان نظريي سان متفق نہ آهيان. آرٽ پنهنجو مقصد پاڻ آهي. آرٽسٽ ان کي انقلاب لاءِ ڪم آڻي، جيئن شوپن Shopin پنهنجي موسيقي پولنڊ جي آزاديءَ لاءِ ڪم آندي هئي، تہ ان تي مون کي اعتراض نہ آهي، پر ڪنهن بہ انقلابيءَ کي اهو حق نہ آهي تہ هو آرٽسٽ تي پنهنجا نظريا مسلط ڪري. آرٽسٽ آرٽ کي انقلاب جو ذريعو بڻائي بہ عظيم آرٽ پيدا ڪري سگهي ٿو پر آرٽسٽ لاءِ اوليت آرٽ کي آهي. دراصل منهنجيءَ نظر ۾ انقلاب آرٽ لاءِ ذريعو آهي. ذريعو اُن اقتصادي پريشانيءَ مان نجات جو جا آرٽسٽ کي پنهنجي آرٽ جي تخليق لاءِ فرصت ۽ فراغت مهيا ڪري سگهي. اسان جا ڪي انقلابي سمجهن ٿا تہ انقلابي

شاعر ٿيڻ لاءِ ڪنهن چارٽ يا پٽ وانگر رڳو ٽُڪبندي ڪافي آهي، ۽ انقلابي شاعر جو مکيہ ڪم انقلاب جو ڍنڍورچي ٿيڻو آهي. هو ان ۾ غلط آهن. ڍنڍورچي وڏا شاعر نہ ٿيندا آهن. فقط قصيده گو چاهي انقلاب جا ئي ڇو نہ هجن، شاعر نہ آهن. ڪو بہ عظيم آرٽسٽ ڪنهن بہ عظيم انقلابيءَ جو همسفر تہ ٿي ٿو سگهي، پر پنهنجي فن جي دنيا ۾ هو ڪنهن بہ انقلابيءَ جي نظرين جو پابند نہ آهي. اهڙي پابندي، آرٽ ۾ ٿوري وقت لاءِ تہ جان پيدا ڪري سگهي ٿي، پر انت اُن جو موت آهي. ٽالسٽاءِ، ترگنيف، گوگول ۽ دوستووسڪي، لينن جي بالشيوزم کان اڳ جي پيدائش ها ۽ اُهي گورڪيءَ کان وڏا تخليق ڪار آهن، جيڪو لينن جو دُم ڇلو هو. اسٽالن جي نظرياتي جبر ڪيئن روسي ادب جي ستياناسي ڪئي، اُن مان سبق سکڻ گهرجي. Chinese Literature ۾ جي چيني شاعريءَ جا ترجما اچي رهيا آهن، انهن کان گهٽو بهتر تہ مان تڏهن لکندو هوس جڏهن مئٽرڪ ۾ پڙهندو هوس، مائوءَ جي ينان ڪانفرنس ۾ ڪيل تقرير وڏي بڪواس آهي. اهي انقلابي ليڊر آرٽسٽ کي بہ پنهنجي فوج جو سپاهي ٿا سمجهن، جنهن جا هو ڪمانڊر آهن ۽ هن کي پنهنجي آرڊر جي انحرافيءَ تي ڪورٽ مارشل ٿا ڪن. جي شاعر واقعي عظيم شاعر آهي تہ هو ڪنهن بہ انقلابي ليڊر سان اختلاف جو حق رکي ٿو. حق، جو مايا ڪووسڪيءَ، ٻيو ڏڳ نہ ڏسي، خودڪشي ڪري استعمال ڪيو هو.

”انقلابي دنيا جي تاريخ جو مطالعو نهايت ضروري آهي، پر ادب ۾ بہ اسان کي ايئن پنهنجا ويچار هجڻ گهرجن، جيئن انقلابي سياست ۾ ويچار جن جو ڳانڍاپو اسان جي ڌرتيءَ ۽ ان جي حالتن سان آهي. جڏهن منهنجي دور جي تاريخ لکي ويندي تہ محقق اهو پروڙي ويندا تہ مون کي ڪاليداس، وديا پتي ۽ ”گيت گووند“ جي مصنف جئديو جي ڪوتا ايترو پسند ڇو هئي ۽ مان ميراجيءَ جي مهانتا ڇو ٿو مڃان.“

رات جو ٻارهين بجي اسان جي محفل برخواست ٿي. رباني ۽ ديوان کي ننڊ ونئي وئي. مان ڊريسنگ گائون پائي ۽ مفلر ويڙهي هوٽل کان ٻاهر آيس. آسمان ۾ ستارا اونده ۾ ڪي نُهنڊون پائي رهيا هئا. چوڌاري خاموشي هئي. مون سوچيو تہ هيءَ خاموشي، جنهن ۾ شراب جي مدهوشي آهي ۽ جا آسمان مان ڏرتيءَ تي ڪري جام و مينا وانگر ٽٽي نہ ٿي پوي، مون کي هر هنگامي کان وڌيڪ پياري آهي. منهنجي شاعريءَ جي اصلي برادري تہ ان خاموشيءَ سان آهي.

10 نومبر تي مون اي.ڪي بروهي صاحب کي فون ڪيو. هو ڪراچيءَ پهچي چڪو هو ۽ مون کي ملاقات لاءِ شام جو ٽائيم ڏنائين.

هوٽل ۾ ڪچهري ڪندي مون رباني ۽ پرمانند کي ٻڌايو تہ ”مهينو کن اڳ سکر جي ڊپٽي ڪمشنر مون کي فون ڪيو هو تہ وزير داخلا جناب قاضي فضل الله مون کي ياد ٿو ڪري. ان تي مون کي ياد آيو هو تہ هڪ ڀيري مون حيدرآباد ۾ ”سنڌي شام“ جي صدارت ٿي ڪئي تہ منهنجي روبرو شاگرد رهنما جام ساقيءَ کي نياپو مليو هو تہ هن کي حيدرآباد جو ڊپٽي ڪمشنر ٿو سڏي، جنهن تي جام ورائيو هو تہ ”مون کي اجڪلهہ ايتري فرصت نہ آهي، جو ڪنهن ڊپٽي ڪمشنر سان ملي سگهان. بهر صورت هن کي مون سان ملاقات جو ايترو شوق آهي تہ پاڻ هيڏانهن هليو اچي يا ڪنهن ڪاري قلم هيٺ منهنجي گرفتاريءَ جو وارنٽ موڪلي.“ جام تہ هو چڙو ڇانڊ ۽ نڊيءَ وهيءَ ۾ هن جي رت ابڙڪا کائي رهي هئي. مون کي تہ ٻار ٻچا آهن ۽ دنيا جون لاهيون چاڙهيون ڏسي، مون ۾ ڪنهن هيمون ڪالاڻيءَ واري همٿ تہ نہ رهي آهي، سو مون رشيد ڀٽيءَ کي ڦِڪي منهن چيو ”قاضي صاحب منهنجو جهونو واقف آهي. هل تہ انهيءَ وٽ هلون.“ سرڪٽ هائوس ۾ مون قاضي صاحب جي پي. اي کي فون تي اطلاع ڏنو پر هن ترسڻ لاءِ چيو چو تہ قاضي صاحب وٽ اڳ ئي ڪو ئي ملاقاتي وينو هو. ٿوريءَ

ديرءِ سکر مسلم ليگ جو سابق صدر، حسن ميان. ٻاهر نڪتو تہ رشيد پٽنيءَ هن کي ڏسي منهن گهنجايو. ميان صاحب مون سان رسمي عليڪ سليڪ ڪئي. هو اسان جي بار جو ميمبر هو ۽ هن جا اسان سان اختلاف هئا. هو پاڪستان کان اڳ الله باد ۾ وڪالت ڪندو هو ۽ سابق وزيراعظم مرحوم لياقت علي خان سان دوستيءَ جو دم ڀريندو هو. پٽنيءَ جي چهري تي انديشي جا پاڇاوان هئا ۽ هن پڇيو "هي ڇو آيو هو؟" ايتري ۾ قاضي صاحب مون کي اندر گهرايو ۽ ظاهري قرب سان مليو. مان اڄا سرڪٽ هائوس جي ڪمري کي ڏسي رهيو هوس، جو مون کي هڪ مهذب قيد-خاني وانگر ٿي لڳو. قاضي صاحب چيو "اياز صاحب اسان جي دوستي نہ آهي. اڳي هڪ اڌ ڪيس گڏ هلايو آهي، ان ڪري پاڻ ۾ دعا سلام آهي." مون بہ جواب ڏنو "مان بہ ايئن ٿو ڀانيان."

ان تي هن چيو "مون کي ڪجهہ وقت اڳ مغربي پاڪستان جي گورنر چيو هو تہ توکي نظربند ڪيو وڃي پر مون هن کي چيو تہ "سنڌ ۾ اياز هڪ Small fry آهي ۽ هن کي نظر بند ڪري هرويرو هيرو ڪري ڇڏيندا سين."

مون جواب ڏنو اوهان پنهنجي نقطہ نگاهہ کان ٺيڪ چيو هو. دراصل اهڙي نادان کي هٽائي، اوهان کي گورنر ڪيو وڃي." قاضي صاحب مون کي ڪرڙين نظرن سان ڏسي، ڳالهہ جو سلسلو جاري رکيو ۽ چيائين "پر هاڻي هو وري تنهنجي گرفتاريءَ لاءِ چئي رهيو آهي. سي. آءِ. ڊي وارا ڏڏا ڏڙ رپوٽون ڪري رهيا آهن تہ سنڌ ۾ جي. ايم. سيد کان پوءِ تون سڀ کان وڌيڪ خطرناڪ ماڻهو آهين ۽ دراصل تون جيئي سنڌ تحريڪ جو باني آهين."

مون چيو "اوهان خود ڄاڻو ٿا تہ مان شاعر آهيان ۽ منهنجي سياست ۾ دلچسپي ڪا نہ آهي."

قاضي صاحب ڪجهه طنز سان چيو "ها، اهو ته مان ڄاڻان ٿو. تون وڪيل ته چڱو آهين، پر تنهنجي سياسي پهچ ڪا به نه آهي. مان نه ٿو پانيان ته تون بي.ڊيءَ جو ميمبر به ٿيڻ چاهيندين".

"بي. ڊيءَ جو ميمبر ته ڇا، مان منسٽر به ٿيڻ نه چاهيندس. هومر منسٽر به نه، مون به طنز ڪندي چيو "ڪجهه ڏينهن اڳ خيرپور جي ڪمشنر مون کي چيو هو ته "ايوب خان ڄاڻڻ ٿو چاهي ته مون کي ڇا گهرجي." اهو ٻڌي قاضي صاحب ڇرڪي ويو ۽ مون کي ڇتائي ڏنائين. مون ڏنو ته قاضي صاحب پوڙهو ٿي ويو آهي. ڇا، هي شخص ڪنهن وقت سنڌ جو چيف منسٽر هو؟ قاضي صاحب هاڻي نرميءَ ۽ ٻاهرئين خلوص سان ڳالهائڻ لڳو ۽ پڇيائين "تنهنجيءَ شاعريءَ تي ايترو هنگامو ڇو ٿيو آهي؟ دراصل مون تنهنجا ڪتاب ڏنا ها، پر انهن ۾ سنسڪرت جا ايترا لفظ هئا، جو مون کي تنهنجي شاعري پوري سمجهه ۾ نه آئي هئي ۽ جي مون کي سمجهه ۾ نه آئي هئي ته ٻي ڪهڙي سنڌيءَ کي آئي هوندي؟"

منهنجي اکين ۾ ٿهڪ اچي ويا. مون هن کي وري ڇتائي ڏنو ۽ جواب ڏنو "قاضي صاحب! علي محمد شاهه راشدي ته چوي ٿو ته هن منهنجي شاعري سمجهي آهي."

هن کي شايد اها ڳالهه نه وڻي ۽ چيائين، "پر هي سي.آءِ. ڊي وارا توتي ايتريون رپورٽون ڇو ٿا ڪن؟"

"مان پانيان ٿو ته انهن کي ميان صاحب چرچ ڏني آهي،" مون مذاق ۾ وراڻيو.

"ڪهڙو ميان صاحب؟"

"حسن ميان صاحب"

"اياز! تون ان ڳالهه کي چرچو نه سمجهه. بهتر ايئن ٿيندو ته گورنر کي هڪ درخواست موڪل، جنهن ۾ ساري حقيقت ڄاڻاءِ" قاضي

صاحب صلاح ڏني.

"ساري حقيقت ڇاٽايان!. مون دل ۾ چيو پر هن کي چيم, "مون کي ڪوئي اعتراض نہ آهي. مان اڄ ئي هن کي درخواست موڪليندس." اهو چئي مون قاضي صاحب سان موڪلايو ۽ غالب جو شعر " *هوتاهے شب وروز تماشا مرے آگے* " جهونگاريندو هيٺ آيس. پٺيان هيٺ ڪار ۾ ويٺو هو. مون کي مرڪندو ڏسي چيائين, "ڇا تي ٿو مرڪين؟"

مون جواب ڏنو "فيض صاحب کي پيش آيل هڪ واقعو ٿو ياد اچي."

"ڪهڙو واقعو", پٺيءَ پڇيو.

مون ڪار ۾ ويهندي چيو "ڪافي سال ٿيا, جو سکر جي ڪليڪٽر مرحوم يوسفاڻيءَ هڪ مشاعرو ڪرايو هو جنهن تي فيض صاحب کي بہ گهرايو هيائين ۽ هن کي براج ڪالونيءَ ۾ ڪنهن سنڌي سپرنٽنڊنٽ انجنيئر وٽ رهايو هيائين. شام جو منهنجو دوست آفاق صديقي مون وٽ آيو هو ۽ چيو هيائين, "فيض صاحب ڪاوڙجي ويو آهي. هو ٽيڙ بڏي اچي نشاط هوٽل تي ويٺو آهي ۽ مشاعري ۾ شرڪت ڪرڻ کان سواءِ, رات واريءَ گاڏيءَ ۾ هليو ويندو. يوسفاڻي صاحب اوهان ڏانهن نياپو موڪليو آهي تہ "اوهان فيض صاحب کي ريهي ريبي اتي ترسايو ڇو تہ هو ٻي ڪنهن جي ڳالهہ نہ ٿو مڃي. اوهان هن سان ضرور ملو"

مون هن کان پڇيو تہ "فيض صاحب ڇا تي رنو آهي؟ هن کان معلوم ٿيو تہ جنهن انجنيئر وٽ فيض صاحب کي رهايو ويو هو ان جي ۽ فيض صاحب جي وچ ۾ هيٺين گفتگو ٿي هئي:

انجنيئر صاحب: اوهان ڇا ڪندا آهيو؟

فيض صاحب: مان پاڪستان ٽائيمز جو ايڊيٽر آهيان.

انجنيئر صاحب: پاڪستان ٽائيمز ڪٿان نڪرندي آهي؟

فيض صاحب: لاهور مان.

انجنيئر صاحب: اوهان فقط اردوءَ ۾ شاعري ڪندا آهيو يا انگريزيءَ ۾ بہ؟

فيض صاحب: فقط اردوءَ ۾.

انجنيئر صاحب: انگريزي بين الاقوامي زبان آهي، اوهان ان ۾ شعر ڇو نہ ٿا لکو؟

فيض صاحب چُپ.

انجنيئر: اوهان پاڪستان کان ٻاهر ويا آهيو؟

فيض صاحب: ساري دنيا گهمي آيو آهيان

سواءِ آمريڪا جي، جا اوهان ڏٺي آهي.

انجنيئر صاحب: آمريڪا تہ اوهان کي سڀ کان اول ڏسڻ گهربي هئي. عاليشان ملڪ آهي.

بس پوءِ تہ فيض صاحب پنهنجو اڌ جليل سگريٽ ڦٽي ڪري نئون سگريٽ ٻاريو ۽ پنهنجي بئگ کڻي، رستي تان ٽانگو ڪري، سڌو نشاط هوٽل تي آيو جتي هو اچا وينو آهي.“

مان ان انجنيئر کي سڃاڻندو هوس. هو اڪثر انجنيئرن وانگر جم خاني ۾ وسڪي پيئندو هو ۽ پياريندو هو. باقي هن ۾ ٻيو افعال ڪو نہ هو. مون سوچيو تہ فيض کان سواءِ مشاعرو بگڙي ويندو ۽ ان ڪري هن وٽ ويس ۽ هن کي ريهي ريبي مشاعري ۾ شريڪ ڪيم....“

ايندڙ نسل تصور بہ نہ ڪري سگهندو تہ هن دور ۾ شاعرن سان ڪهڙيون تعديون ڪيون ويون! هاڻي جڏهن مٿيون واقعو مون ڊائريءَ ۾ لکيو آهي، تہ ٻيو حادثو ياد اچي رهيو آهي. بهتر ٿيندو اهو بہ لکي ڇڏيان. جڏهن منهنجو نظم ”هي سنگرام سامهون آ ناراڻ شيام“ ”روح رهاڻ“ ۾ شايع ٿيو هو تڏهن منهنجن مخالفن اهو نظم اردو ترجمي سميت آدم قد پوسٽرن تي ڇپايو هو جن ۾ مون تي ڪارروائيءَ جو مطالبو ڪيو هيائون، ۽ پوءِ اهي پوسٽر سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ هنيا ويا ها. انهن ڏينهن ۾ اولهہ پاڪستان جو هڪ ٻيلي ڪاتي جو وزير

سکر ۾ آيل هو جنهن وٽ منهنجا ڪجهه مخالف ميڙاڪو ڪري ويئا ها ۽ هن کي اهو پوسٽر ڏيکاري چيو هيائون تہ هو حڪومت کي مون تي ڪارروائي ڪرڻ لاءِ آماده ڪري. مسٽر گل حسن منگي بہ اتي ويٺو هو جو ان وقت اولهہ پاڪستان جي اسيمبليءَ جو ميمبر هو. وزير صاحب هن کي اهو پوسٽ ڏيکاري چيو هو. ”مون کي سنڌي تہ نہ ايندي آهي، اوهان ٻڌايو تہ انهيءَ سنڌي نظم جي اها ساڳي معنيٰ آهي، جا اردو ترجمي ۾ ڏني وئي آهي؟“ ان تي منگي صاحب منهنجي بچاءَ ۾ ڪجهہ ڳالهائي معاملو رفع دفع ڪري ڇڏيو هو. مون کي جڏهن اها خبر پئي هئي تڏهن مان منگي صاحب وٽ ويو هيس ۽ پنهنجي احسان منديءَ جو اظهار ڪيو هيم. ان تي منگي صاحب مون کي هيٺين حقيقت ٻڌائي هئي:

”ڪجهہ غير سنڌي صحافي ۽ اديب وزير صاحب وٽ اهو پوسٽر کڻي آيا ها ۽ هن کي چيو هيائون تہ شيخ اياز جنگ (1965ع واري) جي خلاف نظم لکيو آهي ۽ هو پاڪستان جو دشمن آهي. اتفاق سان مان اُتي ويٺو هوس. وزير صاحب اهو پوسٽر ڏسي مون کي چيو ”مون کي سنڌي تہ نہ ايندي آهي. اوهان پڙهي ٻڌايو تہ ان نظم ۾ ڪائي اعتراض جوڳي ڳالهہ آهي يا نہ.“ اياز صاحب! مون اوهان جو نظم ڏاڍي ڌيان سان پڙهيو ۽ مون کي اوهان جي مخالفن تي ڏاڍي ڪاوڙ آئي. مون وزير صاحب کي چيو ”نارائڻ شيام خدا جو هندڪو نالو آهي. شاعر سچ چيو آهي تہ مان خدا کي گولي ڪيئن هڻان! دراصل هن جي مخالفن کي سنڌي ٻولي نہ ٿي اچي، ان ڪري هو اعتراض ٿا وٺن. مون شاهہ جو رسالو پڙهيو آهي. ان ۾ نارائڻ شيام، راڏي شيام، گنگا رام، سڀڪجهہ آهي. ها، باقي مون کي هڪ ڳالهہ تي اعتراض آهي. ڪنهن بہ مسلمان شاعر کي پاڪستان کان پوءِ اها واڻڪي ٻولي لکڻ نہ گهرجي. خدا خدا آهي، نارائڻ شيام اسان جو خدا تہ نہ آهي. شاهہ جو رسالو بي ڳالهہ آهي. اهو پاڪستان کان اڳ لکيو ويو آهي.“ منگي صاحب پوءِ مون کي ڏسي محبت سان چيو ”مون شاهہ جو رسالو پڙهيو

آهي. مون کي سڀ ڪجهه معلوم آهي. پر اسان مسلمان آهيون. اسان جو نارائڻ شيام، راڌي شيام، گنگا رام سان ڪهڙو ڪم!" مان هن جي مهرباني مڃي، گهر موٽي آيو هوس. نارائڻ شيام، راڌي شيام ته نهيو پر گنگا رام وڏي ڳالهه هئي.

جي ڪجهه حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ جا اردو اديب، سبط حسن، محسن ڀوپالي وغيره ان پوسٽر جي جواب ۾ اشتهار شايع ڪري منهنجو بچاءُ نه ڪن ها ته نارائڻ شيام ته وينو دليءَ ۾ هائڪو لکي ها، پر مون کي جيٽري گڏهه جي پيٽ ۾ پوريو وڃي ها.

مون کي ياد ٿو اچي ته منهنجي خلاف نڪتل پوسٽر کان ڪجهه وقت پوءِ سيد باقر شاهه (جو غالباً ان وقت سنڌ نيشنل عوامي پارٽي/ سنڌ ڪميونسٽ پارٽيءَ جو صدر هو) ۽ تنوير عباسي منهنجي آفيس ۾ آيا ها ۽ مون کي چيو هيائون "تو اهو نارائڻ شيام وارو نظم "روح رهاڻ" ۾ ڇو شايع ڪرايو؟ توکي ڪهڙو حق آهي، جو تو ايئن پوري جيئي سنڌ تحريڪ کي پريشانيءَ ۾ وڌو آهي؟" مون جواب ڏنو هو "مان جيئي سنڌ تحريڪ کان وڌيڪ پنهنجي ضمير سان ذميدار آهيان."

1965ع ۾ جڏهن ٻين نظربندن سان گڏ جيل مان منهنجي رهائيءَ جو آرڊر آيو هو تڏهن مون سان گڏ 40/30 ٻيا نظربند به پوليس جي پهري ۾ ٻاهر آندا ويا ها، جي سڀ هندو هئا. ٻاهر پوليس جي وئن (گاڏي) بيٺي هئي. مون کي اُن وقت ٽري پيس (Three piece) فل سوٽ پيو هو. هڪ پوليس جي صوبيدار، جنهن مون کي قيدي نه سمجهيو هو ٻين سڀني نظربندن کي هٿڪڙيون هٿي ٻڌيو، قيدين مان هڪڙو کٽو ته هن جيل جي سپاهيءَ کان پڇيو ته "باقي هڪ قيدي ڪٿي آهي." ان تي سپاهيءَ مون ڏانهن اشارو ڪيو پر صوبيدار کي ان ڳالهه تي اعتبار نه آيو ۽ هن کان پڇيائين، "هن صاحب لاءِ تو چئين ڇا؟" جڏهن سپاهيءَ ورنديءَ ۾ هائو ڪئي، تڏهن هو هٿ ڪڙي کڻي مون ڏانهن وڌيو پر مون هن کي هٿ سان اشارو ڪري چيو "ترس، وڌيڪ نه

وڏجانءِ. منهنجي رهائيءَ جو آرڊر جيل تي پهچي چڪو آهي. توکي ڪو بہ اختيار نہ آهي تہ مون کي هٿڪڙيون هڻين.“ هن ڪرڙيون اکيون ڪري چيو "رهائيءَ جو آرڊر تہ سڀني نظربندن جو جيل ۾ پهچي ويو آهي، پر فلاڻي صاحب جو آرڊر آهي تہ....."

"تنهنجي فلاڻي صاحب جي تہ....." مون ڏرتيءَ تي پيل سر هٿ ۾ کڻي، صوبيدار تي حملي لاءِ ٻانهن مٿي ڪئي، تہ ايتري ۾ جيل جو سپرنٽينڊنٽ وڏي آيو ۽ هن کي چيائين تہ "اياز صاحب مشهور وڪيل آهي. هي رها ٿي چڪو آهي ۽ هن کي هٿڪڙي هڻڻ قانوني طور جائز نہ آهي." زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو مون صبر جو دامن هٿان ڇڏيو هو.

پوءِ مان بنا هٿڪڙيءَ جي پوليس جي گاڏيءَ ۾ ويو هيس. ٿوريءَ دير ۾ صوبيدار اسان کي سکر جي مهاجر ڊپٽي ڪمشنر وٽ پيش ڪيو هو. هو هڪ مڪ جيترو ماڻهو هو پر قانون هن کي اژدها جيڏي جڀ ڏني هئي. هن حب الوطنيءَ تي لنبي چوڙي واهيات تقرير ڪري پڇيو هو "اوهان کي ڇا چوڻو آهي؟" ڪنهن قيديءَ ڇا چيو ڪنهن ڇا. جڏهن منهنجو وارو آيو هو تہ هن مون کان خاص طور پڇيو هو "توکي ڪجهہ چوڻو آهي؟"

"ڪنهن کي چوان؟" مون جواب ۾ پڇيو هو.

"مون کي، ٻيو ڪنهن کي،" هن چيو هو.

"نہ" مون رُکائيءَ سان جواب ڏنو هو.

ڳالهين جي سلسلي ڪٿان جو ڪٿي پهچايو آهي. بهتر آهي تہ المدينہ هوٽل ۾ موٽي هلان ۽ هاءِ ڪورٽ ۾ ضامن جي درخواست واريءَ ڪارروائيءَ جو احوال مڪمل ڪريان، هتي رباني جهونگاري رهيو آهي.

بنا کردند خوش رسمے بہ خاک و خون غلطیدن
خدا رحمت کند آں عاشقانِ پاک طینت را*

---

* مٽيءَ ۽ رت ۾ ليٽڙي چڱيءَ رسم جو بنياد رکيو اٿائون
شال خدا انهن پاڪ سڀاوَ وارن عاشقن تي رحمت ڪري.

رباني ۽ کي بہ مون وانگر فارسي غزل سان محبت آهي. مون کي بہ هزارن ۾ فارسي شعر ياد آهن. رباني جهونگارڻ بس ڪري ٿو تہ آءٌ حافظ جو هڪ شعر جهونگاريان ٿو.

تا زمیخانہ و میٔ نام و نشان خواہد بود
سر ما خاکِ رہِ پیرِ مغان خواہد بود **

شام جو مان ۽ رباني اي. ڪي بروهي صاحب جي گهر وياسين. بروهي صاحب سان منهنجي پراڻي واقفيت هئي. مان جڏهن ايل ايل بي ۾ پڙهندو هوس تڏهن ئي هن کي هڪ ڪامياب وڪيل ۽ فلسفي ۽ جي حيثيت ۾ شهرت هئي. هو ٿياسافي ۽ کان متاثر هو ۽ اسان هن جا ليڪچر ٿياسافيڪل هال ۾ ٻڌندا هياسين. هڪ ڀيري مان هن سان هن جي آفيس ۾ مليو هوس، جا ڪراچي ۾ سٽي ڪورٽ جي سامهون هڪ فليٽ ۾ هئي. پهرين ۽ ملاقات ۾ ئي اسان جو هڪٻئي تي خوشگوار اثر ٿيو هو. ٻي ۽ ملاقات ۾ مون هن کي ايم.اين.راءِ جو ڪتاب New Humanism ۽ هن جو سہ ماهي رسالو Marxian Way پڙهڻ لاءِ ڏنا ها. ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ مون روزاني ۽ "ڊان" ۾ بروهي صاحب جي New Humanism تي هڪ آرٽيڪل پڙهيو هو جنهن مان ايئن ٿي لڳو تہ ايم اين راءِ جي خيالات کان ڪافي متاثر ٿيو آهي. ٽين ۽ ملاقات ۾ مون هن کان Marxian Way ۾ ڇپيل ايم اين راءِ جي لنبي مضمون Philosophy of Materialism جي باري ۾ پڇيو هو تہ هن چيو هو تہ مضمون نهايت چڱو لکيل آهي. مون کي اها ڳالهہ ڏاڍي وڻي هئي تہ بروهي صاحب، جو پاڻ هڪ روحانيت پرست آهي ۽ مئڊم بلئوتسڪي، ائني بيسنٽ ۽ ليڊ بيٽر وغيره کان متاثر آهي، اهو ايترو فراخدل آهي، جو ايم.اين. راءِ جهڙيماديت پرست کي بہ هن جي بي انتها مطالعي ۽ ذهانت تي داد ٿو ڏئي!

جڏهن مون وڪالت شروع ڪئي هئي، تڏهن بروهي صاحب

---

** ان لاءِ تہ ميخاني ۽ مي ۽ جو نالو نشان رهجي اچي،
(اهو ضروري آهي تہ) اسان جو سِرُ پيرِ مغان جي رستي جي مٽي ٿي وڃي.

پنهنجي سٽي ڪورٽ جي سامهون واري آفيس، منهنجي دوست ۽ ڪلاس فيلو خالد اسحاق کي ڏني، پارٽ بئنڪ آف انڊيا بلڊنگ ۾ آفيس کولي هئي، جا پهرينءَ آفيس کان ڪافي وڏيڪ ڪشادي هئي. ٿوري وقت کان پوءِ شيخ عبدالقادر صاحب ۽ مون خالد اسحاق سان پائيواري ڪئي هئي. اسان کي وڪالت ڪئي چار مهينا مس ٿيا ها تہ مون هاءِ ڪورٽ ۾ ڪنهن اصيل جي پاران سنڌ سيفٽي ائڪٽ هيٺ هن جي گرفتاريءَ جي خلاف هيبس ڪارپس جي درخواست (Habeous Corpus Petition) داخل ڪئي هئي. درخواست داخل ڪرڻ کان اڳ مان بئنڪ آف انڊيا بلڊنگ ۾ بروهي صاحب سان مشوري لاءِ ويو هوس ۽ هن کي چيو هيم تہ مون کي 491 ڪ پ ڪ تي ڪوئي اهڙو ڪيس نہ ٿو ملي، جنهن ۾ هاءِ ڪورٽ ڪنهن سيفٽي ائڪٽ جي نظربند کي رها ڪيو هجي. ان تي بروهي صاحب چيو هو تہ واقعي سنڌ هاءِ ڪورٽ هن مهل تائين اهڙيون سيئي درخواستون خارج ڪري ڇڏيون آهن. بهر صورت ۾ هن مون کي ڪلڪتي هاءِ ڪورٽ جي هڪ ڪيس پڙهڻ لاءِ چيو هو جنهن ۾ نظربند کي Bengal Criminal Law Amendment Act هيٺ جهليو ويو هو ۽ ڪلڪتي هاءِ ڪورٽ نظربنديءَ جي آرڊر کي غيرقانوني ٺهرائي، نظربند کي ڇڏي ڏنو هو. مان بروهي صاحب جي آفيس مان نڪري رهيو هوس تہ مون ڏٺو هو تہ هن جي ميز تي شيشي هيٺان رام جيٺملاڻيءَ جو فوٽو رکيو هو. منهنجو ڌيان فوٽوءَ ڏانهن ڏسي بروهي صاحب ڏک سان چيو هو ”هي رام جيٺملاڻي آهي. هي منهنجو پارٽنر هو. مون هن کي گهڻو روڪيو پر هن نہ مڃيو ۽ هندستان هليو ويو.“ مون بروهي صاحب کي ٻڌايو تہ ”رام مون سان شڪارپور جي نيو ايرا اسڪول ۾ پڙهندو هو ۽ مون کان ٻہ سال سينيئر هو. اسان گڏجي اسڪول جي ڊبيٽنگ سوسائٽيءَ، ماڪ (Mock) پارليامينٽ وغيره ۾ سرگرم حصو وٺندا هياسين.“ (جڏهن

مان بمبئيءَ ۾ هوس * تہ مون کي معلوم ٿيو هو تہ رام ڄيٺ جي چوٽيءَ جي وڪيلن مان هو ۽ تاج هوٽل ۾ رهندو بہ هو ۽ آفيس بہ اتي ڪندو هو. مان ڀانيان ٿو تہ هن گوبند مالهيءَ يا ٻي ڪنهن دوست معرفت مون کي چانهہ جي دعوت بہ ڏني هئي، پر مان دليءَ هليو ويو هوس ۽ هن سان ملي نہ سگهيو هوس.)

بروهي صاحب جي آفيس مان موٽي، مون هن جي مشوري موجب درخواست تيار ڪري داخل ڪئي هئي. بينچ تي چيف جسٽس طيب جي ۽ جسٽس ڪانسٽنٽائين هئا. مون کي انگريزيءَ تي ڪافي عبور هو ڇو تہ مان شاگرديءَ واري زماني ۾ ئي انگريزيءَ ۾ بحث مباحثا ۽ تقريرون ڪندو هوس ۽ ڪارل مارڪس جي انهيءَ قول تہ Judiciary is the bulwark of the status quo مون ۾ عدليہ کان مرعوب ٿيڻ جي گنجائش نہ ڇڏي هئي ۽ مان عدالت ۾ پاڻ کان گهٽ سينيئر وڪيلن وانگر خود اعتماديءَ سان ڳالهائيندو هوس. مٿئين ڪيس ۾ سرڪار جي پاران ايڊووڪيٽ جنرل مسٽر فتح چند آسودو مل هاءِ ڪورٽ ۾ پيش ٿيو هو، جو مون تي اڳيئي مهربان هوندو هو. اتفاق سان مون اهو ڪيس کٽيو هو جو پوءِ رپورٽ بہ ٿيو هو. هاءِ ڪورٽ مان موٽي مان بروهي صاحب کي ڪيس جي نتيجي جي باري ۾ ٻڌايو هو ۽ مشوري لاءِ هن جو احسان بہ مڃيو هو. هو اهو ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيو هو ۽ چيو هيائين، هاڻي تہ ٻين لاءِ بہ دڳ کلي پيو. مون تہ سيفٽي ايڪٽ هيٺ نظربنديءَ خلاف ٽي درخواستون وڌيون هيون پر ٽئي رد ٿيون هيون، تو الائي ڪيئن عدالت کان اهو فيصلو ورتو آهي.“

مون کي هن جي نهٺائي ڏاڍي وڻي هئي. هو ڪراچيءَ جو هڪ وڏو وڪيل مڃيو ويندو هو ۽ هن جي پاڻ کان هڪ گهٽي جونيئر وڪيل جي همت افزائيءَ، منهنجن نظرن ۾ هن جو درجو اڳ کان بہ بلند ڪيو هو.

---

* مون کي ڪجهہ سال اڳ معلوم ٿيو هو تہ رام ڄيٺملاڻي آل انڊيا بار ايسوسيئيشن جو پريزيڊنٽ چونڊيو ويو هو. هن جا اندرا گانڌيءَ سان اختلاف ٿي پيا ها ۽ غالباً گرفتاريءَ جي خوف کان آمريڪا هليو ويو هو.

جڏهن مان سکر ۾ وڪالت ڪندو هوس، تڏهن هڪ ڀيري بروهي صاحب سکر جي سيشن ڪورٽ ۾ سيد سعيد محمد شاهه جي پاران قتل جي مقدمي ۾ وڪيل ٿي آيو هو ۽ پنهنجي مدد لاءِ خالد اسحاق کي به آندو هيائين. پهرئين ڏينهن ٿورو ڪيس هليو هو ۽ خالد صاحب منهنجي آفيس تي مون کان ڪجهه قانوني ڪتاب وٺڻ آيو هو. ڳالهين ڪندي خالد مون کي چيو هو ته "مون کي ڪراچيءَ ۾ ڪافي ڪيس رکيل آهن ۽ جي ٿي سگهي ته تون منهنجي پاران انهيءَ ڪيس ۾ بروهي صاحب جي مدد ڪر."

بروهي صاحب آغا بدر الدين خان دراني‌ءَ جي اوطاق تي ترسيل هو. مان اتي ويس ته هو سڪ سان مليو. ٿوريءَ دير کان پوءِ هن انگريزيءَ ۾ سرڪاري ڌر ۽ بچاوَ جي ڪيس جو نهايت ذهانت سان تجزيو ڪيو ۽ مون کان پڇيو ته "تنهنجو ڇا خيال آهي؟" مون کي وري به هن جي نهٺائيءَ تي پيار آيو هو. اسان اتي ئي رات جي ماني کاڌي هئي ۽ پوءِ بروهي صاحب چيو هو "هل ته براج تان گهمي اچون." پوءِ اسان ڪار ۾ نڪتا هياسين ۽ براج جي ساڄيءَ پر تي ڪار روڪي هئي. ڪار مان لهي بروهي صاحب چيو هو: "هل ته سنڌوءَ ماءُ جا پير ڇُهون" (Let us touch the feet of Mother Indus) اُن وقت چوڏهينءَ جي چنڊ جو پاڇو پاڻيءَ ۾ پئجي رهيو هو. چنڊ جي پاڇي ڏانهن اشارو ڪري، بروهي صاحب چيو هو ته "جي ڪنهن کي خبر نه هجي ها ته آسمان ۾ چنڊ آهي، جنهن جو پاڇو پاڻيءَ ۾ پئجي رهيو آهي ته هو اُن پاڇي کي ئي اصلي حقيقت سمجهي ها." ڳالهيون ڪندي مغرب جي مصوريءَ جي ڳالهه نڪتي هئي. مون هن کي سئلويڊار ڊاليءَ جي هڪ عجيب و غريب تصوير جي باري ۾ ٻڌايو هو جنهن ۾ هڪ نيگرو غلام ستل ڏيکاريل هو جو ننڊ ۾ پنهنجي ديس جو خواب ڏسي رهيو هو. بروهي صاحب ان وقت مون ڏانهن حيرت مان ڏٺو هو ۽ منهنجي ڪلهي تي هٿ رکي چيو هيائين،" تعجب آهي. مون کي به ساڳيو فن پارو خيال ۾ هو ۽ مون ان جي باري ۾ ڪجهه چوڻ پئي چاهيو پر تون مون

کان اول ان جي ڳالھ ڪئي.“

جنھن وقت ھو پاڪستان جو وزير قانون ھو تہ مون سکر ۾ ھن کي ھڪ آل پاڪستان ادبي ڪانفرنس تي مھمان خصوصي ڪري گھرايو ھو ۽ ڪانفرنس جي صدارت مون خود ڪئي ھئي.

مان ٻڌايان ٿو تہ جنھن وقت ھو ھندستان ۾ پاڪستان جو ھاءِ ڪمشنر ھو ھن جي الطاف گوھر سان ڪجھ رنجش ٿي پئي ھئي. ڪجھ وقت کان پوءِ جڏھن ھو استعيفيٰ ڏئي، ڪراچيءَ موٽي آيو ھو تہ منھنجي ھن سان ملاقات ٿي ھئي ۽ مون کي ھن ٻڌايو ھو تہ جڏھن ھن رام ڪرشن پرم ھنس جي ورسيءَ تي تقرير پوري ڪئي ھئي، تہ جواھر لال نھروءَ ھن کي پيار سان ڀاڪر پاتو ھو. ھن مون کي وڌيڪ ٻڌايو ھو تہ جڏھن بہ نھروءَ کي ٻڌايو ويندو ھو تہ پاڪستان جو ھاءِ ڪمشنر آيو آھي تہ نھرو پنھنجي اي ڊي سيءَ کي چوندو ھو تہ چُئہ تہ بروھي آيو آھي.“ جڏھن 1963ع ۾ مان دھليءَ ۾ ھوس تہ منھنجي دوست شيام ڀاڳيا، جو دھليءَ ۾ سنڌو سماج جو سيڪريٽري ھو انھيءَ ڳالھ جي تصديق ڪندي چيو ھو تہ جڏھن بروھيءَ رام ڪرشن پرم ھنس جي ورسيءَ تي تقرير ڪئي ھئي تہ اُتي موجود سنڌين جا ڳاٽ فخر کان اوچا ٿي ويا ھا. (غالباً ورسيءَ تي صدارت ڀارت جي پريزيڊنٽ مشھور فلاسافر راڌا ڪرشنن ڪئي ھئي.).

منھنجي بروھي صاحب سان ھڪ ملاقات تڏھن ٿي ھئي، جڏھن ڀٽو صاحب وزير خارجہ ھو. ان وقت بروھي صاحب مون کي ايوب خان جو ھڪ خط ڏيکاريو ھو جنھن ۾ لکيل ھو تہ جنھن وقت ايوب خان لنڊن مان موٽي ايندو تہ ھو بروھي صاحب کي ملاقات لاءِ گھرائيندو. غالباً ان وقت ايوب خان ڪامن ويلٿ منسٽرس ڪانفرنس ۾ شرڪت لاءِ ويل ھو. ان وقت بروھي صاحب ڀٽي صاحب تي ڏاڍو رنج پئي نظر آيو. ان تي مون بروھي صاحب کي چيو ھو تہ ”ڀٽو صاحب ڏاڍو تيز سياستدان آھي. دشمن کي گھٽ نہ سمجھڻ گھرجي.“ جنھن تي بروھي صاحب چيو ھو ”مان ھن کي ان جو بہ اھل نہ ٿو سمجھان تہ ھن

ڪي پنهنجو دشمن سمجهان.“ مون کي اها انا بروهي صاحب جي انهيءَ شخصيت سان متضاد لڳي هئي، جا مون اڳ ڏٺي هئي. منهنجو خيال هو تہ سنڌ بہ نهايت اهم شخصيتون پيدا ڪيون هيون. پٽو ۽ بروهي★ ٻئي متضاد طبيعتن جا مالڪ ها. مان ۽ ابراهيم جويو تہ ٻيءَ دنيا جا ماڻهو هياسون، پر ٻنهي کي هنن جي اهميت کان انڪار ڪو نہ هو. اتفاق سان ابراهيم جويي جا بہ بروهيءَ سان چڱا تعلقات هئا ۽ ڪنهن وقت ٻئي سنڌ مدرسي ۾ ماستر هئا.

مان پانيان ٿو تہ ايوب خان لنڊن مان موٽي بروهي صاحب کي ملاقات جي دعوت ٻيهر نہ ڏني هئي. تي سگهي ٿو تہ پٽي صاحب هن کي ايئن ڪرڻ کان روڪيو هجي.

بروهي صاحب جي آفيس ۾ مون رباني ۽ ديوان کي ملاقاتين واري ڪمري ۾ ڇڏيو ۽ پاڻ هن جي ڪمري ۾ ويس، جنهن ۾ ساڳيا آرٽ، فلسفي ۽ ادب تي ڪتاب پيا ها، جي مون اڳ ڏٺا ها. ڪجهہ انگريزي ۽ اردو ڪتاب بہ انهن ۾ شامل ڪيا ويا ها. تي ڪتاب منهنجا بہ هڪ طاق تي رکيا ها، جي مون اڳ هن کي تحفي طور ڏنا ها. مون بروهيءَ کي ٻڌايو تہ مون کي 123 (الف) پاڪستان پينل ڪوڊ هيٺ گرفتار ڪرڻ جي رٿا رٿي وئي هئي ۽ ان ڪري مون گرفتاري کان اڳ ضمانت تي رهاءَ لاءِ ڪورٽ ۾ درخواست وڌي هئي. ۽ هن جي ٻاهر هجڻ سبب طفيل علي عبدالرحمان جو وڪالت نامو داخل ڪيو هيم. ان تي بروهيءَ حيرت جو اظهار ڪيو ۽ چيائين تہ سنڌ ۾ اندر الاجي ڇا پيو وهي واپري! تو ڇا ڪيو آهي جو توتي اهڙو سنگين مقدمو ڪيو اٿائون؟“ مون هن کي چوڻ تي چاهيو ’سنڌو ماءُ جا پير ڇهڻ ايڏو آسان

---

★ تاريخ جا اتفاق بہ ڪنهن وقت عجيب تا ٿين. جنرل ضياءُ الحق جي مارشل لا کان پوءِ، سابق وزيراعظم ذوالفقار علي پٽي ۽ بروهي صاحب جي پاڪستان جي سپريم ڪورٽ ۾ تند و تيز گفتگو اجا تائين منهنجن ڪنن ۾ ٻري رهي آهي. پٽي صاحب جي ڦاسيءَ کان ڪجهہ وقت پوءِ منهنجي بروهي صاحب سان اسلام آباد ۾ هن جي آفيس ۾ ملاقات ٿي هئي. هو اجا لا منسٽر هو توڙي هن جي استعيفا جي خبر پئجي چڪي هئي. آتم ڪهاڻيءَ جي ٻي ڪنهن حصي ۾ ان جي باري ۾ ذڪر ڪندس.

نہ آهي ۽ اُن جي ڏاڍي ڳري قيمت ادا ڪرڻي تي پوي' پر پوءِ ارادو قيرائي هن کي چيم، "اڳ جڏهن منهنجن ڪتابن تي بندش پئي هئي، تہ مون اوهان کي ٻڌايو هو تہ سنڌ ۾ ڪيئي دقيانوسي اديب مون سان حسد ڪندا آهن ۽ اُهي ادبي محاذ تي مون سان مقابلي جا اهل نہ آهن، ان ڪري هو مون تي ڪفر ۽ الحاد جون فتوائون ڏيندا آهن ۽ حڪومت کي منهنجي خلاف درخواستون ڪندا آهن، جن ۾ مون تي ملڪ دشمن ڪارروايُن جا الزام هڻندا آهن. انهن کي اُلٽي ڪوپڙي آهي ۽ هو ايستائين ويا آهن، جو لکيو اٿائون تہ آزاد نظم ۽ معرا نظم (Blank Verse) بہ غير اسلامي آهن، ڇو تہ دنياءِ اسلام جي شاعرن بحر و وزن جي پابندي ڪئي آهي. اتفاق سان ڪجھ روزانيون اخبارون هنن کي ملي ويون آهن ڇو تہ انهن جا ايڊيٽر بہ منهنجي اڳيان احساس ڪمتريءَ جو شڪار هوندا آهن. هو گهٽو ڪري پراڻي قسم جا غزل لکندا آهن، جو لکڻو جو هر پنواڙي لکي سگهندو آهي."

ان تي بروهيءَ چيو "مان خود سنڌي اخبارون گهٽ گهرائيندو آهيان ۽ مون کي معلوم نہ آهي تہ انهن ۾ ڇا ڇپجي رهيو آهي. بهرصورت 12 تاريخ تي مان بہ طفيل علي عبدالرحمان سان گڏ هوندس ۽ تنهنجي ضمانت تي ويندي." مون هن جو ٿورو مڃيو ۽ ٻاهر اچي ربانيءَ ۽ ديوان کي بروهيءَ سان ڪيل گفتگوءَ جو ضروري حصو ٻڌايو. رستي تي مون ربانيءَ کي چيو تہ "مون بروهيءَ کي پنهنجن رجعت پرست همعصرن جي باري ۾ صحيح حقيقت ڏني هئي. مان پانيان ٿو تہ جي ڪوئي شاعر واقعي شاعر آهي تہ هن جا دوست ۽ دشمن هن کي سڃاڻڻ ۾ دير نہ ٿا لائن. هن جا همعصر ان تي مشتعل ٿين ٿا تہ هي پنهنجي زندگيءَ جي نظريي جي باري ۾ ايترو مطمئن ڇو آهي ۽ ان کي ٻين تي مسلط ڇو ٿو ڪري. هر سچو شاعر سماجي شعور ۾ ولوڙا وجهندو آهي. هو پنهنجي چوڌاري دنيا جي شعور مان پنهنجا نتيجا ڪڍندو آهي. هن جا همعصر، جي ڪجھ خيالن ۽ تصورن جا عادي هوندا آهن، هن جي نون خيالن تي پوسرجندا آهن، جن کي هو ڪنهن

طوفان جي آڳ ڪٿي سمجهندا آهن جا هنن جي ساريءَ دنيا کي
ڪک پن وانگر اڏائي ڇڏيندي. هر عظيم شاعر جو وجود اناالحق جو
آواز آهي ۽ دار و رسن جي آزمائش کي دعوت آهي. ڳالهين ڪندي مون
ربانيءَ کي ٻڌايو تہ زمان ۽ مڪان جو فاصلو مون لاءِ ڪائي رڪاوٽ نہ
آهي. ڪبير، جائسي، ڀٽائي وغيره منهنجا ايئن دوست آهن، جيئن هو
۽ ديوان آهن. منهنجا انهن سان ذاتي تعلقات آهن. ڪيئي ڀيرا مان
انهن سان گفتگوءَ ۾ محو رهيو آهيان. اطالوي شاعر ڊانٽي (Dante)
پنهنجي ڪتاب "جهنم" (Inferno) ۾ ماضيءَ ۾ پنهنجي مرغوب
شاعرن کي جنهن طرح ڪيڪاريو آهي، ان مان آءٌ ڀانيان ٿو تہ ڊانٽي بہ
مون وانگر زمان ۽ مڪان جا فاصلا آسانيءَ سان ٽپي ويندو هو. "رات
اسان جي ميخاني ۾، آيو خرقہ پوش" وارو نظم مون ايئن لکيو هو جڻ
تہ حافظ سان منهنجي ملاقات ڪالهہ ڪراچيءَ جي شنگريلا
(Shingrila) بار ۾ ٿي هئي. ڀٽائي تہ منهنجي پير ۾ هوندو ئي هوندو آهي
۽ سامي منهنجو انت آد جو پاڙيسري آهي. مغربي فلسفيءَ برگسان
انهن شين ۾ رشتي جي تلاش ڪئي هئي، جن کي وقت وڇوڙيو هو. مان
ڀانيان ٿو تہ اهڙو رشتو آهي ۽ شاعر زمان ۽ مڪان جي سرحد کان ٻاهر
دوست ۽ احباب ٺاهي سگهي ٿو. علامہ اقبال پير روميءَ سان ايئن
گفتگو ڪئي آهي، جڻ هڪ ڏينهن اڳ هن کان مدرسي ۾ سبق ورتو
اٿائين ۽ ٽئگور Poems of Kabir لکڻ وقت ايئن ٿو لڳي، جڻ ڪبير
جي ست سنگ ۾ وينو آهي. ان ڳالهہ کي شايد انگريز شاعر ڪيٽس
(Keats) بہ سمجهيو هو جنهن پنهنجن دوستن، جيئرن ۽ مئلن سان
ميخاني ۾ ملڻ ٿي چاهيو."

ديوان مون کي حيرت سان ٻڌي رهيو هو. ايئن ٿي لڳو جڻ هن مون
کي پهريون ڀيرو ڏٺو هو ۽ هو سوچي رهيو هو تہ هي شخص ڪير آهي؟

هوٽل تي آياسين تہ ڪامريڊ پوهو اُتي اڳيئي وينو هو. ايتري ۾
نثار آيو ۽ چيائين، "فوزيہ اوهان کي سڀاڻي لاءِ رات جي ماني‌ءَ جي
دعوت ڏني آهي. مون ڊاڪٽر عاليہ امام کي بہ اچڻ لاءِ چيو آهي، جا

منهنجي دوست آهي.“

پوءِ، ڪافي دير ڪچهري ڪندا رهياسين. ديوان، جو بروهي صاحب جو ڳوٺائي آهي، ڪجهه وقت هن جون ڳالهيون ڪندو رهيو.

11 نومبر تي پيٽي موٽي آيو ۽ سارو ڏينهن ڪچهري ڪندا رهياسين. رباني ءَ به تي پيرا منهنجا اهي لفظ ورجائي ٺهڪ ڏنا ها ته ”ڪامريڊ پوهوءَ جي ويران زندگيءَ ۾ فلاڻي اڪيلو زهريلو گل آهي“ ۽ اُها فلاڻي منهنجي ان وقت کان واقف هئي، جڏهن هن جي سانوريءَ ڇاتيءَ تي به ننڍا سيتا ڦل نڪتا ها.

ستين بجي شام جو اسان سڀ نثار جي گهر وياسين. نثار نثار جي زال فوزيه. نثار جو پيٽوبو رشيد آخوند ۽ هن جي زال قمر اسان جو آڌر ڀاءُ ڪيو. نثار جي زال عربي نسل جي آهي، پر جائي سنڌ ۾ آهي ۽ صاف سنڌي پئي ڳالهايائين. قدرت هن کي هڪ نهايت پيارو مکڙو ڏنو آهي. نثار ۽ فوزيه مان ايتري پنهنجائي تي بکي، جو اسان محسوس ئي نه ڪيو ته اسان پهريون ڀيرو هنن جي گهر آيا آهيون. رشيد آخوند سنڌيءَ جو مشهور ڪهاڻي ڪار آهي ۽ ڪراچيءَ جو برک وڪيل آهي. هو ڪمپنيءَ لا ۾ خاص طور ماهر آهي. جڏهن هو پڙهندو هو هن جو پيءُ سکر جو ڊپٽي ڪمشنر هو. اُن وقت هن مون سان هڪ شرارت ڪئي هئي (ڪنهن منهنجي آفيس ۾ فون ڪري مون سان عورت جي آواز ۾ ڳالهايو هو ۽ منهنجيءَ شاعريءَ تي جند جان فدا ڪئي هئي. پوءِ اها فون ڪال روز ايندي هئي ۽ جڏهن مان ايتري عقيدت ڏسي، ڪجهه پنو هوس ته اها فون ڪال اوچتو بند ٿي وئي هئي ۽ وري نه آئي هئي. ڪافي وقت کان پوءِ جڏهن منهنجي رشيد آخوند سان ملاقات ٿي هئي ته هن ٺهڪ ڏئي چيو هو ته اها شرارت هن ڪئي هئي ۽ هو اها فون ڪال نثار کان ڪرائيندو هو. ان ڪري جڏهن گيتا ”جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي“ پڙهي (جو جڳت آڏواڻيءَ پنهنجي رسالي

”ڪهاڻي“ ۾ ٻيهر ڇپايو هو ۽ جنهن جا پروف گيتا ڏنا ها ) ◆ مون کي ڏاڍيءَ سڪ سان سکر خط لکيو هو تہ مون اهو سوچيو تہ ڪوئي هندستاني اديب مون سان شرارت ڪري رهيو آهي، هن کي جواب نہ ڏنو هو پر جڏهن مان بمبئيءَ ۾ سانتاڪروز ايئرپورٽ تي لٿو هوس ۽ آيل ميزبانن جي مون سان سڃاڻپ ڪرائي وئي هئي، تڏهن انهن ۾ مان گيتا جي موهڻي صورت ڏسي حيران ٿي ويو هوس.

ٿوريءَ دير ۾ ڊاڪٽر عاليہ امام آئي. هوءَ وچولي وهيءَ تي پهچي چڪي هئي، مان ڀانيان ٿو تہ ڪجهہ سال اڳ هوءَ ڏاڍي پرڪشش هوندي.

اياز صاحب، اوهان سان غائبانہ واقفيت تہ ڪافي آهي، دراصل ڪراچيءَ جا سيئي اديب اوهان جي نالي کان واقف آهن، پر منهنجي ڪوشش جي باوجود، اوهان سان اڳ ملاقات نہ ٿي سگهي آهي. نثار بہ اوهان جون ڏاڍيون ڳالهيون ڪندو آهي.“ عاليہ چيو.

ڳالهيون ڪندي مون هن کي چيو تہ ”منهنجيءَ شاعريءَ ۾ منهنجي خيالات جي يڪسوئي آهي، ۽ اها يڪسوئي منهنجي نثر ۽ نظم ٻنهي ۾ آهي ۽ ٻنهي ۾ منهنجي “World Sense” (دنيا جي شعور) جو اظهار آهي. مون شاعري ڏهن ورهين جي عمر ۾ شروع ڪئي هئي. منهنجي ڦوهہ جوانيءَ کان وٺي هن وقت تائين ان يڪسوئيءَ ۾ ڪوئي فرق نہ آيو آهي.“

ڊاڪٽر عاليہ امام، جنهن اردوءَ ۾ پي. ايڇ. ڊي ڪئي آهي، چيو تہ ”مان سنڌي زبان تہ نہ ڄاڻان، پر مُون اوهان جا ڪجهہ ترجما اردوءَ ۾ پڙهيا آهن ۽ اُنهن کان ڪافي متاثر ٿي آهيان. مُون ٻڌو آهي تہ اوهان نہ فقط اردوءَ ۾ شاهہ عبداللطيف جو منظوم ترجمو ڪيو آهي، پر شاهہ کان سواءِ ٻين شاعرن جا ۽ پنهنجي ڪلام جا بہ اردوءَ ۾ ترجما ڪيا

---

◆ ’جي ڪاڪ ڪکوريان ڪاپڙي‘ وارا خط ڪرائون سائيز ۾ ڪهاڻي پبليڪيشن بمبئيءَ پاران ’دوست ڏانهن شاعر جا خط‘ عنوان سان ڇپيا هئا.

آهن.“

مون ڪنڌ ڌوڻي هائو ڪئي تہ هن چيو ”ڪجهہ اردوءَ ۾ ٻڌايو تہ اسان اوهان جي شاعريءَ کان لطف اندوز ٿيون.“ اُن تي مون هن کي مير عبدالحسين سانگيءَ جي ڪلام جو هي منظوم ترجمو ٻڌايو:

پھر وہی بادِ بہار آنے لگی
جسم و جان سے بوئے یار آنے لگی

بادلوں کی چھاؤں میں کیا بات تھی
یادِ جاناں بار بار آنے لگی

روح کی گہرائیوں سے رفعتاً
کوئی کھوئی سے پکار آنے لگی

میری آنکھوں سے برسنے کے لئے
کوئی رسم انتظار آنے لگی

مدتوں کے بعد ”سانگی“ آج پھر
زخم پنہاں پر بہار آنے لگی.

مون غزل پڙهي پورو ڪيو تہ عاليہ حيرت مان پڇيو ”ڇا واقعي هي سانگيءَ جو ترجمو آهي.“ مان اُن وقت گلاس ۾ سوڍا وجهي رهيو هوس. هن کي مرڪي جواب ڏنم. ”سوڍا سانگيءَ جي آهي، وسڪي منهنجي آهي.“ اهو ٻڌي عاليہ ٽهڪ ڏئي چيو ”مون تہ سمجهيو هو تہ سوڍا ۽ وسڪي، ٻئي اوهان جا آهن.“

پوءِ عاليہ مون کي ٻين منظوم ترجمن ٻڌائڻ جي فرمائش ڪئي.

مون ساميءَ جو منظوم ترجمو پڙهيو ۽ جڏهن هن کي هي شعر ٻڌايم تہ هن جي چپن مان سيسرات ٻڌڻ ۾ آيو:

میں کیسے تجھے سمجھاؤں سکھی وہ پھولوں کی کوملتا ہے
میں ایک مہک بن جاتی ہوں جس وقت سجن گھر آتا ہے

مون ساميءَ جو ترجمو پورو ڪيو ته عاليہ پڇيو ”ڇا اهو لفظ ”سامي“ ۽ هنديءَ جو لفظ ”سوامي“ ساڳي ڳالهہ آهن؟“

مون چيو ته ”نہ. سامي بہ هنديءَ جو لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ ارفع ۽ اعليٰ (Sublime) آهي. ”سوامي“ ٻيو لفظ آهي، جو سنڌيءَ ۾ بہ هنديءَ وانگر ساڳيءَ معنيٰ ۾ مستعمل آهي.“

جڏهن مون ٻيا ڪجهہ اردو ترجما عاليہ کي ڏيکاريا ته عاليہ چيو ”اوهان جو اردو شاعريءَ ۾ بہ پنهنجو مقام آهي، ڇا اوهان اڃا تائين اردوءَ ۾ لکو ٿا؟“

مون هن کي چيو تہ ”شاعر پنهنجي فن کي منطقي نتيجي تي رڳو پنهنجيءَ مادريءَ زبان ۾ پهچائي سگهندو آهي. شيڪسپيئر روسيءَ ۾ لکي ها تہ شيڪسپيئر نہ ٿي سگهي ها ۽ پشڪن انگريزيءَ ۾ لکي ها تہ پشڪن نہ ٿي سگهي ها. مون ورهاڱي کان اڳ اردوءَ ۾ ڪڏهن بہ شاعري نہ ڪئي هئي. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ اُن وقت بہ مون کي اردوءَ تي ڪافي عبور هو ۽ منهنجو اردوءَ جو مطالعو نهايت وسيع هو. سن ستيتاليهہ ۾ مون جڏهن نارائڻ شيام کي بمبئيءَ وڃڻ لاءِ پاڻيءَ جي جهاز تي چڙهيو هو تہ مون کي سنڌ جي ادبي دنيا ڏانوانڏول ٿيندي نظر آئي هئي. سنڌي اديبن جي اڪثريت هندو هئي ۽ اهي لڳ ڀڳ سيئي لڏي ويا ها ۽ ڪراچيءَ جي سرنا گتيءَ واريءَ لئبريريءَ کان وٺي شڪارپور جي جماڻي هال واري لئبريريءَ تائين سڀ لئبريريون لٽيون ويون هيون ۽ سنڌي ڪتاب ڪراچيءَ جي فٽ پاٿن تي رديءَ ۾ وڪاڻا ها. ان وقت مون بي انتها تنهائي محسوس ڪئي هئي. ۽ پيدا ٿيل خلا کي پرڻ لاءِ مون ڪيئي اردوءَ جا اديب دوست ڪيا ها ۽ انجمن ترقي پسند مصنفين ۽ حلقہ احباب ذوق جي نشستن ۾ شريڪ ٿيندو هوس. پهريون ڀيرو مون اردوءَ ۾ شاعري 1948ع ۾ ڪئي هئي ۽ ڪيترائي نظم انجمن ۽ حلقہ احباب ۾ پڙهيا ها، جي ڏاڍو پسند ڪيا ويا ها. اهي نظم اصلي هوندا ها، پر مان پڙهڻ وقت چوندو هوس تہ اهي منهنجن سنڌي نظمن جو منظوم ترجمو آهن. هڪ دفعي حلقي جي هڪ

نشست ۾ الطاف گوهر چيو هو ”اياز تون پنتو داد ٿو گهرين. هڪ پنهنجي اصل سنڌي نظم لاءِ ۽ ٻيو ان جي منظوم ترجمي لاءِ.“ هن کي پڪ هئي تہ اهي اردو نظم اصلي آهن ۽ ترجمو ٿي نٿا سگهن. ان وقت مان ڪراچيءَ ۾ وڪالت ڪندو هوس. ڪجهہ وقت کان پوءِ مون شدت سان محسوس ڪيو هو تہ ڪراچيءَ ۾ منهنجي سنڌي شاعري ختم ٿي ويندي ۽ جيتوڻيڪ مان وڪالت مان ڪافي ڪمائيندو هوس، مان اوچتو ڪراچيءَ کي خيرباد چئي سکر هليو ويو هوس. سکر ۾ بہ منهنجن ادبي دوستن ۾ اردوءَ جا اديب آفاق صديقي، حسن حميدي، فتح الله عثماني ۽ ٻيا ها. انهن سان گڏجي مون ڪيئي اردو، سنڌي ڪانفرنسون سکر ۾ ڪرايون هيون. سال 1952ع تائين مون اردوءَ ۾ شعر لکيو هو ۽ شاهہ جي رسالي جو منظوم ترجمو بہ اُتي ڪيو هيم. ان دور ۾ منهنجي دوست آفاق صديقيءَ منهنجي اردوءَ جي مجموعہ ڪلام کي ”بوءِ گل نالئہ دل“ جي نالي سان ترتيب ڏئي شايع ڪرايو هو ۽ ان ۾ گهڻو ڪري اُهي غزل، گيت ۽ نظم شامل هئا، جي مون ڪراچيءَ ۾ لکيا ها ۽ قراحباب ۽ انجمن ترقي پسند ۾ پڙهيا ها. منهنجي ڪجهہ نئين اردو ڪلام جو انتخاب بہ آفاق صديقيءَ جي مرتب ڪيل ڪتاب ”ريگزار کي موتي“ ۾ ڇپيو هو. مان حمايت علي شاعر سان گڏ اردو رسالي ”شعور“ جو مدير بہ هوس، جو حيدرآباد مان شايع ڪيو ويو هو. پوءِ وري مون سنڌيءَ ۾ شاعري ڪئي هئي ۽ ”پونر پري آڪاس“ ۾ ڇپيل بيت ۽ دوها مون تي سانوڻ جي مينهن وانگر لٿا ها. مان اجا تائين سنڌيءَ ۾ لکي رهيو آهيان ۽ اميد تہ آخر تائين سنڌيءَ ۾ لکندو رهندس. سنڌيءَ جو هر لفظ مون سان صديون ساٿ رهيو آهي، جڻ منهنجي وجود جو حصو آهي، مان اُن ۾ جنهن ڳالهہ جو اظهار ڪري ٿو سگهان، دنيا جي ٻيءَ ڪنهن بہ ٻوليءَ ۾ ان تي ڪيتري بہ مهارت حاصل ڪري، ايترو ڀرپور اظهار ڪري نہ سگهندس. ان ڪري ئي ڪورٽن ۾ ڪيئي ڪلاڪ انگريزيءَ ۾ ڳالهائڻ ۽ هزارها انگريزي ڪتابن جي مطالعي جي باوجود، مون انگريزيءَ ۾ ڪنهن

ادبي تخليق لاءِ سوچيو به نه آهي.“ عاليه مون سان اتفاق ڪيو ۽ چيو ته ”غالب پنهنجي فارسي شاعريءَ کي ”نقشه هاي رنگ رنگ“ ته چيو آهي، پر هو زنده جاويد فقط پنهنجيءَ اردو شاعريءَ جي ڪري ٿي آهي.“

رات جي ٻارهين بجي تائين اسان ڳالهيون ڪندا رهياسين ۽ پوءِ اسان هوٽل تي موٽي آياسين.

هوٽل جي ڪمري ۾ مون رٻانيءَ جي ڪلهي تي هٿ رکي چيو. ”هن وقت چوب، چيني ڪٿي هونديا!“

رٻانيءَ ٺهه ڪري جواب ڏنو ”پنهنجي مڙس جي ڪڇ ۾.“ (چوب چيني“ ٻين ڪيترن لفظن وانگر منهنجي ۽ رٻانيءَ جي نجي نام مالها (Private Vocabulary) جو لفظ آهي. جو ڪجهه سال اڳ مون هڪ نهايت پياري ماڻهوءَ تي رکيو هو جنهن کي دل چمڻ چاهيو هو پر جنهن کي موقعي نه ملڻ سبب مان چڱيءَ طرح ڇُهي به نه سگهيو هوس.)

12 نومبر تي رٻاني صبح سان حيدرآباد هليو ويو. مان ڀُٽي ۽ ديوان 8 بجي هاءِ ڪورٽ پهتاسين. طفيل صاحب اُتي پهچي چُڪو هو ۽ ٿوريءَ دير ۾ بروهي صاحب به پهتو. 9 بجي اسان کي جسٽس خميساڻيءَ جي چيمبر ۾ سڏ ٿيو. طفيل صاحب تقرير ڪئي. ايڊووڪيٽ جنرل جواب ڏنو ته ”في الحال ته حڪومت شيخ اياز کي انهيءَ ڏوهه ۾ گرفتار ڪرڻ نه ٿي چاهي ۽ ان ڪري گرفتاريءَ کان اڳ ضمانت (Pre_arrest bail) جي قانون ۾ گنجائش نه آهي.“ ان تي بروهي صاحب چيو ته ”جي سڀاڻي حڪومت ارادو ڦيرائي ته پوءِ؟“ جسٽس خميساڻيءَ ان تي چيو ”پوءِ ٻي درخواست وجهجو.“ ائين چئي ضامن جي درخواست خارج ڪري ڇڏيائين.

جسٽس خميساڻي علي ڳڙهه مان ايل. ايل. بي ڪئي هئي. پهرين خيرپور ۾ وڪالت ڪندو هو ۽ غالباً اُتي مسلم ليگ جو صدر هو ۽ جنهن وقت مان سکر آيو هوس ته هو سکر ۾ وڪالت ڪندو هو.

ڪجهہ عرصي کان پوءِ هو ڪراچيءَ لڏي ويو هو ۽ بروهي صاحب جي فرم ۾ شريڪ ٿيو هو. جتان هو ايڊووڪيٽ جنرل ڪري کنيو ويو هو ۽ ڪجهہ سالن کان پوءِ هاءِ ڪورٽ جو جج مقرر ٿيو هو. جسٽس خميساڻيءَ جي چيمبر مان نڪري مون بروهي صاحب کي چيو "مان سکر وينڊس تہ پوليس مون کي گرفتار ڪندي. هو هاڻي فقط قانون کي گوهي ڏئي ويا." ان تي بروهي صاحب چيو "مان توکي سرٽيفڪيٽ ٿو لکي ڏيان تہ ايڊووڪيٽ جنرل عدالت ۾ زباني طور چيو آهي تہ پوليس توکي في الحال گرفتار ڪرڻ نہ ٿي چاهي ۽ جي توکي گرفتار ڪيائون تہ اهو توهين عدالت جو ڏوهہ ٿيندو". مون سوچيو تہ "مون کي تہ گرفتار ڪري، هٿڪڙيون هڻي، ساري سکر ۾ گهمائيندا. پوءِ ڪنهن تي توهين عدالت جو مقدمو ٿيو تہ بہ ڇا. جي نہ ٿيو بہ تہ ڇا؟

بهر صورت مان طفيل علي عبدالرحمان صاحب ۽ بروهي صاحب جو احسان مڃي، دوستن سان گڏجي هوٽل تي موٽي آيس. ٿوريءَ دير ۾ سامان ٻڌي، مون نثار جي گهر فون ڪيو ۽ فوزيہ کي ٽئنڪ ڪري، پٽيءَ ۽ ديوان سان گڏ ڪار ۾ حيدرآباد روانو ٿيس. رستي تي مون پٽيءَ کي چيو "سوچيو مون کي ڏسي، توتي طنز ڪندو آهي تہ تون سانچو پانڊا آهين. هاڻي جيڪر هن کان پڇون تہ سچين "پن-چڪين" سان هو وڙهي رهيو آهي يا اسان؟" پوءِ مان حيدرآباد تائين ڪار ۾ چُپ رهيس. رستي، تي مان سنڌ جي باري ۾ سوچي رهيو هوس ۽ من ۾ چئي رهيو هوس، "خدايا! ڇا تہ قوم آهي هيءَ! ڪيترو تہ صبر ڏنو آهي تو ان کي! ان عرب ڏنا، ارغون ڏنا، ترخان ڏنا، ٽالپر ڏنا.... ان کي ٻليون وڏيون ويون...[◆] ان جا ماڻهو صديون گهوڙا گهوڙا ڪندا رهيا..... ساريون عقوبتون برداشت ڪري وئي... سڀئي ختم ٿي ويا، پر هيءَ اڃا زندهہ آهي... ڪيترو نہ صبر، ڪيتري نہ طويل عمري مليي آهي هن کي...."

---

◆ ارغونن ۽ ترخانن جي دور ۾ مفتوح عورتن جي سٿڻين ۾ ٻليون وڏيون وينديون هيون.(ت. ج)

منجهند جو حيدرآباد پهتاسين ۽ فاران هوٽل ۾ ماني کاڌي سين. ماني کائي مون رباني ۽ کي ادبي بورڊ ۾ فون ڪيو. رباني ۽ تعجب سان پڇيو "ڪٿان ٿو ڳالهائين؟" مون جواب ڏنو "حيدرآباد مان، فاران هوٽل مان!"

ان تي رباني ۽ وري پڇيو "هوٽل ۾ ڪمرو ته نه ورتو اٿئي"

مون چيو "هاڻي ڪمرو ونان ٿو ڇو!؟

"ڪمرو نه وٺ، " رباني ۽ چيو "يڪدم هيڏانهن هليو آءُ. وڏيڪ هتي ٿو ٻڌايانءِ".

مان هوٽل جو بل ڏئي، يڻيءَ ۽ ديوان سان ڪار ۾ نڪتس. رستي تي هڪ وڏو جلوس مليو جنهن جي وچ ۾ هڪ ڪار آهستي ٿي وئي. جنهن تي گلن جا هار پيل ها. ماڻهن زنده باد ۽ مرده باد جا نعرا ٿي هنيا. پڇا تي معلوم ٿيو ته پوليس مير رسول بخش ٽالپر کي گرفتاريءَ هيٺ وٺي وڃي رهي هئي. جلوس هليو ويو ته اسان اڳتي وڌياسين ۽ ادبي بورڊ جي آفيس تي پهتاسين، جتي رباني رهندو هو. ان وقت ربانيءَ سان ڪوئي موڪلائي رهيو هو جو اسان کي ڏسي وائڙو ٿي ويو. هو هليو ويو ته ربانيءَ سوال ڪيو "ڪنهن ڏٺو ته نه اٿي؟"

"آخر ڳالهه ڇا آهي؟" مون خفي ٿي هن کان پڇيو. "پرواني يڻيءَ مون کي ٿوري دير اڳ "عبرت" جي دفتر مان فون ڪري چيو هو ته تيرهن ماڻهن جي ڪئبنيٽ نهي آهي". ربانيءَ شرارت ڀري مرڪ چپن تي آڻي چيو.

'هاڻي بدمعاشي ڇڏ." مون چڙي چيو "مان ٿڪجي پيو آهيان."

"بابا، بدمعاشي نه آهي. بهتر ٿيندو ته هتان سپ رفوچڪر ٿي وڃو. هي ماڻهو جو هليو ويو انهيءَ توکي سڃاتو آهي ۽ ٿوريءَ دير ۾ حيدرآباد ۾ هُلي ويندو ته تون مون وٽ آهين." ربانيءَ منهنجو هٿ ڇڪيندي چيو "هل ته هيٺ ڪار ۾ احوال ٿا ڏيون."

هن جو اهو رازدارانه انداز مون کي پسند نه آيو ۽ مون هن کي غصي ٿي چيو "ايئن نه هلندس. ٻڌاءِ ته ڳالهه ڇا آهي؟"

"چوان تہ اٿو تہ تون تيرهن ماڻهن جي ڪئبنيٽ جو ميمبر آهين. توکان سواءِ پنو ولي خان، ممتاز پنو مير رسول بخش ۽ ٻيا گرفتار ٿي چڪا آهن. توکي اڃا گرفتار نہ ڪيو ويو آهين، پر غلطيءَ ۾ ريڊيو تي اچي چڪو آهي تہ تون بہ گرفتار آهين. ادبي بورڊ ۾ ٻيا ماڻهو اچن وڃن پيا. هتان نڪري هلون تہ بهتر ٿيندو." پوءِ هن ديوان ڏانهن ڏسي چيو "ديوان ڪيئن؟"

"تنهنجا ٻچا جيئن،" ديوان جواب ڏنو.

جڏهن ڪار ۾ ويٺاسين، تڏهن مون ربانيءَ کي چيو " پر منهنجو پُٽي يا ولي خان سان ڇا؟ مون کي انهن سان گڏ ڇو گرفتار ڪيو اٿائون؟"

ربانيءَ مُرڪندي وراڻيو "تون پاڻ کي گگدام ڇو سمجهندو آهين؟ تو حڪومت کي گهٽ مٿي جو سور ڏنو آهي؟ سنڌ ۾ باهہ ٻاري ڇڏي ٿئي." اهو چئي هن پڇيو "پر هاڻي ڪيڏانهن هلون؟ ڪٿي مٿو ڇپايون؟ جمال رند وٽ هلون؟"

"چو نہ، " مون جواب ڏنو.

جمال رند ربانيءَ جو گهرو دوست آهي. حيدرآباد ۾ عمر ميمڻ واري پرو آمريڪا نيشنلسٽ گروپ مان آهي، جو رسول بخش پليجي جو سخت مخالف آهي. جمال رند جيئي سنڌ تحريڪ جي سرگرمين ۾ ڀرو وٺندو آهي ۽ سرائڪي ٻولي ڏاڍي مٺي آواز ۾ ڳائيندو آهي.

ڪار ۾ رباني حافظ جو هي شعر جهونگاري رهيو هو.

*اگر غم لشکر انگیزد کہ خونِ عاشقاں ریزد*
*من و ساقی بہم سازیم و بنیادش بر آندازیم* ◆

عجيب ڳالهہ آهي تہ ربانيءَ کي حافظ ۾ بہ سازش نظر آئي هئي!

ڪار لطيف آباد ۾ جمال رند جي گهر جي ٻاهران روڪي هن سان

---

◆ جيڪڏهن غم ان لاءِ لشڪر ڪٺو ڪري تہ عاشقن جو خون وهائي، تہ مان ۽ ساقي پاڻ ۾ سازش ڪري اُن جو بنياد ڪيي وجهون.

ملياسين. هن کي احوال ڏنوسين ۽ رات گذارڻ جي باري ۾ مشورو ڪيوسين. جمال رند چيو ”منهنجو گهر ننڍڙو آهي ۽ اوهان سڀئي اُتي مشڪل سان رهي سگهندئو“

ان تي رباني چيو ”جمال ابڙي وٽ چو نہ هلون. هن نئون بنگلو ٺهرايو آهي. هن وٽ ڪافي جاءِ هوندي. پر ڊچندو تہ نہ؟“

”ڪيئن چئجي، هن وٽ هلي ٿا ڏسون.“ مون جواب ڏنو پاهر نڪتاسين تہ بچو گم هو. رباني چيو ”هي ڪنهن انعام جي لالچ ۾ ٿاڻي تي اطلاع ڏيڻ تہ نہ ويو؟“

اڌ ڪلاڪ گذري ويو پر بچو ڪو نہ موٽيو تہ رباني چيو تہ ”بهتر ايئن ٿيندو تہ ڪار هتي ڇڏي هليا هلون. ايئن نہ ٿئي تہ پوليس مٿان اچي وڃي.“ ايتري ۾ ديوان چيو تہ هو شام واري ٽرين تي ويندو چو تہ هن کي پنهنجي ڳوٺ ڳڙهي ياسين ۾ نهايت ضروري ڪم هو ۽ سڀاڻي مون سان سکر ۾ ملندو. مون کلي چيو ”واڻيا، پڄي ٿو وڃين؟“ ديوان جواب ڏنو ”جن کي پڄڻو هو سي اڄ کان گهڻو اڳي پڄي ويا. مان واڻيو ڪٿي آهيان؟ ڳوٺ ۾ سڀ مون کي جکراڻي ڪوٺيندا آهن. چڱو ,سڀاڻي سکر ۾ ملنداسين“ اهو چئي، ديوان پنهنجي بئگ کڻي ۽ رمندو رهيو.

ڪجهہ وقت کان پوءِ بچو موٽي آيو. اچڻ سان چيائين، ”صاحب! واهہ جو ڌڪڙ تي اتو لڳو آهي. ماڻهن جا هشام هوٽل تي ريڊيو پيا ٻڌن. ايوب خان تي گارين جو ڏوڙيو پيو پوي ۽ ”پٽو زنده باد“ جا نعرا ٿا لڳن. پر خبرن ۾ گرفتار ٿيلن جي نالن ۾ اوهان جو نالو تہ ڪو نہ هو.“

”تو ريڊيو پاڻ ٻڌو هو؟“ مون هن کان پڇيو.

”هائو صاحب، مون پاڻ ٻڌو هو مون کي ڦاڙهي جيڏا ڪن آهن. اوهان جو نالو ڪو نہ هو“ بچي جواب ڏنو. مون هن جي ڪنن ڏانهن ڏٺو. واقعي هن کي ڦاڙهي جيڏا ڪن هئا ۽ اُن وقت ايئن لڳي رهيا ها، جيئن شوالي تي ڏيئا ٻرندا آهن. بهر صورت اسان کي ان رات سکر نہ وڃڻو هو سو اسان لطيف آباد ۾ جمال ابڙي جي گهر آياسين. جمال

موجود هو. اسان هن جي ڊرائنگ روم ۾ ويناسين ۽ هن کي احوال ڏنوسين. جمال چيو تہ ”هاڻي تي. وي تي خبرون ايندڀون، اُهي تا ٻڌون.“ خبرن ۾ منهنجو نالو بہ آيو. پوءِ جمال مهمان خاني جو ڪلف کولي اسان جو سامان رکايو ۽ چيائين تہ ”هي مهمان خانو تيستائين مون بند رکيو هو جيستائين تون اچين ۽ اُن ۾ پهريون مهمان تي رهين.“ مون کي پنهنجي انهيءَ گمان تي ڏاڍو شرم آيو تہ جمال ڏجي ويندو. اسان سامان رکي هيٺ اچي ڊرائنگ روم ۾ ويناسين. ايتري ۾ هن جو ڀاءُ ڪمال ابڙو بہ آيو جو انجنيئر آهي ۽ پاڻ سان وسڪيءَ جي بوتل بہ آندائين. جمال ابڙو سنڌ جو بهترين ڪهاڻيڪار ۽ منهنجن ذهين ترين دوستن مان آهي. هو نہ فقط هڪ باضمير جج آهي، پر هڪ نهايت پيارو انسان بہ آهي. هن جي ڀاءُ ڪمال جا ڪيئي آفيسر دوست آهن ۽ انهن جي ذريعي هن منهنجي لاڙ ۽ ٿر جي سير سفر جو انتظام ڪيو هو. مان جمال جو اهو احسان لاهي نہ سگهندس، ڇو تہ منهنجن ٽن ڪتابن ”جل جل مشعل جل جل“، ”هي گيت اڃايل مورن جا“ ۽ ”رت آئي ڳاڙهن ٻيرن جي“ ◆ تي انهيءَ سير و سفر جو ڪافي اثر آهي. هڪ ڀيري فرانس جي عظيم شاعر بودليئر تي هندستان ڏسڻ جو خبط سوار ٿيو هو. شايد هو پانڊيچريءَ ۾ فرينچ ڪالونيءَ ڏانهن تي ويو. ٻاڙيءَ جو جهاز جڏهن اڃا پوڻ وچ سمنڊ ۾ هو تہ هو ڪنهن فرينچ ڪالونيءَ ۾ لهي پيو هو ۽ اُتي ڪجهہ وقت ترسي پئرس موٽي ويو هو. هن پنهنجي زندگيءَ ۾ سمنڊ جو سفر فقط اهو ئي ڪيو هو پر انهيءَ سفر جو اثر هن جي شاعريءَ تي آخر تائين رهيو هو. ان طرح مان ڀانيان ٿو تہ انهيءَ ٿر ۽ لاڙ جي سفر جو اثر نہ فقط مٿين ٽن ڪتابن تي ٿيو آهي، پر ڪيتري وقت تائين منهنجي شاعريءَ تي ان جا پاڇاوان پوندا رهندا. آندري مالرو (Andre Malraux) ★ آرٽ تي پنهنجي

---

◆ اهي ٽيئي، ’روح رهاڻ‘ رسالي جا خاص نمبر تي ڇپيا هئا (ت. ج)

★ آندري مالرو: فرانس جو عظيم ناول نگار، آرٽ جو نقاد، نازي جرمنيءَ خلاف جدوجهد ۾ ڊي گال جو ساٿي ۽ ڊي گال جي ڪئبنيٽ ۾ ڪلچر منسٽر.

ڪتاب ۾ لکيو آهي تہ پڪاسو (Picasso) ** تي آفريڪي صنم تراشيءَ جو اثر آهي ۽ هو ان جو احسان لاهي نہ ٿو سگهي. ٿر جو منهنجي شاعريءَ تي بہ اهڙوئي احسان آهي.

ٿر جي سفر ۾ منهنجا بيا ساٿي ابراهيم جويو جمال ابڙو ۽ رشيد ڀٽي هئا. ميرپورخاص ۾ رات رهي اسان صبح جو جيمس آباد پهتا هياسين ۽ ڪجهہ دور وڃي اسان منڙائوءَ جي ڪڙ ورتي هئي. منڙائوءَ جا ڪجهہ منظر اجا تائين منهنجين اکين جي اڳيان ڦري رهيا آهن ۽ ان جا منتظر آهن تہ ڪڏهن ٿو انهن کي نظم جي صورت ۾ آندو وڃي. منڙائو کان ڦري اسان نئين ڪوٽ، ڏيپلي، مٺي، اسلام ڪوٽ، ڀالوا، ويراواهہ ۽ نگرپارڪر ويا هياسين. ان سفر ۾ مون ڏٺو هو تہ جمال ابڙي جي سنڌ جي عوام سان ڪيتري نہ محبت آهي!

هڪ ڀيري هن چيو تہ "ٿر ۾ چوندا آهن تہ ڪٽڪ تہ ميوو آهي"! ٻئي ڀيري چيائين تہ "جيستائين مينهن پوندو آهي، هتي مارو سُڪل ڀيرون کائيندا آهن ۽ جي وات چلجي پوندو اٿن تہ ڀيرُن جو ڦڪ ڀري، مٿان پاڻيءَ ٻُڪ پي ڇڏيندا آهن." ٿري ماڻهن ۾ هن جي ايتري دلچسپي ۽ انهن سان ايتريءَ همدرديءَ منهنجو من موهي وڌو هو. هڪ ڀيري چيائين تہ " ٿري نوڪر هوڻ‌َ تہ گهر ۾ راضي هوندو پر اُتي جو واءُ لڳندو تہ ناسون ڦنداري چوندو تہ ٿر وڃو آهي، ۽ پوءِ ڀڄي ويندو". جمال جي ٿر جي ڏند ڪٿائن (Myths) ۽ ڪهاڻين (Legends) ۾ گهري دلچسپي آهي. اُپ ۾ ڪنوڻ ڏسي چيائين، "ٻڪرار ڪنوڻ جڏهن ڪجندي آهي تہ واسينگ نانگ لڪڻ جي ڪوشش ڪندو آهي، پر هن جو پڇ ٻر کان ٻاهر ئي هوندو آهي، تہ مينهن اچي پوندو آهي. جمال سان گڏ گذاريل ڪيئي امر گهڙيون منهنجين اکين جي اڳيان ڦرن ٿيون. اسان نگرپارڪر ۾ پهاڙ جي ڀپ جي ڀرسان ڏاڪ بنگلي جي پڌر ۾ پيي رهيا هياسين. مٿان سانوڻ جي آسمان ۾ ستارا عمر خيام جي اکين وانگر

---

** پڪاسو: مغرب جو عظيم مصور، امن جي فاختہ (نظور) جو خالق.

لڳي رهيا ها. اسان جي پرسان هڪ پٽ ويٺو هو ۽ ٽر جا سوين دوهڙا ۽ بيت ٻڌائي رهيو هو. ڪجهه بيت اجا بہ منهنجن ڪنن ۾ ٻرن ٿا.

ڪارونجهر جي ڪور روڙي لاڳي رلياڻي
ماٿي ٿهو نڪي مور، ڏونگر لاڳي ڏيپتو.

(ڪارونجهر جي ڪور ڏاڍي سهڻي ۽ رمڻيڪ ٿي لڳي، ان جي ماٿي تي مور آواز ٿو ڪري تہ ڏونگر هڪ ڏيئي وانگر ٻري ٿو پوي)"

ٿوريءَ دير ۾ بادل ڇانئجي ويا ها ۽ سنهي بوند پوڻ لڳي هئي. ان وقت چارڻ اسان کي شهنشاهہ اڪبر جي درباري شاعر گنگ ڪويءَ جو گيت "گهنگهور ٽڪور ۾ مور ڇپي نهين" ٻڌايو هو تہ ايئن لڳو هو تہ جڻ ڪويءَ پنهنجن ٻولن ۾ بادلن جي گجگوڙ سمائي هئي. ان وقت منهنجو من هن ننڍي ڪنڌ جي صدين ۾ سمائجي ويو هو ۽ مون پنهنجي امرتا پائي ورتي هئي.

ڪيڏي نہ افسوس جي ڳالهہ آهي تہ "پيراڻيءَ " جهڙي شاهڪار جو هي مصنف، سڄي هٿ ۾ خرابيءَ سبب لکي نہ ٿو سگهي!

پٽ تي جمال ابڙي جي ڊرائنگ روم ۾ _ اسان پي رهيا هياسين تہ ٽي. وي تي وري خبرون آيون، جن ۾ منهنجي گرفتاريءَ جي باري ۾ بہ خبر هئي؛ جمال پوءِ ٽي. وي بند ڪري ڇڏي ۽ مون بروهي صاحب کي ڪراچيءَ فون ڪري ٻڌايو تہ "منهنجي گرفتاريءَ جو اعلان ريڊيو ۽ ٽي. وي تي ٿيو آهي." ان تي هن پڇيو "ڇا تون بہ پٽي ۾ ولي خان سان ساڳي آرڊر هيٺ گرفتار ٿيو آهين." هن جي آواز مان هن جي حيراني ظاهر هئي.

مون جواب ڏنو تہ "هائو ساڳئي آرڊر هيٺ".

بروهي صاحب چيو "تون پوليس وٽ گرفتاريءَ لاءِ پيش ٿيءُ ۽ پوءِ ڪنهن کي مون ڏانهن موڪل تہ رٽ پٽيشن داخل ڪنداسين." مون فون رکيو تہ جمال چيو تہ "هاڻي شعر ٻڌاءِ." مون پنهنجي نظم "ڇئہ تون ڇا ٿو چاهين؟" سان شروع ڪيو.

مون ان شعر سان رات جو ڏهين بجي ڪلياڻ ڪئمپ ۾ شعر پڙهڻ شروع ڪيا ها◆ ۽ صبح جو ڇهين بجي تائين پڙهندو رهيو هوس. سڀُن آهوجا، موهن ڪلپنا، اي.جي اتم، سندري، راج، گيتا، قاصد، ڪرشن ڪشور پهوجا، گوپ گولاڻي، تيڪچند مست، ڦتن پرسواڻي، واسديو نرمل، گنوسامتاڻي، راهي، مايا راهي، هري موٽواڻي، ايم ڪمل، ٺهلرام آزاد، ايشور آنچل، هيرو ٺڪر، ساهت پريمي موهن گيهاڻي، ارجن شاد، گوبند مالهي، ارجن سڪايل، جئوير، بيدي، ناواڻي، موتي پرڪاش، ڪلاپرڪاش، لعل پشپ، ڪويتا پشپ ۽ ٻيا ساري رات جاڳندا رهيا ها. اسان ڪُليءَ هوا ۾ بلئنڪيٽ پائي ويٺا هياسين ۽ مٿان ماڪ وسي رهي هئي. صبح جو مون کي موهن ڪلپنا چيو هو. ”تنهنجا شعر ٻڌي مون کي راڻي پرتاپ جي زندگيءَ مان هڪ واقعو ياد آيو. هڪ ڀيري ڪوئي شخص چتور جي قلعي کان ٻاهران وينو هو تہ هن کي قلعي جي اندران ست ڀيرا زور سان تلوار جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو. ان تي اُنهيءَ شخص ڪنهن پاڙيسريءَ کان پڇيو ”ڇا راڻو قلعي ۾ آهي؟“ ان تي پاڙيسريءَ حيران ٿي هن کان پڇيو تہ ”توکي ڪيئن خبر پئي تہ راڻو قلعي جي اندر آهي؟ انهيءَ شخص جواب ڏنو هو: ”ست ڀيرا ساڳئي زور سان تلوار جو وار فقط راڻو ئي ڪري سگهندو آهي.“

ان تي مان موهن ڪلپنا ڏانهن پيار سان ڏسي خاموش ٿي ويو هوس. ڪنهن ٻئي شخص مون کي زندگيءَ ۾ ايئن داد نہ ڏنو آهي، جو ٻڌي هن کي اُمالڪ ياڪُر پائڻ تي دل ٿي هجي. رڳو موهن ئي اهڙو شخص هو.

مون کي پنهنجي پوري شاعري ياد آهي ۽ چوويهہ ڪلاڪ ساندهہ پنهنجا شعر حافظي مان پڙهي سگهندو آهيان. اڪثر اوقات مان شعر رستي ويندي جوڙي ونندو آهيان ۽ اهو منهنجي ذهن ۾ محفوظ رهندو آهي ۽ اهو پنجن ڇهن ڏينهن کان پوءِ ڪاغذ تي اتاري ڇڏيندو آهيان.

---

◆ 1963ع ۾ ڀارت جي دوري وقت (ت.ج)

ان رات بہ جمال وٽ مان اٽڪل ٻارهين بجي تائين پنهنجا شعر پڙهندو رهيس. شاعريءَ منهنجي دل کي ڪافي سڪون ڏنو ۽ مون ايئن محسوس ڪيو تہ هي دور بہ گذري ويٺو آهي. حڪومت جو جبر منهنجيءَ شاعريءَ کي متاثي نہ ٿو سگهي، منهنجا ڪتاب ڀلي بندش هيٺ آندا وڃن، پر منهنجي شاعري اهو درياءُ آهي جنهن کي هو ڪوئي بند ڏئي نہ ٿا سگهن. مون کي اهو سوچي اطمينان آيو تہ جابر حاڪم منهنجيءَ شاعريءَ کان ڊڄن ٿا، انهن جي ايوانِ اقتدار جا ٿوٽيون ٽنيا ڏڏي وڃن ٿا ۽ هو منهنجي شاعريءَ کي ڪابيءَ ڏر جي انقلابي سياست جيترو ئي خطرناڪ سمجهن ٿا ۽ ان ڪري مون کي پٽي ۽ ولي خان سان گڏ ساڳئي آرڊر هيٺ گرفتار ڪرڻ چاهن ٿا.

مون پٽيءَ کي چيو "اجوڪو ڏينهن ياد رکجانءِ، ايوب خان جو زوال شروع ٿي چڪو آهي." پوءِ مون هن کي ميڪاوليءَ جو هي قول ٻڌايو.

No body ever killed his successor.

ربانيءَ کي، جنهن جي طبيعت ۾ ڪوئي ڇپيل ميڪاولي آهي، اها چوٽي ڏاڍي وڻي.

صبح جو جمال "عبرت" اخبار گهرائي هئي، جنهن ۾ خبر هئي تہ منهنجي خلاف بہ وارنٽ نڪتل آهن.

خبر پڙهي، مون کي جهٽڪو نہ آيو. ايئن محسوس ٿيو جڻ نئين گاج ۾ پٿرن وانگر منهنجو روح صاف ۽ سخت ٿي چڪو هو.

ابراهيم جويو ڪوهاٽ ويل هو. ان ڪري مون کي حيدرآباد رهڻ لاءِ ڪوئي سبب نظر نہ آيو ۽ مان ۽ پٽي 'اٽڪل ٻارهين بجي ڪار ۾ روانا ٿياسين. مون سوچيو تہ "نہ" ۽ "ها" بہ ڪيڏا نہ سولا لفظ آهن ۽ ٻنهي مان آءُ "ها" چوندي چڪو آهيان. اهڙي بي فڪرائي مون زندگيءَ ۾ ڪڏهن بہ محسوس نہ ڪئي هئي ۽ پٽيءَ سان ساري وات ڪچهري ڪندو ويس. "پٽي، پرچي وديارٿيءَ جو يار ياڙي ٿي پيو" مون ديوان کي ياد ڪري پٽيءَ کي چيو." ڏسجي! آهي تہ مڙس ماٺهو" " پٽيءَ جواب ڏنو.

اسان شام جو 5 بجي خيرپور ۾ تنوير جي جاءِ تي پهتاسين.

گهٽيءَ ۾ ٻاهر مون کي منهنجيءَ زال جو سؤٽ جعفر علي شيخ مليو ۽ مون کي ڏسي هن جو وات ڦاٽي ويو. ”اڙي! اسان تہ ٻڌو تہ تون گرفتار ٿي ويو آهين“، هن رڙ ڪري چيو.

”مير جعفر! ساري، شيخ جعفر. ذرا آهستي ڳالهاءِ. تون مهرباني ڪري هاٽي جو هاٽي سکر وڃ ۽ منهنجي گهر نياپو ڏي تہ مان گهر جي پوئين دروازي کان رات جو هڪ بجي ايندس.“

تنوير وٽ ڏاڙهيءَ سان هڪ شخص ويٺو هو. جنهن مون کي گهوري ڏٺو ۽ يڪدم تنوير کان موڪلائي هليو ويو. ان تي پٺيءَ تنوير کي چيو ”هي ڪجهيءَ جو جِن تہ وڃي سڄيءَ خيرپور کي ٻڌائيندو تہ اسان هتي آهيون.“

”متان هو اياز کي نہ سڃاڻندو هجي.“ تنوير جواب ڏنو. ايتري ۾ ڊاڪٽر قمر آئي ۽ مون کي چيائين، ”ادا، گهبرايو تہ نہ اٿوَ؟“ مون مرڪي ڪنڌ ڌوڻيو ۽ ’نہ‘ ڪئي. اسان تنوير وٽ چانهہ پيتي ۽ پوءِ مون تنوير کي چيو ”تنوير، مان گرفتاريءَ کان اڳ زرينہ ۽ ٻارن سان ملڻ ٿو چاهيان. جي ايئن گرفتار ڪيو ويس تہ هو ڏاڍو مايوس ٿيندا ۽ گهبرائجي ويندا.“

”منهنجي گهر پنج ڇهہ روزانيون اخبارون اينديون آهن، جي منهنجو پٽ سليم باقاعدگيءَ سان پڙهندو آهي ۽ منهنجي متعلق خبرون ڪتي رکندو آهي. مان ڀانيان ٿو تہ منهنجي سيني ٻارن کي خبر هوندي تہ منهنجي خلاف گرفتاريءَ جا وارنٽ نڪتا آهن. ان ڪري بهتر ايئن ٿيندو تہ رات جي وڳڙي ۾ نمائش واري رستي کان منهنجي گهر جي پٺئين پاسي کان هلون. بهتر ٿيندو تہ تنهنجيءَ ڪار ۾ هلون ۽ ٻچو ۽ منهنجي ڪار اڄ رات هتي هجن. ٻچو ٻڙ ٻڙيو آهي ۽ منهنجي اچڻ جي خبر سڄي سکر ۾ ڦهلائي ڇڏيندو.“ تنوير يڪدم هائو ڪئي. تنوير ۽ قمر منهنجا پيارا دوست آهن ۽ اهو ڏسي مون کي خوشي ٿي تہ حالات جي سنگيني ڏسي، هو لُڏيا نہ هئا. پٺيءَ، تنوير ۽ قمر کي ڪراچيءَ ۾ گذاريل وقت جو احوال ڏنو. اٽڪل 8 بجي رات جو

قمر ماني رکائي. اسان ماني ڪائي رهيا هياسين تہ فون جي گهنٽي وڳي. تنوير فون تي ڳالهايو ۽ موٽي اچي چيائين. ”هادي بخش لاڙڪ (خيرپور پيپلزپارٽيءَ جو پريزيڊنٽ) فون ڪيو ۽ پڇيائين تہ ”هو همراهہ تو وٽ آهي ڇا؟“ مون هائو ڪئي تہ هن چيو ”هتي شاديءَ جي دعوت آهي، اتي ڪجهءَ جي جن سيني ڪي هن جي اچڻ جي باري ۾ ٻڌايو آهي ۽ امڪان آهي تہ پوليس تنهنجي گهر تي ڇاپو هڻي. ان ڪري هن ڪي ڪِسڪائي ڇڏ.“

اسان ماني ڪائي صلاح ڪئي تہ هاڻي هلجي. مون کي سارو سکر سڃاڻندو هو ان ڪري فيصلو ڪيوسين تہ سکر دير سان پهچون ۽ ڪار آهستي هلائي وڃي. تنوير 15 ميل في گهنٽي جي رفتار سان ڪار هلائي. اسان هاڻ. وي سان نہ وياسين ۽ خيرپور کان پير ڳوٺ طرف روانا ٿياسين. رستي تي ٽڳڙن جي ڳوٺ وٽ ترسي، ڪنهن عوامي هوٽل تي چانهہ پيتي سين. هوٽل تي لالٽين لٽڪي رهي هئي ۽ اُن جي روشني آس پاس ڦهليل هئي. چوڌاري ڪجين جا وڻ هئا. جن جي پتن جا پاڇاوان روشنيءَ ۾ ڌرتيءَ تي لڏي رهيا ها. هوٽل تي لٽڪندڙ لالٽين مون کي ڪٿان جو ڪٿي وڃي پهچايو. ڪيئي سال ٿيا.... ‘هاٿي در’ تي ساميءَ جي گهر کان ڪجهہ پري، اڌ رات جو مان هن جي گهر مان هيٺ لهندو هوس ۽ هوءَ ڏاڪڻ جي مٿئين ڏاڪي تي لالٽين جهلي بيهندي هئي تہ جيئن ڏاڪڻ تي منهنجو پير نہ ٿڙي وڃي. ڏاڪڻ تي پندرهن ويهہ ڏاڪا هئا ۽ مان هر ڏاڪي تان هيٺ لهي، منهن ورائي، هن ڏانهن ڏسندو هيس. هوءَ ڏاڪو ڏاڪو ڪري منهنجي پٺ تان لهي ايندي هئي ۽ مان هن سان چائنٺ تان پيهر موڪلائي، جڏهن گهٽيءَ ۾ لهندو هوس تہ هوءَ بہ گهٽيءَ ۾ لهي ايندي هئي، پر لوڪ لڄا جي پوَ کان، در اندران بند ڪري مٿي ڏاڪڻ تي موٽي ويندي هئي ۽ منهنجي دل ۾ ايندو هو تہ مان هن جو دروازو ڪڙڪائي، هن کي وري هيٺ سڏيان. مون هوٽل تي لالٽين ڏانهن ڏسي ٿڌو ساهہ ڀريو ۽ پوءِ بي اختيار فراق گور ڪپوريءَ جو هي شعر منهنجن چپن تي آيو....

یہ نکہتوں کی نرم روی، یہ ہوا، یہ رات
یاد آرہے ہیں عشق کی ٹوٹے تعلقات

تنگڙن جي ڳوٺ کان اسان پرياليءِ وارو رستو ورتو ۽ سکر براج تي آياسين. اهو سارو رستو مان چپ هوس ۽ تعلقات جي ٽٽي چڪا ها، ان تي سوچي رهيو هوس.

اسان ڪار جا شيشا چاڙهي ڇڏيا ها تہ جيئن ڪوئي اندر ڏسي نہ سگهي. رات جو ٻارهين بجي مان گهر پهتس ۽ تنوير ۽ پٽيءَ کان موڪلايم. چوڌاري چُپ چپات هئي. رڳو ڪجهہ ڪُتن جي ڀونڪار سانت کي رکي رکي ٽوڙي رهي هئي. مون گهر جو پويون دروازو کڙڪايو جو منهنجي پٽ انيس کوليو. منهنجيءَ زال زرينہ کي ڪشميري لوئي ويڙهيل هئي ۽ ايئن ٿي لڳو جڻ سيئي ٻار هن جي لوئيءَ ۾ لڪا وينا ها. هوءَ مون کي ڏسندي ئي روئي ويئي. هن ڀهريون پيرو اوچنگارون ڏنيون، هن کان اڳ مون هن کي گونگا ڳوڙها ڳاڙيندي ڏٺو هو. مون هن کي پرچايو تہ ٻار روئڻ لڳا. جڏهن سيني کي ماٺ آئي تہ مون هنن کي چيو تہ "مون کي ساهيوال جيل ۾ موڪليندا. انيس مون کي اُتي سامان وغيره پهچائيندو جيستائين مان موٽي اچان."

"بابا، اوهان کي ڪيترو وقت جيل ۾ رکندا." منهنجي ڌيءَ ياسمين پڇيو.

"ڪيئن چئجي!"، مون جواب ڏنو "جي هاءِ ڪورٽ رٽ پٽيشن بحال نہ ڪئي تہ نظربنديءَ جو ميعاد حڪومت تي منحصر آهي."

"ساهيوال هتان ڪيترو پري آهي؟، منهنجيءَ ٻيءَ ڌيءَ روحيءَ پڇيو.

"چار سو ميل"، مون جواب ڏنو.

"بابا، ٻين شاعرن کي جيل ۾ ڇو نہ ٿا وجهن؟" منهنجيءَ ٽينءَ ڌيءَ نگهت پڇيو.

"گل خان نصير اڳي ئي جيل ۾ آهي. اجمل خٽڪ، جو نالو مون سان گڏ ريڊيو تي ورتو اٿائون. گل خان بلوچيءَ جو ۽ اجمل پشتو جو

شاعر آهي.“ مون جواب ڏنو.

منهنجي ننڍي پٽ سليم جنهن اردوءَ ۾ هٽلر تي ڪجهه ڪتاب پڙهيا ها، پڇيو ”بابا، پاڪستان مان فاشزم ڪڏهن ويندي؟“

مون هن کي غور سان ڏسي چيو ”ڪيئن چئجي!“

”اوهان شاعري ڇڏي ڇو نه تا ڏيو؟“ زرينه سڏڪا ڀريندي چيو. مون هن کي ڪوئي جواب نه ڏنو ۽ رڳو هن جا ڳوڙها اُگهيا. مون دل ۾ چيو ته ’شاعريءَ کي ڇڏڻ جو فقط هڪ طريقو آهي ته مان روالور جي گوليءَ سان انهيءَ دل کي ختم ڪري ڇڏيان‘ جنهن تولاءِ هيءَ مصيبت پيدا ڪئي آهي. پر مان اهو هن وقت ڪري نه ٿو سگهان. مان نه ماياڪووسڪيءَ وانگر بيوس آهيان ۽ نه وان گوگ (Van Goch) وانگر ديوانو. زرينه وري ڳوڙها ڳاڙيندي چيو ”پر جي مان اوهان جي پرپٺ مري ويجان، ته ٻارن جو ڇا ٿيندو؟“

مون کي هڪ آسان جواب سُجهي آيو جنهن تي هن کي ڪجهه اطمينان اچي ويجي ها. پر مون کي ان جواب جي صداقت ۾ پورو اعتبار نه هو ۽ ان ڪري مون هن کي ڪوڙي تسلي نه ڏني. ٿوريءَ دير کان پوءِ مون هن کي چيو ”زرينه، زندگيءَ تي ڪوئي اعتبار نه آهي، ممڪن آهي ته مان جيل ۾ مري وڃان. پر الاجي ڇو منهنجي دل چوي ٿي ته مون کي اڃا گهڻو ڪجهه لکڻو آهي، ايترو لکڻو آهي، جيترو هن وقت تائين برصغير ۾ ڪنهن به شاعر نه لکيو آهي، ۽ اهو مان توکان سواءِ سرانجام ڏئي نه سگهندس. ان ڪري تون اڃا ڪيئي سال زنده رهنديندينءَ.“

مون هن جون ڇيلهه تائين ڊگهيون چوٽيون ڇڪي پنهنجيءَ ڳچيءَ ۾ زنجير ڪري وڌيون ۽ هن جي پنل چيروين اکين مان سرمائي ڳوڙها چمي ورتا. مون پوءِ ٻارن کي تسلي ڏئي چيو ته ”لڳي ته ايئن ٿو ته ايوب پنهنجيءَ تباهيءَ کي دعوت ڏني آهي. پٽو هن جي گهر جو ڀيدي آهي ۽ هن جا ڪافي فوجي جنرل دوست آهن. اوير پاڪستان ۾ اولهه لاءِ شديد نفرت آهي. حڪومت مرغيءَ وانگر ٽائيم بم تي آرو ڪري رهي آهي. مان ڀانيان ٿو ته مان گهڻو وقت جيل ۾ نه رهندس.“ ٿوريءَ

دير ڪان پوءِ هوسمهي پيا. مان ۽ زرينہ ساري رات جاڳندا رهياسين. مون چاهيو تہ زرينہ کي ڊوَ تي ڏسي وٺان. ايئن نہ ٿئي تہ موت اسان مان هڪ کي ڪنيپي وڃي.

صبح جو سفر لاءِ سامان ٻڌي، مون ٻارن کي پيار ڪري، زرينہ کان موڪلايو تي تہ فون جي گهنٽي وڳي.

مون فون تي پڇيو "ڪير ٿو ڳالهائي؟"

جواب آيو "پرماننڊ جڪراٽي!"

مون پڇيو "ڪٿان ٿو ڳالهائين؟"

چيائين "حبيب الله وٽان."

حبيب الله منهنجو مائٽ آهي ۽ جونيئر بہ رهيو آهي. هو پيپلزپارٽيءَ جو سرگرم ڪارڪن آهي.

مون چيو "ديوان، اسان سمجهيو هو تہ تون پڇي ويو آهين، پر تون تہ سچ پچ مڙس ماڻهو آهين."

"متان نہ مڃين!"، ديوان چيو "پلا هاڻي ڪٿي ملون؟"

"مان بار روم ۾ ٿو وڃان. تون بہ اُتي هلي آءُ." مون جواب ڏنو.

ڏهين بجي مان سيشن ڪورٽ جي بار روم ۾ پهتس، چو تہ ايس. پي سکر وٽ پيش ٿيڻ کان اڳ مون پنهنجن دوستن سان ملڻ ٿي چاهيو جن مان اڪثر وڪيل هئا. مان بار روم ۾ پهتس تہ ڏٺم تہ اتي سکر جو ڊپٽي ڪمشنر مسٽر فصيح الدين وردگ * ۽ تقريباً سکر جا سڀ وڪيل ويٺا ها. هو اتي ان ڪري آيا ها، جو پٽي صاحب تي سرڪاري ٽرئڪٽر جي غلط استعمال سبب ڪيل ائنٽي ڪرپشن ڪيس جي حاضري ان ڏينهن تي اسپيشل جج ائنٽي ڪرپشن جي ڪورٽ ۾ رکيل هئي. پٽي صاحب جي پاران ڪيس هلائڻ لاءِ جو وڪيلن جو پئنل (Panel) ٺاهيو هيائون، ان تي منهنجو نالو بہ هو. مون کي ڏسي منهنجا دوست اٿي بيٺا. مان هر هڪ سان مليس ۽ وردگ کي

---

* فصيح الدين وردگ: هن وقت (1986ع) اصغر خان جي تحريڪ استقلال جو اهم رڪن آهي.

به اشاري سان سلام ڪري چيم ته ”مان سامان ٻڌي آيو آهيان.“

ٿوريءَ دير لاءِ ته بار روم تي خاموشي ڇانئجي وئي. ان وچ ۾ منهنجن دوستن شمس الدين شاهه ۽ آغا بدر الدين وردگ سان ڪجهه سُس پس ڪئي. مون دوستن کي احوال ڏئي ٻڌايو ته ”مان رات پهتو هوس ۽ ٻارن سان مليو، صبح جو گرفتاريءَ لاءِ پيش ٿيڻ جو سوچيو هيم“. ايتري ۾ وردگ چيو ”اوهان ايئن سمجهو ته مون اوهان کي ڏٺو ڪو نه آهي. اوهان اڄوڪو ڏينهن پنهنجي گهر آرام ڪريو ۽ سڀاڻي صبح جو ايس. پيءَ وٽ گرفتاريءَ لاءِ پيش ٿجو.“ اهو چئي وردگ بار روم مان نڪتو ۽ پنهنجيءَ جيپ تي هليو ويو. وردگ آغا بدر الدين خان جو دوست آهي، جو منهنجو جونيئر رهيو آهي. مان ڀانيان ٿو ته شمس الدين شاهه ۽ آغا بدر الدين جي چوڻ تي وردگ مون کي مهلت ڏني. هونءَ وردگ مون سان نفرت ڪندو آهي ۽ مون کي وطن دشمن سمجهندو آهي. ايئن ته نه آهي ته دنيا ڦري رهي آهي ۽ بيورو ڪرسي ڊڄي ٿي!

ڪجهه وقت اڳ مون سکر ۾ ”سنڌي شام“ جو انتظام ڪيو هو ته آغا بدر الدين ۽ شمس الدين شاهه جي دعوت تي سکر جو ڊپٽي ڪمشنر فصيح الدين وردگ، سيشن جج آغا علي حيدر* ۽ هاءِ ڪورٽ جو رٽائرڊ جسٽس فاروقي به سنڌي شام ۾ شريڪ ٿيا ها. سنڌي شام جو انتظام منهنجي جونيئر ۽ سنڌ جي ترقي پسند دانشور نبي بخش** کوسي ڪيو هو. ”شام“ جي ڪارروائي مجيب پيرزادي ڀئي هلائي. مجيب سنڌ جي اڳئين چيف منسٽر پيرزادي عبدالستار جو فرزند آهي. مجيب شاگردن جو هر دل عزيز رهنما آهي. ۽ مهراڻ انجنيئرنگ يونيورسٽيءَ جا شاگرد هن سان والهانه محبت ڪندا آهن

* آغا علي حيدر : جنهن وقت مان وائيس چانسلر هوس ته سنڌ جو چيف جج هو ۽ پوءِ پاڪستان شريعت ڪورٽ جي جج جي حيثيت ۾ رٽائر ڪيائين.

** نبي بخش کوسو هن وقت پاڪستان سيڪريٽريٽ جي O and M Division ۾ ڊائريڪٽر آهي.

۽ پنهنجي والد صاحب وانگر هن ۾ به ليبر شپ جون ڪافي خوبيون آهن★ سنڌي شاگرد تنظيم ۾ هن جي دوستن روهڙيءَ جي سيد عابد شاهه ۽ ڪوسي جي دوست ارشاد عباسيءَ به ڪافي هٿ ونڊايو هو.

مٿيان آفيسر "سنڌي شام" ۾ اهو سمجهي شريڪ ٿيا ها ته ڪا راڳ رنگ جي محفل هوندي، پر پليٽ فارم تان تقريرون ٻڌي هنن جا واڇڙ وڃي ويا ها. مون ڪراچيءَ مان ڊاڪٽر حسان کي دعوت ڏئي گهرايو هو. منهنجو خيال هو ته جيترا به مهاجر دانشور سنڌ جي صوبائي خودمختياريءَ جي بحاليءَ ۽ ان جي زبان ۽ ثقافت جا حامي هجن، انهن کي "جيئي سنڌ تحريڪ" ۾ شامل ڪيو وڃي. ان ڪري سنڌي شام ۾ سکر جي مشهور ترقي پسند شاعر حسن حميديءَ ۽ اردو. اديب فتح الله عثمانيءَ به شرڪت ڪئي. هئي. سنڌين مان شيخ عبدالمجيد سنڌي، سنڌ جي ابو الڪلام حفيظ قريشي، ڪامريڊ حيدربخش جتوئي، شاگرد رهنما جام ساقي، تنوير عباسي، سنڌ جو بزرگ شاعر عبدالڪريم گدائي ۽ نياز همايوني (جنهن جا ماهيا ڏاڍا مشهور آهن) ۽ ٻيا شامل ٿيا ها. ٻڌندڙن ۾ هزارين ماڻهو ها ۽ سارو ليوڪس پارڪ ڀريو پيو هو. سنڌي پليٽ فارم تي اهو پهريون جلسو هو. جنهن سي. ايس. پي افسر شاهيءَ کي بانورائي وڌو. ورڊگ بنا دعوت جي پليٽ فارم تي اچي چيو ته مان به ڪجهه چوڻ چاهيان ٿو. هو سي. ايس. پي آفيسر آهي ۽ سي. ايس. پي ڊپٽي ڪمشنر ايوب خان جي آمريت جي پاران ضلعي جا مطلق العنان حاڪم آهن. هو مغربي پاڪستان جي سنڌي وزيرن کان وڌيڪ اهميت ٿا رکن ۽ ان ڪري انهن مان اڪثر آءِ. سي. ايس آفيسرن کان به وڌيڪ خود سر ۽ بددماغ آهن. ورڊگ اهو تصور به ڪري نه ٿي سگهيو ته جيئي سنڌ تحريڪ جا حامي بين سنڌين کان مختلف آهن، جي هن جي ڪيسي ۾ پيا آهن ۽ هن جي خوشامد ۾ قوليا نه سمائبا آهن جي هن کي جيئي سنڌ تحريڪ جي ٿوري به خبر هجي

---

★ مجيب پوءِ وڪالت ڪئي ۽ ڪجهه وقت منهنجو جونيئر هو ۽ مون سان پاڪستان عوامي ليگ ۾ هو.

ها تہ هي شينهن جي ڏر ۾ گهري نہ اچي ها. جي. ايم. سيد جي تحريڪ في الحال ”بزم صوفياءِ سنڌ“ جي نالي سان ڪم ڪري رهي آهي. جڏهن سيد تحريڪ جو اهو نالو تجويز ڪيو هو تہ محترم حيدربخش جتوئيءَ ان جي مخالفت ڪندي چيو هو تہ سيد پيران پير ٿيڻ ٿو چاهي. پر مون سيد جي حمايت ڪندي چيو هو تہ اهو نالو نيڪ آهي ۽ جيستائين ايوب خان کي پتو پوي تہ هي چريا صوفي ڪير آهن، تيستائين تحريڪ باهہ وانگر پکڙجي ويندي. اڄ انهيءَ تحريڪ جي پهرين آزمائش هئي، جنهن جا ثقافتي ميڙ ”سنڌي شام“ جي نالي سان مشهور ٿي چڪا ها.

وردگ کي اسٽيج تي اچي پنهنجيءَ غلطيءَ جو احساس ٿيو ۽ هن پنهنجي بوکلاهٽ ۾ چيو ”اوهان جو شاهہ عبداللطيف بہ تہ مهاجر هو.“ ان تي مجيب پيرزادي هن جي تقرير کي وچ ۾ ڪٽي چيو تہ ”جي سڀئي مهاجر شاهہ عبداللطيف جهڙا ٿين تہ اسان انهن کي بہ سنڌي سمجهنداسين ۽ انهن سان بہ ساڳي محبت ڪنداسين“. وردگ جا اهڙيءَ گستاخيءَ تي طاق لڳي ويا. سي.ايس.پي مطلق العنانيت لاءِ حقارت جي ايتري جرئت هن جي خواب خيال ۾ بہ نہ هئي. هن ڦڪي منهن سان بہ چار اکر وڏيڪ چئي، پنهنجي تقرير پوري ڪئي. ڪجهہ دير کان پوءِ مشاعرو شروع ٿيو تہ مقصود احمد حميدي، جو بہ هڪ سي.ايس.پي آفيسر آهي ۽ سکر ميونسپالٽيءَ جو ائڊمنسٽريٽر آهي ۽ منهنجو دوست آهي، مون کي چيو ”اياز صاحب! اوهان تہ اردوءَ ۾ بہ ڪافي منظوم ترجما ڪيا آهن. ڪوئي منظوم اردو ترجمو ٻڌايو تہ اوهان جا اردوءَ وارا دوست بہ سنڌي شاعريءَ جو لطف وٺن.“ ان مطالبي جي ڪجهہ سنڌين مخالفت ڪئي، پر هڪ تہ مقصود احمد حميدي پاڻ اردوءَ جو دانشور آهي، جنهن جو اردو ۾ بين الاقوامي ادب ۽ سياست جو ڪافي مطالعو آهي ۽ جو فيض صاحب جي بي انتها عزت ڪندو آهي ۽ هن جي خدمت ۾ ڪا ڪسر نہ ڇڏيندو آهي ۽ ٻيو تہ اسان خود اُهي اردوءَ جا اديب ۽ دانشور گهرايا ها، جي سنڌي زبان ۽ ثقافت جا

حامي هئا ۽ مون نہ تي چاهيو تہ ”جيئي سنڌ تحريڪ“ کي مهاجرن جو يا اردوءَ جو دشمن سمجهيو وڃي، مون مجمعي کي خاموش ڪرايو ۽ ڪجھ سچل سرمست جي ڪلام جا منظوم ترجما ٻڌايا. مثال طور

شعارِ خاص سے اُلجھے یا شعورِ عام سے اُلجھے
ہمارا مسلکِ پرواز کس کس دام سے اُلجھے

صبا جب زلفِ جاناں کا پیامِ مشک بو لائے
کبھی ہم کفر سے اُلجھے، کبھی اسلام سے اُلجھے

سچو ہر کیف و مستی کفر ہے اس بزمِ ہستی میں
یہ دورِ جام کب تک گردشِ ایام سے اُلجھے

انهن شعرن ۾ بہ سچل جي نالي ۾ مون پنهنجي دور جي ڪيفيت چٽي هئي. افسر شاهيءَ کي اها ڳالھ سدائين ڏکي لڳي آهي تہ مون سنڌ جا سڀ ڪلاسيڪي شاعر پنهنجا هم خيال ۽ همسفر بڻائي ڇڏيا آهن ۽ اهي ايئن ٿا لڳن جڻ ”جيئي سنڌ تحريڪ“ ناهي ٿي انهن هئي.

ٻي ڏينهن تي مون ٻڌو هو تہ ڪمشنر خيرپور کي رپورٽ ڪئي وئي تہ سکر ۾ سنڌي شام موريگو پاڪستان جي خلاف بغاوت هئي. ٽئين يا چوٿين ڏينهن تي ايوب خان تقرير ڪندي چيو تہ جيئي سنڌ وارن کي ڪچليو ويندو جا خبر اخبارن جي پهرين صفحن تي ڳاڙهين ليڪن ۾ ڇپي.

سنڌي شام کان پوءِ وردگ مون سان نفرت ڪندو هو ۽ منهنجا مخالف هن جي اڳ پوڻ لاءِ، هن جي نفرت کي پڙڪائيندا ها. ان ڪري مون سوچيو تہ ”ڇا وردگُ پنٽي ۽ ولي خان جي گرفتاريءَ تي گهبرائجي ويو آهي، جو مون سان ايتريءَ مروت سان هلي رهيو آهي؟“

بار روم ۾ مون دوستن سان ٿوري دير ڳالهايو. هو ڪجھ سهميل

هئا. جيتوڻيڪ هو شدت سان محسوس ڪري رهيا ها تہ ڪائي زبردست اُٿل پٿل اچڻ واري آهي. مون انهن کي چيو تہ "بيا اقتدار لاءِ وڙهي رهيا آهن، پر مان آرٽ لاءِ وڙهي رهيو آهيان. منهنجي شاعري اڳڪٿي آهي، جا اڄ نہ سڀان، ڪڏهن نہ ڪڏهن پوري ٿيڻي آهي. منهنجا خواب موجوده حقيقت جا وڏي ۾ وڏا دشمن آهن. ممڪن آهي تہ جڏهن اُهي حقيقت جو روپ وٺن. تڏهن مان نہ هجان، پر جي مان اُن جدوجهد ۾ ماريو وڃان يا مري وڃان تہ منهنجي زندگي سجائي ٿيندي" پوءِ مون دوستن کان موڪلايو ۽ گهر موٽي آيس. ديوان پرمانند مون سان گڏجي هليو ۽ رستي تي اهو چئي لهي ويو تہ سڀاڻي ايس. پي آفيس ۾ ملنداسين.

جڏهن مان گهر موٽي آيس تہ منهنجي گهر جا ڀاتي مون کي واپس ڏسي ڏاڍو خوش ٿيا پر مون جڏهن هنن کي سارو احوال ڏنو تہ هو ڪجهہ مايوس ٿيا. پوءِ اسان سارو ڏينهن ڳالهيون ڪندا رهياسين. رات جو مان ۽ زرينہ بہ ڪيتريءَ دير تائين ڳالهائي، ليٽي پياسين. تڏي جو آواز رات کي ڪارائيءَ وانگر ڪپي رهيو هو ۽ مون کي ننڊ نہ آئي.

ٻي ڏينهن مان صبح جو ٻڌل سامان سوڙو ايس. پي آفيس ۾ 9 بجي پهتس. ٿوريءَ دير ۾ منهنجا وڪيل دوست سيد شمس الدين شاهہ، رُڪن الدين قاسمي، آغا بدر الدين خان، فتح الله عثماني، حسن حميدي، مشهور شاعر فتاح ملڪ، شيخ حبيب الله، شيخ عبدالغني ڪوتاهہ قد، حنيف منگي، مظهر الحق، رشيد ڀٽي. ديوان پرمانند، منهنجو ڀائيوار غلام مصطفيٰ شاهہ* ۽ هن جو جُٽ علي بخش ميمڻ ۽ بيا موجود ها. سيد شمس الدين شاهہ 1939/40 ۾ جڏهن ڪراچيءَ ۾ پڙهندو هو علامہ مشرقيءَ جي سڏ تي، ٻين ٽن شاگردن سان گڏجي،

---

* غلام مصطفيٰ شاهہ ويجهيءَ چڪ ۾ گذاري ويو. هو ان وقت سنڌ جو لا سيڪريٽري هو علي بخش ميمڻ سکر لا ڪاليج جو وائيس پرنسپال آهي، مظهر الحق ڪراچي يو. بي ايل جو وائيس پريزيڊنٽ آهي ۽ فتاح، حبيب الله، عبدالغني ۽ حنيف هاءِ ڪورٽ جا مصروف وڪيل آهن

شيعن ۽ سنين جي وچ ۾ ٿيل فساد کي بند ڪرائڻ لاءِ موڪليل خاڪسارن جي جٿي ۾ شامل ٿي، مظفر نگر ويو هو جتي هن کي قلم 144 جي ڀڃڪڙيءَ سبب سزا ڏني وئي هئي. اتي جيل ۾ يو پيءَ جي ڪانگريس حڪومت جا ڪجهه وزير آيا ها، جن گرفتار ٿيل شاگردن سان نهايت شائستگيءَ ۽ محبت سان ڳالهايو هو شاگردن کي يڪدم بي ڪلاس ڏنو هيائون ۽ مهيني کن کان پوءِ هنن کي ڇڏي ڏنو هيائون. جيل مان موٽڻ کان پوءِ شاهه صاحب بدلجي چڪو هو. هاڻي هو چوندو آهي تہ هن جي زندگيءَ جو خاڪسار تحريڪ وارو دور، دور جاهليت هو. ڪجهه وقت کان پوءِ هن جي سوڀي سان ملاقات ٿي هئي. جنهن هن کي مارڪسزم سان روشناس ڪرايو هو ۽ هن سنجيدگيءَ سان ڪجهه مطالعو ڪيو هو. ان دور جون ڳالهيون ڪندي هو رومين رولان (Romain Rolland) جي ڪتاب زان ڪرستاف (Jean Christophe) جو ذڪر خاص طور ڪندو آهي. هن ۾ نهٺيءَ ۽ سِنڪيءَ طبيعت جو عجيب ميل ميلاپ آهي. ايئن آهي تہ هو ڏاڍي سان ڏند ورلي ڏيندو آهي، پر پوءِ بہ هن کي ڏاڍ ڏمر تي غصو رهندو آهي ۽ هن جو هڏ هيٺي لاءِ ڪُرڪندو آهي. طبيعتاً صوفي مُنش آهي، پر پوءِ بہ هن کي ڪميسار (Commissar) ٿيڻ جو شوق هوندو آهي. هن کي دنيا بدلائڻ جو شوق آهي پر ان لاءِ هرويرو پنهنجي سلامتي داوَ تي نہ لڳائيندو آهي. در اصل پنهنجي سلامتيءَ جي حس هن ۾ ڪافي تيز آهي. هو منصور بہ نہ آهي، مُلن جو بہ دشمن آهي. ڪافي سال اڳ سکر مان ”روشني“ اخبار بہ ڪڍي هيائين، جنهن جي هڪ ٻن پرچن جو ايڊيٽر مان بہ هوس. پاڪستان کان پوءِ ميان افتخار الدين جي ”آزاد پاڪستان پارٽيءَ“ ۾ هو جتان هو نعپ ۾ شامل ٿيو هو. هن وقت ”نيشنل عوامي پارٽيءَ“ جي ورڪنگ ڪميٽيءَ جو ميمبر ۽ ضلعي جو صدر آهي ۽ ساڳئي وقت هاري ڪاميٽيءَ جو پريزيڊنٽ بہ آهي. آغا بدر الدين خان منهنجو جونيئر رهيو آهي. هو ڪوٽ سلطان جو زميندار آهي ۽ وڏو جاندار شخص آهي. اسيمبلي سياست هن جو

مرغوب مشغلو رهيو آهي. اڳينءَ اسيمبليءَ جي اليڪشن ۾ هن ڪافي ٻج ٻوڙ ڪئي هئي ۽ هارايو هيائين. اليڪشن جي نتيجي ظاهر ٿيڻ کان پوءِ اسان ڊسٽرڪٽ ڪورٽ ۾ بيٺا هياسين ۽ اتي هن کي هن جو هڪڙو اصيل مليو جنهن کي متي تي اڇي پڳ ۽ ڳچيءَ ۾ بوچڻ هو. آغا هن کي بوچڻ کان ڇڪي گهوگهو ڏيندي ڏوڙيو ۽ چيو "اڙي عوام! پيٽيان عوام! اوهان منهنجو قدر نہ ڪيو." پوءِ ٿهڪ ڏئي مون کي چيائين، "استاد! انهيءَ عوام جا گيت ڳائيندو آهين نہ؟ مون کي ووٽ نہ ڏنو تنهنجي عوام، توڙي مون ان جي ايڏي خدمت ڪئي!"

اڳينءَ بي ڊي اليڪشن ۾ هن ڪنوينشن مسلم ليگ جي ٽڪيٽ تي کٽيو هو ۽ پُٽي صاحب جي منع ڪرڻ جي باوجود، هن سکر ۾ ايوب خان جي زبردست مخالفت ڪئي هئي. جڏهن اليڪشن جو نتيجو ظاهر ٿيو هو تہ هن جا پوئلڳ هن کي جلوس ۾ وٺي، ڳچيءَ ۾ گلن ۽ نوٽن جا هار وجهي، بئنڊ باجن سان سکر جي گهٽين ۾ نڪتا ها ۽ منهنجي آفيس جي ٻاهران بيهي ڏاڍي زور سان بئنڊ وڄائي هيائون ۽ جڏهن مون آفيس مان ٻاهر نڪري آغا بدر الدين خان جي پٺي ٺپي هئي تہ هن چيو هو "استاد! آن نہ من باشم کہ روز جنگ بيني پشتِ من (مان اهو نہ آهيان جو جنگ جي ڏينهن منهنجي پٺي ڏسي سگهين.") پوءِ جوش ۾ اچي پنهنجي پوئلڳن کي چيو هيائين، "ڏسو هي منهنجو استاد آهي. مان هن جي سامهون اوهان سان واعدو ٿو ڪريان تہ آمريت جي خلاف منهنجي جنگ جاري رهندي." پوءِ بئنڊ باجا هلائيندو جلوس ۾ اڳتي نڪري ويو هو. وڃڻ مهل مون کي هن جو ڊبل ڊول مسولنيءَ وارو لڳو هو. هو هاڻي دولتانا واريءَ آل پاڪستان ڪائونسل مسلم ليگ جي ورڪنگ ڪاميٽيءَ جو ميمبر ۽ ڊسٽرڪٽ ڪائونسل مسلم ليگ جو صدر آهي.

رُڪن الدين قاسمي سنڌ نعپ جو سينيئر وائيس پريزيڊنٽ ۽ سينٽرل ايگزيڪيوٽو جو ميمبر آهي. هو مولانا محمد هاشم رُڪ واري جو فرزند آهي، جو مشهور عالم دين ۽ مقرر هو ۽ شڪارپور واري مولانا

عبدالڪريم چشتيءَ جو دوست ۽ هن وانگر جمعيت العلماءَ هند جو سرگرم ڪارڪن هو. رڪن الدين قاسمي تقسيم کان اڳ احرار تحريڪ ۾ هو ۽ عطاءُ الله شاهه بخاري، احسان احمد شجاع آبادي، چوڌري افضل حق ۽ مظهر علي اظهر هن جا ان وقت هيرو هئا. جنهن وقت هو مون سان گڏ شڪارپور ڪاليج ۾ پهرئين سال ۾ پڙهندو هو. مارچ 1946ع ۾ هو سنڌ جي سوشلسٽ پارٽيءَ ۾ شامل ٿيو ۽ 1947ع ۾ سنڌ سوشلسٽ پارٽيءَ جو سيڪريٽري هو. ان دور ۾ لڇمڻ راڄپال ڪراچيءَ مان سوشلسٽ هفتيوار شايع ڪئي هئي، جنهن جا ايڊيٽر مان، رُڪن الدين قاسمي ۽ علي مڪراني هياسين.

مارچ 1947ع ۾ آل انڊيا سوشلسٽ ڪانگريس شهيد نگر ۾ ٿي هئي، جنهن ۾ قاسميءَ سنڌ ڊيليگشن جي قيادت ڪئي هئي. هو اڃا تائين اڇوت پٽورڌن، رام منوهر لوهيا. اشوڪ مهتا آچاريہ نرندر ديو ارونا آصف علي ۽ ٻين سوشلسٽ ليڊرن جو ذڪر ڏاڍي پيار سان ڪندو آهي. 1955ع ڌاري هو سهرورديءَ سان عوامي ليگ ۾ هو جنهن وقت سهرورديءَ سان اختلاف سبب مولانا ڀاشانيءَ کي عوامي ليگ مان ڪڍيو ويو هو تہ محمود الحق عثماني ۽ مير رسول بخش سان گڏ قاسميءَ کي بہ ڪڍيو ويو هو. پوءِ سڀئي نيشنل عوامي پارٽيءَ ۾ شامل ٿيا ها. جنهن جو صدر ولي خان آهي. هو سکر ۾ تقريباً سينٽي ٽريڊ يونينن جو پريزيڊنٽ آهي ۽ هر سال مئي ڊي (May Day) جي جلوس جي قيادت بہ ڪندو آهي. عدالت جي ڪمري ۾ هن جي تقرير ايتري فصاحت واري نہ هوندي آهي. اتي هو ”شير قالين“ لڳندو آهي، پر سياسي پليٽ فارم تي ”شير نيستان“ هوندو آهي ۽ گجندو گرجندو آهي. هن کي استالن وانگر وڏيون مڇون آهن ۽ پائيپ پيئندو آهي. جنهن چمڙي جي پرس ۾ هو پنهنجو پائيپ رکندو آهي. ان ۾ پنهنجو ننڍو پستول بہ رکندو آهي. هن کي سڀئي دوست ”ڪامريڊ قاسمينوف“ سڏيندا آهن.

فتح الله عثماني قاسميءَ جو گهرو دوست آهي. هو مصروف ترين

انڪم ٽئڪس پرئڪٽيشنر آهي، عثمانيءَ جو اردو ادب جو نهايت وسيع مطالعو آهي ۽ هن جي لئبريريءَ ۾ هزارها اردو ڪتاب آهن. هو پاڻ بہ اردوءَ جو سٺو اديب آهي ۽ هن جا ڪيئي ادبي مضمون اردو رسالن ۾ شايع ٿيا آهن. هو انهن ٿورن مهاجرن مان آهي، جي صاف سنڌي ڳالهائيندا آهن، جن سنڌ کي پنهنجو وطن تسليم ڪيو آهي ۽ جي سنڌ جا مسئلا پنهنجا مسئلا سمجهندا آهن. هو مون کي پنهنجن سنڌي دوستن کان بہ وڌيڪ پيارو هوندو آهي.

عثمانيءَ جو گهر ڪامريڊن جو اڏو آهي. امام علي نازش مشهور انڊر گرائونڊ ڪميونسٽ ليڊر لينن، ڪٽ ڏاڙهي ۽ پائيپ، ڊاڪٽر اعزاز نذير، مشهور ٽريڊ يونين ليڊر شرف، منهنجي مرحوم دوست اشرف جو ڀاءُ ۽ ڪراچيءَ جو اشتراڪي انقلابي، جو هن وقت شايد مشرقي پاڪستان ۾ آهي، سلام بخاري، پيڪر نقوي، هاري ليڊر عبدالقادر انيڙ وغيره سان ملاقات عثمانيءَ جي مڪان تي ٿي ٿي سگهندي آهي. (عبدالقادر انيڙ انگريزي نہ ڄاڻندو آهي. جيڪڏهن ڪو سياسي واقعو هن کي سمجهہ ۾ نہ ايندو آهي تہ هو چوندو آهي تہ اها سڀ بدمعاشي ”بورجا“ ۽ ”چاون“ ٽا ڪن. ”بورجي“ مان هن جي مراد ”بورجوازي“ هوندي آهي هي ۽ ”چاون“ مان شاونسٽ (Chauvinist) هوندي آهي). هن وقت عثماني سکر نيشنل عوامي پارٽيءَ ۽ روهڙي سيمينٽ ورڪرس يونين جو سيڪريٽري آهي.

غالباً 1957ع ۾ نواب شاهہ ۾ قاضي فيض محمد سنڌ هاري الاٽي مووومينٽ شروع ڪئي هئي، جنهن ۾ ميجر اسحاق، سلام بخاري ۽ شهيد حسن ناصر شريڪ ٿيا ها. سکر مان ان مووومينٽ ۾ قاسمي ۽ عثماني شريڪ ٿيا ها. اها تحريڪ ان لاءِ شروع ڪئي وئي هئي تہ متروڪ زمينون سنڌي هارين کي ڏنيون وڃن ۽ ڪليمنٽن کي گڊو بئراج جو زمينون ڏنيون وڃن جي هونءَ رٽائر ٿيل فوجين ۽ بيوروڪريسيءَ کي ڏنيون ويون آهن.

هن ڊائريءَ ۾ فقط انهن وڪيلن جو ذڪر ڪيو ويو آهي، جي

منهنجيءَ گرفتاريءَ وقت موجود هئا. هونءَ منهنجو ارادو آهي تہ بار روم جي چڙيا گهر تي مان هڪ پورو ڪتاب لکان. رسول بخش پليجو جيتوڻيڪ خود وڪيل آهي، پر هو بورجوا سماج ۾ قانون جي بالادستيءَ کي خاص اهميت نہ ڏيندو آهي. هڪ تقرير ۾ هن چيو هو تہ سنڌ سجي ڳڙڪائي ويندي تہ انصاف جي ڪن تي جونءَ نہ رينگندي، پر ٻڪريءَ جي چوريءَ جي ڪيس ۾ ڪنهن قانوني نُڪتي ( Law point) تي رويزن سپريم ڪورٽ تائين وڃي سگهندي آهي. ها، پر وڪيلن ۾ پليجي جي ذهانت وارا شخص گهٽا آهن! پليجو جي ڪجهہ وڌيڪ وقت وڪالت کي ڏي ها تہ سپريم ڪورٽ جي چوٽيءَ جي وڪيلن مان هجي ها!

ايس. پي آفيس ۾ مون کي پوليس جي گاڏيءَ ۾ اڳيان پوليس انسپيڪٽر سان ويهاريائون ۽ پٺيان رائيفلن سان ڇهہ سپاهي ويٺا. مون سپني دوستن کي الوداع ڪري چيو ”وري جيستائين ملون.“

ڊرائيور ميرپور ماٿيلي ۾ چانهہ پيئارڻ لاءِ گاڏي بيهاري تہ جيئي سنڌ جي ڪارڪنن مون کي گاڏيءَ ۾ ڏسي ورتو ۽ ڏاڍا نعرا هنيائون. ايوب خان مرده باد، ون يونٽ مرده باد، شيخ اياز زنده باد، جيئي سنڌ، وغيره.

شام جو اسان پنج ند وٽ پهتاسون تہ شفق هڪ مادرِ مهربان وانگر منهنجيءَ پيشانيءَ تي هٿ رکيو. وڻن جي تارين مان سانجهي سندور وانگر لڳي رهي هئي. مون پنجند جي ٻي پاسي هڪ هاري ڏٺو جو پنهنجي ڪوتي کي ڪاهي پنڌ وڃي رهيو هو ۽ ايئن ٿي لڳو تہ هو ازل کان ابد تائين وقت آهي. پوليس جي گاڏي مون کي تيزيءَ سان اڳتي وٺي وئي.

رات جا ٻارنهن لڳا تہ اسان ساهيوال پهتاسين. رات ۾ ٿڌي تنور ۽ پپل جي وڻن جي بوءِ هئي. ڪجهہ پريان ريل جون انجڻيون هڪٻئي کي سيٽيون هڻي رهيون هيون. رستي تي بجليءَ جي بتين رات جي پونڌڙ بارش ۾ ننڍڙا بيٺ ناهيا ها، جي پري پري تائين نظر اچي رهيا ها

۽ انهن جي جهرمر ڪندڙ سطح تي پاڇا ڪنبي رهيا ها. اها رات سياري جي ٻيءَ ڪنهن رات جهڙي هئي. ڪالهوڪيءَ ۽ ٽيون ڏينهن واريءَ رات جهڙي ئي هئي. هن پيري ٻہ اها ڏهہ ويهہ سال اڳ واريءَ ڪنهن رات جهڙي هئي، پر جيئن اسان ڪار هوٽل وٽ ماني کائڻ لاءِ روڪي ۽ ڪار جون بتيون وسامي ويون تہ مون کي زبان جو احساس ٿيو جو مون پنهنجن لوڙهن کي جهٽڪو ڏئي لنوائي ڇڏيو. "گهٽو موهہ چڱو نہ آهي،" مون سوچيو. پوءِ مان ڪجهہ وقت لاءِ ساڳيءَ ڪيفيت ۾ اچي ويس، جنهن کي ٻوڌي سُن- يتا چوندا آهن. مان پانيان ٿو تہ سنڌي لفظ "سُنَ" سُنيتا مان نڪتو آهي.

ٿوريءَ دير کان پوءِ مون جڏهن مانيءَ مان گرهہ پڳو تہ مون کي ايئن لڳو ڄڻ منهنجين آڱرين مان ڪا روشني نڪري رهي هئي. شايد اهو منهنجو وهم هو. مون سوچيو تہ "انهيءَ مانيءَ ڳپي لاءِ انسان کي ڪيڏي نہ جدوجهد ڪرڻي تي پوي ۽ اها ماني هڪ سنڌيءَ کي بہ ايتري گهرجي، جيتري هڪ پنجابيءَ کي."

اڌ ڪلاڪ کان پوءِ اسان ساهيوال جيل تي پهتاسون. جيل جا گارڊ مون جهڙن اوپرن مهمانن تي هريل ها. منهنجي تلاشي ورتي وئي. مون ٻيو سڀ ڪجهہ آندو هو سواءِ ڪتابن جي، ڇو تہ ڪتاب C.I.D وارا ڪٽي ويندا آهن. مون کي رڳو ٻہ ڪتاب هئا: "سارا برنارڊ جي زندگي" ۽ "شاهہ جو رسالو" رسالي ڏانهن اشارو ڪري مون کان جيلر پڇيو تہ "هي ڪهڙو ڪتاب آهي؟" مون هن کي چيو "هي شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جو ڪلام آهي. شاهہ عبداللطيف بلي شاهہ وانگر صوفي شاعر هو. اسان سنڌي انهيءَ ڪتاب کي مذهبي ڪتاب جو درجو ڏيندا آهيون." جيلر ڪجهہ سوچي مون کي اجازت ڏني تہ اهي ڪتاب مان پاڻ سان رکان. پوءِ ڪجهہ پراڻيءَ ريت موجب لکپڙهہ ڪئي وئي ۽ مون کي هڪ وارڊ ۾ اُماڻيو ويو. وارڊ ۾ هڪ سنتري هو جنهن دروازو اندران بند ڪري قلف ڏئي ڇڏيو. وارڊ ۾ ٽي ڪمرا هئا، جن مان هڪ ۾ بستر پٿاري، مان ليٽي پيس. بستري ۾ ليٽي، مون

ڪجهه ياد ڪري سوچيو تہ جسماني وصال مان هن ڪائنات جي وحدانيت جو احساس ٿئي ٿو. وصال وقت ئي تہ بہ انسان محسوس ڪن ٿا تہ هو هڪبئي جو حصو آهن. ۽ ان ڪري ئي پوريءَ ڪائنات جو حصو آهن. جنهن جي نہ ابتدا آهي، نہ انتها آهي، جنهن ۾ رڳو وجود جو شعور آهي. پوءِ ننڊ مون کي ڪنهن جي آغوش ۾ وٺي وئي.

هاڻي صبح جا ڏهہ لڳا آهن ۽ مون اٽڪل 27 (ستاويهہ) ڪلاڪ ساندهہ لکيو آهي. مون کي ٿَڪُ تہ ڪو نہ ٿيو آهي، پر بهتر ايئن ٿيندو تہ اِسٽو (Stove) ٻاري ڪافي ٺاهيان. مون کي اڳئين جيل جو تجربو هو ۽ ان ڪري گهران اسٽو ڪافي وغيره هر قسم جو سامان کنيو هيم.

8 ڊسمبر 1968ع

ڪالهہ رات جو ٽيٽمڪڙي ٻڌايو تہ ملڪ اسلم حيات جي رهائيءَ جو آرڊر آيو آهي. مون هن کان پڇيو "توکي ڪيئن خبر پئي؟" هن جواب ڏنو "هوم ڊپارٽمينٽ جو ڪوئي چپراسي آرڊر کڻي آيو هو ۽ اهو مون سان ساڳيءَ ڪوٺيءَ ۾ ترسيل هو. مون هن کان پڇيو تہ "هي ڪنهن جو آرڊر آهي؟ جنهن تي چيائين تہ "ملڪ صاحب جو آهي، جيڪو هتي نظربند آهي."

مون ديوار وٽ وڃي ملڪ صاحب کي آواز ڏنو ۽ هن کي اها خوش خبري ٻڌائي. ملڪ صاحب يڪدم پڇيو "ان ۾ ڪنهن غلط فهميءَ جي گنجائش تہ نہ آهي."

مون جواب ڏنو "نظر تہ ڪا نہ ٿي اچي، مان ادبي هسٽري شيٽر آهيان، پٽو صاحب سياسي آفت آهي. باقي رهيا اوهان، چوٿون نظر بند تہ هتي آهي ڪو نہ. خان ولي خان ۽ ٻين کي پشاور گهرائي ورتو اٿائون. اهو آرڊر اوهان کان سواءِ ٻي ڪنهن جو ٿي سگهي ٿو؟"

ان تي ملڪ صاحب چيو "خدا ڪندو تہ ايئن هوندو." پندرهن منٽن کان پوءِ ملڪ صاحب سڏ ڪيو ۽ مان جيل ڊائري وچ ۾ ڇڏي، ديوار ڏانهن ويس. ملڪ صاحب رڙ ڪري چيو "جي آرڊر منهنجي باري ۾ آهي تہ مون کي ڇڏي ڇو نہ ٿا ڏين؟"

مون جواب ڏنو "شايد رات جو نہ ڇڏيندا آهن. شايد اوهان کي صبح جو ڇڏي ڏيندا." ملڪ صاحب وري چيو "مان ڀانيان ٿو تہ منهنجي رٽ پٽيشن جي شنوائيءَ کان اڳ حڪومت منهنجي گرفتاريءَ جو حڪم واپس ورتو آهي." مون جواب ڏنو تہ "ٿي سگهي ٿو

جوانيءَ ۾ مري ويو هو. مون سان هن جي واقفيت 1946ع ۾ حشو کيولراماڻيءَ ڪراچيءَ ۾ ڪرائي هئي. مونس سيالڪوٽ جو هو ۽ ڪراچي لا ڪاليج ۾ پڙهندو هو. منهنجي ڪنهن بہ همعصر جو ايترو مطالعو نہ هو جيترو مونس جو. هن کي ننڊ نہ ايندي هئي ۽ هو ساري ساري رات پڙهندو رهندو هو. هو مارڪسوادي هو پر حشوءَ وانگر بورجوا فن ۽ فڪر جو توجهہ سان مطالعو ڪندو هو. حشوءَ هن کي ۽ مون کي انگريز اديبن اسٽيفن اسپينڊر، ڪراسٽافر اشروڊ ۽ آڊن تي ليڪچر ڏنا ها. آڊن ۽ اسپينڊر شاعر آهن ۽ اشروڊ ناول نويس آهي. حشو جڏهن انگلينڊ ۾ هو تہ اهي ٽئي اديب اتان جي ترقي پسند ادب تي چانيل هئا. حشوءَ مون کي اشروڊ جو ناول Goodbye to Berlin پڙهڻ لاءِ ڏنو هو جو مون کي ڏاڍو وڻيو هو. حشو اسان کي ڪميونزم ۽ سوشلزم تي ليڪچر بہ ڏيندو هو ۽ ان دور جي ڪميونسٽ ۽ سوشلسٽ رهنمائن ۽ انهن جي سوشلسٽ خيالات سان اسان جي واقفيت بہ ڪرائي هيائين. هو هڪ انسائيڪلو پيڊيا هو. جئہ پرڪاش نارائڻ تي ڳالهائيندو هو تہ هندستان جي سوشلسٽ پارٽيءَ جي پوري تاريخ ۽ ان سان ڪميونسٽ پارٽيءَ جا سارا اختلاف اکين اڳيان اچي ويندا ها. هو جڏهن ايم. اين. راءِ تي ڳالهائيندو هو تہ انٽرنيشنل ڪميونزم جي ساري تاريخ اکين اڳيان ڦري ويندي هئي. مارڪس، لينن، اينجلز، اسٽالن، ٽراٽسڪي، پليخانوف، فيور باخ، روزا لڪسمبرگ، ڪارل ليبنڪ وغيره. ڪيئي انقلابي تاريخ مان نالا اسان جي ڪنن ۾ گونجندا هئا ۽ هو اسان کي انهن جي نظرين سان واقفيت ڪرائيندو هو. هڪ ڀيري هو اسان کي ٽراٽسڪيءَ ۽ هن جي همسفر اديبن ۽ دانشورن جي باري ۾ پنهنجا رايا ٻڌائي رهيو هو. پاررووس (Parvus) ، ڊيوسش (Deutsch) راڊڪ (Radek) هيننگس (Hennings)، بال (Ball)، تيرستان تزارا (Tristan Tzara)، انا بليوم (Anna Blume)، انيسا (Inessa)، راڪو وسڪي (Rakovsky)، بريٽن (Bretan)، ڊيگور ويرا (Diego Rivera)، ميري مئڪارٿي ( Mary

Macarthy)، وغيره، جا چا نالا آيا ها. هن جي گفتگوءَ ۾ ادب ۽ آرٽ جا رنگا رنگ گل اسان جي ذهن ۾ ترڙي پيا ها، هن منهنجي جديد انگريزي ادب سان بہ واقفيت ڪرائي هئي ۽ New Writing جا سلسلي وار ڪتاب ڏنا ها، جن ۾ مغرب جو جديد ترين ادب هوندو هو.

حشو ڪراچيءَ ۾ لا ڪاليج جي پرسان هڪ فليٽ ۾ رهندو هو، جنهن ۾ بہ ڪمرا هوندا هئا. ٻئي ڪمرا ڪتابن سان پريل هوندا هئا. جن جي وچ ۾ رڳو ويهڻ ۽ سمهڻ جيتري جاءِ هوندي هئي. حشو پاڻ کي Bohemian چوندو هو. هن شادي نہ ڪئي هئي ۽ ايئن ئي پرائي زال سرلا سان پيار ڪندو هو.

هو آڪسفورڊ ۾ تنهن وقت اندرا گانڌيءَ سان پڙهندو هو، جنهن وقت اندرا ۽ فيروز گانڌيءَ جو معاشقو هلندو هو. ڪراچيءَ ۾ موٽي، حشوءَ انگريز سامراج جي خلاف پوسٽر ڪڍيو هو، جنهن ۾ هندستان جي نقشي تي لانگ بوٽ نڪتل هو ۽ لکيل هو:

”Stop this march of imperialism“

اُن پوسٽر ڪڍڻ تي انگريزن هن کي بہ سال تيپ ڏني هئي، پر هو ڏيڍ سال کان پوءِ آڪٽوبر 1941ع ۾ ڇٽي آيو هو. جيل مان نڪرڻ کان پوءِ هو سوڀي سان گڏ سنڌ جي دوري تي نڪتو هو. ان وقت ساري ”سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن“ حشوءَ جي اثر هيٺ هئي. هن سوڀي کي شاگردن ساڳ واقف ڪرايو ۽ پوءِ سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن جو سيڪريٽري مقرر ڪيائين. سوڀو اجا تائين مرڪي چوندو آهي تہ لاڙڪاڻي ۾ حشوءَ سوڀي جو ڳوٺ ٻنڊي ڏسي، هن کي چيو هو ”You are a flower on a dung hill“ (تون ڇيڻي جي ڍير تي هڪ گل آهين.)

انگلنڊ مان حشو بنا ڊگريءَ وڻڻ جي موٽي آيو هو. ڪنهن بہ پارٽيءَ جو ميمبر نہ ٿيو هو ۽ ڪڏهن بہ وقت تي ماني نہ کاڌي هيائين. هن نہ ڪنهن مستقل روزگار لاءِ ڪوشش ڪئي هئي ۽ نہ ڪنهن هڪ نظريي جي پيروي ڪئي هئي. ايئن لڳندو هو تہ هن جي پوري زندگي هڪ سوال جي نشاني آهي. هن جي ذاتي زندگيءَ ۾ بہ هن جي ذهني

تذبذب جي عڪاسي هئي. آڪسفورڊ ۾ هن جي هڪ ڪرستان چوڪريءَ، شانتي سيلدونا، سان واقفيت ٿي هئي، جا بمبئيءَ جي رهندڙ هئي، حشو ڪراچيءَ موٽي آيو هو ته هن شانتيءَ سان خط و ڪتابت جاري رکي هئي. 1942ع ۾ جڏهن انگريز سرڪار جي خلاف آزاديءَ جي تحريڪ زور تي هئي ته حشو بمبئيءَ هليو ويو هو ۽ اُتي شانتيءَ سان زبردست معاشقو لڙايو هيائين ۽ هن سان واعدو ڪري آيو هو ته هو جلد ئي بمبئيءَ موٽي ايندو. 1944ع ڌاري حشو ٻيهر بمبئيءَ ويو ته شانتيءَ هن کي آخري اطلاع ڏنو ته "جي هاڻي مون سان شادي نه ڪندين ته مان تو لاءِ نه ترسنديس." حشو ارادو نه ڪري سگهيو ۽ شانتي سيلدونا هڪ انگريز آفيسر سان شادي ڪري ڇڏي، جو ڪميونسٽ هو. (ٻي مهاڀاري لڙائي هلندي، 1942ع کان پوءِ ڪيئي انگريز ڪميونسٽ فوج ۾ ڀرتي ڪيا ويا ها، ڇو ته ڪميونسٽ پارٽيءَ جرمنيءَ جي خلاف انگريز حڪومت جي حمايت ٿي ڪئي. ان وقت بي. او. اي سي انجنيئرنگ يونين (B.O.A.C Engineering Union)۽ معدنيات جي مزدور يونين (Mine Worker's Union) ۽ ڪيترن ئي نيري ڪالر وارن (Blue Collar) ادارن ۾ انگريز ڪميونسٽ شريڪ هوندا ها.

هڪ ڀيري مان، مونس ۽ حشو حشوءَ جي فليٽ ۾ وسڪي پي رهيا هياسين. حشو هونءَ ته سارو وقت سياست، بين الاقوامي معاملات، فلسفي ۽ ادب تي ڳالهائيندو هو پر ان ڏينهن هن پهريون ڀيرو عشق و محبت جي باري ۾ ڳالهايو. هن چيو ته "هن کي انهن مردن کان نفرت هوندي آهي، جي ڪنهن خوبصورت عورت جي دوستيءَ تي تڏندا آهن. انهن ۾ قابل رحم احساس ڪمتري هوندي آهي، جڏهن ته هو ان تي پاڻ پڏائيندا آهن ته هنن سان ڪائي خوبصورت عورت گڏ آهي." هن هڪ دوست جي ڳالهه ڪندي چيو هو ته "هو ماڻهو آهي يا چراخ آهي، جو ماڪيءَ ۾ ٻوٽ ٿڦي آيو آهي" ۽ پوءِ منهنجن چپن تي ڦڪي مُرڪ ڏسي چيو هيائين، "تون ڇو ٿو لڄي ٿين؟ شاعر ان معاملي ۾ Exception

(مُستثنيٰ) هوندا آهن.“ حشوءَ کي ڪئسانووا (Casanova) ٽائيپ مرد نہ وڻندا ها ۽ هو هڪ اڌ عشق جو قائل هو.

ڳالهيون ڪندي جڏهن هو ڪيپ ۾ آيو هو تہ هن انگريزيءَ ۾ چيو هو ”شانتي تون بہ... تون بہ شانتي؟“ پوءِ هن ٽڏو ساهہ پري هڪ ڳيت ۾ ڊبل پيگ پيتو هو ۽ هن کي ننڊ اچي وئي هئي.

اهو تذبذب حشوءَ جي ذهن ۾ ڪميونزم سان محبت وقت بہ پيدا ٿيندو هو. هو اڪثر ڪنهن جو قول دهرائيندو هو تہ:

I shall live for Communism, I Shall die for Communism, but I shall not live under Communism.*

حشو سوچي کي بہ چوندو هو.

You will always be used by communists and supply with your life and bones the foundation of a new building.**

سال 1947ع ۾ هن کي نظربند ڪري رکيو هيائون. چو تہ هو پنهنجيءَ فلئٽ ۾ ساري رات ڪجهہ ٽائيپ ڪندو هو. (هو اُن وقت سائين جي .ايم .سيد جو ڪتاب ”نئين سنڌ لاءِ جدوجهد“ ( struggle for New Sindh) جي نالي سان انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪري رهيو هو.) جڏهن هن جو نظربنديءَ جو ميعاد وڌائڻ لاءِ هن کي مسعود کدرپوش وٽ پيش ڪيو هيائون. جو اُن وقت ڪراچيءَ جو ائڊيشنل ڪمشنر هو تہ مان هن سان هن جي وڪيل جي حيثيت ۾ گڏجي ويو هوس. مسعود آءِ. سي. ايس هو ۽ جنهن وقت هو بمبئيءَ ۾ ڊپٽي ڪمشنر هو تہ آدي واسين ۾ ڏاڍو مقبول هوندو هو. هو اڳ ئي حشوءَ جو واقف هوندو هو ۽ حشو هن جي سياسي فلسفي کي ڀيل ازم جو فلسفو ( Philosophy of Bhilism) چوندو هو. هندستان ۾ ڀيل مسعود کي ”مسعود ڀڳوان“

---

* مان ڪميونزم لاءِ جيئڻ چاهيان ٿو، ڪميونزم لاءِ مرڻ چاهيان ٿو پر ڪميونزم هيٺ رهڻ نہ ٿو چاهيان.

** توکي ڪميونسٽ هميشہ استعمال ڪندا ۽ تنهنجي حياتي ۽ هڏا هڪ نئينءَ تعمير جي بنيادن ۾ ڪم آئيندا

ڪوئنيندا ها.

جڏهن پوليس حشوءَ کي مسعود وٽ پيش ڪيو هو، تڏهن حشوءَ کي ٽِري پيس سوٽ ۾ فيلٽ هئٽ پيا ها. حشوءَ فيلٽ هئٽ لاهي مسعود کي چيو ”هلو مسعود!“

”هلو حشو“، مسعود جواب ڏنو. پوءِ حشوءَ مسعود کي مون سان واقف ڪرائيندي چيو ”هي ٽئگور کان پوءِ برصغير جو وڏي ۾ وڏو شاعر آهي، پر هن وقت منهنجي وڪيل جي حيثيت ۾ آيو آهي.“ مسعود ڪجهه مُرڪيو جڻ ته هن کي حشوءَ جي مبالغي آميزيءَ جي عادت اڳيئي معلوم هئي ۽ پوءِ اسان ٻنهي کي ڪرسيون آڇيائين. ڳالهيون ڪندي مسعود، حشوءَ کي چيو هو ”حشو تون هندستان ڇو نه ٿو وڃين؟“

”مسعود! هي منهنجو وطن آهي، مان هندستان ڇو وڃان؟“، حشوءَ چڙي جواب ڏنو.

مسعود پنهنجي آڱوٺي سان پر واري ڪمشنر جي ڪمري ڏانهن اشارو ڪندي چيو:

"You Sindhis will be decimated like Red Indians".

(اوهان سنڌي ريڊ انڊينن وانگر ملياميٽ ڪيا ويندءُ.)

پوءِ مسعود ڪنڌ جهڪائي، حشوءَ جي نظربنديءَ جي ميعاد وڌائڻ جو آرڊر لکيو ۽ جيستائين اسان هن جي ڪمري مان نڪري وياسين، هن اسان کي اکيون مٿي کڻي نه ڏنو. مان مسعود جا لفظ ٻڌي وائڙو ٿي ويو هيس، ڇو ته هو ته آدي واسين جي حقن جو به حامي هو!

حشوءَ جي رهائيءَ کان ڪجهه وقت پوءِ هن کي ملڪ بدر ڪيو هيائون. اسان هن کي سائينءَ جي. ايم. سيد جي گهر تان ايئرپورٽ تي ڇڏي آيا هياسين. موٽڻ وقت مونس ايئرپورٽ جي پيتين کي مُڪون هنيون هيون ۽ ڪار ۾ تاهه تاهه ڳوڙها ڳاڙيا ها.

سائين جي. ايم. سيد جڏهن انگلينڊ ۾ ڪرشنامينن سان گڏيو هو جتي مينن هندستان جو هاءِ ڪمشنر هو تڏهن مينن کي چيو

هيائين، ”مان اوهان کي اڳيئي سڃاڻان چو تہ مون سان اوهان جو ذڪر حشو ڪيولراماڻي ڪندو هو.“

مينن بہ تي پيرا نرڙ تي آڱر هڻي ياد ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي ۽ پوءِ چيو هيائين،

” Yes, yes, now I remember the man_* the little man who always said that Sindhis are a nation.“

1963ع ۾ مان جڏهن حشوءَ سان دهليءَ ۾ مليو هوس تہ حشوءَ سان سرلا جي شادي ٿي چُڪي هئي. مان پانيان ٿو تہ سرلا جو اڳيون مڙس مري ويو هو ۽ ان کان پوءِ هن حشوءَ سان شادي ڪئي هئي. هن کي ٻہ جوان ڏيئر ۽ گل جي نالي سان هڪ ننڍو پٽ هو ۽ ساريءَ فيمليءَ جا فوٽو منهنجي آلبم ۾ آهن. حشو پنهنجو نالو سردار حشمت الله ۽ پُٽ جو نالو گل محمد ٻڌايو هو. گل پيءُ وانگر جينيس ٿي لڳو ۽ هن کي ٻَيرو فنڪار (Child Artist) جي حيثيت ۾ نهروءَ آل انڊيا اوارڊ ڏنو هو. حشو اُن وقت بہ آزاد صحافي (Free lancer) هو. هن پاڪستان جي باري ۾ ڪيترائي مضمون Pakistan Xrayed جي نالي سان ”هندستان اسٽئنڊرڊ“ اخبار ۾ ڇپايا ها. جي هو The Uprooted and the Upright جي نالي سان مرتب ڪري رهيو هو. مون کي ايئن ئي لڳو تہ حشو ٽُٽي چڪو هو.

هن مون کي تڏهن چيو هو تہ ”منهنجي ماءُ جڏهن دهليءَ ۾ مري وئي ۽ جمنا جي ڪناري تي هن جي چِتا جلي رهي هئي، تڏهن نہ ڄاڻان مون ڇا محسوس ڪيو هو جنهن منهنجي دنيا بدلائي ڇڏي آهي.“ هن کي ان ڳالهہ جو بہ شديد احساس هو تہ هن جي قوم هن جي بيقدري ڪئي هئي. هڪ پيري منهنجي ۽ رشيد ڀٽيءَ جي لڇمڻ ڪومل دهليءَ ۾ پنهنجي گهر تي ماني ڪئي هئي. دهليءَ جا ڪيترائي سنڌي اديب، مرد ۽ عورتون، اُتي آيا ها. حشو بہ موجود هو.

---

*هائو هائو هاڻي مون کي اهو شخص ياد اچي رهيو آهي. هو ڇوٽي قد وارو شخص جو هميشہ چوندو هو تہ سنڌي هڪ قوم آهن.

رات جا اٽڪل ٻارهن لڳا ها. مان پنهنجو شعر پڙهي رهيو هوس ۽ چوڌاري واهه واهه ٿي رهي هئي. ايتري ۾ حشو جو پيٽل هو اُٿي بيٺو ۽ مون کي ٻانهن کان وٺي چيائين، ”شاعر، اُٿي بيهه!“ جڏهن مان اُٿي بيٺس تہ هن چيو ”منهنجن پيرن تي هٿ رک تہ هنن کي معلوم ٿئي تہ مان ڇا آهيان.“ مون هن جي پيرن کي ڇُهيو هو تہ منهنجين اکين ۾ ڳوڙها ڀرجي آيا ها. هو پوءِ ويهي رهيو هو ۽ پنهنجيءَ دنيا ۾ گم ٿي ويو هو.

حشوءَ جي ڪراچيءَ واري گهر ۾ اخبارن، رسالن ۽ ڪتابن جا ڍير پيل هوندا ها ۽ هن جو سامان چوڌاري ٽڙيل پکڙيل هوندو هو. مون تي تہ هن جو اثر رهيو آهي ۽ منهنجي ساري گهر ۾ ڪتاب ٽڙيل پکڙيل هوندا آهن. منهنجي ڪاڏي جي ميز ڪتابن، رسالن ۽ اخبارن سان ڀريل هوندي آهي ۽ زرينہ انهن کي روز هٽائي مانيءَ جي پليٽن لاءِ جاءِ ڪندي آهي. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ انهيءَ بي خوديءَ جي باوجود، مون وڪالت ڏاڍي ڏيان سان ڪئي آهي ۽ مون کي پيسي جي ضرورت ڪڏهن بہ نہ رهي آهي. (ان تي ڪنهن ٻي وقت لکندس.)

ابراهيم جويي جي طبيعت انهيءَ معاملي ۾ حشوءَ جي بلڪل برعڪس آهي. هو سڀيءَ سڳي تائين هر شيءِ جائيتي رکندو آهي. هن وٽ ڪو بہ اجايو پنو نہ پيو هوندو آهي ۽ جيستائين هو بيڪار ڪاغذ ڦاڙي، مزي سان ٽڪريون ٽڪري نہ اڇليندو آهي ۽ ڪارآمد ڪاغذ ڪنهن ڪتاب جي وچ ۾ يا پنهنجي ويهاڻي هيٺان ناهي نوڪي نہ رکندو آهي، تيستائين هن کي چين نہ ايندو آهي. حشوءَ ۾ ضد بلڪل ڪو نہ هو ۽ ابراهيم ۾ ضد تمام گهڻو آهي. (مان ڀانيان ٿو تہ ابراهيم تي سائين جي. ايم. سيد جي صحبت جو اثر ٿيو آهي. جنهن جو ضد بہ پنهنجو مثال پاڻ آهي). حشوءَ ۾ تذبذب هو ابراهيم ۾ ڪوئي تذبذب نہ آهي. هن جا سياسي نظريا ۽ زندگيءَ جا اصول طي شده آهن جن ۾ ڦير گهير جي ڪائي گنجائش نہ آهي. ترتيب ۽ تسلسل هن جي زندگيءَ جون نمايان خوبيون آهن. حشو بين الاقوامي

ڪميونزم جون ڪمزوريون پاڻ ٻڌائيندو هو. ابراهيم اجا تائين اُهي ٻڌڻ بہ نہ چاهيندو آهي (توڙي هو ايم. اين. راءِ جي ريڊيڪل ڊيمو ڪرئٽڪ پارٽيءَ ۾ رهيو آهي) حشو تہ 1948ع جي شروع ۾ هندستان هليو ويو هو پر ابراهيم جون مهربانيون اج تائين مون تي مينهن وانگر وسنديون رهيون آهن. پنهنجين ڪمزورين جي باوجود, ابراهيم حشوءَ کان وڏو ماڻهو آهي. پس پرده رهي. هن نئينءَ سنڌ جي ذهني تربيت ڪئي آهي. حشوءَ تہ رگو سائينءَ جي. ايم. سيد جو هڪ ڪتاب انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪيو هو پر ابراهيم سائينءَ جي ڪيترن ئي ڪتابن تي ڏينهن جا ڏينهن نور نچويو آهي. هن لاءِ هر ترقي پسند ڪتاب, هر اهو ڪتاب, جنهن سان ٻوليءَ ۽ ادب جو واڌارو ٿئي, هن جو پنهنجو ڪتاب آهي ۽ هن جو جيترو وس پڄو آهي, هن ليکڪ کي اُنهيءَ ڪتاب سنوارڻ ۾ مدد ڪئي آهي.

ابراهيم سان منهنجي پهرين ملاقات, حشوءَ کان بہ اڳ سال 1944ع ۾ منهنجي دوست جمال صديقيءَ ڪرائي هئي, جڏهن مان ڪراچيءَ ۾ بي. اي ۾ پڙهندو هوس. اُن وقت ابراهيم سنڌ مدرسي ۾ ماستر هو ۽ بندر روڊ تي "سعيد منزل" جي هڪ فليٽ ۾ رهندو هو. ابراهيم مون کي پهريون پيرو ٿنڪرس لئبريري (Thinker's Library) جا ڪتاب Martyrdom of Man (انسان جي شهادت) وغيره پڙهڻ لاءِ ڏنا ها, جي مون نهايت دلچسپيءَ سان پڙهيا ها. انهن مان هڪ ڪتاب Illusion of National Character (قومي ڪردار جو خبط) جو مون تي اينترو گهرو اثر ٿيو هو جو جيئي سنڌ تحريڪ ۾ ايتريءَ گهريءَ دلچسپيءَ جي باوجود, مان اُن جي Chauvinistic Trends جي لپيٽ ۾ نہ آيو آهيان. مان ابراهيم کي پنهنجا نظم ٻڌائيندو هوس, پر هن کي انهن ۾ حد کان زياده فارسي لفظ پسند نہ ايندا ها.

1945ع ۾ مان ۽ منهنجو دوست عبدالرزاق راز ڊي. جي سنڌ ڪاليج ۾ قائم ڪيل "سنڌي سرڪل" ۾ ويندا هياسين, جتي مون پنهنجو نظم "او باغي, او راج دروهي, ڀارت ۾ ٻلوي جا باني" پڙهيو هو

تہ ٻڌندڙ حيران ٿي ويا ها. اهو نظم پوءِ "لهرون" جي نالي سان سرڪل جي ڪتاب ۾ ڇپيو هو. پروفيسر رام پنجواڻيءَ اُن کي ڪيئي ڀيرا پنهنجي منڙي آواز ۾ گهڙي تي ڳايو هو. انهيءَ سرڪل ۾ منهنجي نارائڻ شيام سان واقفيت ٿي هئي.

"او باغي، او راج دروهي" ۾ ڪم آندل ٻولي ابراهيم جي صحبت جو اثر هئي. ابراهيم سان جڏهن مان گهرو ٿيو هيس، تڏهن هن مون کي ايم اين راءِ جا ڪتاب پڙهڻ لاءِ ڏنا ها. جمال صديقيءَ انهن مان ٻہ ٽي ڪتاب اڳ ئي پڙهيا ها ۽ ابراهيم سان گڏ ايم. اين. راءِ جي ريڊيڪل ڊيموڪرٽڪ پارٽيءَ (Radical democratic party) جي ميٽنگن ۾ ويندو هو. ابراهيم مون کي پارٽيءَ جي هفتيوار اخبار Independent India (آزاد هندستان) جا شمارا بہ پڙهڻ لاءِ ڏنا ها. هڪ ڀيري مان بہ پارٽيءَ جي ميٽنگ ۾ ويس. اُتي پارٽيءَ جو پريزيڊنٽ نگيندر وياس، هن جي ناهوڪي زال سشيلا، ڪراچي فيڊريشن آف ليبر جو پريزيڊنٽ مسٽر خطيب، فيڊريشن جو سيڪريٽري مسٽر دوي، ڪامريڊ احمد، جو "آڳي قدم" پريس جو مالڪ هو ۽ عمرڪوٽ جو پير عبدالغفور سرهندي موجود هئا. پير عبدالغفور انگريزي نہ ڄاڻندو هو پر هن ڪامريڊ ايم. اين. راءِ جا اردوءَ ۾ ترجما (غالباً اردو اديب ۽ شاعر گوپال متل جا ڪيل) پڙهيا ها ۽ پارٽيءَ ۾ شامل ٿيو هو. هن پارٽيءَ جي نقطہ نگاهہ کان عمرڪوٽ ۾ هارين جي تنظيم ڪئي هئي. مون کي هنن ۾ هڪٻئي سان ايتري سڪ ۽ سچائپ نظر آئي هئي، جو مان يڪدم انهن جي پارٽيءَ ڏانهن ڇڪجي ويو هوس. اتي مون کي اهو ڄاڻي حيرت آئي هئي تہ ڪميونسٽ پارٽيءَ کي مرڪز وٽان هدايت آئي هئي تہ پارٽي ميمبر ڪنهن بہ رائسٽ (Royist) سان تعلقات نہ رکن. مان اُن وقت ميئارام هاسٽل ۾ رهندو هوس. منهنجي پرسان هرومل سدا رنگاڻي* ۽ نارائڻ شيام رهندا هئا. لڇمڻ راڄپال

---

* هرو سدا رنگاڻي: سنڌيءَ جو مشهور شاعر، نقاد ۽ مصنف. جو ڪجهہ وقت ايران ۾ ڀارت جو ڪلچرل اتاشي هو ۽ هاڻي ڀارت جي ساهتيہ ائڪيڊميءَ جو اهم رڪن آهي.

ٻہ اُتي رهندو هو. لڇمڻ راڄپال شڪارپور پرسان ڳوٺ ”ميان جي ڳوٺ“ جو رهاڪو هو ۽ مشهور سنڌي رسالي ”سنڌو“ جي ايڊيٽر ٻولچند راڄپال جو مائٽ هو. انهن ڏينهن ۾ لڇمڻ ”سوشلسٽ“ هفتي وار شايع

ڪئي هئي. جنهن جو ذڪر مان اڳي ڪري آيو آهيان ۽ جنهن ۾ منهنجو نظم ”ڪولي“ ۽ ٻيا نظم شايع ٿيا ها. منگهارام ملڪاڻي * هاسٽل جو سپرنٽينڊنٽ هو. اسان جي هاسٽل جي ميس ۾ سوڀو گيانچنداڻي ۽ گوبند مالهي ماني کائيندا ها. جتي منهنجي هنن سان پهرين ملاقات ٿي هئي. ان وقت سرحد وارو خان قيوم خان ڪانگريس ڇڏي مسلم ليگ ۾ شريڪ ٿيو هو ۽ سوڀو ۽ مالهي خالق ڏني هال ۾ هن جي تقرير ٻڌي هاسٽل ۾ آيا ها. مالهي چئي رهيو هو تہ قيوم خان تقرير ۾ هڪ اردو شعر پڙهيو هو جنهن ۾ اهي لفظ هئا ”اور اک کافر مسلمان هوگيا“. جو شعر قيوم خان پنهنجي باري ۾ ان ڪري پڙهيو هو جو هو ڪانگريس ڇڏي مسلم ليگ ۾ شامل ٿي چُڪو هو! اهو چئي مالهيءَ مايوسيءَ جو اظهار ڪندي چيو هو تہ ”هاڻي تہ شڪ ٿو پوي تہ پارٽي لائين صحيح بہ آهي يا نہ! ها Synthesis تہ ڪٿي بہ نظر نہ ٿي اچي، جا Thesis ۽ Antithesis جي تصادم مان پيدا ٿيڻي هئي!“

سوڀو اجا تائين ان راءِ جو هو تہ پارٽيءَ کي اجا بہ مسلم ليگ ۽ پاڪستان جي حمايت ڪرڻ گهرجي ۽ انت مسلم ليگ ۽ ڪانگريس مشترڪ جدوجهد ڪري آزادي حاصل ڪنديون. ان ماحول ۾ منهنجي شاعري هڪ درياهہ وانگر سارا بند ٽپي چڪي هئي، مون ڪيئي انقلابي نظم لکيا ها. جن ۾ صاف سٿري سنڌي ڪم آندل هئي ۽ جن ۾ اڳ وانگر فارسي لفظ ڪو نہ ها. انهن نظمن ۾ ”ٻگاءِ انقلاب، ٻگاءِ“ وارو نظم بہ هو جو گوبند مالهيءَ جي رسالي ”پرهہ ڦٽيءَ“

---

* منگهارام ملڪاڻي: سنڌي ٻوليءَ ۾ نثري نظم جو باني ۽ ڪيترن ئي سنڌي ڊرامن جو مصنف. جو ورهاڱي کان پوءِ ڀارت ۾ سنڌي ادبي سرگرمين جو روح رواں هو ۽ جو هن ڪتاب جي اشاعت کان ڪجهہ سال اڳ ڪلڪتي ۾ گذاري ويو.

جي دوستي روميءَ ۽ شمس تبريز واري هئي، جنهن روميءَ جي ڪتابن تي نگاهه وڌي هئي تہ انهن ۾ آگ لڳي وئي هئي.

جڏهن ورهاڱي کان پوءِ منهنجي ساري سنگت تڙي پکڙي وئي هئي ۽ مان پنهنجن دوستن کي هڪ هڪ ڪري منهوڙي تي پاڻيءَ جي جهاز تي چڙهي ايندو هوس، تڏهن منهنجن گهرن سنڌي دوستن مان رڳو ابراهيم جويو ئي وڃي رهيو هو.

زندگيءَ جو وڏي ۾ وڏو مقصد زندگي خود آهي. مون جيئڻ لاءِ بيا بهانا ڳوليا. ٽيڙ تہ وڏو آيو هو جنهن مون کي نہ فقط شراب خاني تائين پهچايو پر اُنهيءَ Yama, the pit واريءَ کڏ ۾ بہ ڪيرايو جنهن مان نڪرڻ ۾ مون کي ڪافي سال لڳي ويا ۽ جنهن جي افسوس ناڪ داستان کي آءٌ هتي دهرائڻ نہ ٿو چاهيان. انهيءَ ساڳي ٽيڙ مونس کي بہ جام و مينا جي چڪر ۾ آندو هو. هن جي هڪ پنجابي ايئر هوسٽيس سان محبت هئي، جنهن هن جي بلانوشين کان بيزار ٿي، وڃي ٻئي ڪنهن سان شادي ڪئي هئي. جڏهن مون ڪراچي ڇڏي، سکر ۾ وڪالت ڪئي تہ مونس ميرپورخاص ۾ منهنجي دوست شيخ عبدالستار سان وڪالت ڪندو هو. ڪجهہ وقت کان پوءِ هو سکر هليو آيو. هن جو چاچو پراڻي سکر ۾ رهندو هو جنهن کي بيلي کاتي ۾ نوڪري هئي. پر ان جي باوجود مونس منهنجي آفيس ۾ ڪئينس روڊ تي رهندو هو. هو چار پنج سال مون وٽ رهيو هو ماني بہ مون سان کائيندو هو ۽ سارو ڏينهن ادبي ۽ سياسي ڪتاب پڙهندو ۽ جي شام جو يارن جي نا ونوش جو ڪوئي پروگرام هوندو هو تہ اُن ۾ شريڪ ٿيندو هو نہ تہ اڪيلو سَستي نري جو پؤو پي سمهي رهندو هو. مون ورلي اهڙا انسان ڏٺا آهن، جن جي گفتگو مونس جيتري ذهين هجي. انهي دور ۾ اسان دوستو وسڪي، ٽالسٽاءِ، چيخوف، گول، ترگنيف جا سڀ ڪتاب ۽ بيا ڪيئي روسي ڪلاسڪ پڙهي پورا ڪيا ها ۽ انهن جي ڪردارن تي ڪلاڪن جا ڪلاڪ بحث ڪندا هياسين. انهيءَ دور ۾ مونس منهنجي شاعريءَ جا انگريزيءَ ۾ نهايت خوبصورت ترجما

ڪيا ها. ڪوشش جي باوجود، مان هن کي وڪالت تي آماده ڪري نہ سگهيس. هن کي اهڙو ڪو زخم رسيو هو جو ڇٽي نہ ڇٽو. ان وچ ۾ منهنجي امڙ کي ڪئنسر ٿي پئي. ان وقت ڪئنسر جو علاج يا تہ ڪراچيءَ ۾ Seventh Day Hospital ۾ ٿيندو هو يا ميئو اسپتال لاهور ۾. مون کي مقامي ڊاڪٽرن مشورو ڏنو تہ مان پنهنجي ماءُ جو علاج ميئو اسپتال ۾ ڪرايان، ڇو تہ اُتي علاج جون بهتر سهوليتون هيون. مون کي امڙ سان ڏاڍي محبت هئي. مون سوچيو تہ هن جو علاج لاهور ۾ ڪرائيندس. وڪالت وچي ڪڏ ۾ پوي. اتفاق سان مون مونس سان اها ڳالهہ ڪئي تہ هن چيو "منهنجا سؤٽ ۽ سؤٽيون لاهور ۾ رهندا آهن. منهنجا ٻيا ڪافي رشتيدار ۽ دوست بہ اُتي آهن. مان توسان گڏجي ٿو هلان. اُميد آهي تہ توکي ماءُ جي علاج لاءِ ڪافي سهوليتون ملي وينديون."

امان کي ڪئنسر جي ڪري ڏاڍو درد ٿيندو هو پر هن کي قدرت ڏاڍو صبر ڏنو هو ۽ هوءَ رڳو ڳوڙها ڳاڙي ڪنجهندي هئي. هن کي آرام تڏهن ايندو هو جڏهن ڊاڪٽر هن کي مارفيا جي سُئي هڻندو هو ۽ هوءَ بيهوش ٿي ويندي هئي. مون زرينہ کي چيو هو تہ هوءَ ماءُ وٽ شڪارپور وڃي رهي. پوءِ مون فرسٽ ڪلاس جو پورو ڳاڏو رزور ڪرايو ۽ مان ۽ مونس امان کي لاهور وٺي وياسين. اسان پهرئين ڏينهن مونس جي هڪ سوٽ وٽ رهياسين ۽ ٻي ڏينهن امان کي ميئو اسپتال ۾ داخل ڪيوسين. مونس ڏاڍو خوبصورت هو ۽ ميئو اسپتال ۾ نرسن سان پنجابيءَ ۾ ڳالهائيندو هو تہ نرسون هن تي ڳري پونديون هيون. مان هن کي يو ڊي ڪلون ۽ سينٽ جون شيشيون وٺي ڏيندو هوس، جي هو نرسن کي تحفي طور ڏيندو هو. خوبصورت عورتن کي خوشبوئون تحفي طور ڏيڻ منهنجي پراڻي عادت آهي، جا مون پنهنجي پيءُ کان پرائي آهي. دراصل هر خوبصورت عورت کي پنهنجي مخصوص خوشبو هوندي آهي ۽ اها جڏهن مون تائين پهچندي آهي، تڏهن مان يڪدم ارادو ڪري سگهندو آهيان تہ هيءَ عورت مون لاءِ آهي يا نہ. ان

ڪري هن وقت تائين مون جنهن به عورت سان محبت جو اظهار ڪيو آهي، انهيءَ منهنجي محبت کي نڪرايو نه آهي.

مونس سان محبت سبب نرسون امان جو ڏاڍو خيال رکنديون هيون ۽ هن جي گهر جي ڀاتين وانگر خدمت ڪنديون هيون. مان ۽ مونس هُن جي ٻيءَ سؤٽ جي گهر رهندا هياسين، جا به مونس سان ڏاڍي محبت ڪندي هئي. هن پورو مهينو اسان جي خدمت ڪئي هئي، جڻ ته اسان هن جا سڳا ڀائر هياسين. مون پهريون ڀيرو محسوس ڪيو هو ته پنجابي عورتن کي سنڌي عورتن کان وڌيڪ آزادي آهي. مونس جي سؤٽ جو مڙس لاهور کان ٻاهر نوڪريءَ ۾ هو ۽ هفتي ۾ هڪ ڀيرو گهر ايندو هو هن کي پنهنجي گهر ۾ منهنجي ۽ مونس جي رهائش تي ڪوئي اعتراض نه هو توڙي هن جي زال گهر ۾ اڪيلي رهندي هئي. عورت لاءِ احترام هر قوم جي ترقي پذيريءَ جي بهترين پرک آهي.

اسان روز امان وٽ ويندا هياسون. مونس جون ٻه سؤٽيون ٻه ڪيترو ئي وقت امان وٽ وڃي ويهنديون هيون. مهيني کن کان پوءِ امان جي طبيعت بهتر ٿي وئي ۽ خطري جي سرحد ٽپي وئي. ان ڪري مون کي مونس چيو ته بهتر ائين ٿيندو ته هو امان جي نظرداريءَ لاءِ لاهور ۾ رهي پئي ۽ مان سکر وڃان ۽ ڪاروبار تي ڌيان ڏيان. ڊاڪٽر مون کي خاطري ڏني ته امان کي ڪوئي لوڏو نه آهي ۽ اجازت ڏني ته مان ڀلي سکر هليو وڃان. مان سکر آيس ۽ اُتي مهينو رهي، وري لاهور ويس. امان خوش هئي. اسپتال مان نڪري چُڪي هئي ۽ مونس جي سؤٽ وٽ رهندي هئي. مان امان سان مليس ته هن مونس جي سؤٽ کي ڏاڍيون دعائون ڪيون ۽ چيائين ته ”منهنجي سڳي ڌيءَ به منهنجو ايترو خيال نه ڪري ها. جيترو هن ڪيوآهي“- ۽ پوءِ هن کي ڳلي لائي، مٿي تي چمي ڏني هيائين. امان ڇهه مهينا لاهور ۾ مونس جي سؤٽ وٽ رهي هئي ۽ پوءِ مان هن کي سکر وٺي آيو هوس. هوءَ ست سال وڌيڪ جيئري رهي هئي. منهنجي ماءُ جي زندگيءَ جا ست سال مون کي هڪ پنجاپي خاندان وڌائي ڏنا ها. مان ڪنهن به پنجابيءَ

سان رڳو ان ڪري نفرت ڪيئن ٿو ڪري سگھان تہ هو پنجابي آهي! مان هن وقت پنجاب جي جيل ۾ آهيان، انهن قوتن کان مون کي نفرت آهي، جن سنڌ جو استحصال ڪيو آهي ۽ انهن قوتن ۾ پنجابي بہ آهن، پر پنجابي عوام مون کي ايترو ئي پيارو آهي، جيترو سنڌي عوام، اُهي ايترائي مظلوم آهن. جيترا سنڌي ۽ انهن جي ۽ سنڌي عوام جي جدوجهد ساڳي ۽ گڏيل هجڻ گھرجي. منهنجي نظر ۾ عوام ۾ هڪ ٻئي لاءِ نفرت رڳو استحصالي ڦهلائيندا آهن ۽ انهيءَ نفرت ڦهلائڻ جهڙو سياسي ۽ تاريخي گناهہ ٻيو ڪوئي نہ آهي. نہ وري مون کي مهاجر عوام سان نفرت آهي. نفرت رڳو انهن سان آهي، جي اردوءَ جي نالي ۾ استحصال ڪن ٿا. مان 1963ع ۾ جڏهن دهلي ڇڏي رهيو هوس تہ مون کي حشوءَ الوداعي ملاقات ۾ چيو هو "اياز هڪ ڳالهہ اصل نہ وسارجانءِ، جي تو پاڪستان ۾ ڪنهن رفيوجي (مهاجر!) تي هٿ کنيو تہ جڻ تو مون تي هٿ کنيو ڇو تہ مان بہ هندستان ۾ ريفيوجي (شرنارٿي) آهيان." حشوءَ جهڙو عظيم انسان مون اڃا تائين نہ ڏٺو آهي.

مونس ڪجهہ سال وڏيڪ مون وٽ رهيو هو. هو پنهنجي مايوسيءَ مان نڪري نہ سگھيو هو ڇاڪاڻ جو هو پنهنجي خودداريءَ سبب مون کي روز شراب گھرائڻ لاءِ نہ چوندو هو. هن پان ۾ تماڪو کائڻ شروع ڪيو هو جو هن کي ڪجهہ قرار ميسر ڪندو هو. تماڪوءَ هن کي دل جي تڪليف ڏني هئي ۽ منهنجي منع ڪرڻ جي باوجود، هو تماڪو ڇڏي نہ سگھيو هو. هڪ ڏينهن هو اوچتو ڪراچيءَ هليو ويو هو ۽ انهيءَ ايئر هوسٽيس جي پيڻ سان شادي ڪئي هيائين، جنهن جي محبت هو وساري نہ سگھيو هو. شاديءَ کان اٽڪل هڪ سال پوءِ هو لاهور ۾ ڊاڪٽر تان هيٺ لهي رهيو هو تہ هن کي دل جو دورو پيو هو ۽ هو ڊاڪٽر تان ڪري پيو هو ۽ مري ويو هو.

مون مٿي ابراهيم جويي جو ذڪر اڳ ۾ ڇڏيو آهي. جڏهن مون سکر ۾ وڪالت شروع ڪئي هئي تہ ڪراچيءَ وارا ايم. اين. راءِ جا ٻيا پوئلڳ منهنجيءَ زندگيءَ مان نڪري چڪا ها، پر ابراهيم سان

منهنجا تعلقات برقرار رهيا ها. مان جڏهن بہ سکر مان ڪراچيءَ ويندو هيس تہ هن سان ضرور ملندو هيس. هڪ ڀيري مان پنهنجي دوست عبدالرزاق راز سان گڏجي ڪراچيءَ نئين ڪار خريد ڪرڻ ويو هيس. ڪراچيءَ ۾ راز جي پنهنجي فليٽ هئي. جتي هن جو سالو رهندو هو. مان ابراهيم جي فليٽ ۾ وڃي رهيو هوس. انهن ڏينهن ۾ ابراهيم اڃا ٻي شادي ڪا نہ ڪئي هئي. ابراهيم جي پهرين زال ٽي ٻيءَ ۾ مري وئي هئي. ابراهيم ڪافي دير تائين رات جو خانگي ٽيوشن ڏيندو هو تہ جيئن هو زال جي علاج لاءِ ڪافي پيسو بچائي سگهي، پر هوءَ بچي نہ سگهي هئي. هڪ ڀيري مون کي ابراهيم ٻڌايو هو تہ هوءَ ايترو ڳري وئي هئي، جو هن کي ابراهيم ڪٽ تان ٽي اٿاريو تہ هن کيس چيو هو "آهستي تہ اُٺار، منهنجون ڪنيڙاتيون ٽو ڀجين." اهو "ڪنيڙاتيون" لفظ پنهنجي واتان ٻڌي ابراهيم جون اکيون ڳوڙهن سان ڀرجي ويون هيون. هن جي موت کان سال کن پوءِ ابراهيم هن جي ڀيڻ سان شادي ڪئي هئي.

مون کي ڪار خريد ڪرڻ ۾ ٽي چار ڏينهن لڳا ها. ان وچ ۾ هڪ شام جو مون ابراهيم کي پنهنجا اردو نظم ٻڌايا. جي هن کي ڏاڍو پسند آيا. جڏهن مون هي سٽون پڙهيون-

یہ دنیا، یہ آماجگاہِ تمنا
کہاں جا رہی ہے
یہ رقاصۂ روز و شب نوکِ خنجر پہ یوں ناچتی جا رہی ہے
کہ جیسے اُسے یہ یقیں ہو گیا ہو
کہ اب پاؤں چھلنی نہ ہوں گے

تڏهن ابراهيم چيو هو "اياز، توکي مان وري بہ چوان ٿو تہ تون پنهنجي ذات اجائي وڃائي رهيو آهين. تون پنهنجيءَ ذات کي منطقي نتيجي تي رڳو سنڌيءَ ۾ پهچائي سگهين ٿو."

مون ڏک سان ڏسي ابراهيم کي چيو هو "پر توکان سواءِ مون کي سنڌيءَ ۾ ٻڌڻ وارو ڪير آهي؟"

ان تي ابراهيم سختيءَ سان چيو هو "اسان ٻه ڪافي آهيون.
اسان ٻه چاهيون ته سنڌ کي بدلائي سگهون ٿا"
'Save Sind Save The Continent' جي مصنف جو ضد ڪنهن وقت ڏاڍو سڄايو ثابت ٿيو آهي.

مون نئين ڪار خريد ڪئي ۽ اُن ۾ ڪراچيءَ کان موٽندي اسان گڏجي حيدرآباد آياسين. اڳيان مان ۽ راز جو سالو جنهن ڪار پئي هلائي، ويٺا هياسين. ۽ پوئينءَ سيٽ تي ابراهيم، راز ۽ راز جي زال ويٺا هئا. ابراهيم کي حيدرآباد ڇڏيوسين ۽ اسان سکر گڏجي وياسين. رستي تي راز هڪ فلمي گانو ڳائي رهيو هو.

میں ہوں علاؤالدین، علاؤالدین

میرے پاس چراغِ چین، چراغ چین،

الاجي ڪهڙيءَ ڳالهه تي هن مون کان پڇيو هو "ڇا ٿو سمجهين؟" مون منهن ورائي جواب ڏنو هو "سمجهان ٿو بابا تيري پاس چراغ، چين، چراغ، چين، چراغ، چين." ان تي راز ۽ هن جي زال، ٻئي ٽهڪن ۾ ويڙهجي ويا ها ۽ چراغ چين وانگر چمڪڻ لڳا ها.

اڄڪلهه راز جو جذبهٔ اسلامي زور تي آهي ۽ هو مون سان ناراض آهي. هن منهنجي خلاف ڪيئي قسطون روزاني "مهراڻ" ۾ لکيون آهن، جنهن جو ايڊيٽر سردار علي شاهه منهنجو سخت دشمن آهي. هن جي گهر واري نهايت نيڪ عورت آهي ۽ هن کي جهليندي آهي ته منهنجي مخالفت نه ڪري. مون ٻڌو آهي ته هو منهنجي خلاف سي. آءِ. ڊي وارن کي درخواستون ڪندو آهي ۽ هنن کي منهنجا سنڌي شعر اردوءَ ۾ ترجمو ڪري ڏيندو آهي، پر مون کي ان ڳالهه تي اعتبار نه ايندو آهي. هو منهنجو ۽ نارائڻ شيام جو ڏاڍو پيارو دوست هو ۽ پروفيسر رام پنجواڻيءَ جي سنڌي سرڪل جو سيڪريٽري هو. شاگرديءَ واري زماني کان وٺي منهنجا هن سان گهرا تعلقات هئا. هڪ ڀيري مون کي سنڌ مدرسي جي هاسٽل ۾ مدي جو بخار ٿي پيو هو ۽ مان ڏاڍو ڪمزور ٿي ويو هوس. راز گانڌي گارڊن لڳ پنهنجي گهر ۾ مرغيءَ

جو سوپُ ٿهرائي، روز ٽرام تي اچي، مون وٽ هاسٽل ۾ ڪٽي ايندو هو ۽ بيماريءَ ۾ هن منهنجي نرس وانگر خدمت ڪئي هئي.

ڇا دوست ايترو بدلجي سگهن ٿا؟ ڪڏهن ڪڏهن هن جي باري ۾ سوچي منهنجون اکيون پرجي ايندريون آهن. ★

ابراهيم سان پوئينءَ ملاقات کي ڪجهه سال گذري ويا. هڪ پيري منهنجي روح جي ڳنڍ اوچتو کلي پئي ۽ مون ڪيئي بيت لکيا، جي ابراهيم کي پوسٽ ڪري موڪليم. ابراهيم ان وقت ڪراچيءَ ۾ سنڌي ادبي بورڊ جو سيڪريٽري هو. هن انهن مان ڪجهه بيت ادبي بورڊ جي ٽه ماهيءَ رسالي ”مهراڻ“ جي پهرئين صفحي تي ڏنا. اهي بيت سنڌيءَ ۾ منهنجي ادبي زندگيءَ جو نئون جنم هو.

ان وچ ۾ مون سکر ۾ ڪافي ادبي ڪانفرنسون ڪرايون هيون ۽ پوري پاڪستان جا اديب منهنجا دوست ٿي ويا ها. ايوب خان جي دور ۾ جڏهن پاڪستان رائيٽرس گلڊ جو بنياد رکيو ويو ته مان پاڪستان جو واحد اديب هوس، جنهن کي هن جي عدم موجودگيءَ ۾ مرڪزي ڪميٽيءَ تي کنيو ويو هو.

مان پانيان ٿو ته مون اردو شاعري 1954/55ع ۾ ڇڏي ڏني ۽ وري سنڌي شاعريءَ ڏانهن موٽي آيس. ابراهيم صحيح چيو هو ته مان اردوءَ ۾ پنهنجي ذات کي منطقي نتيجي تي پهچائي نه ٿو سگهان. اڄ منهنجن سنڌي شعرن تي هزارن ماڻهو جون دليون ڌڙڪن ٿيون ۽ ايوب خان جي حڪومت بانورجي پئي آهي. اها ڳالهه منهنجي اردو شاعري پيدا ڪري نه سگهي ها. ★★

---

★ عبدالرزاق راز 1984ع ۾ بيماريءَ سبب گذاري ويو.هو ”ڊاڪ بنگلي“ نالي ڪهاڻين جي مجموعي ۽ ٻن نظمن جي مجموعن جو مصنف هو. پوين ڏينهن ۾ هن محمد بن قاسم جي فتح، سنڌ تي ناول ٿي لکيو.

آسمان تيري لحد پر شبنم افشاني ڪري

★★ مون 1974ع کان 77_1976ع تائين وري اردوءَ ۾ شاعري ڪئي ۽ ان دور جو اردو مجموعو ”نيل ڪنٺه او نيم کي پتي“ جي نالي سان ڇپجي رهيو آهي.

9 ڊسمبر 1968ع

اڄ باک ڦٽيءَ ڪان منجهند تائين شاهه جو رسالو پڙهندو رهيس. ”سُرُ سسئي آبري“ پڙهي پورو ڪيم. هيٺيون سٽون ڏاڍيون وڻيون:

سا مون هٿان نه ٿئي، جيڪا رسم راڄ

—

منجهان راهه رَچي، ٿيندينءَ لالَ، لطيف چوي

—

ٽڪيائي ٽَرَ ٽيل. چڙهه ڇُڪيائي چوٽئين
هلندي هوتَ پنهونءَ ڏي، پوَ مڙيئي، پيل،
اُتي، رائو ريل، وينن تان واري، وري

سُرُ سسئي آبري“ پڙهي، سن جو سائين ياد آيو. چاهيان ٿو ته هن سان گڏ گذاريل وقت تي هڪ الڳ ڪتاب لکان.

اڄ منجهند جو منهنجو پُٽ انيس ملاقات لاءِ آيو هو. ويچاري ٻار کي ملاقات جي اجازت لاءِ لاهور ۾ ڏاڍا رولڙا ڪرڻا پيا ها. در در جون ٺڙيون کاڌيون هيائين. لاهور جا آفيسر منهنجي ڏاڍو برخلاف ٿا نظر اچن. انيس جو منهن هيانيل هو. ملاقات جي وقت به سي. آءِ. ڊي جا آفيسر اسان جي پرسان ويٺا ها. اسان سنڌيءَ ۾ ٿي ڳالهايو ۽ هو اسان جي ٻولي چڱيءَ طرح سمجهي رهيا ها. انيس پاڻ سان ڪيترائي ڪتاب آندا ها جي سي. آءِ. ڊي وارن پاڻ سان روڪي رکيا آهن.

من ڏاڍو خفي ٿي پيو آهي.....

10 ڊسمبر1968ع

اج وري ديوار جي ٻئي پاسي کان سڏ آيو. سڏ تہ نہ هو سُڏڪو هو. مان ڊوڙندو ويس ۽ زور سان چيم، "اسلم حيات صاحب! خير تہ آهي؟"

اسلم حيات ديوار جي ٻئي پاسي کان چيو "مون تي بہ تنهنجو اثر ٿيو آهي، مون هڪ غزل لکيو آهي."

مون جواب ڏنو " اسلم حيات صاحب! منهنجو اثر ڪا بہ ديوار ٽپي سگهندو آهي. ها، ارشاد!"

هن پوءِ پنهنجيءَ نظربنديءَ تي هڪ مسلسل غزل پڙهيو جنهن ۾ جيل خانا، زمانا، آب و دانا وغيره قافيا ها ۽ آءُ مجبوراً "مڪررَ مڪرّر" "بهت خوب، بهت خوب" چوندو رهيس.

اهو مشاعرو پورو ٿيو تہ مون چيو تہ "ملڪ صاحب! مون کي تہ شاعريءَ ٻيو ڀيرو جيل ۾ وجهايو آهي، اوهان شاعري شروع ٿي جيل ۾ ڪئي آهي، شل خدا خير ڪري" هن ڀهريون ڀيرو ٺهڪ ڏنو ۽ چيو "شل خدا خير ڪندو، خدا اوهان جو بہ خير ڪندو."

منهنجي ٻئرڪ جي پرسان مُنڊا خانو (صغير قيدين لاءِ ٻئرڪ) آهي، جتي شام جو ڪوئي ڇوڪرو پنجابي لوڪ گيت ڳائيندو آهي. اج بہ هو ماهيا جون سٽون ڳائي رهيو آهي:

پتي اناران دي
ڦٽ مل ويندي، بسرن بول نہ ياران دي

—

ڪسي ني دي ڪل ماهيا
ذاتان نهين مل ديان مل ويندي دل ماهيا!

—

دو پر تتران دي
اِڪ ويري ميل دي ريا! ڦر ڪبي نہ وڇڙان گي

شام جي سناتي ۾ هن جي منڙي سُر منهنجي من کي کنيي ڪتان جو ڪتي وجي پهچايو آهي. پنج سال اڳ مان، راج، گيتا ۽ يتي فتح پور سڪريءَ جي ٻاهرينءَ ڏاڪڻ تي ويٺا هياسين. سج ٻڏي ويو هو ۽ فضا تي صدين جي تاريخ جي اداسائي ڇانيل هئي. مان اڪبر اعظم جي مرشد سليم الدين چشتيءَ جي مزار تي سڳڙو ٻڌي آيو هيس، ڇو تہ مون کي چيو ويو هو تہ هو من جون مرادون پوريون ڪندو آهي. اُن وقت گيتا هڪ فلمي گيت "ساجن آن ملو" ڳاتو هو تہ منهنجو هيانءُ ڀرجي آيو هو. چوڏاري اونده ڦهلجي وئي هئي. پريان سڪر واري جي. بي منگهارام جي ڪارخاني جون بتيون جوڏا ٻائيءَ جي اکين وانگر جهرمر ڪري رهيون هيون. اُن وقت مون ارادو ڪيو هو تہ ٻئي سال موٽي ايندس، پر هيءَ مايا اپار آهي، ڪيئن ڇئجي تہ اُهو سڳڙو اجا اُتي ٻڌل آهي يا ڪنهن ڇني ڇڏيو آهي!

## 11 ڊسمبر

ڪالهہ شام جو مينهن ڦڙيون پيون، مان وارڊ ۾ ٻاهر نڪتس تہ اُتر جي هوا منهنجي منهن تي آلي ٿڦ هنئي ۽ مينهن ڦڙين منهنجا چپ ڪنهن ٻليءَ جي پونگڙي وانگر چٽيا. مان ڪوليءَ جي چانئٺ اندر ٿيس. ٿوريءَ دير ڪان پوءِ ڏٺم تہ مينهن جي ڌار ڏرتيءَ جي پيٽ تي ٻانبڙا پائي رهي هئي. پوءِ تہ مينهن ساري رات وسندو رهيو ۽ اڃا تائين وڏ ڦڙو وسي رهيو آهي. مون ڪوليءَ جي جهنگلي کي ڪٿو ويڙهي ڇڏيو آهي، جو برسات ۾ پڇي پٽ تي ويو آهي. جهنگلو ڪولڻ سان برسات ڪوليءَ ۾ اچي ٿي ۽ گپ چڪ ٿئي ٿي، ان ڪري مون جهنگلو بند ڪري ڇڏيو آهي ۽ ڪوليءَ ۾ اندر اوندهہ ٿي وئي آهي. لالٽين ساري رات ٻري آهي. ۽ ان جو اڌ شيشو ڪارو ٿي چڪو آهي ۽ باقي اڌ مان ڪجهہ روشني ڄار ۾ قاتل مڇيءَ جيئن تڙپي رهي آهي. اڱڻ ۾ پاڻيءَ جو ڪوئي نيڪال نہ آهي ۽ مان ڀانيان ٿو تہ جي هيءَ برسات اڃا ڏينهن پهر پئي تہ اُتي پاڻيءَ جا تلاءَ لڳي ويندا ۽ مڇرن جو آزار شروع ٿي ويندو.

جڏهن ننڊ مان اک کلي هئي، تڏهن آسمان ۾ بادلن جا بُرج نڪتل ها ۽ وڄون وراڪا ڏئي رهيون هيون. هاڻي اُپ ۾ لس ئي لس آهي ۽ سامهون مينهن ۾ نم جا وڻ ڪنهن تاثراتي نقش (Impressionist painting) وانگر لڳي رهيا آهن. جڏهن ڪان مان جيل ۾ آيو آهيان تڏهن ڪان ڄڻ آجڪائي ملي وئي آهي. نہ آس نہ نراس، نہ چڱي مني جو پڄ آهي، نہ نفعي نقصان جو انديشو نہ روزگار جو اجگر وات ڦاڙي بيٺو آهي ۽ نہ ذميداري پهاڙ ٻڻجي اڳيان آئي آهي. ڌن دولت، نانءُ نيڪي، ٻار ٻچا، سڀ ڪان ڄڻ مڪتي ملي وئي آهي. هن وقت

سڀ ڪجھ جڻُ پري جو آواز لڳي رهيو آهي، جڻ ان جي ڪائي حقيقت نہ آهي. اڳينءَ نظربنديءَ ٻيري بہ جڏهن سوڀي کي گرفتار ڪري سکر جيل ۾ آندو هيائون، تڏهن هن مون کي جيل ۾ چِھڪندو ڏسي چيو هو "حيرت آهي تہ توتي ڦهرينءَ نظربنديءَ جو ڪو بہ اثر نہ ٿيو آهي. ٻيا تہ قيد ۾ ڦهرئين ٻيري اُباٽڪا تي پوندا آهن."

اڄ الاجي ڇو علامہ اقبال جو هڪ شعر بار بار ياد اچي رهيو آهي. ڪجھ سال اڳ هڪ بينگاليءَ ڇوڪريءَ ڍاڪا ۾ رائيٽرس گلڊ جي اجلاس ۾ علامہ اقبال جو هڪ غزل ڳايو هو ۽ ان مان انهيءَ شعر جون سٽون، جي زبان ۽ موضوع جي لحاظ کان، علامہ جي گهڻي ڪلام کان مختلف هيون، منهنجي هانوَ ۾ ڪافي وقت هُرنديون رهيون هيون. اڄ بہ اهي سٽون ياد اچي رهيون آهن:

*من کی دولت ہاتھ آتی ہے تو پھر جاتی نہیں*
*تن کی دولت چھاؤں ہے آتا ہے دھن جاتا ہے دھن*

ويچارو فيض علامہ اقبال تي دستاويزي فلم ناهي ڦاسي ويو هو. "روزانہ نوائي وقت" ۽ ٻين اخبارن ۾ هن جي خلاف خط شايع ٿيندا ها تہ فيض، لينن ۽ مائوءَ جا فوٽا فلم ۾ ڏئي، علامہ اقبال کي شاعرِ انقلاب ڪري پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي جيتوڻيڪ علامہ اقبال شاعرِ اسلام هو. خود علامہ اقبال جي فرزند ڊاڪٽر جاويد اقبال بہ اهڙو بيان ڏنو هو تہ فلم ۾ علامہ جي پيغام کي پوريءَ طرح پيش نہ ڪيو ويو آهي. مان ڀانيان ٿو تہ فيض تي اعتراض ڪندڙ صحيح هئا. مون کي سجاد ظهير جي ڪتاب "روشنائيءَ" ۾ بہ علامہ اقبال متعلق اهڙا اشارا نہ وڻيا ها. شايد اردوءَ جا اشتراڪي اديب ڄاڻي واڻي علامہ اقبال کي پنهنجو ٿا ڪن يا هنن علامہ جي فلسفي کي سمجهيو ئي نہ آهي. رڳو "اٹھو میری دنیا کے غریبوں کو جگادو" يا "نيست پيغمبر وليکن در بغل دارد کتاب" جهڙيون بہ سٽون علامہ اقبال کي ترقي پسند بڻائي نہ ٿيون سگهن. هو رجعت پسند هو. پڻ اسلامزم هن جو سياسي فلسفو

هو ۽ روميءَ هن لاءِ فيورباخ کان ۽ جمال الدين افغاني لينن کان وڌيڪ معنيٰ رکندو هو. نہ معلوم فيض انهيءَ ککر کي ڪيئن منهن ڏنو ڇو تہ هاڻي انهن جي "يون يون" بنهہ ڪانہ ٿي پڌجي. شايد ان ڪري، جو فيض پاڪستان جي قومي زبان جو لينن انعام يافتہ شاعر آهي، هن جي مخالفت جلد ئي دٻجي ٿي وڃي. مون کي تہ ڇهہ سال اڳ ڇپيل ڪتاب تي هاڻي جيل ۾ وڌو ويو آهي.

مون مٿين سٽ لکي ناشتو ڪيو ۽ هٽلر جو ڪتاب Mein Kempf پڙهڻ لڳس. منجهند جو جيل جو ڊاڪٽر مون لاءِ وٽامن سي جون گوريون کڻي آيو. هو هڪ خوش خلق پنجابي نوجوان آهي ۽ پنهنجي وس آهر مون کي ضروري دوائون موڪلي ڏيندو آهي. هو جنهن وقت آيو ان وقت منهنجو نوٽ بڪ کليل رکيو هو. هن منهنجا سنڌي اکر ڏسي چيو "اوهان جو سنڌي خط تہ ڏاڍو چڱو آهي. سنڌي عربي خط ۾ لکي ويندي آهي ڇا!"

مون چيو تہ "ها، پنجابيءَ وانگر گرمکي لپيءَ ۾ لکي نہ ويندي آهي."

هن وري پڇيو "اوهان ڇا ڇا لکندا آهيو؟"

مون جواب ڏنو "شاعريءَ جي دائري ۾ ساري ڪائنات اچي ويندي آهي."

هن ڪجهہ سوچي چيو "ٻاهر ساهيوال ۾ ڪجهہ آفيسر چون پيا تہ اوهان سنڌ جي خودمختيار حڪومت لاءِ وڙهي رهيا آهيو."

مون جواب ڏنو "مون اجا تائين تہ اهڙي ڳالهہ ڪا نہ ڪئي آهي، نہ وري منهنجن نظربنديءَ جي سببن ۾ حڪومت ڪائي اهڙي ڳالهہ لکي آهي. باقي سنڌ جي صوبائي حيثيت بحال ڪرڻ تي گهڻو ڪري سيئي سنڌي متفق آهيون ۽ پنجاب جي بہ ساڳي صوبائي حيثيت بحال ڪرائڻ چاهيون ٿا."

ان تي هن پڇيو تہ "اوهان کي ڇو ٻڌو اٿائون؟"

مون جواب ڏنو "پشتو جو مشهور شاعر اجمل خٽڪ بہ مون سان

گڏ ساڳئي حڪم هيٺ بڏو هو ۽ بلوچي زبان جو انقلابي شاعر اڳ ئي ساهيوال جيل ۾ ٽي سال ٽيپ ڪاٽي رهيو آهي. انهن کي ڇو بڏو اٿائون؟ مون ڪُل پاڪستان عوامي ادبي انجمن ٺاهي هئي، اُن جي منشور تي جوش، مليح آبادي، فيض احمد فيض، اجمل خٽڪ، گل خان نصير ۽ منهنجا دستخط هئا. جوش ڦري ويو ۽ اخبار ۾ بيان ڏنائين ته "مون دستخط ڪرڻ وقت منشور پڙهيو ئي ڪو نه هو" فيض بچي ويو مان، اجمل ۽ گل خان نصير جيل ۾ آهيون."

ان تي ڊاڪٽر ڪجهه حيرت سان پڇيو "فيض ڇو بچي ويو؟"

مون جواب ڏنو "فيض اردو بيوروڪريسيءَ ۽ پنجابي آرميءَ جو محبوب شاعر آهي، ان ڪري حڪومت هن تي سختي ڪرڻ کان ڪجهه ڇرڪي ٿي. ڪنهن وقت مان سوچيندو آهيان ته جي مان ساڳيون ڳالهيون اردوءَ ۾ لکان ها، جي مون سنڌيءَ ۾ لکيون آهن ته شايد مون تي ڪائي ڪارروائي نه ڪئي وڃي ها. اردوءَ ۾ لکڻ سان ماڻهو Establishment جو حصو ٿيو وڃي، چاهي هو بغاوت ئي ڇو نه ڦهلائيندو هجي."

ڊاڪٽر وري چيو "پتي صاحب چيو پئي ته اوهان سنڌ ۾ مشهور آهيو پر مون ته "مشرق" اخبار ۾ پڙهيو ته لائلپور جي رائٽرس گلڊ اوهان جو نالو وٺي، اوهان جي رهائيءَ جو مطالبو ڪيو آهي."

مون جواب ڏنو "مون کي پوري پاڪستان جا اديب ۽ شاعر چڱيءَ طرح سڃاڻن ٿا ۽ اهو به ڄاڻن ٿا ته منهنجو ادبي درجو ڪهڙو آهي، پر حالتن انهن مان گهڻن جي چيلهه پيچي رکي آهي، هو يا ته وڪامي چڪا آهن يا "مِني به ماٺ مُني به ماٺ" چئي پنهنجو مٿو ڇپايو ويٺا آهن ۽ اسان جي رهائيءَ لاءِ مطالبو نه ٿا ڪن. تازو مون اخبار ۾ پڙهيو هو ته حبيب جالب ۽ لاهور جي ڪجهه ٻين اديبن، پوري پاڪستان جي اديبن کي ان ڏس ۾ للڪاريو آهي. باقي، پاڪستان جو عوام ٻين نظربند ليڊرن سان گڏ، منهنجي رهائيءَ جو به مطالبو ڪري رهيو آهي."

ان تي ڊاڪٽر پڇيو "سنڌ جا اديب بہ اوھان جي رھائيءَ جو مطالبو ڪندا ھوندا؟"

مون جواب ڏنو "جيل ۾ اسان کي فقط لاھور جون اخبارون "پاڪستان ٽائيمز" ۽ "مشرق" ملن ٿيون ۽ انھن ۾ سنڌ جون خبرون ڏاڍيون گھٽ اچن ٿيون. مون انھن ۾ ڪٿي پڙھيو ھو تہ سجاول ۽ ميرپور بٺوري ۾ منھنجي ۽ رسول بخش پليجي جي باري ۾ نعرا ھنيا ويا ھا. جي سنڌ جي انھن دور دراز شھرن ۾ منھنجيءَ آزاديءَ جو مطالبو ڪيو ويو آھي تہ بين شھرن ۾ بہ ضرور ڪيو ويو ھوندو."

مون کي ياد آھي تہ منھنجي اڳينءَ نظربنديءَ جي ڏينھن ۾ سکر پوليس جو "خضر صورت" ايس. پي سکر جيل جي دوري تي آيو ھو ۽ جڏھن ھو منھنجي ڪوليءَ پرسان لنگھيو ھو تہ مون ھن کان پڇيو ھو "حضرت! مون کي جيل ۾ ڇو رکايو اٿيئي؟ مون کي اھو تہ ٻڌاءِ تہ مون تي الزام ڪھڙو آھي؟"

پھرين تہ ھن منھنجي سگار ڏانھن ڏٺو ھو جو مان پي رھيو ھوس ۽ جنھن جي ڊڄ تماڪوءَ جو دونھون ھن بد ذوق کي نہ وڻيو ھو ۽ پوءِ ڪجھہ رکائيءَ سان چيو ھيائين." مون تنھنجو فائيل پورو نہ ڏٺو آھي. فلاڻي آفيسر چيو ٿي تہ تو وٽ بہ ھندستاني اديب (اُتم ۽ سندري) اچي رھيا ھا ۽ اُھي ٻئي ڪميونسٽ ھئا."

"انھيءَ فلاڻي آفيسر کان تہ منھنجي حجام کي گھڻو عقل آھي. انھيءَ کي ڪھڙي خبر تہ ڪميونسٽ ڇا ٿيندو آھي؟"

ھو ٽپي ٽامو ٿي ويو ھو ۽ ڏند ڪرٽي چيو ھيائين، "تنھنجو دماغ خراب آھي."

ڏند مون بہ ڪرٽيا ھا ۽ سگار ڪپجي ھيٺ ڪري پيو ھو.

"Neanderthal" ، مون آرٿر ڪوئسلر وانگر جبرندي چيو ھو "Neanderthal, Neanderthal"*

---

* Neanderthal. آڳاٽي پٿر جي دور وارو انسان

## 12 ڊسمبر

اج پڻ ڪڪڙي دانهن، واڍوڙڪي منهين
ويچ ورائي ٻانهن، چوري، چاڪ نهاريان

اج روزاني ”مشرق“ ۾ هيءَ خبر آئي آهي:

”لاهور_11 ڊسمبر:

لاهور جي اديبن، شاعرن ۽ دانشورن منگل تي اظهار خيال ۽ تحرير جي آزاديءَ جي حق ۾ هڪ جلوس ڪڍيو. اهو جلوس ساڍي 3 بجي چيئرنگ ڪراس کان شروع ٿيو. اڳ ۾ حبيب جالب پنهنجا نظم پڙهيا ۽ ان کان پوءِ جلوس احمد نديم قاسميءَ، حبيب جالب ۽ حنيف رامي جي قيادت ۾ چيئرنگ ڪراس کان مال روڊ، انارڪليءَ، سرڪيولر روڊ، ڀاٽي دروازي، بازار حڪيمان کان ٿيندو علامہ اقبال جي مزار تي وڃي ختم ٿيو. جلوس ۾ هڪ هزار کان وڌيڪ ماڻهن شرڪت ڪئي. جلوس پرامن هيو ۽ ڪنهن بہ قسم جا نعرا نہ هنيا ويا. جلوس ۾ شريڪ ٿيندڙ قلم 144 جي لاڳو هجڻ سبب، ٽن ٽن ماڻهن جي ٽولين ۾ ورهائجي ويا ها. انهن مختلف ”پلي ڪارڊ“ ساڻ کنيا ها، جن تي ”قلم جي آزادي بحال ڪريو“، ”سچ آکيان ڀانبڙ مچي“، ”سياسي رهنمائن کي آزاد ڪريو“، ۽ اخبارن جي آزاديءَ جي باري ۾ نعرا لکيل ها. جلوس ۾ شامل ماڻهن کي چيئرنگ ڪراس، چوڪ انارڪلي، چوڪ لوهاري دروازي، چوڀاٽي دروازي ۽ بازارِ حڪيمان ۾ هار پاتا ويا ۽ جلوس ۾ شامل ماڻهن وڃي علامہ اقبال جي مزار تي فاتحہ خواني ڪئي ۽ صلح سانت سان ٽڙي پکڙي ويا.“

اهو بہ چڱو ڀلي ڀاڻ آئي، سا بہ نہ ڀلي. پر ڏسجي تہ اهو اظهار

خيال جي آزاديءَ جو حق اجمل خٽڪ، گل خان نصير ۽ مون کي ٻه آچن ٿا يا نه! آڪٽوبر 1969ع ۾ نيشنل عوامي پارٽيءَ سنڌ جي شهر شهر ۾ جلسا ڪيا ها. جتي اجمل خٽڪ سنڌ تي پنهنجو پشتو نظم پڙهيو هو جنهن ۾ ڀٽائيءَ ۽ مون کي سنڌ جي ثقافت جو روح ڪوٺيو هيائين، جنهن تي اردو دان طبقا مچرجي پيا ها. لاهور ۽ ڪراچيءَ جي اردو پريس ڪيتري وقت کان مون تي ۽ سائين جي .ايم. سيد تي ٻگڙي وڄي آهي ۽ روز اسان جي خلاف هڪ نه ٻيو شوشو ڇوڙي رهي آهي. ڏهه ٻارنهن ڏينهن اڳ ڪنهن ڇوڪري ياسمين سنڌيءَ جي نالي ۾ هڪ خط ڪراچيءَ جي اردو اخبار ”حريت“ ۾شايع ٿيو هو جنهن ۾ مذهب جي خلاف لکيو ويو هو شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ ۽ جي. ايم سيد کي سلام ڪيو ويو هو ۽ وڏيڪ چيو ويو هو ته سنڌي ڇوڪرين پاڻ ۾ فيصلو ڪيو آهي ته آئنده پنهنجن ٻارن جا نالا راڄ' ڏاهر، هوشوءَ، هيمون ڪالاڻيءَ ۽ شيخ اياز جي نالن تي رکنديون. اهو خط ”حريت“ تان روزنامي ”مشرق“ ورتو ۽ وڏي سرخيءَ سان شايع ڪري لکيو ته ڪي سنڌي، مسلم قوم جي دل آزاري ڪن ٿا! ٻئي ڏينهن تي سرڪاري پريس ۾ نوٽ شايع ٿيو ته اهو خط جعلي آهي ۽ ياسمين سنڌيءَ نالي ڪا به ڇوڪري حيدرآباد ۾ پڙهندي نه آهي. پر انهيءَ ساري هنگامي جو نزلو مون تي ڪريو ۽ ساهيوال جيل جا سڀ آفيسر مون تي ڪاوڙجي پيا ۽ مون کي راجا ڏاهر جو سئنا پتي سمجهڻ لڳا.

حيرت آهي ته مان ڪُل پاڪستان رائيٽرس گلڊ تي سنڌي زبان جو اڳ ٻه چار سال سنڌي نمائندو ٿي رهيو آهيان ۽ هاڻي ٻه ٻن سالن لاءِ نمائندو چونڊيل آهيان، پر پوءِ به رائيٽرس گلڊ جي مرڪز طرفان منهنجيءَ رهائيءَ لاءِ ڪو به بيان شايع ڪو نه ٿيو آهي! ممڪن آهي ته ڪراچيءَ جي اخبارن ۽ سنڌي اخبارن ۾ آيو هجي.

مون مٿيون سٽون لکي پوريون ڪيون ته ”امروز“ اخبار ملي، جنهن ۾ ساڳي خبر هيٺينءَ ريت ڏنل آهي:

”لاهور جي تاريخ ۾ پهريون اديبن جو جلوس، لاهور. 11 ڊسمبر

ڪلهه لاهور جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو شهر ۾ رستن تي عوامي مطالبن جي تائيد ۾ اديبن خاموش جلوس ڪڍيو. جلوس ۾ ڪيئي جهنڊا ۽ پلي ڪارڊ کڻي ٿي ويا. جن تي هن قسم جا ڪيئي نعرا لکيل هيا. "بنيادي حق بحال ڪريو" "اردوءَ ۽ بنگاليءَ کي انهن جو صحيح مقام ڏيو" "شيخ اياز، اجمل خٽڪ، گل خان ۽ شورش ڪشميريءَ کي آزاد ڪريو". "پنجابي زبان پنهنجي صحيح مقام جو مطالبو ڪري ٿي"، "اظهار خيال جي آزادي اسان جو بنيادي حق آهي"، "اديب ۽ شاعر عوام سان آهن"، "يونيورسٽي آرڊيننس منسوخ ڪريو"، "پاڪ- چين دوستي زنده باد"، جلوس وارن کي ماڻهن رستي تي ڏاڍا هار پارايا.

مٿين خبر ڏاڍي حوصلہ افزا آهي. بهتر ايئن ٿئي ها تہ پنجابي زبان سان گڏ، سنڌيءَ، بلوچيءَ ۽ پشتو جي باري ۾ بہ ساڳيا مطالبا ڪن ها. پر جاڪاڻ جو اهو پنجاب جي اديبن جو مطالبو هو تنهنڪري انهن تي مہار نہ آهي.

ڪيترو وقت ٿيو تہ مون هڪ ڪتاب Aesthetic Adventure پڙهيو هو جنهن ۾ "فن براءِ فن" جي نظريي جي پوري تاريخ ڏني وئي هئي. پئرس جي ڪنهن ريسٽوران ۾، جتي ميز ميز تي موم بتيون پنهنجي روشني ڦهلائي رهيون هيون ۽ وئشيائون پنهنجن ٻتونئن وارن کي جهٽڪا ڏئي، انهن جي سستي تيل ڦليل جي خوشبو ڦهلائي رهيون هيون. جا گانجي سان ڀريل سگارن جي دونهين سان ملي، فضا ۾ الف ليليٰ جي ڪيفيت پيدا ڪري رهي هئي. اُتي فرانس جي شاعر بودليئر پنهنجي فن جو نظريو ظئي ڪيو هو. هن انسان ذات جي هر مسئلي کي ٽُڏي، پنهنجي الڳ دنيا ٺاهي هُئي، جنهن ۾ آفيم هو مراڪش کان ايندڙ حشيش هئي، ڪجهہ ڪامڻيون هيون. جن سان هن جي پريت اڏوري رهجي وئي هئي ۽ هن جي انهيءَ دنيا جي چوڌاري انسان ذات هئي، جا نيچ هئي، پاپي هئي ۽ ڪنهن ڏائڻ وانگر پرائو هنيانءُ کيڻ لاءِ آئي هئي ۽ جنهن جون آڱريون رت ۾ ٻڏل هيون ۽ جنهن جا چراخ جيڏا ڏند شاعر جي ماس ۾ کتل هئا. آفيم ۽ حشيش بودليئر کي نهوڙي

نيو هو ۽ موت تائين هو پنهنجي پاپ ۽ پيڙا تي سوچيندو رهيو هو ۽ اُنهيءَ شاعريءَ جي تخليق ڪئي هيائين، جنهن تي ”فن براءِ فن“ جو نظريو ٻڌو ويو آهي. بودليئر جو اثر انگلنڊ ۾ انگريز مصور وسلر (Whistler) ۽ ڊرامانگار ۽ شاعر آسڪر وائيلڊ تي ٿيو هو. آسڪر وائيلڊ آفيم ۽ حشيش بدران چوڪري بازيءَ ۽ شراب نوشيءَ ۾ فرار ڳوليو هو ۽ هن جي عبرت ناڪ انجام جي پوريءَ دنيا کي خبر آهي. وسلر ۾ ڪهڙيون ڪمزوريون هيون، ان جي باري ۾ مون ڪٿي نہ پڙهيو آهي، پر مون کي هن جي ٿيمس نديءَ جي تصوير ياد اچي رهي آهي، جنهن ۾ پن جھڪي بہ آهي ۽ جنهن جي ماورائي ڪيفيت مون کان اڃا نہ وسري آهي.

فرانس ۾ بودليئر جي پوئلڳ رامبوءَ شاعر ورلين سان ناجائز تعلقات رکيا، ٻنهي حشيش ۾ فرار ڳوليو ۽ نيٺ رامبوءَ ورلين کي پستول جي گولي هٽي جان ڇڏائي، ۽ آفريڪا ۾ پنهنجي روزگار لاءِ غلام وڪٽندي ۽ حبش جي باغين کي بنا اجازت هٿيار مهيا ڪندي، بيمار ٿي پيو ۽ فرانس ۾ پنهنجي ڳوٺ ۾ موٽي آيو. جتي هو ڇُڙي چيڪي مير ويو.

رامبوءَ شاعريءَ ۾ علم الڪيميا (Alchemy) مان استعارا کنيا ۽ جيتوڻيڪ بودليئر کان پوءِ هو فرانس جو وڏي ۾ وڏو شاعر سمجهيو وڃي ٿو هن جي شاعري اڃا تائين ڪنهن کي پوريءَ طرح سمجهہ ۾ نہ آئي آهي. ليڪڪا اينڊ اسٽارڪيءَ (Enid Starkie) ٻنهي جون نهايت دلڪش سوانح عمريون لکيون آهن. هن انهن ٻنهي غير معمولي شاعرن تي نهايت همدرديءَ سان لکيو آهي. مون اهي سوانح عمريون پڙهي محسوس ڪيو هو تہ فرانس جا هي بہ وڏي ۾ وڏا شاعر، جيڪڏهن پنهنجون زندگيون بدلائي سگهن ها ۽ فرانس جي آفريڪي بينڪن ۾ جنتا جي پيڙا محسوس ڪري، انهن جي آجڪائيءَ لاءِ قيت کائن ها تہ انهن جي ذات ڏهوٽي وڏيڪ جرڪي پوي ها. مون ساڳي ڳالهہ آسڪروائيلڊ ۽ وسلر، آمريڪا جي شاعر ۽ ڪهاڻيڪار ايڊ گرايلن پو ۽ اردو شاعر ميراجيءَ جي باري ۾ محسوس

ڪئي آهي. جي اهو فرض ڪجي ته ماياڪووسڪي، ناظم حڪومت، پبلونرودا ۽ فيض احمد فيض ۾ ذات اُنهيءَ چوٽ تي پهتل نه آهي، جتي بودليئر ۽ رامبو جا پيرا نظر اچن ٿا، تڏهن به انهن جي ڀيٽ ۾ بودليئر ۽ رامبو خسيس انسان ها، جن جي روح ۾ فقط ڪيڙا چُرندا نظر اچن ٿا ۽ جن جي فن جو ڪمال فقط اهو آهي ته پنهنجي روح جي غلاظت جي باوجود، هو فن کي حسن ڏئي سگهيا آهن. اجا تائين ”فن براءِ فن“ جو نظريو نوان نوان ٻهروپ ڪري اچي ٿو ۽ جتي جتي عوام پنهنجي سياسي يا اقتصادي آزاديءَ لاءِ جان جي بازي لڳائي رهيا آهن، اتي نه فقط خود غرض اديب انهيءَ نظريي جي اوٽ وٺن ٿا، پر سامراجي، بورجوازي، آمر وغيره مصلحت انهيءَ ۾ سمجهن ٿا ته ادب ۽ فن ۾ اهڙي نظريي کي همٿايو وڃي. فرانسيسي اديب ڪاڪشوءَ کان ڪنهن پڇيو ته ”جي ڪنهن ڪمري ۾ آگ لڳي ۽ ڪمري ۾ اندر هڪ ابهم ٻار ۽ هڪ خوبصورت بُت هجي ۽ توکي رڳو ايتري فرصت ملي، جو ٻنهي مان فقط هڪ ڪڍي سگهين ته تون جيڪر ڇا ڪڍين؟“ ڪاڪشوءَ جواب ڏنو ”مان جيڪر آگ ڪڍان.“ جواب ۾ شوخي ته آهي، پر ان ۾ بي پروائي به ذلالت جي حد تائين آهي.

اڄڪلهه لاهور ۽ ڪراچيءَ جا ڪيترائي اردو شاعر ”ادب براءِ ادب“ جو نظريو اپنائي، ميرتقي مير جي روايت ۾ پناهه ڳولي رهيا آهن ۽ پنهنجيءَ ذميداريءَ تي اکيون ٻوٽي، اسان جي جدوجهد کان ڪٽائي رهيا آهن. مون هميشه سوچيو آهي ته ذات وويڪ، جو ڪوٺاريءَ ۾ جرڪي، سچو سون تي نڪري ٿي ۽ جو به شاعر ۽ اديب، حق ۽ انصاف جي لڙائيءَ کان ڪيٻائي ٿو اهو اُهي انمول اُڏما گنوائي ٿو ڇڏي، جي رچنا کي امر ڪري سگهن ٿا. اڄ انهيءَ ڪري اردو ادب ۾ رڙورڙ لڳي پئي آهي ته ادب ۾ چوڏاري جمود آهي. اسان سنڌي، جن ڀٽائيءَ جو پيغام ”جي تون فارسي سڪئين، گولو تون غلام“ اپنايو آهي، سي ڪجهه سالن ۾ اُهو پائي، سگهيا آهيون، جو سنڌ کي گذريل ٻه سئو سالن ۾ پلئه نه پيو هو. شال، اردو ادب ۾ به ساڄهه اچي ۽ پنهنجي ترقي پسند دور واريون روايتون زنده رکي!

## 14 ڊسمبر

اڄ ملڪ صاحب واري پاسي کان شور آيو. مون کن ڏنو تہ ملڪ صاحب ڪنهن کي چئي رهيو هو تہ "مان بري ٿي ويو آهيان." مون آواز ڏنو "ملڪ صاحب، ڪير بري ٿي ويو؟" ملڪ صاحب چيو "اوهان کي مبارڪ هجي. مون کي هاءِ ڪورٽ ڇڏي ڏنو. بس، هتان نڪران تہ اوهان لاءِ گهڻو ڪجهہ ڪندس."

ٿوريءَ دير کان پوءِ جمعدار در کولي مون وٽ آيو. هن جي هڪ هٿ ۾ رضائي هئي ۽ ٻئي ۾ ڪانيون. هن اچڻ سان چيو تہ "ملڪ صاحب، بري ٿي ويو. مون کي هيءَ رضائي (سوڙ) ڏني اٿائين ۽ هي جيل جي راشن واريون ٻچيل ڪانيون اوهان لاءِ موڪليون اٿائين."

مون هن کي چيو "ملڪ صاحب توتي ڪافي سخا ڪئي آهي!"

هن جواب ڏنو تہ "اڄ ٻارهين بجي مون کي ملڪ صاحب چيو هو تہ مان هن جي رهائيءَ لاءِ خدا جي درگاهہ ۾ دعا ڪو نہ ٿو پنا، جنهن تي مون ٻئي هٿ دعا جا مٿي ڪري چيو "يا رب العزت! هن کي رهائي ڏي" منهنجي دعا اگهامي وئي ۽ هڪ بجي ريڊيو تي ملڪ صاحب جي رهائيءَ جو اعلان آيو. ملڪ صاحب خوش ٿي مون کي هيءَ رضائي بخشيش ڏني."

مون هن کي چيو تہ "تون منهنجي لاءِ بہ دعا گهر تہ مان سپاٽي رها ٿي وڃان. جي تنهنجي دعا مستجاب ٿي تہ مان توکي پنهنجو پورو بسترو ڏيندس، پر جي منهنجي رهائيءَ ۾ دير پئي تہ توکي اها رضائي منهنجي مشقتيءَ کي ڏيڻي پوندي."

هو انهيءَ ڳالهہ تي راضي نہ ٿيو.

ساڳي آرڊر هيٺ گرفتار ٿيل پندرهن سياسي نظربندن مان پنج آزاد ٿي چڪا آهن. باقي ڏهن مان رڳو آءٌ ۽ پيٽو صاحب ساهيوال جيل ۾ آهيون. جيل کان ٻاهر مان هن کان دور رهيو آهيان. الاجي ڇو تقدير اسان کي بند ۾ هڪ هنڌ آندو آهي. ڪالهه ٽيٽمڪڙي چيو "پيٽي صاحب اوهان لاءِ سلام ڏنا آهن ۽ هي شيون به ڏنيون اٿائين." مون پيٽي صاحب جي موڪليل ٿيلهي کولي ڏٺي ته ان ۾ پستا، باداميون ۽ ڪشمش، ٻه پئڪيٽ بسڪوٽن جا ۽ ولايتي دٻن ۾ بند مڇي هئي. مون وٽ ميز تي Heine, the poet in revolt رکيو هو جو پيٽي ڪتابن سان گڏ انيس آندو هو ۽ سي. آءِ. ڊي وارن ڪجهه ڏينهن رکي، مون کي ڏنو هو. مون اهو ڪتاب ميز تان کڻي ٽيٽمڪڙي کي ڏنو ۽ هن کي چيو "هي منهنجي پاران پيٽي صاحب کي ڏجانءِ ۽ هن کي چئجانءِ ته جي تقدير ۾ آهي ته رهائيءَ کان پوءِ ضرور ملنداسين."

نظرياتي اختلاف پنهنجيءَ جاءِ تي، باقي پيٽي صاحب جي عزم ۽ استقلال مون کي بيحد متاثر ڪيو آهي، ڪنهن ڄاتو آهي ته تاريخ جي بطن ۾ ڇا آهي!

15 ڊسمبر1968ع

اڄ اخبار ۾ پيپلزپارٽيءَ جي حيات محمد خان ۽ امان الله خان جون فتوائون آيون. پهرئين کي رها ڪيو ويو ۽ ٻئي جي درخواست خارج ڪئي وئي.

ڪالهہ شام جو ڪراچيءَ مان ٻُڍيءَ جي 10 تاريخ تي ڪيل تار پهتي تہ منهنجي رٽ پٽيشن سماعت لاءِ منظور ٿي آهي. تارون ۽ خط پهرين جيل تي پهچن ٿا، جتان سي. آءِ. ڊي وارن ڏانهن سينسر ڪرڻ لاءِ موڪليا وڃن ٿا ۽ ان ڪري اسان تائين دير سان پهچن ٿا.

منهنجو ۽ مون سان ساڳي آرڊر هيٺ گرفتار ڪيل باقي سَتن نظربندن جو فيصلو رهيل آهي، جن مان ٻُڍي صاحب ۽ خان ولي خان جي شنوائي 8 جنوريءَ تي رکي وئي آهي، ڇو تہ هاءِ ڪورٽون 19 ڊسمبر کان 7 جنوريءَ تائين ناتال جي موڪلن سبب بند آهن. مان ڀانيان ٿو تہ منهنجي درخواست بہ جنوريءَ ۾ ڪجندي ۽ نہ فقط عيد، پر ناتال بہ جيل ۾ گذارڻو پوندو. هن ڀيري مون ناتال ڪوه مريءَ جي برفباريءَ ۾ گذارڻ جو خيال ڪيو هو پر ڇا ڪجي.

سور بہ ڀَتو ڀَت، هي ڇُڻڪيو ڪي ڀيو.

ٻُڍي صاحب جي مهرباني آهي، جو جيل جي اختياريءَ وارا ريڊيو ٻُڍي صاحب ۽ منهنجي وارڊ جي وچ واريءَ ڀت جي مٿان ڪپائي ويا آهن. پهرين هنن ٻُڍي صاحب کي ريڊيو نہ ٿي ڏنو جنهن تي اخبارن ۾ شڪايتون آيون هيون. ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ حڪومت ٻُڍي صاحب کي ريڊيو ڏيڻ جو فيصلو ڪيو هو پر جڏهن جيل جي اختياريءَ وارن ريڊيو هن جي وارڊ ۾ رکيو تہ ٻُڍي صاحب ان کي زور سان لت هڻي،

تڪرا تڪرا ڪري چڙيو ۽ چيائين، ”ريڊيو ڇا ڪبو؟ هونءَ بہ ايوب خان ريڊئي تي ڪوڙيون خبرون ڏئي رهيو آهي، رهي بي. بي. سي، سو اها اڄ نہ سڀان خبر ڏيندي تہ ايوب خان صدارت جي عهدي تان استعيفيٰ ڏني.“ ٻئي ڏينهن تي جيل جي وچينءَ پٽ تي ريڊيو هٽي ويا، جتان مان ۽ پنو صاحب، ٻئي خبرون ٻڌي ٿي سگهياسين.

پنو صاحب جي شخصيت ڪرشمہ ساز آهي، جو بہ جيل جو آفيسر هن سان مليو ٿو اهو هن جي عظمت جو قائل ٿي وڃي ٿو ۽ دل ئي دل ۾ چاهي ٿو تہ پنو اقتدار ۾ اچي. نہ رڳو ايترو پر آفيسرن مان ڪي تہ هن سان عقيدت جو کلم کلا اظهار ڪن ٿا.

## 16 ڊسمبر

اڄ "پاڪستان ٽائيمز" ۾ هيءَ خبر آئي آهي

"سنڌي ٻوليءَ جي اٽڪل پنجاهه شاعرن ، اديبن ۽ عالمن حيدرآباد ۾ جلوس ڪڍيو. جلوس ڪي فقط سنڌي ادبي سنگت جي ٽيڪ هئي. مهراڻ ادبي سنگت" ، "تحريڪ تعمير ادب"، "بزم تعمير ادب" ۽ "سنڌي ادبي سوسائٽي" جلوس جو بائيڪاٽ ڪيو.

سنڌ يونيورسٽيءَ ۽ ڪيترن ئي مقامي ڪاليجن جي شاگردن هڪ پرامن جلوس ڪڍيو ۽ شيخ اياز رسول بخش پليجي ۽ ٻين سياسي نظربندن ۽ رهنمائن جي رهائيءَ جو مطالبو ڪيو"

مون مُرڪي سوچيو تہ سچي نئين سنڌ اسان سان آهي. جڏهن مون سنڌي ادب ۾ انقلاب جي شروعات ڪئي تڏهن مون کي ڪنهن چيو هو "طوطي جو آواز نقارخاني ۾ ڪير ٻڌندو! مون جواب ڏنو هو تہ "مان نقاره خانو ئي ٽو ڊاهيان."

اڄ نقاره خانو ڊهي چُڪو آهي ۽ اُن جون ڏمالون ڏوڙ ۾ پيون آهن. منهنجو آواز سنڌ جي ڪُنڊ ڪڙڇ ۾ پهچي چڪو آهي. رڳو چار رجعت پرست حلقا، جي گهر کان ٻاهر تہ ٻڙڪ نہ ٿا ٻاڦي سگهن. ٻہ چار اخباري بيان ڇپائي دل جي باهہ مارن ٿا.

ڪجهہ سال اڳ جڏهن حيدرآباد جي ڊپٽي ڪمشنر منهنجي شهر نيڪاليءَ جو آرڊر ڪيو هو ۽ پوليس مون کي وٺڻ ۾ ڪوٺڙيءَ چڙهڻ ٿي وئي، جتان مون کي سکر هليو وڃڻو هو مون ربانيءَ ۽ مولانا گراميءَ کي چيو هو "اڄ کان سنڌ جي قومي تحريڪ شروع ٿي، اڄوڪي ڪنيل قدم لاءِ ايوب خان جي حڪومت ۽ سنڌ دشمن

بيوروڪرسيءَ ڪي سخت پڇتاڻو پوندو. هي سڀ مري مٽي ٿي ويندا ۽ انهن جو نظام انهن سان گڏ دفنائجي ويندو، منهنجي شاعري زنده رهندي. اڄ تائين مقابلي ۾ عقاب جون اکيون ڪوئي ڪڍي نه سگهيو آهي.“

## 17 ڊسمبر

اڄ صبح جو 9 بجي جمعدار ٻڌايو تہ منهنجو پٽ انيس ملاقات لاءِ آيو آهي، مون کي الڪو ٽي ٻيٺو آهي تہ الاجي ايترو جلدي ورِي چار سئو ميل مفاصلو طئي ڪري ڇو آيو آهي! مون تڙ تڪڙ ۾ ڏاڙهي ڪوڙي، ڪوسي پاڻيءَ سان وار ڌوتا ۽ فل سوٽ پاتو تہ جيئن هو اهو سمجهي دل نہ لاهي تہ مون کي جيل ۾ تڪليف ڏني وئي آهي. اڍائي ڪلاڪ انتظار ڪندي، مون وارڊ جي اُس ۾ چڪر ڏنا. ساڍي يارهين بجي جمعدار چمڙي جون ٻہ بئگون کڻي آيو ۽ چيائين تہ ”تنهنجي پٽ هڪ بئگ وارو سامان هاڻي آندو آهي. ٻيءَ بئگ ۾ اڳئين پيري ڪتاب آندا هيائين، جي سپرنٽينڊنٽ جيل جي ڊي. ايس. پي. سي. آءِ ڊيءَ ڏانهن تپاس لاءِ موڪليا ها، جن مان ڪجهہ ڪتاب توکي اڳ ئي ملي چُڪا آهن.“

مون هن کان پڇيو ”منهنجي پُٽ جي ملاقات جو ڇا ٿيو؟“

جواب ۾ چيائين تہ ”سپرنٽينڊنٽ تنهنجي ملاقات لاءِ سي آءِ ڊي وارن کي فون ڪيو پر هو ساڍي يارهين بجي اچي نہ سگهيا. تنهنجي پُٽ کي ڏينهن واريءَ گاڏيءَ ۾ موٽي وڃڻو هو ۽ ان ڪري هو وڌيڪ ترسي نہ سگهيو.“

مون ڪاوڙ ۾ ڏند پيڪوڙيا ۽ ڇپن مان رت نڪري آيو. سارو ڏينهن طبيعت اُداس رهي. شام جو پٽيءَ جو خط مليو جنهن ۾ لکيو اٿائين تہ ”رٽ پٽيشن سماعت لاءِ منظور ٿي. پيرزادي بہ چڱي مدد ڪئي. بروهي صاحب رمضان جي پوئين هفتي ۾ عمري لاءِ وڃي رهيو آهي، جتان هو جنوريءَ جي پهرئين هفتي ۾ موٽي ايندو ۽ چيو اٿائين تہ

تنهنجي ڪيس جي جنوريءَ جي ٻئي هفتي ۾ تاريخ ورتي وجي. چنچر ڏينهن قادر هتان ڪراچيءَ ويندو ۽ هاءِ ڪورٽ ۾ درخواست ڏيندو تہ توکي ڪراچي جيل ۾ منتقل ڪيو وڃي ۽ توکي حاضريءَ تي عدالت ۾ گهرايو وڃي. هتي سڀ ٺيڪ آهي، استاد. متان دل لاهين! وڏيڪ سُک. جيئي سنڌ."

"جيئي سنڌ" هيٺان ڳاڙهي ليڪ ڏنل آهي، جا مان ڀانيان ٿو تہ خط سينسر ڪرڻ مهل ڏني وئي آهي. خط ۾ ذڪر ڪيل قادر (عبدالقادر صديقي)* سڪر جو نهايت ذهين وڪيل آهي ۽ منهنجي پياري دوست مرحوم جمال صديقيءَ جو ڀاءُ آهي. هن جو انگريزي ادب جو ڏاڍو چڱو مطالعو آهي ۽ هن جو سياسي شعور بہ پختو آهي.

مون رشيد ڀٽيءَ کي ياد ڪري دل ۾ چيو "مون کي ڀؤ هو تہ جنگ ۾ هاٿي ٿهي، ڀڄي ويندو پر هي تہ سونڊ ورائي سلام ڪري رهيو آهي!"

اوچتو ڇت ۾ ٻن ٽڙڪيل سرن تي نظر پئي آهي. مان سوچان ٿو تہ اهو ضروري تہ نہ آهي تہ انهن مان ڪائي سرَ منهنجي مٿي تي ڪري پر ڪيئن چئجي!

---

* عبدالقادر صديقي هن وقت (1986ع ۾) سنڌ گورنمينٽ ۾ لا سيڪريٽري آهي.

## 18 ڊسمبر

اٽڪل ٻه مهينا ٿيا آهن ته مون شعر جي هڪ سٽ به نه لکي آهي. پنهنجا اڳيان شعر ياد اچن ٿا ته ائين ٿو لڳي ته اُهي ٻئي ڪنهن لکيا آهن. ڪنهن وقت منهنجي ادبي زندگيءَ ۾ ائين ٻٽ اچي ويندي آهي جو مون کي پڪُ ٿيندو آهي ته ڪٿي شاعري مون کي ڇڏي نه وڃي. پوءِ وري ڪائي ڪيفيت هوا جي جهلڪي وانگر ايندي آهي ۽ جي شعر جي هڪڙي ٻه چڱي سٽ جُڙي ويندي آهي ته مان اُها بار بار دهرائيندو آهيان ۽ ڪنهن ڪنهن وقت اُها ڪيفيت وڃ، واءُ، طوفان وانگر ٿي ويندي آهي ۽ سٿون وڏ ڦڙي وانگر وسنديون آهن. هڪ نظم لکي پورو ڪندو آهيان ته ٻيو ڊوڙندو ايندو آهي ۽ جڏهن لکي ٿڪبو آهيان، تڏهن هڪ يلغار ڪيل واقعي وانگر ڊهي پوندوآهيان. عجيب آهي اها ڪيفيت جڏهن زندگيءَ جا سڀ زنجير ٽٽي پون ٿا ۽ روح زمان ۽ مڪان جي قيد مان آزاد ٿي وڃي ٿو.

مون کي اڳ به جڏهن جيل ۾ وڏو هٿائون، تڏهن ڪيترائي ڏينهن مون هڪ سٽ به نه لکي هئي. هڪ رات مان بلئڪ آئوٽ ۾ ڪوليءَ جي ٻاهران تالي لڳل جهنگلي جي پرسان وينو هوس ته رات جا ٽي لڳي ويا ها. ٻاهر چانڊوڪي هئي ۽ وارڊ ۾ سُن لڳي پئي هئي. جيل جا چوڪيدار به گهيرٽ ڪائي رهيا ها ۽ انهن جون هڪلون ٻڌڻ ۾ نه ٿي آيون. اُن وقت اهو غزل "ٻي موت مٿا، تو لاءِ ڪُنا انسان هزارين مان نه رڳو" ڪنهن اوچتيءَ وڄ وانگر آيو هو ۽ مون ڪوليءَ ۾ چڪر ڏئي اهو غزل بار بار دهرايو هو جيستائين ٻاڪ ٿي وئي هئي. جو به نظم يا غزل وغيره منهنجي من ۾ ان ريت جُڙي ويندو آهي، اهو مون کي چڱيءَ طرح

ياد رهندو آهي ۽ مان ان کي ٻه چار مهينا پوءِ حافظي سان دهرائي سگهندو آهيان.

مان ڪنهن وقت سوچيندو آهيان ته مان پيدائشي شاعر آهيان. جڏهن منهنجي عمر يارنهن سال هئي ۽ مان ڪيئل داس فانيءَ وٽ پهرئين درجي انگريزيءَ ۾ پڙهندو هوس تڏهن مون پهريون غزل لکيو هو جو مهيني ڪان پوءِ "سدرشن" رسالي ۾ ڇپيو هو. اهو رسالو منهنجي دوست هوندراج "داس" ڪڍيو هو جو اُن وقت ٻي درجي انگريزيءَ ۾ پڙهندو هو ۽ مان ڀانيان ٿو ته ڀارت جي مشهور وڪيل رام ڇيٺملاڻيءَ جو ڪلاس فيلو هو. "سُدُرشن" جا ٻه چار پرچا ڪڍي داس ڪراچيءَ هليو ويو هو جتي ڪجهه سالن ڪان پوءِ روزاني "سنسار سماچار" جو سب ايڊيٽر ٿيو هو ۽ اُن ۾ "ڪٽڙ ڪبيتي" جي فرضي نالي سان مزاحيه ڪالم لکندو هو.

"سُدرشن" ۾ شايع ٿيل منهنجي غزل جي تخليق به هڪ عجيب تجربو هئي. انهن ڏينهن ۾ مون شڪارپور جي جماڻي هال لئبريريءَ مان سوامي رام تيرٿ *جون اردوءَ ۾ ڇپيل ڊائريون پڙهڻ لاءِ ورتيون

* **سوامي رام تيرٿ:** هندستان جو مشهور ويدانتي، جنهن جمنا ۾ ٽپو ڏئي آپ گهات ڪيو هو. هن جي آپ گهات علامہ اقبال کي ايترو متاثر ڪيو هو جو هن ان موضوع تي هڪ نظم لکيو هو جو "بانگي دار" ۾ شايع ٿيل آهي. مون به هن جي آپ گهات تي نظم لکيو آهي. "جو وجون وسڻ آئيون" ۾ شايع ٿيل آهي.

**ڪيئل داس فاني:** منهنجو ماستر به هو ۽ شاعريءَ ۾ استاد به هو. هو اجا حيات آهي ۽ هن جي عمر 75 ۽ 80 سالن جي وچ تي آهي. 10 ڊسمبر 1985ع تي هن ڀوپال مان شڪارپور ۾ مسٽر انور فگار هڪڙي کي خط ۾ هيٺينءَ ريت لکيو آهي:

"منهنجون منزلون: 01 صوبائي حڪومت جي ادبي اڪاديميءَ جو وائيس پريزيڊنٽ آهيان جنهن جو پرزيڊنٽ وزيراعليٰ آهي.

2. مرڪزي ادبي اڪاديميءَ جو ميمبر آهيان.
3. ڪنوينر سنڌي ٽيڪسٽ بوڪ ڪاميٽي.
4. آل انڊيا ريڊيو جو گائڪ ۽ گيت ڪار.
5. انٽر ڪاليج جواج تائين پرنسپال رهندو آيو آهيان.

شيخ اياز کي منهنجي ياد ڏياري ٻي ڪا ميار نه ڏيندا. ٻڍو اٿم ته هو پنهنجن پورن ۾ پورو آهي.

ڏاڻيءَ جي رحمت شال منهنجن مارن تي قربن سان وسندي رهي! ڪيئل داس بيگواڻي

هيون، جن ۾ رام تيرٿ جي زندگي ۽ اُن جا مشاهدا ڏنل هئا. انهن ڊائرين ۾ نظير اڪبر آباديءَ جا ڪجهه مخمس ”کوڑی نہ رکھ کفن کو“ وغيره به شامل هئا ۽ ٻين جا ڪجهه غزل به اتاريل هئا. مون اهي ڊائريون چوويهه ڪلاڪ ساندهه پڙهيون هيون ۽ مون کان کاڌو پيتو وسري ويو هو. اها ڪيفيت اچا طاري هئي ته اوچتو مون کي هڪ غزل سجهي آيو هو جنهن ۾ به تي لفظ اُن غزل جا هئا جي مون سوامي تيرٿ جي ڊائرين ۾ پڙهيا هئا. اُن وقت مون کي بحر و وزن جو ڪوئي علم نه هو پر جنهن وقت اهو غزل ڇپيو هو، مون کي فاني صاحب ٻڌايو هو ته اُن ۾ بحر و وزن جي ڪا خاص غلطي ڪا نه هئي. جڏهن مان ٽئين درجي انگريزيءَ ۾ پڙهندو هوس، تڏهن منهنجا ڪجهه نظم ادبي رسالي ”سنڌو“ ۾ ڇپيا ها ۽ منهنجا ڪلاس فيلو چوندا ها ته اُهي نظم مون کي فاني صاحب لکي ڏيندو آهي. اُن وقت کان شاعريءَ منهنجو پيڇو نه ڇڏيو آهي ۽ مون هڪ گهڙيءَ لاءِ به نه وساريو آهي ته مان اڳ ۾ شاعر آهيان، ٻيو سڀ ڪجهه پوءِ آهيان. منهنجي زندگيءَ ۾ ڪيئي لوڏا لما آيا، پر پوءِ به شاعريءَ جي لغار لُنءَ لُنءَ منجهه رهندي آئي. انهيءَ شاعريءَ مون کي به ٻيرا جيل ۾ پهچايو آهي، پر پوءِ به مان ان مان بيزار نه ٿيو آهيان. هي ڪهڙو ازلي پاڇو آهي، جو ساري عمر منهنجو پيڇو ڪندو رهيو آهي ۽ مان اُن کان ڪٿي به ڇُپي نه ٿو سگهان؟ ڇا، اهو فقط منهنجي موت تائين منهنجي ڪيڏ ايندو يا انهيءَ اونده ۾ به منهنجو ساٿ ڏيندو جا ابد تائين ڇوليون هڻي رهي آهي!.

---

(فاني)“ ”مهراڻ“ سه ماهيءَ ڪيترا سال اڳ غلط خبر شايع ڪئي هئي ته فاني صاحب گذاري ويو آهي. دراصل هو بلڪل زنده آهي ۽ هن جي ائڊريس آهي.18/7 گورو تيغ بهادر ڪامپليڪس، ٽي ٽي نگر، ڀوپال.).

## 19 ڊسمبر

نہ ڄاڻان ڪالهوڪي ”مشرق“ اخبار اڄ ڇو ملي آهي؟ اخبار پڙهي مون سوچيو تہ اُن ۾ آيل ڪجهہ خبرون ڊائريءَ ۾ لکان تہ جيئن اڄ کان پنجاهہ سال پوءِ بہ معلوم ٿي سگهي تہ جنهن وقت ساهيوال جيل ۾ هيءَ ڊائري لکجي رهي هئي. ان وقت جيل کان ٻاهر ملڪ ۾ ڇا پئي وهيو واپريو. افسوس آهي تہ مون وٽ اردوءَ جون ٻيون اخبارون نہ ٿيون اچن، نہ تہ انهن سڀني جون خبرون گڏي، قومي عبرت لاءِ هڪ پورو آئينہ خانو ٺاهيان ها. اڄوڪيءَ اخبار ۾ آهي:

1_ صدر ايوب دولتِ مشترڪہ جي دوري تي ويو ۽ شاهہ فيصل جي رضامنديءَ سان سعودي عرب جو دورو ملتوي ڪيائين.

2_ سرڪاري آفيسرن کي مستعديءَ ۽ ديانتداريءَ سان عوام جا مسئلا حل ڪرڻ گهرجن. حڪومت امن پسند شهرين جي جان ۽ مال جي حفاظت ڪندي. لاهور ۾ اعليٰ سرڪاري آفيسرن کي گورنر مغربي پاڪستان جو خطاب (پاڪستان ۾ ڪهڙيءَ حڪومت ساڳي جک نہ ماري آهي؟).

3_ قومي اسيمبليءَ جو اجلاس، جو ڍاڪا ۾ 16 ڊسمبر کان شروع ٿيو هو سو اڄ غير معينہ مدت لاءِ ملتوي ڪيو ويو.

(قومي اسيمبلي-ڍاڪا؟)

4_ اخبارن جي خلاف پابندين تي احتجاج طور صحافين، خوش نويسن ۽ پريس ورڪرن اڄ ڪراچيءَ ۾ هڪ جلوس ڪڍيو ۽ شهر جي ڪيترين ئي بازارين ۾ گشت ڪيو. پوري ملڪ ۾ صحافي اخبارن تي پابندين ۽ پريس قانونن جي خلاف احتجاج

ڪري رهيا آهن.

5ـ باريسال ۾ ايئر مارشل اصغر خان وڪيلن کي اپيل ڪئي آهي تہ وڪيل معاشري جا سڀ کان طاقتور ترجمان آهن ۽ اُنهن کي عوام جي صحيح قيادت جو فرض نڀائڻ کان انڪار ڪرڻ نہ گهرجي.

6ـ مغربي پاڪستان جي وزيرَ بلديات ۽ بنيادي جمهوريت ميان ياسين وٽوءَ چيو آهي تہ مخالف جماعتون, ڪائونسل مسلم ليگ, جماعتِ اسلامي, نيشنل عوامي پارٽي ۽ نظام اسلام پارٽي فقط ملڪ جي اندر هنگامي ڪرڻ لاءِ متحد ٿيون آهن ۽ انهن جي نظرين ۾ زمين آسمان جو فرق آهي. جي اقتدار انهن جي هٿ ۾ اچي ويو تہ ملڪ ۾ وري اُها افراتفري پيدا ٿي ويندي, جا اڳ ۾ هئي. (جمهوريت جي بحاليءَ کان انڪار ڪرڻ لاءِ وزير ساڳي بڪ هڻندو رهيو آهي.).

7ـ سرگوڌا ۾ پيپلزپارٽيءَ ۽ نيشنل عوامي پارٽيءَ جا 25 ڪارڪن گرفتار ڪيا ويا. سيالڪوٽ ۾ تحريڪ جمهوريت جا ڪارڪن اجلاس ڪري نہ سگهيا.

8ـ گوجرانوالا ۾ تحريڪ جمهوريت جا 36 ڪارڪن گرفتار ڪيا ويا.

9ـ اسٽوڊنٽس ائڪشن ڪميٽيءَ جي چيئرمين اعلان ڪيو آهي تہ سيالڪوٽ جا شاگرد عيد نہ ملهائيندا ۽ عيد ڏينهن ڪارا ٻلا لڳائيندا ۽ شهيد شاگردن لاءِ دعا گهرندا.

اخبارن ۾ سنڌ جون خبرون ڪو نہ آهن.

هيڙو هنگامي دور پاڪستان جي تاريخ ۾ اڳ ڪڏهن بہ نہ آيو آهي. جيتوڻيڪ منهنجو ٻاهرينءَ دنيا سان ناتو فقط ٻن اخبارن جي ذريعي آهي, تڏهن بہ اُنهن ۾, حڪومت جي دٻاوَ جي باوجود, جيڪي ڪجهہ اچي رهيو آهي, ان مان ظاهر آهي تہ پاڪستان جي شهر شهر ۾ جلوس نڪتا آهن, جن ۾ لکين ماڻهن شرڪت ڪئي آهي. نہ فقط

سياسي ليڊر، وڪيل، صحافي، شاگرد، اديب وغيره بورجوا جمهوريت جي بحاليءَ لاءِ ميدان ۾ اچي چڪا آهن. پر ڪي مزدور انجمنون بہ ان جدوجهد ۾ ٽپي پيون آهن. ماڻهو مئا آهن. زخمي ٿيا آهن. هزارن ۾ جيلن ۾ وڌا ويا آهن ۽ اجا تائين قلم 144 جي خلاف ورزي ڪري رهيا آهن. هر ڪنهن جلوس ۾ سياسي نظربندن جي رهائيءَ، جمهوريت ۽ اڳئين آئين جي بحاليءَ، نظربنديءَ ۽ پريس قانونن جي تنسيخ، يونيورسٽي آرڊيننس جي ترميم، اظهار جي آزاديءَ، رشوت خوريءَ، اقربا پروريءَ، مهانگائيءَ جي خاتمي ۽ مزدور طبقي سان انصاف جا نعرا لڳي رهيا آهن. جو نئون ماڻهو ايوب خان جي خلاف سياست ۾ گهري ٿو پوءِ اُهو اڳيون ايئر مارشل آهي يا فوجي جنرل آهي يا جج آهي، ماڻهو انهيءَ کي گلن جا هار وجهن ٿا، هن جون تقريرون ٻڌن ٿا ۽ نهايت جوش ۽ جذبي سان نعرا هڻن ٿا.

مسلم ليگ جا ڪارڪن جوابي جلوس ڪڍن ٿا، پر عوام انهن کي فرلانگ پنڌ بہ وڌڻ نہ ٿا ڏين. خود جيل کان ٻاهر ساهيوال ۾ بہ ڪافي شور نظر اچي ٿو. هڪ ڏينهن تہ ساهيوال جا ٻارهن وڪيل جيل ۾ وڌا ويا ها. ٻاهر چيخ پڪار لڳي پئي آهي ۽ مان هن ڪال ڪوٺڙيءَ ۾ پيو آهيان، جتي ماٺ وسي رهي آهي!.

سنڌ ۾ سائين جي. ايم. سيد سن ۾ نظربند آهي. رسول بخش پليجو حفيظ قريشي، باقر شاهہ، جام ساقي، مسعود نوراني ۽ ٻيا سنڌي رهنما حيدرآباد جيل ۾ آهن. مون کي گل خان نصير جو ايوب خان تي لکيل هڪ بلوچي نظم ياد اچي رهيو آهي:

"ايوب خان! گدڙ پٽر کي چٻاڙي نہ سگهندو آهي."

گل خان نصير مون کي اهو شعر تڏهن ٻڌايو هو جڏهن هو عوامي ادبي انجمن جي منشور ناهڻ لاءِ سکر آيل هو ۽ منهنجي دوست فتح الله عثمانيءَ اسان جي رات جي ماني ڪئي هئي. ٻئي ڏينهن تي اسان مهراڻ هوٽل ۾ منشور مڪمل ڪيو هو تہ ڊاڪٽرن حسان جي فرمائش تي مشاعرو ٿيو هو. مون ڪلاڪ ڏيڍ پنهنجا نظم پڙهيا ها، جي "هي

گيت اجايل مورن جا“ ۾ ”رت آئي ڳاڙهن پيرن جي“ وارن مجموعن ۾ ڇپيا آهن. ساٽ ساٽ مون هُنن کي نظمن جو اُردو ترجمو بہ ٻڌايو هو. جڏهن مون نظم پڙهي پورا ڪيا ها تہ ڊاڪٽر حسان، گل خان نصير کي پڙهڻ جي فرمائش ڪئي هئي تہ گل خان چيو هو تہ ”اياز کان پوءِ نظم پڙهڻ بي ادبي آهي.“

مان اجا ڊائري لکي رهيو هوس تہ ساهيوال جيل جو سول سرجن آيو ۽ مون کان پڇيائين، ”ڪائي شڪايت تہ نہ آهي؟“

مون چيو تہ ”نہ“!

پوءِ هن اسٽيٿسڪوپ سان ڪجهہ دير منهنجي دل کي چڪاسيو ۽ چيائين تہ ”هيءَ نيڪ آهي.“

جنهن تي مون چيو ”پاڪستان ۾ ان کان وڌيڪ نيڪ ٻيو ڪجهہ بہ نہ آهي.“

## 20 ڊسمبر

اڄ پاڪستان رائيٽرس گلڊ جي سنڌي عهديدارن ۽ ميمبرن ٺهراءُ بحال ڪيوآهي تہ پاڪستان رائيٽرس گلڊ منهنجي ۽ اجمل خٽڪ جي آزاديءَ لاءِ حڪومت کان مطالبو ڪري. ڏسجي تہ پاڪستان رائيٽرس گلڊ جا اردوءَ وارا عهديدار ڇا ٿا ڪن؟

اڄ اخبار ۾ آيو آهي تہ حڪومت نيشنل عوامي پارٽيءَ جي سيڪريٽري جنرل محمود الحق عثمانيءَ جي گرفتاريءَ جو حڪم نامو واپس ورتي، هن کي آزاد ڪيو آهي. شايد حڪومت جي نظر ۾ مان عثمانيءَ کان وڌيڪ خطرناڪ آهيان، جو مون کي اڃا تائين جيل ۾ رکيو ويو آهي!

اڄ سارو ڏينهن غالب جو هي فارسي شعر زبان تي رهيو آهي.

راهہ زين ديده وران پُرس کہ در گرم روي
جاده چون نبضِ تپان در صحرا بينند.

(راهہ اُنهن ديده ورن کان پڇ جي پنهنجيءَ گرم رفتاريءَ ۾. رستو صحرا جي بدن تي هڪ تتل نبض وانگر ڏسن ٿا.)

- شعر آهي يا سورئيلي مصوري(Surrealist painting) آهي!

## 21 ڊسمبر

اڄ انيس جا آندل ڪتاب ڏسندو رهيس. اُنهن ۾ فيض جو ”ميزان“ ♦“ ممتاز شيرين جو ”معيار“ آل احمد سرور جو ”تنقيد ڪيا هي“، عندليب شادانيءَ جو ”تحقيق کي روشني مين“، عبادت بريلويءَ جو ”جديد اردو شاعري“، عابد علي عابد جو ”اصول انتقاديات“ ، مرزا اديب جو ”تنقيدي مقالات“ ۽ فراق گور کپوريءَ جا ”اندازي“ ۽ ”من آنم“ بہ هيا ۽ هڪ ”افڪار“ جو ماهيانو شمارو تي ”نيوز ويڪ“ جا پرچا ۽ ڪجهہ انگريزيءَ جا ڪتاب هئا، جن ۾:

Dostoevsky_The making of an artist ۽ Dark Sun_ A study of D.H. Lawrence

بہ هئا، ۽ ڪجهہ ڪهاڻين جا مجموعا ۽ ناول بہ هئا.

نہ ڄاڻان منهنجيءَ لئبريريءَ مان اهي ڪتاب انيس ڪي ڪنهن چونڊي ڏنا ها. انهن مان اڌ کان وڌيڪ تہ منهنجا اڳ ئي پڙهيل ها. مون پهريون تہ ”افڪار“ رسالي جا پنا اٿلايا. اردو ادب جا سڀ ڪانڊي ڪُڀا تي نظر آيا. پوين صفحن ۾ هڪ خبر هئي تہ جميل الدين عالي ۽ مشرقي پاڪستان جو هڪ اردو شاعر روس جي دوري تي ويا آهن. مون ”افڪار“ ڦٽي ڪري، فراق جو ”من آنم“ کنيو جو شام تائين پڙهي پورو ڪيم. ”من آنم“ جي اهميت جو اندازو تہ ان مان لڳائي ٿو سگهجي تہ ان ۾ ڏنل سڀ خط ”نقوش“ جي مدير کي لکيا ويا ها. مون توڙ تائين ”من آنم“ ان ڪري پڙهيو تہ فراق جي ذهني بلوغت جو

---

♦ مضمونن جو ڪتاب

اندازو لڳائي سگهان. گور ڪپوريءَ جي عاشقي بہ هڪ گورک ڌنڌو آهي. بهر صورت مون کي هن جي اها ڳالھ وڻي تہ شاعر آپ- بيتيءَ کي جڳ-بيتي بڻائيندو آهي ۽ شاعر جو عشق حيات ۽ ڪائنات جي عشق ۾ بدلجي ويندو آهي. باقي هن جي اها ڳالھ تہ هن بہ ٽي سئو عشق ڪيا آهن، مون کي سمجھ ۾ نہ آئي. جوش مليح آباديءَ بہ، پنهنجيءَ ڳڻپ موجب، انارنهن عشق ڪيا آهن. جي فراق جي ڳالھ سچي آهي تہ مومن خان مومن کان پوءِ فراق اردوءَ جو وڏي ۾ وڏو عشق باز آهي. مومن خان مومن تہ لغڙ ۾ خط ٻڌي، لغڙ کي پنهنجي پرده نشين محبوبہ جي ڪوٺي تي ڳُت ڪارائيندو هو ۽ جڏهن هوءَ اُن مان خط ڇوڙي وٺندي هئي، تڏهن هو لغڙ کي ڇڀي ڏئي وري اڏائيندو هو. مون مومن خان مومن جي زندگيءَ ۾ اها ڳالھ پڙهي هئي تہ خيال آيو هو تہ جي هن جو لغڙ ڳُت ڪائڻ کان اڳ ڪاتا تي وڃي ها تہ هن جي خط جو ڇا ٿئي ها! مومن خان مومن، جنهن جي ساري زندگي ”عشق بُتان“ ۾ گذري هئي، تنهن بہ فراق جيترا عشق نہ ڪيا ها. پاڻ تہ ڪنهن پتيءَ ۾ بہ نہ آهيون.

”من آنم“ ۾ فراق الله باد جي هڪ هندي شاعر ”ڪوڪل جي“ جي نظم جو هيٺيون بند ڏنو آهي، جو مون کي پسند آيو.

آج رات سنگهار کرون گي
کهلي پهول سا جوبن لي کر
کانٹون کي بن پار کرون گي

نہ معلوم سنڌي ٻوليءَ اجا تائين اهڙي شاعره ڇو نہ پيدا ڪئي آهي؟

”من آنم“ ۾ هندستاني شاعر فراق جا علامہ اقبال جي باري ۾ رايا ۽ اسلامي ادب تي خط هڪ اردو پبشلر ئي بنا ڪنهن روڪ ٽوڪ جي ڇپائي سگهندو آهي.

ڪيترا پيرا سنڌي ادبي بورڊ کي منهنجن خطن ڇپڻ جي ڪري پڪڙ پڇاڙ ٿي آهي.

افسوس آهي تہ ڪيئي عقل جا انڌا سنڌي، جي جديد اردو ادب

جو مطالعو نہ تا ڪن، سنڌ جي بهترين ادب جي ڪيډ ڪات کهاڙا ڪٽي پيا آهن.

فراق جي هيءَ سٽ ڪهڙي نہ پياري آهي.

زندگي هي ڪہ رام ڪا بنواس؟

شام جو سنتري پُٽي صاحب جو نياپو ڪٽي آيو ۽ چيائين، ”پٽي صاحب چيو آهي تہ مون پاڪستان ڪي بدلائي وڏو آهي. ٻاهر نڪرنداسين تہ پاڪستان توکي وٺندو. جيل کان ٻاهر نڪرين تہ پهرين مون سان ملجانءِ، پوءِ گهر وڃجانءِ، جي مان اڳ ۾ آزاد ٿيس تہ مان پاڻ توسان ملندس“. ★

مون سوچيو ”ڇا اسان جا ڏڳ ڪٽي ملندا؟“

---

★ جيل مان رهائيءَ کان پوءِ مان پٽي صاحب سان نہ ملي سگهيو هوس. هن سان منهنجي پهرين ملاقات تڏهن ٿي، جڏهن هو پاڪستان جو پرائيم منسٽر هو ۽ شملا معاهدي لاءِ وڃڻ کان اڳ مون کي ڪراچيءَ گهرائي، مون سان مشورو ڪيو هيائين. ان کان پوءِ منهنجون هن سان ڪافي ملاقاتيون ٿيون. خاص ڪري يونيورسٽيءَ جي ملازمت واري وقت ۾. مان انهن تي هڪ ڪتاب Milovian Djlas جي ڪتاب Conversation with Stalin جي نموني تي لکڻ چاهيان ٿو.

## 22 ڊسمبر1968ع

اج عيد الفطر آهي. ڪالهہ شام جو جڏهن عيد جو چنڊ ڏٺو ويو تڏهن مشقتيءَ پڇيو "سياڻي عيد آهي. صبح جو اوهان جي لاءِ ڇا پچايان؟"

مون جواب ڏنو تہ "اسان جي شاگردن نهراءِ بحال ڪيو آهي تہ عيد تي "يوم سياهہ" ملهائڻو آهي ۽ هر ڪنهن کي ڪاريون پٽيون ٻڌڻيون آهن. مان هتي جيل ۾ کهڙي عيد ڪريان!"

مون کي ياد آيو تہ جڏهن مان ننڍڙو هيس، تڏهن عيدالفطر تي صبح سويري نوان ڪپڙا پائي، عيد گاهہ تي ويندو هوس. جتي عيد نماز پڙهي خانداني قبرستان تي ويندا هياسين ۽ قبرن تي پنهي، گل ۽ ڪچي دال چڙڪائيندا هياسين. پنهيءَ ۾ انب جا آلا پن هوندا ها. (نہ ڄاڻان اها پنهيءَ ۽ ڪچيءَ دال چڙڪائڻ جي رسم اسان ۾ ڪٿان آئي آهي؟) پر منهنجي دلچسپي ڪاغذ جي رنگا رنگ ڦيرڻين ۾ هوندي هئي، جي مان عيدگاهہ تان خريد ڪري، سارو ڏينهن ڦيرائيندو هوس. گذريل پنجويهہ سالن ۾ مان فقط هڪ ڀيرو انهيءَ قبرستان ۾ پنهنجيءَ ماءُ جي جنازي نماز لاءِ ويو آهيان. مون هن جو لاش سکر مان ائمبولينس تي آندو هو ۽ چاهيو هو تہ بنا گوڙ بکيڙي جي، هن کي ائمبيولنس ۾ قبرستان ۾ کڻي وڃان ۽ پنهنجي پيءُ جي پرسان دفنايان. پر مان جڏهن پنهنجي پاڙي ۾ پهتو هوس، تڏهن منهنجا مائٽ، جي رسم رواج جا پابند آهن، انهيءَ تي ضد ڪري بيٺا ها تہ لاش ڏوليءَ ۾ رکي، ڪلهو ڏئي قبرستان پهچايو وڃي. قبرستان اسان جي پاڙي کان ٻہ ميل پري هو ۽ رستي تي ننڍڙ اُس ۾، ڏوليءَ کي ساندهہ ڪلهو ڏئي

ذري گهٽ منهنجي ڪلهي جي ڦٽي پڇي پئي هئي. مون هن جو لاش پنهنجن هٿن سان لحد ۾ لاٿو هو ۽ هن جي پيرن تي هٿ رکي، هن ڪان موڪلايو هو. مون پٽر کو نہ وچايو هو چو تہ مون کي سخت بخار ٿي پيو هو ۽ يڪدم سکر موٽي آيو هيس، جتي يارنهن ڏينهن مدي جي بخار ۾ بستري تي پيو هوس. جي ان وقت زرينہ هڪ نرس وانگر منهنجي خدمت نہ ڪري ها تہ ممڪن آهي تہ مان مري وڃان ها. شڪارپور ۾ پٽر نہ وڃاڻ سبب منهنجا وڏڙا شايد ڪجهہ ناراض ٿيا ها. ناراض تہ هو مون سان هونءَ بہ هوندا هئا، ڇو تہ مان طبيعتاً رسم و رواج جي پابندي ڪري نہ سگهندو آهيان ۽ نہ وري مون کي پاڙي جو ماحول آئڙندو هو. منهنجو هڪ ويجهو مائٽ شيخ واجد علي صاحب مسجد منزل گاهہ تحريڪ جو ليڊر هو ۽ ڪجهہ وقت سنڌ مسلم ليگ جو جائنٽ سيڪريٽري بہ هو. منزل گاهہ تحريڪ واري زماني ۾ هن شڪارپور جي جماٽي هال ۾ هڪ نهايت جوشيلي تقرير علامہ اقبال جو هيٺيون شعر پڙهي ختم ڪئي هئي:

بي خطر کود پڙا آتش نمرود مين عشق
عقل هي محو تماشائي لبِ بام ابهي.

۽ پوءِ هزارين ماڻهو انهيءَ آتش ۾ ٽپي پيا ها ۽ شڪارپور مان، هن جي رهبريءَ هيٺ، سکر ويا ها ۽ وڃي مسجد منزل گاهہ تي قبضو ڪيو هيائون. مان اُن وقت شايد مئٽرڪ يا ڪاليج جي پهرئين سال ۾ پڙهندو هوس. واجد علي صاحب ان وقت بہ هڪ ناميارو وڪيل هوندو هو ۽ هن جو اسلاميات ۽ اقباليات جو ڪافي مطالعو هو. هن وٽ ڪيئي اردو رسالا مثلاً نيرنگ خيال، عالمگير،همايون، ڪليم، ادبي دنيا، دين و دنيا، مست قلندر، خيام ۽ علي ڳڙهہ ڪاليج جون مخزنون ايندڙيون هيون. هو شڪارپور مسلم ليگ جو صدر هو ۽ شهيد الهہ بخش سومري جو وڏو مخالف هو. اسان جي پاڙي ۾ ”مسلم هي تو مسلم ليگ مين آ“ وارو ترانو هر ڪوئي مزي سان ڳائيندو هو ۽ ڏياريءَ جي رات ٻار لنيون ڪٽي نڪرندا ها ۽ ”عيد مشعالو ڪافرن جو منهن ڪارو“

چئي، لنين سان تڏ ڏئي، هنن جا پاريل ڏيئا. پتين تان هيٺ ڪيئرائي، اسلام جي خدمت ڪندا ها ۽ شب برات تي خود ڪجيءَ جي چڙيءَ ٽُڪر ۾ مشعلون اتڪائي، پاڙي اوڙي ۾ ڦرندا ها ۽ ڪافرن جو نور ڏئيپندا هئا. انهيءَ زماني ۾ واجد علي صاحب آل انڊيا مسلم ليگ جي ڪانفرنس تي دهليءَ وڃي رهيو هو ۽ مون کان پڇيو هيائين، ”توکي ڪجهہ گهرجي تہ دهليءَ مان وٺي اچان؟“

ان تي مون هن کي چيو هو ”جوش مليح آباديءَ جو ڪتاب ”شعلہ و شبنم“ وٺي اچجو.“

”لاحول ولا قوة.“ واجد علي چيو هو ”توکي انهيءَ ڪافر کان سواءِ بيو ڪوئي شاعر نہ ٿو سُجهي؟“

”نہ فقط واجد علي صاحب علي ڳڙهہ ۾ تعليم ورتي هئي، پر منهنجا ڪجهہ بيا مائٽ بہ علي ڳڙهہ مان پڙهي آيا ها ۽ اسان جي پاڙي ۾ بحث مباحثي ۾ سر سيد احمد خان، مولانا حالي، علامہ اقبال ۽ اڪبر الهہ آباديءَ کان وٺي اسلام جيراجپوري ۽ اسد ملتانيءَ تائين حوالا ڏنا ويندا ها. اُتر سنڌ جا مسلم ليگي رهنما نظر علي خان ۽ پير غلام مجدد سرهندي بہ واجد عليءَ جي دستر خوان تي موجود هوندا ها. هڪ پيري سائين جي. ايم. سيد بہ سنڌ اسيمبلي اليڪشن جي سلسلي ۾ شڪارپور آيو هو. منهنجو مائٽ اختر علي شيخ، جو سائين جي. ايم سيد سان گڏ جيل ۾ رهي چڪو هو تنهن مون کي چيو هو ”جي. ايم سيد وڏو فلاسافر آهي. هل تہ اُن سان ملايانءِ“، جنهن تي مون هن کي جواب ڏنو هو ”مون علامہ اقبال کي پڙهيو آهي. جي. ايم. سيد ڪهڙي نئين فلاسافي بڌائيندو جو هن وٽ هلان؟“

اُن وقت ڪنهن ٿي ڄاتو تہ اڳتي هلي، تقدير مون کي هن وٽ بار بار وٺي ويندي!

مان سمجهان ٿو تہ جيستائين مان پاڻ شڪارپور جي زندگيءَ تي بہ ٽي سئو صفحا نہ لکندس، تيستائين ڪنهن بہ نقاد يا محقق لاءِ

منهنجي شاعريءَ جي پس منظر ۾ اُن جي ادبي ارتقا جي پوري پروڙ ناممڪن رهندي.

افسوس جي ڳالهہ آهي تہ هاڻي شڪارپور روهڙيءَ ۾ نئين وانگر، زبون ٿي چڪي آهي ۾ شهر ۾ چوڌاري مٽيءَ جا ڍير لڳا پيا آهن. هيءَ هڪ مردم خيز زمين هئي ۾ اُن جو "شهر آشوب" هڪ عبرت خيز داستان آهي. جڏهن جڏهن واجد علي صاحب ★مون سان ملندو آهي، مان هن جي گفتگوءَ ۾ انهيءَ "گلزار براهميءَ" جي تلاش ڪندو آهيان جنهن لاءِ هن "آتشِ نمرود" ۾ ٽپو ڏنو هو.

---

★ واجد علي صاحب 1971ع ۾ گذاري ويو. جڏهن مان جيل ۾ ٽيون ڀيرو نظر بند هيس. هو زرينہ جو سڳو مامو هو.

## 23 ڊسمبر

اڄ مون سادي ڪاغذ تي پنهنجا تاثرات ڪوئي نثري نظم لکيو آهي.

اسان پاڻ کي ٻي کان بهتر نہ ٿا سمجهون،
اسان رڳو چئون ٿا تہ اسان وٽ ڪارونجهر آهي،
جنهن جي چوڏاري ڳڻ ڳڻ ريت ۾ ڪيئي ڪهاڻيون
ڦهليل آهن، اسان وٽ ڪينجهر آهي
جنهن تي آڙين جا پر اڏامندي ونجهہ هٽندا ويندا آهن،
اسان کي تاريخ آهي
۽ اُن ۾ دودي ۽ دريا خان جون دليون ڌڙڪي رهيون آهن،
اسان اهو نہ ٿا چئون تہ اسان ٻي ڪنهن کان بهتر آهيون،
رڳو اسان مختلف آهيون،
جڏهن اسان سگهارا هياسين ۽ ڪشمور کان ڪشمير تائين اسان جي حڪومت هئي، اسان ڪنهن کي هيسايو نہ هو،
توڙي تاريخ ۾ اسان جي رتو ڇاڻ جي باري ۾ لکيل آهي، پر ڪنهن غير قوم جي تاريخ دان بہ اهو نہ لکيو آهي تہ اسان ڪنهن بي گناهہ جو رت وهايو آهي،
جي اسان ڪنهن کي غلام بڻايو آهي تہ ايئن ڪري سگهيا آهيون پنهنجي محبت جي پيغام سان،
پنهنجي شاعريءَ سان، پنهنجي وحدت الوجود جي فلسفي سان
۽ پنهنجي فن سان، جنهن ۾ جنٻيءَ ۽ اجرڪ جهڙي جاذبيت

رهي آهي،
اسان جون وايون جڏهن نڙ تي ٻڳائبيون آهن
تڏهن ايئن لڳندو آهي تہ چڪورَ چنڊ ڏانهن اُڏري رهيا آهن،
اسان جون ڳجهارتون، اسان جا ڳيچ، اسان جا لوڪ گيت،
اسان جون لوڪ ڪهاڻيون اسان جي ميراث آهن، ميراث جا
اسان ڪنهن سان بہ ورهائڻ لاءِ تيار آهيون،
ڇا اهڙا ڪي پيرَ آهن، جي اسان جي ”هو جمالي“ تي نچڻ
کان نابري وارن؟
هڪ چڱائيءَ جي عيوض اسان ويهہ چڱايون ڪندا آهيون،
پر ايئن نہ سمجهہ تہ اسان هيٺا آهيون،
اسان کي هر ڏکيءَ آزمائش ۾ ڪيرٿر جي ڇاتي هوندي آهي،
۽ اسان اُجهاٽل مچ ۾ وري وري دونهان دکائي سگهندا آهيون.
اسان پاڻ کي ڪنهن بہ قوم کان بهتر نہ ٿا سمجهون۔
ها، اسان پنهنجي ديس، پنهنجي ڌرتيءَ جي باري ۾
نهايت جذباتي آهيون:
پر اسان ڪنهن بہ ٻئي ديس، ٻيءَ ڌرتيءَ سان نفرت نہ ٿا ڪريون.
اسان کي اجائيءَ آزمائش ۾ وجهڻ وارا!
اسان پنهنجو پاڻ ٽيڙ ڇاهيون ٿا،
تون اُن جي آڏو نہ آءُ!
ڇو تہ اسان جو تو سان جهيڙو نہ آهي.
مٿئين نثري نظم جون بہ ستون رهجي ويون آهن، جي هاڻي نوٽ
بُڪ ۾ لکان ٿو:
ها، اهو سمجهي ڇڏ،
”اسان جي هٿ ۾ جو مانيءَ جو گرهہ آهي،
اُهو توکي کسڻ نہ ڏينداسين.

## 24 ڊسمبر

مان جاگرافيءَ جي پُل آهيان، تاريخ جو اٽل فيصلو آهيان،

—

برما جو ورهاڱو قبول ڪري، تو شرت◆ جي ’شري ڪانت‘ ڪي تيلي ڏني هئي. اُها شري ڪانت جي چِتا اڄ تائين جلي رهي آهي، جلي رهي آهي، جلي رهي آهي.

ڪهڙو نہ لرزه انگيز احساس آهي، پر مان پانيان ٿو تہ صحيح آهي- انسان تاريخ مان ڪجهہ بہ نہ سکندا آهن.

---

◆ شرت: شرت چندر چٽرجي

25 ڊسمبر1968ع

اج جيلر پنج ڪارڊ آڻي ڏنا.

پهريون ڪارڊ منهنجيءَ ڌيءَ روحيءَ جو آهي، جنهن لکيو آهي، ”پيارا اَبا، توکي عيد مبارڪ هجي. اسان سڀ توکي ياد ڪندا آهيون.“ روحي هاڻي سائنس جي پهرئين سال ۾ آهي. مون ايئن محسوس ڪيو تہ روحيءَ اهو ڪارڊ اطمينان سان لکيو آهي ۽ ايوب جي حڪومت واريءَ جي ڪوٽ وانگر ڊهي رهي آهي.

ٻيو ڪارڊ سنڌي ٻوليءَ جي مشهور عالم سراج جو آهي، جنهن ڪارڊ تي ”پيارا اياز! نئون سال مبارڪ“ لکيو آهي. سراج نہ فقط شاعر ۽ اديب آهي، پر علم السان جو ماهر بہ آهي. هن سان جيڪا بہ منهنجي شام گذري آهي، سجائي گذري آهي.

ٽيون ڪارڊ سکر جي وڪيل عبدالغني ڪوتاه قد جو آهي. هو منهنجو پيارو دوست آهي. جڏهن هو عدالت ۾ پنهنجي گهگهي آواز ۾ تقرير ڪندو آهي، تڏهن ايئن لڳندو آهي، ڄڻ پاڻيءَ ۾ مورڙيو مانگر مڇ سان وڙهي رهيو آهي.

چوٿون ڪارڊ نيشنل عوامي پارٽي حيدرآباد جو آهي، جنهن تي منهنجو هينيون بيت ڇپيل آهي:

ڪاتيءَ هيٺان ڪنڌ، پوءِ بہ نعرا نينهن جا
سنڌڙيءَ جو سؤڳنڌ، مرنداسين، پر مرڪندي

پنجون ڪارڊ دادن جتوئيءَ موڪليو آهي. دادن محترم حيدربخش جتوئيءَ جو پٽ آهي. حيدربخش ڪيتروئي وقت مڇ جيل

۾ هو ۽ هاڻي ڪراچي جيل ۾ آهي. هاءِ ڪورٽ هن جي رهائيءَ جو آرڊر ڪيو هو. پر سرڪار ان جي خلاف سپريم ڪورٽ ۾ اپيل ڪئي آهي، جا اڃا تائين فيصل، نہ ٿي آهي.

حيدربخش جتوئيءَ جي شاعريءَ جو اڳتي هلي ڇا بہ ٿئي، پر هن ڪان پوءِ هن جي باري ۾ غالب جي اها سٽ هميشه ياد ايندي:

حق مغفرت ڪري عجب آزاد مرد تها!

هن نہ فقط پاڪستان ڪان اڳ ڊپٽي ڪليڪٽري ڇڏي هئي، (ڊپٽي ڪليڪٽري ان وقت وڏو عهدو هو). هاري تحريڪ جي رهنمائي ڪئي هئي. نہ فقط پاڪستان ڪان پوءِ سنڌي هارين جي حقن لاءِ وڙهندو رهيو هو پر هو پهريون شخص هو جنهن ايوبي مارشل لا جي خلاف آواز بلند ڪيو هو ۽ ان لاءِ هن کي ملٽري ڪورٽ ٽي سال ٽيپ ڏني هئي. موجوده نظربنديءَ ڪان اڳ هو گڊو براج واريءَ آباديءَ هيٺ آيل زمين جي باري ۾ انگ اکر ڪٺا ڪري رهيو هو تہ مون وٽ سکر آيو هو ۽ ڪجهہ وقت ڪچهري ڪئي هيائين. ان ڪان پوءِ هن پنهنجي تحقيق تي هڪ پمفليٽ شايع ڪيو هو ۽ سنڌ ڪانفرنس سڏائي هيائين، پر ان ڪان اڳ ۾ئي هو گرفتار ڪيو ويو هو.

ساڳي وقت ”سچ ڊائجسٽ“ جو ايڊيٽر ۽ سنڌ نيشنل عوامي پارٽيءَ جو پريزيڊنٽ ڪامريڊ غلام محمد لغاري بہ گرفتار ڪيو ويو هو، جو شايد اڃا تائين حيدرآباد جيل ۾ آهي.

محترم حيدربخش جتوئي هڪ زماني جو يادگار آهي. هو نہ فقط هڪ پڪو مارڪسوادي آهي، پر هڪ سادو سباجهو انسان بہ آهي ۽ ڪلندو ايئن آهي جيئن ٻار کي ننڊ ۾ ڪل اچي ويندي آهي. هن جي لنبي نظم ”شڪوه“ سنڌ جا مولوي مچرائي وڌا ها، ڇو تہ هو علامہ اقبال وانگر ”جوابِ شڪوه“ لکي نہ سگهيو هو. ان ڪان پوءِ هن شعر گوئي گهٽائي ڇڏي هئي، پر هاڻي وري لمبا نظم (گهڻوڪري مخمس يا مسدس) لکي، پمفليٽ جي صورت ۾ ڇپائيءَ ساريءَ سنڌ ۾ ورهائيندو آهي. هن جو هر نظم هڪ پورو توب خانو هوندو آهي ۽ هن جو ڪوئي

پمفليٽ ورهائيندو مس آهي تہ پوريءَ سنڌ جي سي. آءِ .ڊيءَ جي ننڊ ڦٽي پوندي آهي.

اسٽيج تي بہ جڏهن هو اهي نظم پڙهندو آهي، تيستائين بس نہ ڪندو آهي، جيستائين توب خاني جو پوريون گولو فاير نہ ڪندو آهي، هڪ ڀيري مون سنڌ يونيورسٽيءَ جي ڪنهن هاسٽل ۾ مشاعري جي صدارت ٿي ڪئي. جڏهن ٻيا سڀ شاعر پڙهي چڪا ها، تڏهن جتوئي صاحب کي پڙهڻ لاءِ سڏيو ويو. جتوئي صاحب کي ڏهاڪو پنا هٿ ۾ هئا. جن تي چاليهہ پنجاهہ مسدس جا بند لکيل ها. هو اسٽيج تي اچي ڪجهہ کنگهيو ۽ جهُڪي مون کي ڪن ۾ چيائين، ”مون کان نظم ڪجهہ دير سان پڙهايو.“

مون چيو ”جتوئي صاحب ٻيا سڀ پڙهي چڪا آهن.“ ان تي جتوئي صاحب آهستي چيو ”پر مون کي ڏاڍو پيشاب لڳو آهي.“

مون چيو ”سائين مسدس جا ٻہ ٽي بند ڪٽي پڙهو. شاگرد بہ ٿڪا آهن“.

”ائين ڪيئن ڪبو. پڙهبو تہ پورو نظم پڙهبو.“

مون کي ائين چئي جتوئي صاحب مائڪرو فون تي آيو ۽ ڪجهہ کنگهيو جنهن تي شاگرد کلڻ لڳا تہ جتوئي صاحب بہ کلڻ لڳو ۽ کلندي چيائين.

”کلو يلي کلو اوهان کلو ٿا تہ منهنجي دل باغ بهار ٿئي ٿي.“ هن ائين چيو مس تہ سيئي چُپ ٿي ويا. هنن کي جتوئي صاحب لاءِ بيحد عزت هئي. پوءِ جتوئي صاحب پورو نظم پڙهيو هو تہ سيني جي دل پرجي آئي هئي.

ڇا، هي فوجي ڄاڻن ٿا تہ جي جتوئي جيل ۾ مري ويو تہ سنڌ صدين لاءِ پنجاب سان نفرت ڪندي رهندي؟ يا هنن کي سنڌ جي نفرت جي پرواهہ نہ آهي؟ هي مستقبل جي تاريخ سان ڪيتري نہ زيادتي ڪن ٿا!

گذريل چنچر تي جان اسٽينبڪ (John Steinbeck) ، جو East

of Eden, Mice and Men, Grapes of Wrath وغيره جو مصنف هو مري ويو هو بحري حياتيات جو ماهر (Marine Biologist) هو پر ان هوندي بہ هن تخليقي ادب کي ايترو وقت ڏنو هو جو نيٺ هن کي نوبل پرائيز مليو هو. مون کي هن جي موت تي ڪو صدمو نہ پهتو. ها، هيمنگ وي جو موت بي ڳالهہ هئي. هن جڏهن پاڻ کي گولي هنئين هئي تہ اها خبر پڙهي منهنجي دل پرجي آئي هئي. مون کان اڃا تائين هن جو رکو جواب نہ وسريو آهي، جو هن روسي شاعر ايوتوشينڪو کي ويٽنام جي جنگ جي باري ۾ ڏنو هو. باقي ايوتوشينڪو چيڪو سلوواڪيا ۾ روسي فوجن جي مداخلت تي جيڪو خط ڪوسيجن کي لکيو آهي، اهو پڙهي منهنجي دل ۾ هن لاءِ اڳي کان عزت وڌي آهي.

آمريڪا جي نيگرو اديب ايلڊرج ڪليور (Eldridge Cleaver) جي باري ۾ خبر پڙهي مون کي ڏک ٿيو آهي. هو مشهور ڪتاب Soul on Ice جو مصنف آهي ۽ آمريڪا جو ڪارو چي گيوويرا ( Che Guevara) ڪوٺيو ويندو آهي. هن ڪنهن خون جي ڪيس ۾ ٽيپ ڪاڏي هئي ۽ اٺ سال جيل ۾ گذاري پئرول (Parole) تي آزاد ٿيو هو. تازو نيگرو انقلابين (Panthers) جي سرگرمين ۾ شريڪ ٿيڻ سبب هن جو پئرول تي رهائيءَ جو حڪم واپس ورتو ويو آهي. ڪئلي فورنيا جي جج فتويٰ ڏني هئي تہ هو سياسي قيدي آهي، پر آمريڪا جي سپريم ڪورٽ اها فتويٰ رد ڪري ڇڏي. حيرت آهي تہ سپريم ڪورٽ جي بينچ تي هڪ نيگرو جج بہ هو! ڪير چوندو تہ بورجوا جمهوريت ۾ انصاف ڪرڻ جي آزادي آهي. مان پانيان ٿو تہ مارڪس ٺيڪ چيو آهي تہ. Judiciary is the Bulwark of the statuesque

ڪليور فتويٰ کان پوءِ فرار ٿي ويو آهي ۽ آمريڪا جا اديب نارمن ميلر (Norman Mailer)، جيمس بالڊون (James Baldwin) وغيره هن جي آزاديءَ لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهن.

هي دور ادب ۾ صليبي جنگ جو دور آهي. دنيا ۾ هڪ وقت ايترن اديبن ۽ فنڪارن حق ۽ انصاف لاءِ ايتريون قربانيون نہ ڏنيون آهن.

26 ڊسمبر

مون اڄ هي غزل لکيو آهي.

بيجل سواءِ ٻي ته لڪا ناهه لوڪُ ۾،
هڪ ڳالهه آ ته جهانءِ نه آهي جهروڪ ۾.

وهه ڪان ڪڙي پيار اسان کي اڙي ڪلال،
ها، اوت، اوت، اوت اڃا اوت اوڪ ۾.

ڪرها ڪُڏاءِ، ڪاڪ پري نانهه مينڌرا!
چاجي چڏيئه ٻه چار جڏا جيءَ جهوڪ ۾!

اوندهه اُجاربي نه اڱوٺي چراغ سان،
نيزي مٿان اُيار نئون سِج نوڪ ۾!

شل ڪر ڪٽي ڪراڙ مٿان اوچتو وسي،
مارو ملن "اياز" وري شال موڪ ۾!

اڄ الاجي ڇو ٿڪجي پيو آهيان ۽ ساڄهر ننڊ اچي رهي آهي.
مان هن کي شب بخير چوان ٿو جو شهرگ کان به ويجهو آهي.

28 ڊسمبر

اج مُندا خاني مان ساڳيو چوڪرو ڳائي رهيو آهي-

دل ڊُب گيا ميرا اي
چند* يانوين نِت چڙهہ دا
سجٽان باجهہ هنيرا اي

اي پنجاپ زبان! تون ڪيتري نہ مٺي آهين! توکي پنهنجي قوم ڪيئن وساري ڇڏيو آهي؟

---

* چند- چنڊ
يانوين- ياڻءِ تہ، جيتوڻيڪ
باجهہ- سوا
هنيرا- انڌيرو.

29 ڊسمبر

ڊي ايڇ لارينس تي ڪتاب پڙهي پورو ڪيم. يورپ ۽ آمريڪا ۾ ايتري جنسي آزادي اچي چڪي آهي، جو هن وقت مغرب جي پڙهندڙن لاءِ هن جو ناول Lady Chatterley's Lover ڪائي خاص اهميت نہ ٿو رکي.

## 30 ڊسمبر

اج هنگريءَ جي 1956ع واري انقلاب تي ڪتاب The Revolt of the Mind پڙهيم. اهو ڪتاب ٻي جنگ عظيم کان پوءِ جي هنگريءَ ۾ ڪميسار ۽ آرٽسٽ جي وچ ۾ پنجه ڪشيءَ جي باري ۾ آهي. اُتان جا اديب ۽ آرٽسٽ ڪنهن به ڪميسار جي حڪم مڃڻ کان انڪار ڪن ٿا ته هنن کي ڇا تخليق ڪرڻ گهرجي. اتان جي اديبن ڪميونسٽ پارٽيءَ جي غلامي قبول ڪرڻ کان انڪار ڪيو ۽ هڪ ميٽنگ ۾ هڪ اديب رڙ ڪري چيو:

"The writer is trying to defend his right to write what he wants to write."

ڪتاب ۾ تفصيل سان اديبن جي اُنهيءَ ڪردار جو ذڪر ڪيو ويو آهي، جنهن اهي حالتون پيدا ڪيون، جن 1956ع وارو انقلاب آندو.

ڪتاب ۾ صفحي 358 تي شاعر زولٽن زيلڪ جو اهو نظم آهي، جو اڳ ئي مون ڪنهن ڪتاب ۾ پڙهيو هو ۽ جنهن جو ترجمو مون "ڪلهي پاتم ڪينرو" جي پهرئين صفحي تي ڏنو هو جو بندش هيٺ اچي چڪو آهي.

مون کان وڌيڪ هنگريءَ جي انهيءَ دور جي گهٽ ٻوساٽ ٻيو ڪير محسوس ڪري سگهندو!

جبر ڪميونسٽ جو هجي يا بورجوازيءَ جو يا فوجي آمر جو جبر جبر آهي ۽ هر سچي اديب کي جبر کان نفرت هوندي آهي ۽ هو انهيءَ فلسفي جي ئي پاڙ پٽڻ چاهيندو آهي، جنهن جي آڙ ۾ جبر ڪيو ويندو آهي.

مان نه ٿو چاهيان ته هيءَ جاهل حڪومت منهنجن ڪتابن تان بندش لاهي. مان انهيءَ وقت جي انتظار ۾ آهيان، جڏهن سنڌ جا ماڻهو منهنجن ڪتابن تان زبردستيءَ بندش لاهي ڇڏيندا ۽ منهنجا ڪتاب گهر گهر ۾ پڙهيا ويندا.

## 1 جنوري 1969ع

اڄ پريزيڊنٽ ايوب خان عبدالرحمان چغتائيءَ کي علامہ اقبال جي ڪجهہ شعرن تي تصويرون ڪڍڻ سبب ہہ لک رپيا انعام ڏنو.

مون جيل مان ورتل "بالِ جبريل" ٻيهر پڙهيو. "مرشد رومي ۽ مريدِ هنديءَ" ۾ هيٺيون شعر پڙهي رهيو هوس تہ جيلر آيو:

پس قيامت شو، قيامت را بہ بين!*
ديدن هر چيز را شرط است اين

مون ڪتاب بند ڪري، پوسٽ ۾ آيل ڪارڊ پڙهيا. هڪ ڪارڊ ابراهيم جويي ڪوهاٽ مان موڪليو هو ۽ اُن تي فقط "نئون سال مبارڪ"لکيل هو. باقي ٻہ عيد ڪارڊ هئا، جن مان هڪ ڪارڊ تي هڪ پاسي بهادر شاهہ ظفر جي تصوير ۽ ٻي پاسي منهنجي وائي "سنڌڙيءَ تي سر ڪير نہ ڏيندو" ڇپيل هئي. ٻي ڪارڊ تي هٿ سان نڪتل سنڌ جو نقشو هو جنهن تي ساوا ۽ ڳاڙها نشان هئا. ٻيئي ڪارڊ لاهور مان آيو هو ۽ ٻيو حيدرآباد مان. سنڌ جو نقشو تہ ع. ق شيخ جو نڪتل آهي، جو ابراهيم جويي جو جهونو يار آهي ۽ جنهن منهنجن ڪتابن "جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي" ۽ "ڪلهي پاتم ڪينرو" جا سرورق ٺاهيا آهن. جڏهن مان ڪراچيءَ ۾ پڙهندو هوس، تڏهن هن جي سئوٽ عبدالستار شيخ هن جا ٻہ قلمي ڪتاب ڏيکاريا ها، جن ۾ ايتري جنسي آزاديءَ جي حمايت جو اظهار ٿيل هو جو اُهي پڙهي هينري ملر ( Henry

* پوءِ قيامت ٿيءُ ۽ قيامت کي ڏس
هر شيءِ کي ڏسڻ لاءِ ٻيريون شرط اهو آهي.

Miller)  کي بہ پگھر اچي وچن ها. هن وقت هو پنجاهہ ورهين کان ٽپي چڪو آهي، ڇهن ستن ٻارن جو پيءُ آهي ۽ منهن مان اهڙو اٻوجهہ لڳندو آهي، جو خواب خيال ۾ بہ اچي نہ سگهندو تہ هن اهي ڪتاب لکيا ها. حيرت آهي تہ اهڙي انسان گهرو زندگيءَ جي ذميداري ايتريءَ حد تائين قبول ڪئي آهي. جو پنهنجي ساري ذات اُن جي آهوتي ڪري ڇڏي اٿائين. هو نهايت سٻاجهو ۽ پيارو مصورّ آهي، دل چوي ٿي تہ هن تي هڪ ڪهاڻي لکان.

❊❊❊

2 جنوري 1969ع

سنڌي ادب جو عظيم ترين واقعو — ڪشن چند بيوس جو ٽٽئنڪ جهاز جي ٻڏڻ تي لکيل نظم. جو ان حقيقت جو بهترين ثبوت آهي تہ ساريءَ انسان ذات جو دک شاعر جو دک آهي.

3 جنوري 1969ع

قيد تنهائيءَ ۾ جيل جي دنيا ڪيتري نہ محدود آهي! بہ اخبارون، ڪجھہ ڪتاب، چوڪيدار، مشقتي، پيو خدا جو نانءُ!

اڄ "پاڪستان ٽائيمز" ۾ خبر هئي تہ علامہ اقبال جو پراڻو خادم علي بخش گذاري ويو. خبر سان گڏ مرحوم علي بخش جو فوٽو بہ هو ۽ هن جي زندگيءَ وغيره تي ڇاونجاهہ سٽون لکيون ويون هيون. پوئين صفحي تي هڪ ٻي وفات جي هيٺين خبر هئي:

"سکر 2۔ اڄ رات پهتل هڪ خبر مطابق اولهہ پاڪستان هاءِ ڪورٽ (ڪراچي بينچ) جو مسٽر جسٽس الاهي بخش خميساڻي خيرپور ۾ دل جي دوري سبب خميس ڏينهن گذاري ويو. هو اٽڪل پنجاهہ سالن جو هو. مسٽر جسٽس خميساڻي خيرپور ويل هو. هن پنيان هڪ بيوه، هڪ پُٽ ۽ بہ ڌيئر ڇڏيون"

دلبر هن دنيا ۾ ويچي رهندو واس!

شام جو جيل جي جمعدار ڪجھہ رسالا ڏنا، جي رشيد ڀٽيءَ سکر مان موڪليا ها. انهن ۾ نومبر-ڊسمبر جي روح رهاڻ، سہ ماهي مهراڻ ۽ سرگوڌا مان نڪرندڙ رسالو 'اوراق' هئا. روح رهاڻ ۾ منهنجون بہ وايون ۽ ڪجھہ امير خسروءَ جي "ڪھہ مڪرنين"★ وانگر ڳجھارتون هيون. مون انهن واين مان هيٺين وائي ڪافي وقت جهونگاري

جيئڻ مرڻ مون وَس ميان،

تون ڪانڌي ڪو نہ ٽجانءِ

---

★ ڪھہ مڪرني چئي ڦري وڃڻ.

ماروئڙن کان منهنڙو موڙيان، ڏاهپ ٻي ڪا ڏسِ ميان،
تون ڪانڌي ڪو نہ ٿجانءِ
موت اچي ٿي مهٽو اهڙو جيئڻ ڪهڙي جس، ميان.
تون ڪانڌي ڪو نہ ٿجانءِ
بس ميان، او بس ميان، مان ويندس گوندر گس ميان
تون ڪانڌي ڪو نہ ٿجانءِ
"روح رهاڻ" جهڙو ڪردار برصغير جي ڪنهن بہ رسالي آزاديءَ جي تحريڪ ۾ ورلي ادا ڪيو آهي.

"اوراق" اردوءَ جي سرگوڏا گروپ جو رسالو آهي، جو مان دلچسپيءَ سان پڙهندو آهيان. سرگوڏا جا شاعر ڪوشش ڪري ايراني روايات کان منهن موڙن ٿا ۽ نہ فقط پنجاب جا وڻ، پکي، درياهہ، لوڪ ڪهاڻيون وغيره غزل ۾ آڻن ٿا، پر اتر اولهہ برصغير جي پراڻي تهذيب مثلاً ٻڌ جي مورتين، مالتيءَ جي گلن وغيره جو ذڪر بہ آڻن ٿا. رسالي ۾ پنجاب جي نوجوان شاعر، ناصر شهزاد، تي مجيد امجد جو مضمون پڙهڻ وٽان آهي، ڇو تہ اهو شاعريءَ ۾ هڪ نئين رجحان جي عڪاسي ڪري رهيو آهي. ناصر شهزاد جو پهريون مجموعو "چاند کي پتيان" مون اڳ ئي پڙهيو آهي. خود مجيد امجد جي شعر جو مجموعو "آخرِ شب" مون ڪافي دلچسپيءَ سان پڙهيو آهي. سرگوڏا گروپ جي روح روان ڊاڪٽر وزير آغا سان منهنجي ملاقات ڪيترا سال اڳ ڪوهہ مريءَ ۾ ٿي هئي. ان وقت قتيل شفائي بہ هن سان ساڻ هو. اسان ڪيترو ئي وقت اردو زبان ۽ ان جي مستقبل جي باري ۾ ڳالهايو هو.

ڊاڪٽر وزير آغا مون سان متفق هيو تہ اردوءَ ۾ فارسي ۽ عربي لفظن جي ڀرمار اردوءَ جي ستياناس ڪري رهي آهي. مون هن جو عظمت الله خان جي شاعريءَ ۽ آرزو لکنويءَ جي فلمي گانن ڏانهن ڌيان ڇڪايو هو جنهن تي هن چيو هو تہ صلاح الدين احمد جي ڪتاب .خدا" ۾ ڪم آندل ٻولي معياري آهي. هن جو خيال هو تہ اردوءَ کي پنجابيءَ، سنڌيءَ وغيره مان لفظ کڻڻ گهرجن. مثال طور هن ٻڌايو هو تہ

پنجابي لفظ "لشڪارا" جو ترجمو اردوءَ ۾ ٿي نہ ٿو سگهي ۽ اردو لفظ "چمڪ" ۾ اها ڳالهہ نہ آهي، جا "لشڪارا" ۾ آهي. ان تي مون هن کي ٻڌايو هو تہ اهڙا لفظ تہ سنڌيءَ ۾ هزارين آهن. پر اردوءَ ۾ اجا تائين سنڌي لفظ فقط مون ڪم آندا آهن. مون هن کي پنهنجو هيٺيون شعر ٻڌايو جو هن کي پسند آيو.

اي پريں اس جهان تنها میں
کون هی کس کا یار، واپس آ

انهيءَ ملاقات کان ڪيترو وقت پوءِ هن جو ڪتاب "اردو شاعري کا مزاج" ڇپيو هو جنهن اردو ادب ۾ چوبول پيدا ڪيو هو. پر سر گوڏا گروپ اردو غزل يا بيءَ اردو شاعريءَ ۾ اهو انقلاب نہ آڻي سگهيو آهي، جو سنڌي شاعريءَ ۾ اچي چڪو آهي، نہ وري اهڙو انقلاب اردو شاعريءَ ۾ ممڪن آهي.

## 4 جنوري

اج صبح جو 9 بجي کان 'The Mind of Germany' پڙهي رهيو هوس تہ اتڪل هڪ بجي ننڊ وٺي وئي. ننڊ ۾ مون ڏٺو تہ مان هڪ وچتر سراءِ ۾ آهيان. اهڙي سراءِ، جا مون اڳ ڪڏهن بہ نہ ڏٺي هئي. جنهن جي ڇت پٽ تي هٽندي ٿي وئي. ڪنهن تاريڪ خلا ۾، مان دروازي پٺيان دروازو ڳوليندو رهيس، پر هر دروازي پٺيان مون کي هڪ انڌي ديوار نظر آئي. اوچتو ڪٿان مون کي روشني نظر آئي ۽ مان ان ڏانهن ڪنهن آس يا آسري کان سوا ڊوڙيس. جيئن مان ڊوڙيس مون ڪيترن ئي پيرن جا پڙلاءَ ٻڌا. جيئن روشني ويجهو ايندي وئي، پيرن جا پڙلاوَ وڌيڪ زور سان ٻرڻ لڳا. مون کي پيڇي جو پؤ ٿيو ايئن لڳو ڄڻ منهنجو بدن هوا ۾ اُڏري رهيو آهي ۽ هٿن جو هڪ پورو جهنگل مون ڏانهن اُيري رهيو آهي. جنهن وقت مون کي ڪا بہ اميد نہ رهي هئي ۽ هٿن جون هيڇي آڱريون مون کي ڇهڻ واريون هيون ۽ منهنجو بدن هوا مان ڏرتيءَ ڏانهن ڇڪجي رهيو هو مون ڏٺو تہ روشنيءَ مون کي پنهنجيءَ جهول ۾ جهپي ورتو آهي. اوچتو مون هڪ وڏو ميدان ڏٺو ويراني وانگر، جنهن جي وچ ۾ هڪ فقيرياڻي ويٺي هئي، اپاهج، جڏي، جنهن کي ٽنگون ڪو نہ هيون ۽ جا هٿ اُيا ڪري مون کان ڪجهہ گهري رهي هئي. آهستي آهستي اها صورت مون کي سڃاڻ ۾ ايندي وئي. هن جي منهن تي وهندڙ لڙڪن جون ڌارائون سنڌوءَ جي شاخن وانگر اوندهہ جي ڪنهن اٿاهہ ساگر ۾ گم ٿي ويون.

مان اوچتو ڇرڪ ڀري اٿي ويٺس. يا خدا، منهنجا خدا مون هي ڇا ڏٺو آهي؟

## 5 جنوري

ادب زندگيءَ جو پيٺنا ٿيل سچو نقل نہ هوندو آهي. ادب جي عظمت اُن جي اچانڪ پٽي پر هوندي آهي.

–

اڪيلائيءَ جو احساس تہ تڏهن ٿو ٿئي، جڏهن ڪوئي نصب العين نہ ٿو رهي. جي مان ڪنهن نصب العين سان آهيان تہ اڪيلو نہ آهيان، ٻيا بہ مون سان ساڻ آهن.

–

شاعر جا ٻہ نمايان فرض آهن: نہ فقط جيئن دنيا آهي، اُن جو آئينو ٿئي، پر جيئن دنيا ٿيڻ گهرجي، هو اُن جو تخيل بہ پيش ڪري.

## 6 جنوري

پشاور ۾ فارغ بخاريءَ ۽ ٻين اديبن جلوس ڪڍيو ۽ مطالبو ڪيو ته گرفتار ٿيل اديبن کي رها ڪيو وڃي. فارغ بخاري مون سان ڍاڪا ۾ گڏ هو جڏهن رائيٽرس گلڊ جي اجلاس تي ويا هياسين.

## 7 جنوري

ٿڌ لڳي آهي. سخت زڪام ۽ بخار ٿي پيو آهي.

اخبار ۾ آيو آهي ته ڪالهه سکر، لاڙڪاڻي، جيڪب آباد ۽ خيرپور جي ستر سنڌي ۽ اردو اديبن جلوس ڪڍي منهنجي ۽ ٻين اديبن ۽ سياسي رهنمائن جي آزاديءَ جو مطالبو ڪيو هو.

## 9 جنوري

8 ۽ 9 تاريخ تي ڏاڍو بخار رهيو. ڪوليءَ جي جهنگلي تي مون پنهنجو ڪمبل وجهي ڇڏيو آهي. پر پوءِ به سيءُ سيرون ڪري اچي رهيو آهي. جيل ۾ دوا دارونءَ جو ڪوئي انتظام نه آهي. ڪيتريون ئي دوائون مون پنهنجي خرچ تي ٻاهران گهرايون آهن.

رشيد ڀٽيءَ جي تار آئي آهي ته هو ڪراچيءَ وڃي رهيو آهي ۽ 14 جنوريءَ تي بروهي صاحب وٽ پٽيشن هلائيندو.

## 10 جنوري

پاڪستان پيپلزپارٽيءَ جي رُڪن شوڪت علي لوڌيءَ کي هاءِ ڪورٽ آزاد ڪيو.

9 جنوريءَ تي ڀُٽي صاحب جو بورسٽل جيل ۾ ڪيس هليو هو ۽ هوم سيڪريٽريءَ جي وڌيڪ آڌي پچا مهمل ڪئي وئي هئي. ڏسڻ ۾ ايئن ٿو اچي تہ ڀٽو صاحب ايوب حڪومت کي عوام جي نظرن ۾ خوار خراب ڪرڻ لاءِ اهو ڪيس هلائي رهيو آهي، نہ تہ عدالت جي فيصلي جي هن کي پرواهہ نہ آهي. فيصلو تہ عوام کي ڪرڻو آهي ۽ ڀٽو صاحب فرينچ انقلاب جهڙي ڪنهن انقلاب جي انتظار ۾ آهي. هونءَ بہ نئپولين هن جو هيرو رهيو آهي. الاجي ڇو مون کي روبس پيئري Robes Pierre * ياد اچي رهيو آهي.

حيرت آهي تہ مون کي جيل ۾ وسڪيءَ جي طلب بلڪل نہ ٿي ٿئي.

---

* روبس پيئريءَ جي زندگي فرينچ انقلاب جي تاريخ آهي. لوئي سورهين (Louis xvi) کي تخت تان هٽائڻ کان ٿورو وقت اڳ روبس پيئري فرانس جي مظلوم عوام جو آواز هو ۽ دهشتگرديءَ وقت ڇڙ تہ فرانس جي عدالت عظميٰ (Super Tribune) هو. هو هڪ جذباتي آدرش وادي هو ۽ هن پنهنجن اصولن تي ايتري سختيءَ سان عمل ڪيو جو هو پاڻ مجسم انقلاب لڳندو هو. هن جي سياسي زندگي مختصر هئي. هو 1789ع ۾ اسٽيٽس جنرل (Estates General) جي ڊيپوٽيءَ جي حيثيت ۾ سياست ۾ گهريو ۽ اجا ان کي پنج سال مس گذريا تہ هن کي گلوٽين (Guillotine) هيٺان آڻي قتل ڪيو ويو. هن لاءِ رڳو عوام انهن جي آزادي ۽ انهن سان انصاف معنيٰ رکندا ها. فرينچ انقلاب جي باري ۾ هن چيو هو "ٿورڙو ئي رت تہ وهايو ويو آهي، پر اهو ڏوهاري رتُ هو..."

## 11 جنوري

بخار لهي ويو آهي ڪمزوري باقي آهي. اڄ پهريون ڀيرو مون بسترو ڇاڻ ٺاهيو آهي. بيماريءَ ۾ بسترو بہ ماءُ جي هنج وانگر هوندو آهي.

## 12 جنوري

اڄ صبح کان آسمان تي بادل ڇانيل آهن. اڇا اڇا، ڪپهہ جي ڦوٽين جهڙا بادل، ساهيوال جي نيري آسمان تي ڏاڍا وڻندڙ ٿا لڳن. ڪڏهن ڪڏهن هلڪي بوند پوي ٿي. مون کي ڪوليءَ جي ٻاهران 12 گز x 10 گز اڱڻ ۾ پسار چڱو لڳي رهيو آهي. بوندا باري بند ٿئي ٿي تہ ڪيئي ڪانوَ ڪبرين ۽ جهرڪيون اڱڻ جي پٽين تي اچي ويهن ٿيون ۽ پنهنجون لاتيون لنون ٿيون. سنتريءَ کان معلوم ٿيو تہ پنجابيءَ ۾ ڪبر کي ”لالي“ چوندا آهن. ”لالي“ ڪهڙو نہ پيارو لفظ آهي، ۽”ڪبر“ ڪهڙو نہ ڪرب ڏياريندڙ لفظ آهي! مان ڪڏهن بہ اهو لفظ شعر ۾ ڪم آڻي نہ سگهيو آهيان، جيتوڻيڪ اهو پکي مون کي ڏاڍو وڻندو آهي. هونءَ تہ منهنجو خيال آهي تہ ٻوليءَ جو ڄاڻو شاعر ڪنهن بہ لفظ کي اهڙيءَ طرح ست ۾ کپائي سگهندو آهي، جو اُن جو هونءَ بي سرو اُچار بہ ست جي سناوَ ۾ سريلو لڳندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن تہ مون سوچيو آهي تہ ڪوئي بہ لفظ پنهنجي ليکي بي سرو نہ ٿيندو آهي ۽ اُن کي سريلو يا بي سرو ڪندڙ فقط اُن کي ڪم آڻيندڙ هوندو آهي. ذات جي اٿاٿ سُريلي لفظ کي بہ بي سُرو ڪري وجهندي آهي. پر ”لالي“ لفظ ”ڪبر“ کان وڌيڪ سريلو آهي، ان ۾ ڪو بہ شڪ نہ آهي.

هاڻي وڏقڙو وسي رهيو آهي. ڪوليءَ جي ٽينائي ڇت تي پاڻيءَ جي ٽپ ٽپ ٿي رهي آهي ۽ ٻاهر اُتر جي هوا زوڪاٽ ڪري رهي آهي. منهنجي ٽپائيءَ تي رکيل لالٽين ۽ موم بتيون ٻري رهيون آهن، جن جي روشنائيءَ ۾ مان ڪافڪا جو ناول Castle (محل سرا) پڙهي رهيو آهيان. نہ معلوم منهنجي لئبرريءَ مان بودليئر، ڪافڪا وغيره ڪنهن چونڊي موڪليا آهن. بهتر ايئن ٿئي تہ هو اليڪسي ٽالسٽاءِ جي Ordeal جا ٽي جلد ۽ Quiet flows the Don جا چار جلد موڪلي ها، جي مان ويهي پڙهان ها تہ طبيعت ٻهجلي وڃي ها. ڪافڪا وغيره جو اهو روحاني گورک ڌندو جيل جي اڪيلائيءَ ڪي اداسائيءَ ۾ ڦيرائي ڇڏي ٿو. هي ڪافڪا نہ فقط ذهني، پر جسماني طور بہ مريض هو. بہ ڀيرا شاديءَ لاءِ ڪوشش ڪئي هيائين پر ٻئي ڀيرا ڪنوار سان منهن ڏئي نہ سگهيو هو. سلهہ بہ ٿي هيس ۽ سئنٽوريم ۾ بہ ڪيترو وقت گذاريو هيائين. ڪي ڏهہ ويهہ ڪامياب عشق ڪري ها تہ روحانيت جي مهاڄار ۾ نہ ڦاسي ها.

شڪارپور ۾ هڪ جيت ڪي ”ڏُڪڻهارِ“ ۽ ”راڳ مالا“ جي نالي سان ڪوٺيندا آهن. ڏڪڻهار مٽي ڪٺي ڪري گهرڙو ٺاهيندي آهي ۽ سارو ڏينهن جهونگاريندي رهندي آهي. انت پاڻ ڪي اُن مٽيءَ جي گهرڙي ۾ پوري ڇڏيندي آهي. ننڍن شهرن ۽ ٻهراڙيءَ ۾ ڀتين تي ننڍڙين ٻيڙين جهڙا مٽيءَ جا ننڍڙا گهرڙا نظر ايندا آهن. انهن گهرڙن ڪي پوربو آهي تہ انهن ۾ ڏڪڻهار جا شڪلِ ڪنبي ۽ بدن نظر ايندو آهي. مون ڪي ڪيترائي شاعر ۽ اديب ڏڪڻهار وانگر لڳندا آهن.

نہ ڄاڻان ”حافظ“ ايترو اڳي، تصوف ۾ فنا پذيريءَ جي شديد احساس جي باوجود، ڪيئن چيو هو.

عاقبت منزلِ ما واديءَ خامشان است
حاليا لغلہ درگنبد افلاڪ انداز.*

---

* انت اسان جي منزل خاموشيءَ جي واديءَ ۾ آهي.
في الحال تہ آسمان جي گنبد ۾ غلغلو وجهي ڇڏ

## 13 جنوري

هتي چوڌاري چُپ چاپ آهي. باک مهل جيستائين مان کوليءَ ۾ هوندو آهيان، هُد هُد جو آواز ايندو آهي. مون ڪيئي ڀيرا کوليءَ مان ٻاهر نڪري هن کي ڳوليو آهي پر هو ڪٿي بہ نظر نہ ايندو آهي. اس جو تڙڪو نڪرندو آهي تہ وارڊ جي ڀت ڀرسان نم جي وڻن تي بہ ٽي ڪانوَ ”ڪان ڪان“ ڪندا نظر ايندا آهن ۽ اڱڻ ۾ جهرڪيون چون چون ڪندي ڪُڏنديون آهن. وارڊ جي ٻاهران اتي جي چڪيءَ جو آواز ايندو آهي ۽ ڀرسان ڪتان سٽڪي جو آواز ايندو آهي. پڇا تي معلوم ٿيو تہ هتي قيدين کي سزا طور ڪوڙا لڳايا ويندا آهن، جنهن لاءِ ڪن ڏنڊبن مشتنڊبن قيدين کي ڪوڙا مار مقرر ڪيو ويو آهي، جن کي جيل ۾ ڪا بہ مشقت نہ ڪرڻي پوندي آهي ۽ جي لنگوٽ ٻڌي، بدن تي تيل مهٽي، سارو ڏينهن پوسي سان ڀريل گادين تي ٿلهن بيد جي لڪڻ سان ڪوڙن هڻڻ جي مشق پچائيندا آهن. قيدي انهن ڪوڙا مارن کان ڊڄندا آهن ۽ انهن جي طرح طرح جي خوشامد ڪندا آهن، ڇو تہ هو سمجهندا آهن تہ جي ڪوڙا مار هنن سان راضي هوندا تہ سزا ڏيڻ وقت هنن کي اجاترا ڪوڙا هڻندا. مون ٻڌو آهي تہ ڪوڙن هڻائڻ کان اڳ معتوب قيدي ڪافي آفيم کائي ڇڏيندا آهن. جيل ۾ آفيم ۽ چرس سپاهين جي ذريعي وڪامندو آهي، جو قيدي ڪافي مهانگو خريد ڪندا آهن. هو ان لاءِ پئسا پنهنجن ملاقاتين کان چوريءَ ڇپي وٺندا آهن ۽ طرح طرح جي طريقي سان لڪائي پنهنجي وارڊ ۾ موٽندا آهن. هڪڙي قيديءَ تہ چانديءَ جا پنج رپيا پنهنجن ڳلڦڙن ۾ لڪائي آندا ها.

هي جيل انگريز سامراج جي ڀيانڪ نشاني آهي. ڪجھ ڏينهن اڳ هڪ جيل جي آفيسر مون کي ٻڌايو هو تہ مهاتما گانڌي، خان غفار خان ۽ فيض احمد فيض بہ انهيءَ جيل ۾ رهي چڪا آهن. مون سوچيو تہ 1880ع کان وٺي جڏهن هندستان ۾ ڀهريون ڀيرو قومي شعور آيو هو ڇا ڇا نہ قدارر شخصيتون پيدا ٿيون آهن. دادا ڀائي نؤروزجي، گوکلي، تل رانا ڏي، آزاد هند تحريڪ جا جرمنيءَ ۾ جلاوطن ليڊر هرديال ۽ مولوي برڪت الله، جن جرمنيءَ جي ذريعي افغانستان ۾ پنهنجا هيڊڪوارٽر ناهيا ها، سوميندرانات ٽئگور، راجا رام موهن راءِ، مهاتما گانڌي، خان عبدالغفار خان، موتي لال نهرو، سي آر داس، ميرٽ سازش ڪيس وارو مظفر احمد، جنهن بنگال، بهار ۽ اوپر هندستان ۾ ترقي پسند تحريڪ جو بنياد وڌو هو. پنجاب جو داد امير حيدر جو اڃا تائين زنده آهي. ايم. اين. راءِ، چندر شيکر آزاد، مولانا عبيدالله سنڌي، ڀڳت سنگهہ، داس گپتا، مولانا محمد علي، جواهر لال نهرو، قائداعظم محمد علي جناح، مولانا ابو الڪلام آزاد، ۽ ٻيون ڪيئي سياسي شخصيتون جن جا نالا تاريخ ۾ امر ٿي ويا آهن. انهن سان ثقافتي محاذ تي ڇا ڇا نہ ماڻهو هئا، جن قوم پرستيءَ جي جذبات کي اُڀاريو هو ۽ پنهنجي ڌرتيءَ لاءِ محبت ۽ اُن جي آزاديءَ لاءِ تڙپ پيدا ڪئي هئي. هو سي وي رامن، جڳديش چندر بوس، سوامي رام تيرٿ، شرت چندر چٽر جي، بنڪم چندر چٽرا جي وويڪ آنند، ائني بيسنٽ، رابيندرا ناٿ ٽئگور، منشي پريم چند، مولانا حالي، مولانا شبلي، حسين احمد مدني، هريندرانات چٽو پاڌيہ، سروجني نيڊو ۽ هوءَ ذڪڻ هندستان جي شاعره تورو دت (جا جوانيءَ ۾ مري وئي هئي ۽ جنهن جي انگريزيءَ ۾ شاعري مون تڏهن پڙهي هئي، جڏهن چوٿين درجي ۾ پڙهندو هوس) علامہ اقبال، جوش مليح آبادي، سجاد ظهير، فيض احمد فيض، ڇا ڇا نالا ستارن جي جهرمر وانگر اکين اڳيان هليا ٿا اچن! ڪيئن نہ شڪارپور جون لئبرريون مئڪس مُلر (Max Muller) جي ڪتابن سان سجايل هونديون هيون، جن ۾ سنسڪرت جي ڪتابن جا انگريزيءَ ۾ ترجما هوندا هئا!

ڪيڏيءَ نـ ننڍيءَ عمر ۾ مون هن جو ڪتاب لينن ۽ گانڌي پڙهيو هو! (مان پانيان ٿو تہ اُن وقت مان مئٽرڪ يا فرسٽ ييئر ۾ پڙهندو هوس.) ۽ هو وليم جيمس جا ڪتاب! انهن اسان ۾ ڪيڏو نـ فخر پيدا ڪيو هو ۽ اسان پنهنجي ڌرتيءَ تان ٻلهار ويندا هياسين. سنڌ بہ ان ڏس ۾ هند کان پٺتي نـ رهي هئي. جمشيد نسروانجي، مرزا قليچ بيگ، جي ڪرپالاڻي، غلام محمد ڀرڳڙي، جان محمد جوڻيجو، جيٺمل پرسرام، ڀيرو مل مهر چند، ڊاڪٽر گربخشاڻي، لعل چند امر ڏنو مل، منگها رام ملڪاڻي، پرمانند ميوارام، چيتن ماڙي والا، الله بخش سومرو، عبدالله هارون، شيخ عبدالمجيد سنڌي، علي محمد شاهہ راشدي، جي ايم سيد، محمد امين کوسو، ڪشن چند بيوس، حيدربخش جتوئي، هيمون ڪالاڻي، هاري ليڊر ڪامريڊ عبدالقادر، حشو ڪيولراماڻي، مولانا گرامي ۽ هو منهنجا بہ يار منهنجا عظيم محسن جي اڃا بہ بقيد حيات آهن. ابراهيم جويو ۽ سوڀو گيانچنداڻي ۽ هي شخص جو مون سان جيل ۾ گڏ آهي ۽ جو موهن جي دڙي کان بہ وڏو آهي! انهن جي جوت انهيءَ ساري ديپ مالا ۾ ايتري ئي اوچي آهي، جيتري ٻي ڪنهن ڏيئي جي.

آزاديءَ جي تحريڪ ڇا ڇا نـ انساني روح کي گرمائي ٿي ۽ اُن ۾ شعلا ٻاري ٿي![*] رڳو جيئي سنڌ تحريڪ ئي ڏٺي وڃي تہ ڪيڏي نـ جهرمر جهرمر لاٽ ٻري ٿي ان ۾! ڪيڏا نـ شاعر، ڪيڏا نـ اديب، ڪيڏا نـ انقلابي آهن ان تحريڪ ۾!

ڇا، انهن شخصيتن جي انفراديت، جرئت، زندگيءَ جي تصور ۾ تازگي، ڪن تاريخي روايتن مان پيدا ٿي هئي يا ايئن پيدا ٿي هئي، جيئن ڪوئي ڪرشمو ڪنهن صحرا ۾ ديودار جا درخت پيدا ڪري وجهي؟ سارو سياسي ۽ ثقافتي پس منظر ٻي انداز گلن جو ڏيک ڏئي ٿو جي بارش ۾ اوچتو پيدا ٿي پيا هجن. اهو سارو ڪرشمو آزاديءَ لاءِ تڙپ جو آهي.

---

[*] ون-يونٽ ٽٽڻ کان پوءِ اها تحريڪ، ڪنهن حد تائين منظم رهي آهي، پر پنهنجو مقصد ۽ اُن جا ذريعا، چڱيءَ طرح طئي ڪري نـ سگهي آهي.

## 14 جنوري

اج هوءَ ڏاڍو ياد اچي رهي آهي. هوءَ ان وقت اطلس جي لباس ۾ ايئن نرم ۽ گرم لڳي رهي هئي، جڻ ڪوئي ٿامي جي وٽي ۾ ساوا ڪچا انگور نپوڙي رهيو هو.

هن جون گهريون چيريون اکيون، گهاٽا وڪريل وار، وڏا وچڙندڙ ٿهڪ ۽ ڪلم ڪلا طبيعت، جنهن ۾ ڪائي ڳالهه قلف ڪڙي هيٺان نه هئي. وري وري ياد اچي رهي آهي. مان هن جو نالو جيل ڊائريءَ ۾ لکي ڪٽي ٿو ڇڏيان.

رات جي وقت ٻاهران اتن جا قافلا اناج کڻي ويندا آهن ۽ انهن جا چنگ چڙا ڪافي دير تائين وڄندا رهندا آهن. انهن چنگن، چڙن کي پنهنجي ٻولي آهي. انهن جي گهنٽين جي هلڪي لار ايئن لڳندي آهي، جيئن ڪنهن نينگريءَ جي سونهن جي ساراهه ڪئي وڃي ۽ من ۾ خواهش جي هلڪي لهر اُٿي، پر ڪنهن وقت انهن جا گهنڊ زور سان وڄندا آهن، ڪنهن تشدد آميز جذبي وانگر، ڪنهن اُجهل سڏ وانگر، جڏهن اهي قافلا اڳتي نڪري ويندا آهن ۽ انهن جي لار بيهجي ويندي آهي ته سانت ساري جيل کي هڪ ديو وانگر ڳڙڪائي ويندي آهي ۽ بُرج تي سنتريءَ جي اوچتي هڪل ان ديو جي ڇار اوڳرائيءَ وانگر لڳندي آهي.

## 15 جنوري

خبر آئي آهي تہ آل پاڪستان رائيٽرس گلڊ ٺهراءُ پاس ڪيو آهي تہ اديبن کي آزاد ڪيو وڃي ۽ جيستائين ايئن ڪيو وڃي، انهن کي اي ڪلاس ڏنو وڃي. وڌيڪ مطالبو ڪيو ويو آهي تہ اديبن تي ڪليءَ عدالت ۾ مقدمو هلايو وڃي ۽ مقدمي دائر ڪرڻ کان اڳ هنن خلاف مواد گلڊ کي ڏيکاري، ان جو رايو ورتو وڃي.

## 16 جنوري

اج رُت ٺري آهي. هوا ۾ وڏندڙ ٺڏ آهي. بسنت جاڙ لڳو. اج رات جو ٽين بجي اک کلي ۽ وري ننڊ نہ آئي. وارڊ جي ٻاهران هر اڌ مُني ڪلاڪ کان پوءِ سنتريءَ کي سجاڳ رهڻ لاءِ چتاءُ ٿي ڪيو ويو. مون کي ڪلهہ رات ٻڌايو ويو هو تہ جهونجهڪڙي کان اڳ ڪنهن قيديءَ کي ڦاسي ڏني ويندي. ڦاسي گهٽو ڪري منهن انڌيري ۾ ڏني ويندي آهي، جنهن وقت ماڪ وسندي آهي ۽ پوريءَ ڪائنات تي خاموشي ڇانيل هوندي آهي۽ جيل جي چوديواري کان ٻاهر پوري انسان ذات مٺيءَ ننڊ ۾ ستل هوندي آهي. ان وقت هڪ انسان کي پنهنجي گرم بستري جي آسائش مان ڪڍي، ڦاسي گهاٽ جي ولهہ ۾ آندو ويندو آهي. ورلي ڪوئي قيدي اطمينان سان فنا جو مشاهدو ڪندو آهي ۽ چپ چاپ ڦاسيءَ جي تختي ڏانهن وڌي، ڦاسيءَ جي رسي ڳچيءَ ۾ وجهندو آهي، نہ تہ گهڻو ڪري قيدي ڦاسي گهاٽ ۾ ڪلمو پڙهندا نظر ايندا آهن ۽ ڪن جون تہ ٽنگون نستيون ٿي وينديون آهن ۽ ڦاسي گهاٽ ڏانهن وڃڻ کان نابري واريندا آهن، جنهن ڪري ڪين سنتري گهلي ڦاسيءَ جي تختي تائين آڻيندا آهن. ڦاسيءَ رات ورلي ڪوئي چين جي ننڊ ڪندو آهي. گهڻو ڪري ڦاسيءَ وارا قيدي ساري رات قرآن پڙهندا آهن يا تسبيح ڦيريندا آهن. جڏهن بہ ڪنهن کي ڦاسي اچڻي هوندي آهي تہ ساري جيل جا گارڊ ٽين بجي کان پوءِ ننڊ نہ ڪندا آهن، ڇو تہ جيل جي عملي کي پڪ هوندو آهي تہ ٻاهران ڪوئي حملو ۽ اندران ڪوئي بلوو نہ ٿي پوي. ڪڏهن ڪڏهن تہ ٻاهران بہ پوليس طلب ڪئي ويندي آهي. هڪ ماڻهوءَ جي ساهہ ونڻ لاءِ جيل جا

آفيسر، ڊاڪٽر، سنتري وغيره ڦاسي گهاٽ ۾ ڪنا ٿيندا آهن. ڦاسيءَ واري قيديءَ جي پيرن هيٺان اوچتو تختو نڪري ويندو آهي ۽ هڪ تڙپندڙ جسم هوا ۾ لڙڪندو نظر ايندو آهي. جيستائين هو ڦٿڪي بيهي، تيستائين هرڪو پنهنجيءَ ڊيوٽيءَ تي موجود هوندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن مون سوچيو آهي تہ جڏهن مٽڪي جي هڏي ٽٽي ٿي، تڏهن موت کان اڳ، انسان جي شعور ۾ ڇا ٿو اچي. ممڪن آهي تہ شعور يڪدم ختم ٿي ويندو هجي. ممڪن آهي تہ اُن جون لهرون ڏيري ڏيري ڪنهن ڪارونڀار ڏانهن ڏڪينديون وينديون هجن. افسوس، جو ڦاسي کائڻ جو تجربو ڪوئي تحرير ۾ آڻي نہ سگهيو آهي، جي هن زندگيءَ کان اڳتي بہ زندگي آهي تہ ڦاسيءَ جو تختو پٽڻ جي تختي وانگر آهي، جنهن تان گذري انسان ڪنهن بيڙيءَ تي پهچي ٿو پر جي اڳتي ڪجهہ بہ نہ آهي ۽ پوريءَ ڪائنات ۾ ڪائي اٿاهہ اوندهہ چوليون هڻي رهي آهي تہ پوءِ ڦاسي ڪافي پوائنٽي آهي، ڇو تہ هڪ جهٽڪي سان اوچتو انساني شعور ڪنهن ڪاري کُن ۾ وڃي ڪري ٿو ۽ جندڙيءَ جي ساري جهرمر ختم ٿي وڃي ٿي.

هڪ پيري حفيظ قريشيءَ چيو هو ”مان هاڻي جيل ۾ وڃڻ لاءِ تيار تہ آهيان، پر اڃا ڦاسي کائڻ لاءِ تيار نہ آهيان.“ ڇا ڦاسي کائڻ لاءِ ڪوئي تيار بہ ٿي سگهندو آهي؟ مون سوچيو تہ هيءَ جندڙي ڏاڍي پياري آهي، پر ڪڏهن انهيءَ جندڙيءَ ۽ اُن جي پيار جي صدقي، ڪي انسان پنهنجي جيئڻ تان آهو پلي وڃن ٿا. اهڙي اٽل ارادي تي پهچڻ لاءِ انسان کي ڪيتريءَ نہ ذهني ڪشمڪش مان گذرڻو پوندو هوندو!

## 17 جنوري

وارڊ ۾ منهنجا ٻه ساٿي آهن. هڪ منهنجو مشقتي ۽ ٻيو سنتري ٽيٽمڪڙو.

ٽيٽمڪڙي هڪ قسم جو جيت ٿيندو آهي، فتنہ انگيز عورت يا سنهڙي، هلڪڙيءَ عورت کي بہ ٽيٽمڪڙي چيو ويندو آهي، ٽيٽمڪڙو ٽيٽمڪڙيءَ جو مذڪر آهي. ٽيٽمڪڙي جون اکيون چٽيا♦ جي بادشاهہ وانگر ڪاريون آهن. هن جي وارن ۾ گهنڊيون ايئن لڳن ٿيون، جڻ شيشم جا توتر آهن. هڪ ڏينهن هن وارڊ ۾ اُس ۾ ويهي پاڻ کي زيتون جي تيل سان مالش ٿي ڪئي تہ مون هن کان پڇيو تہ ”زيتون جي تيل سان مالش ڇو ٿو ڪرين؟“ چيائين تہ ”ڊاڪٽر چيو آهي. هڪ ڀيري لاهور کان بس ۾ ساهيوال اچي رهيو هوس تہ رستي تي ائڪسيڊنٽ ٿيو ۽ منهنجي ٽنگ ڀڄي پئي. ڇهہ مهينا اسپتال ۾ هوس. ٻاهر نڪتو آهيان، تڏهن بہ زخميل حصن ۾ درد باقي آهي ۽ اڃا پوريءَ طرح گهمي نہ ٿو سگهان.“

مان ان وقت وارڊ ۾ چهل قدمي ڪري رهيو هوس. هن جي واردات ٻڌي مون هن کي چيو ”اسان ٻئي جيل ۾ آهيون، تون نوڪريءَ جي سلسلي ۾، مان شاعريءَ جي سلسلي ۾، مان بہ تاريخ جي هڪ ائڪسيڊنٽ جو ڏڪيل آهيان، پر پوءِ بہ مان توکان وڌيڪ خوش نصيب آهيان. مان گهمي ڦري تہ سگهان ٿو.“

منهنجو مشقتي پاڪستان کان اڳ مشرقي پنجاب جي فيروزپور

---

♦ چٽيا: ايٽ جو پتو

ڳوٺ جو رهاڪو هو. جڏهن هو ڇهن سالن جو هو تڏهن پاڪستان آيو هو. جڏهن فساد ٿيا ها، تڏهن هن جو پيءُ هن کي ڪُلهي تي کڻي هيڊ گنڊا سنگهه پار ڪري قصور ۾ کڻي آيو هو. اڄڪلهه هو پاڪ پتن ۾ رهندو آهي. هو فوج ۾ 1964ع ۾ ڀرتي ٿيو هو. جڏهن پاڪستان هندستان ۾ 1965ع واري جنگ لڳي هئي، تڏهن هو ڇمب جوڙيان ۾ هو. سامهون اکنور جو مورچو هو. هو ان وقت بلڊوزر هلائيندو هو. هن مون کي ٻڌايو هو ته هڪ ڀيري تولي پير * پهاڙ تي بارش جو پاڻي بند ڀڃي ٽنبن ۾ هليو آيو هو ته هو نوڪري ڇڏي ڀڄي نڪتو هو. جڏهن هو پڪڙيو ويو هو تڏهن هن کي ڪورٽ مارشل ڪري نو مهينا ٽيپ ڏني وئي هئي. مون هن کان پڇيو ته "هو نوڪري ڇڏي ڀڄي ڇو ويو هو؟" ته هن جواب ڏنو هو ته هن کي جنگ کان نفرت هئي. اهو ٻڌي مون هن کي غور سان ڏٺو هو. هن جون اکيون ڪارن ٻٽڻ وانگر هيون ۽ هو مون کي ٻي ديدو ٿي لڳو. مان ڀانيان ٿو ته هو ملٽري انٽيليجنس جو ماڻهو آهي.

---

* تولي پير – پهاڙ جو نالو

## 22 جنوري

ڪالهہ سپرنٽنڊنٽ چيو تہ ”توکي سياٽي ڪراچيءَ وٺي ويندا. اهڙو هاءِ ڪورٽ جو آرڊر آيو آهي.“ مون هن کان پڇيو تہ ”ڪهڙيءَ گاڏيءَ ۾ وٺي ويندا؟“ جنهن تي هن چيو تہ شام جو ڪنهن گاڏيءَ ۾ مون کي پوليس گارڊ سان ويٺو آهي. اڄ مون سامان وغيره ٻڌي شام تائين انتظار ڪيو پر ڪوئي نہ آيو. نيٺ رات جو مون چيف وارڊر کي گهرايو جنهن ٻڌايو تہ مون کي اڄ نہ وٺي ويندا، ڇو تہ ان جو فيصلو نہ ٿي سگهيو آهي تہ مون کي ڪهڙي ڪلاس ۾ نيو وڃي.

23 جنوري1969ع

اج صبح جو چيف وارڊر 30_9 بجي آيو ۽ چيائين تہ توکي ڏهين بجي وڃڻو آهي ۽ تون اڌ ڪلاڪ ۾ تيار ٿي وڃ. مون هن کي چيو ”مون اڃا ڏاڙهي بہ نہ ڪوڙي آهي ۽ نہ ڪپڙا ئي بدلايا آهن. سامان منهنجو ايترو آهي، جو اُن کي نيڪ طرح ٻڌڻ ۾ اٽڪل هڪ ڪلاڪ لڳي ويندو. مان ڪاٿي ايوب خان جي حڪومت تہ نہ آهيان، جو اڌ ڪلاڪ ۾ تيڙ ٻڌي نڪتو وڃان. جي اوهان کي ايتري تڪڙ آهي تہ مون کي ٽنگاٽولي ڪري ڪٽي هلو“ پوءِ مون پورو ڏيڊ ڪلاڪ تياريءَ ۾ ورتو ۽ جڏهن مشقتيءَ سارو سامان ٻڌي ورتو تڏهن چيف وارڊر ڏاڙهي ڪنهندو آيو ۽ چيائين، ”هاڻي هلو ڇو تہ خيبر ميل پوڻي ٻارهين بجي ايندي“

ٻاهر آفيس ۾ پتو پيو تہ منهنجي لاءِ سرڪار نامدار سيڪنڊ ڪلاس رزرو ڪرايو آهي. ساهيوال جو هڪ پوليس انسپيڪٽر ۽ ٻہ آرمڊ گارڊ، جن جي يونيفارم کي ڇيٽي جو رنگ هو مون کي پوليس جي گاڏيءَ ۾ اسٽيشن تي وٺي آيا. تنهي اڳ ڪراچي نہ ڏٺي هئي ۽ گهبرايل ٿي ڏٺا.

اسان گاڏيءَ ۾ گهڙياسين تہ هڪ خوبصورت پنجاٻڻ نظر آئي، جا ان مان سئيٽر اُٿي رهي هئي (هيءَ پنجابي قوم بہ ڇيڪي ميٽ مان ٺهي آهي) ٿوريءَ دير کان پوءِ هن جو مرد بہ آيو. ٻئي ملتان ۾ ڊاڪٽر ها. مون بہ مهينا ڪنهن عورت جي صورت نہ ڏٺي هئي. سو هن کي ڏِوَ تي ڏٺم.

مون سان گڏ آيل پوليس وارا اسٽيشن تي چانهہ پيئڻ تي لٿا تہ مان بہ هنن سان گڏ تي لهي پيس. روهڙي پليٽ فارم تي عبدالحفيظ

پيرزادو * مليو جو ڪراچيءَ وچي رهيو هو. هن ٻڌايو تہ اچ ڍاڪا ۾ ماڻهو مئا آهن ۽ فوج طلب ڪئي وئي آهي. مون هن کي چيو تہ ڪراچيءَ پهچي بروهي صاحب کي اطلاع ڏي تہ مون کي ڪراچي سينٽرل جيل تي ٽرانسفر ڪيو ويو آهي. ايتري ۾ سکر جا ڪيترائي وڪيل، صحافي ۽ ٻيا ڪيترائي شهري منهنجي چوڌاري ڦري ويا. هو مولوي فريد احمد کي ريل تي چڙهڻ آيا ها، جو ايئر مارشل اصغر خان سان گڏ سکر آيل هو. ٻنهي کي سکر بار دعوت ڏني هئي. ڪنهن وڪيل منهنجو هن سان تعارف ڪرائي چيو تہ ”هي اسان جي بار جو صدر آهي، جنهن کي ڪراچيءَ جيل ڏانهن وٺي وڃي رهيا آهن.“

ان تي مولوي فريد احمد مون کي ڪجهہ ڪاغذ ** ڏيکاري چيو ”هيءَ منهنجي ڇپيل تقرير آهي، جا مون سکر بار ۾ ڪئي آهي، ان ۾ اوهان جو ذڪر بہ آهي.“ اتي معلوم ٿيو تہ اصغر خان کي ٻڌڻ لاءِ اٽڪل پنجاهہ هزار ماڻهو آيا ها ۽ منهنجا دوست ۽ رفيق قانون جي بالادستيءَ ۽ جمهوريت لاءِ ڀرپور جدوجهد ڪري رهيا آهن.

ريل نوابشاهہ تي پهتي آهي ۽ مان اچ جي ڊائري لکي چڪو آهيان. ڏسڻ ۾ ايئن ٿو اچي تہ ڪو وڏو طوفان اچي رهيو آهي، جنهن ۾ آمريت جا پرخچا اڏري ويندا. ممڪن آهي تہ معاملو ايستائين نہ وڃي ۽ ايوب خان ايئن ڪري پوي جيئن ڪٺ پُتليءَ جا ڌاڳا ڍلا ڇڏبا آهن تہ اها ڦهہ ڪري ڪرندي آهي.

خود فوج ۾ ڪا سازش ٿي رهي آهي نہ تہ آمريت جي خلاف جدوجهد ڪچيءَ ۾ نهوڙي وچي ها. مون کي پهريون ڀيرو هڪ انڌاريءَ رات ۾ هڪ روپوش قوت جو احساس ٿيو جا هن ساريءَ افراتفريءَ جي پنيان آهي ۽ جا هيڏيءَ ساريءَ جدوجهد جي حاصلات کي ڪنهن وقت بہ نگهوسار ڪري سگهندي آهي. مان ڀانيان ٿو تہ ڪراچيءَ پهچي مون کي رهائيءَ کان پوءِ پنهنجو لائحہ عمل سوچڻو پوندو.

---

* حفيظ پيرزادو پوءِ ڀٽي حڪومت ۾ مرڪزي وزير تعليم هو ۽ هن وقت لنڊن ۾ آهي
** مولوي فريد احمد – مشرقي پاڪستان جو سياستدان

طبيعتاً مان سياسي ماڻهو تہ نہ آهيان پر حالات مون کي سياست ۾ ڪِڇيءَ تائين ڏڪي ڇڏيو آهي.

ريل نوابشاھہ ڇڏي پنهنجيءَ پوريءَ رفتار تي وڃي رهي آهي ۽ ڇڻ ڇڻي رهي آهي ”وري نہ ايندس، وري نہ ايندس، وري نہ ايندس، ويندس، ويندس، ويندس...“

حيدرآباد اچي وئي آهي. منهنجين اکين ۾ اجا ننڊ نہ پري پئي آهي. هونءَ بہ مان هڪ وقت هڪ سفر ڪري سگهندو آهيان ۽ ننڊ بہ هڪ سفر آهي. مان پاڻ سان ڳالهائي رهيو آهيان. ”ناٽڪ گهر ۾ ناٽڪ کي ٻين جي غمن لاءِ احساس هجڻ گهرجي ۽ پنهنجي باري ۾ سڀ کان پوءِ سوچڻ گهرجي. ڪلا جو مقصد پاڻ ارپڻ آهي، پاڻ مڃائڻ نہ آهي.“ انهيءَ سوچ جي باوجود، وري وري منهنجو ڌيان پنهنجي پاڻ ڏي وڃي ٿو. مون کي ٻوڌي پستڪ ڏمپد مان هڪ شلوڪ ياد اچي رهيو آهي.

اچ ۽ هي راجائي رَٿَ جهڙو وچتر لوڪ ڏس،
جنهن ۾ مورک ٻڏي پون ٿا، جنهن سان گيانين جو سنگ نہ ٿو ٿئي.“

مان سوچان ٿو تہ هي وچتر لوڪ مون کي ڏاڍو پيارو آهي، مان ان ۾ ٻڏي پوان، اهو تہ ناممڪن آهي ۽ منهنجو ان سان سنگ بہ نہ آهي، پر مان هن ڌرتيءَ کي هڪ ڦٽڪا ڪاڏل، ڳوڙها ڳاڙيندڙ ٻانهي وانگر ڇڏڻ نہ ٿو چاهيان. مان اُن کي راجائي رٿ تي چڙهڻ ٿو چاهيان، ست رڇيءَ تان اُتي، مڏ جي ڪيپ ۾ الوت تي، اڙٻنگ گهوڙن جون واڳون ڍريون ڇڏيندو مون کي اونده ۾ گم ٿي ويٺو آهي. مون کي پوئينءَ گهڙيءَ تائين اجل سان ڦيٽ ڪاٽڻي آهي ۽ رڙ ڪري چوڻو آهي، ”اجا وقت نہ آيو آهي، اجا مون کي ڪجھ ڪرڻو آهي. اجا مون کي ڪجھ ڪرڻو آهي.....“